يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو

ايم.فل ٿيسز

# مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ سماج جي مختلف پهلوئن جو اڀياس

# STUDY OF SOCIAL ASPECTS IN THE NOVELS OF MIRZA KALICH BEG

مقالہ نگار

**محمد فهيم**

**سنڌي شعبو**

**سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو**

**سال 2021**

# CERTIFICATE

This is to certify that Mr. Muhammad Faheem S/o Abdul Wahab Kumbhar has carried out research on the topic:

**”مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ سماج جي مختلف پهلوئن جو اڀياس“**

**“STUDY OF SOCIAL ASPECTS IN THE NOVELS OF MIRZA KALICH BEG”**

He has completed research work under my supervision. His work is original, distinct and dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro. I forward his dissertation to be awarded of the Degree of Master of Philosophy (M.Phil.) in Sindhi.

**SUPERVISOR**

____________________________

**DR. NAWAB KAKA**
Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh, JamshoroPakistan

**ABSTRACT**

Mirza Kalich Beg is well known iconic figure for his valuable literary work in Sindhi Literature. He produced many books in prose and poetry on different branches of knowledge and translated world famous books of different choices in order to enrich the Sindhi Literature. To his credit, Science, Education, General Knowledge, Language, Economics, Ethics, History, Geography, Health, Islam, Christianity, Mysticism, Dramas, Novels and many others. His intellectual and literary services were aimed at boosting and propagating awareness among people and ameliorating society, so that it can keep pace with advanced nations. In his writings, society and its aspects are depicted in general and novels in particular.

This dissertation titled as "Analytical Study of Different Social Aspects in The Novels of Mirza Kalich Beg" investigates and describes different social aspects mentioned in Thirty Three novels including two are his own created and rests are translated. It is comprised on six chapters. Chapter One consists upon introduction, importance, need, scope and literary review of the research topic. It also defines the nature of research and its methodology followed to carry out the research. Chapter Two gives brief but comprehensive literary introduction of Mirza Kalich Beg. It encompasses academic and professional journey of Mirza Kalich Beg and his work in both prose and poetry. This chapter proves that he had the knack of writing and translating books of various fields of literature and establishes the facts that he was great novelist, dramatist, translator and sociologist. Chapter Three provides comprehensive study of society, literature, their different components and mutual relationship. It proves that society and literature are inter connected and have exerted influence on each other. It also describes social conditions of Sindh at the times of British rule, particularly related to Mirza Kalich Beg and reveals that how Sindhi society is portrayed by contemporary novelists of Mirza Kalich Beg in their novels. Chapter Four is on social aspects mentioned in his two own created novels namely Dila Ram and Zeenat. These novels are enriched with Sindhi society, its culture and civilization and prevailing stereotyped ideas of peoples about women, education, marriage, its types and rights of women. In these novels, Mirza Kalich Beg have addressed the existing social conditions and brought about changes in accordance with the modern era of twenty century. Chapter Five discusses various social aspects derived from translated novels of Mirza Kalich Beg. Though these novels are

grounded on foreign environment, but the aspects they contain prove to be reformative measures for Sindhi society. The social aspects included in this chapter are: education, nourishment of child, responsibilities of parents towards their offspring, need of ethical and vocational education, religion, attitudes of people and parents, spite and prejudice, unity, friendship, poverty, hope and despair, sorrows and happiness and so on. Chapter Six consists upon the findings of research work. In this chapter, all possible results have been produced from the analysis of novels of Mirza Kalich Beg. Besides, bibliography is included as well in which books and other study material are enlisted which paved the way to carry out the research.

Mirza Kalich Beg as a novelist, has played the role of a great social reformer. He has portrayed the scenario of Sindhi society of his times in novels and has also mentioned every dimension of various social aspects of life. He has indicated several factors that impeded the development of Sindhi society such as, ignorance, illiteracy, poverty, gender discrimination, prejudice, hypocrisy, injustice, superstition and outdated thoughts. He has also suggested concrete measures to modernize the society. These novels are still interpreting today's society and are the assets for youth generation. If the study of these novels is made compulsory for individuals, they will prove to be milestone of success, prosperity and development for them and society.

# فهرست

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | **باب پهريون: تحقيق جو طريقيڪار** | |
| 1.1 | موضوع جو تعارف (Introduction) | 9 |
| 1.2 | تحقيق جو طريقيڪار (Research Methodology) | 10 |
| 1.3 | اڳ ۾ ٿيل تحقيق (Literature Review) | 12 |
| 1.4 | تحقيق جا مقصد (Objectives of Research) | 14 |
| 1.5 | تحقيق جي حد بندي (Scope of Research) | 15 |
| 1.6 | مواد جا ذريعا (Sources of Data) | 16 |
| 1.7 | حوالا | 19 |
| | **باب ٻيون: مرزا قليچ بيگ جي شخصيت جو مختصر تعارف** | |
| 2.1 | ولادت | 20 |
| 2.2 | تعليم | 21 |
| 2.3 | تربيت | 24 |
| 2.4 | وفات | 25 |
| 2.5 | مرزا قليچ بيگ بحيثيت سرڪاري ملازم | 27 |
| 2.6 | مرزا قليچ بيگ جون نثر ۾ ڪيل خدمتون | 29 |
| 2.7 | مرزا قليچ بيگ بحيثيت مترجم | 38 |
| 2.8 | مرزا قليچ بيگ بحيثيت ناول نگار | 44 |
| 2.9 | مرزا قليچ بيگ جو ناول نويسيءَ طرف لاڙو | 45 |

| | | |
|---|---|---|
| 2.10 | مرزا قليچ بيگ جا اصلوڪا ناول | 47 |
| 2.11 | مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ناول | 48 |
| 2.12 | حوالا | 54 |

**باب ٽيون: انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج ۽ مرزا قليچ بيگ جا همعصر ناول نگار**

| | | |
|---|---|---|
| 3.1 | انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج | 62 |
| 3.2 | سنڌي ناولن ۾ سنڌي سماج | 73 |
| 3.3 | مرزا قليچ بيگ جا همعصر ناول نگار | 75 |
| | ❖ ديوان پريتمداس حڪومتراءِ | 75 |
| | ❖ پيرومل مهرچند آڏواڻي | 76 |
| | ❖ ديوان ڪوڙومل چندنمل | 77 |
| | ❖ لعلچند امر ڏنو مل | 78 |
| | ❖ صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻي | 79 |
| | ❖ خانبهادر محمد صديق ميمڻ | 80 |
| | ❖ ديوان ميلارام منگترام | 81 |
| | ❖ نارائڻداس ميوارام يمپاڻي | 82 |
| 3.4 | حوالا | 85 |

**باب چوٿون: مرزا قليچ بيگ جي اصلوڪن ناولن ۾ سماج جا مختلف پهلو**

| | | |
|---|---|---|
| 4.1 | نيڪي ۽ بدي | 86 |
| 4.2 | ايمانداري ۽ نمڪ حلالي | 89 |
| 4.3 | ڪاوڙ / غصو | 92 |
| 4.4 | عورت جي سماجي حالت | 94 |
| 4.5 | عورت جو پردو | 95 |

| | | |
|---|---|---|
| 4.6 | تعليم ۽ تربيت | 97 |
| 4.7 | نياڻيءَ جي تعليم ۽ تربيت | 98 |
| 4.8 | شادي | 102 |
| 4.9 | ننڍي عمر ۾ شادي | 104 |
| 4.10 | پنهنجن منجهان شادي | 107 |
| 4.11 | ڌارين سان مائٽي | 110 |
| 4.12 | دولت جي عيوض شادي | 111 |
| 4.13 | بدي جي شادي | 113 |
| 4.14 | شاديءَ لاءِ بنيادي ڳالهيون | 115 |
| 4.15 | شاديءَ لاءِ جيون ساٿيءَ جي چونڊ جا طريقا | 117 |
| 4.16 | شاديءَ جون فضول رسمون | 120 |
| 4.17 | صحبت | 124 |
| 4.18 | مهمان نوازي | 126 |
| 4.19 | ڪفايت شعاري | 128 |
| 4.20 | زينت ناول جو سنڌي سماج تي اثر | 130 |
| 4.21 | حوالا | 133 |

**باب پنجون: مرزا قليچ بيگ جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ مختلف سماجي پهلو**

| | | |
|---|---|---|
| 5.1 | پرورش | 134 |
| 5.2 | اولاد جي پرورش ۾ ماءُ پيءُ جو ڪردار | 135 |
| 5.3 | اولاد کي اخلاقي تعليم ڏيڻ جي اهميت | 138 |
| 5.4 | هنري تعليم جي اهميت ۽ ضرورت | 141 |
| 5.5 | بالغن جي تعليم | 145 |

| | | |
|---|---|---|
| 5.6 | شاگردن لاءِ هدايتون | 149 |
| 5.7 | تعليم جي جستجو | 152 |
| 5.8 | سياڻپ ۽ ڏاهپ | 155 |
| 5.9 | اڌورو علم | 158 |
| 5.10 | وهم پرستي | 160 |
| 5.11 | مذهب | 162 |
| 5.12 | مثبت ۽ منفي رويا | 164 |
| 5.13 | والدين جو اولاد سان رويو ۽ ان جا اثر | 164 |
| 5.14 | ماڻهن جا سماجي رويا | 170 |
| 5.15 | تعصب ۽ حسد | 173 |
| 5.16 | ٺڳي ۽ دوکيبازي | 177 |
| 5.17 | ايثار جو جذبو / پين ڪاڻ جيئڻ | 180 |
| 5.18 | دوستي | 182 |
| 5.19 | ايڪو ۽ اتحاد | 184 |
| 5.20 | غربت | 186 |
| 5.21 | قرض ۽ فضول خرچ | 191 |
| 5.22 | ڏک ۽ سک | 195 |
| 5.23 | اميد ۽ مايوسي | 198 |
| 5.24 | حوالا | 202 |


**باب ڇهون: پڄاڻي**


| | | |
|---|---|---|
| 6.1 | نتيجا | 205 |
| 6.2 | ببليوگرافي | 209 |

## باب پهريون

# تحقيق جو طريقيڪار

### موضوع جو تعارف (Introduction) :

تحقيق حق تائين پهچڻ جو هڪ منظم ۽ با مقصد رستو آهي. ادبي دنيا ۾ تحقيق هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي ذريعي ڪنهن ڳالهه يا مسئلي کي رد ڪيو ويندو آهي يا وري سچ کي ٻين اڳيان چٽو ۽ نروار ڪيو ويندو آهي ۽ ٻنهي صورتن ۾ تحقيق جي بنياد تي قائم ڪيل حقيقت کي مڃيو ۽ تسليم ڪيو ويندو آهي. تحقيق کان سواءِ ڪابہ ڳالهه علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ٻڌي نہ ويندي آهي ۽ نہ وري قبول ڪئي ويندي آهي. ڇاڪاڻ جو تحقيق کان سواءِ ڪيل ڪا بہ ڳالهذاتي راءِ کان وڌيڪ اهميت جو ڳي نہ هوندي آهي ۽ ذاتي راءِ کي تحقيق ۾ڪابہ جاءِ نہ آهي. ڇاڪاڻ جو حقيقتن کان سواءِ جوڙيل خيال يا ڳالهه فرد ۽ معاشري جي گمراهيءَ جو سبب بنجي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن بہ ڳالهه کي مڃائڻ يا رد ڪرڻ لاءِ دليلن جو سهارو وٺڻو پوندو آهي جيڪو تحقيق جو بنيادي اصول پڻ آهي.هن ڪائنات جو جوڙيندڙ الله تعالىٰ بہ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جاين تي پنهنجن ٻانهن کي هن ڳالهه جو تاڪيد ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ ڳالهه جي تحقيق ڪرڻ کان سواءِ ان کي تسليم نہ ڪريو. قرآن پاڪ ۾ ارشاد رباني آهي تہ:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ جَاۗءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَــهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰي مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ۝

**ترجمو:** ”اي ايمان وارو ! جيڪڏهن ڪو فاسق توهان وٽ ڪا خبر کڻي اچي تہ ان جي تحقيق ڪندا ڪريو، متان بي خبري ۾ ڪنهن قوم ۾ وڃي ملو ۽ پوءِ پنهنجي ڪيي تي پشيمان ٿيڻ لڳو.“[1]

هن آيت مان اسان کي نہ فقط تحقيق ڪرڻ جي تلقين ملي ٿي پر ان جي اهميت جي پڻ خبر پوي ٿي.هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تحقيق جي اسان جي زندگيءَ ۾ ڪيتري نہ اهميت آهي. ان ڪري اسان لاءِ تحقيق کي صحيح معنىٰ ۽ مفهوم ۾ سمجهڻ لازمي آهي.

هيءَ تحقيق مٿي بيان ڪيل تحقيق جي سيني لوازمات تي آڌاريل آهي. مرزا قليچ بيگ جهڙي گهڻ پاسائي شخصيت ۽ سندس اڻاهہ ادبي پورهئي کي هڪ ٿيسز ۾ محدود ڪرڻ تہ ڪري

سگهجي بلڪ سندسقلم هيٺ آيل ادب جي هر هڪ موضوع تي الڳ الڳ تحقيقي ڪم ڪري ڪجھ قدر ان سان نباهه ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري هن تحقيق لاءِ"مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ مختلف سماجي پهلو"جو موضوع چونڊيو ويو.ناول ادب ۾ هڪ انقلابي صنف بڻجي اڀري آهي. هن صنف يورپ جي سماجي ڍانچي کي لوڏي ڇڏيو ۽ ماڻهن جي ذهنن کي پڻ تبديل ڪري ڇڏيو.سنڌي ادب ۾ هن صنف کي سنڌيت جو ويس ڍڪائڻ وارو پهريون شخص مرزا قليچ بيگ هو. مرزا صاحب بهترين شاعر، اعلىٰ مترجم ۽ مشهور نثر نويس هئڻ سان گڏ هڪ سٺو ناول نگار به هو. پاڻ جن به ناولن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين اهي دنيا ۾ بيحد مقبول ۽ مشهور هئا. ليڪن مطالعو ڪندي معلوم ٿيم ته مرزا صاحب جي مڙني ناولن منجهان ڪنهن هڪ تي به جامع انداز ۾ مضمون نه آهي. جيڪي به مضمون مرزا صاحب جي ناولن تي لکيل آهن انهن مان اڪثر زينت ناول تي آهن، ليڪن ان ناول جي به صرف ٻن پهلوئن نياڻين جي تعليم ۽ حقيقت نگاري تي قلم آزمائي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته مرزا صاحب جا ناول سماج جي انيڪ پهلوئن کي اجاگر ڪن ٿا. اهو ئي سبب هو جو هن موضوع جو انتخاب ڪيو ويو جيڪو تحقيق جو پهريون ڏاڪو به آهي.

هن تحقيق ۾ مرزا قليچ بيگ جي ناولن تي روشني وجهڻ کان پهرين ان جو ادبي تعارف ڪرايو ويو آهي جنهن ۾ نثر ۾ ڪيل سندس خدمتن تي روشني وڌي وئي آهي. ان کان پوءِ سماجيا آهي ۽ سماج جو ادب سان ڪهڙو ربط آهي، ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. گڏوگڏ مرزا قليچ بيگ جي دور جي سماج جو پڻ جائزو ورتو ويو آهي ته جيئن ان دور جي سماجي پهلوئن کي چڱيءَ ريت پڌرو ڪري سگهجي.تنهن کان پوءِ مرزا صاحب سماج جي جن به پهلوئن کي پنهنجن اصلوڪن ۽ ترجمو ڪيل ناولن ۾ ذڪر ڪيو آهي تن جو جائزو ورتو ويو آهي.

## تحقيق جوطريقيڪار (Research Methodology):

تحقيق جو عمل صرف هڪ مضمون تائين محدود نه آهي ۽ نه وري تحقيق لاءِ ڪو هڪ ئي طريقو رائج آهي. علم جي الڳ الڳ شاخن ۾ تحقيق ڪرڻ جا جدا جدا طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا. ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ وارو شاگرد فزڪس يا ڪيميسٽري جي مضمونن ۾ ٿيندڙ تحقيق جا اصول ۽ طريقا استعمال نٿو ڪري سگهي. ساڳيءَ طرح زراعت سان وابسته

تحقيق ادبي تحقيق جي اصولن کان الڳ هوندي آهي. ان ڪري هر مضمون ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو الڳ الڳ قسم اختيار ڪيو ويندو آهي. عالمن تحقيق جي سيني قسمن کي بنيادي طور ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. انهن مان هڪ قسم معياري تحقيق ( Qualitative Research) آهي. هيءَ تحقيق سماجي سائنس ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق ۾ عددي يا شماري مواد استعمال نہ ڪيو ويندو آهي، بلڪ هن جو واسطو رڪارڊنگ، سوالنامو، انٽرويو، قلمي نسخن ۽ ادبي تحريرن سان هوندو آهي. ٻيو قسم مقداري تحقيق (Quantitative Research) آهي. هن تحقيق جو تعلق رياضي، شمارياتي ۽ عددي اصولن سان هوندو آهي. تحقيق جي هنن ٻنهي قسمن کان علاوهِ عالمن ٻيا بہ ڪيترائي قسم ٻڌايا آهن. جهڙوڪ: تجرباتي تحقيق، تاريخي تحقيق،تجزياتي تحقيق، بياني يا اظهاري تحقيق،لسانياتي تحقيق، ادبي تحقيق، سماجي تحقيق، علمي تحقيق، سائنسي تحقيق، ٽيڪنيڪل يا هنري تحقيق، ادبي تحقيق وغيره.

هن تحقيق لاءِ ادبي تحقيق جو قسم اپنايو ويو آهي جيڪا معياري نموني جي آهي .هيءَ تحقيق تاريخي ۽ تجزياتي هوندي آهي. هن قسم جي تحقيق جو تعلق ادبي مواد جهڙوڪ: انٽرويو، سوالنامو، رڪارڊنگ، خط، رسالا ۽ قلمي توڙي شايع ٿيل ڪتابن سان هوندو آهي. انهن ذريعن مان حاصل ٿيندڙ مواد جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري تجزيو ڪيو ويندو آهي. ان ڪري هن کي تجزياتي تحقيق پڻ چيو ويندو آهي. بقول ڊاڪٽر فهميده حسين جي:

”تحقيق جو جيڪو قسم يا رخ ٻوليءَ ۽ ادب سان لاڳو (اطلاق Apply) ٿئي ٿو انهيءَ کي درسي تحقيق Academic Research بہ چئبو آهي تہ عالمانہ (Scholarly) بہ ۽ ادب جي باري ۾ ادبي تحقيق (Literary Research) بہ ان ۾ شامل آهي جيڪا وري عموماًڪتابي يا لائبريري ريسرچ هوندي آهي. انهيءَ قسم ۾ تجزياتي (Analytical) ۽ تاريخي کوجنا (Historical Research) جي بہ ضرورت هوندي آهي.“[2]

تجزياتي تحقيق جي وصف هنن لفظن ۾ ڪئي ويندي آهي:

“Analytical research is a specific type of research that involves critical thinking skills and the evaluation of facts and information relative to the research being conducted.”[3]

هن قسم جي تحقيق ۾ مختلف ذريعن مان حاصل ٿيل مواد جي چنڊڇاڻ ڪري موضوع سان وابستہ هر پهلو بيان ڪيا ويندا آهن، ۽ مواد جو تنقيدي جائزو اسڪالر ڪي نتيجا اخذ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. هن تحقيق ڪي عملي جامو پارائڻ ڪان اڳ ۾ ان جا مقصد تعين ڪيا ويا آهن. ان ڪان پوءِ بنيادي ۽ ثانوي ذريعن سان مواد حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف نجي توڙي سرڪاري ڪتبخانن مان مدد ورتي وئي. مختلف بڪ اسٽالن تان ڪتاب حاصل ڪيا ويا ۽ پوءِ بہ مضمون سان وابستہ ڪجهه اهم ڪتاب جن تائين رسائي حاصل نہ ٿي سگهي انهن تائين پهچڻ لاءِ انٽرنيٽ جو استعمال ڪيو ويو جيڪو نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. اهڙي طرح سان سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ حاصل ڪيل مواد ڪيترن ئي ڪتابن، رسالن، مضمونن، مقالن، اخبارن ۽ سوانح عمرين تي مشتمل هو. ان سموري مواد جو غور سان مطالعو ۽ تجزيو ڪيو ويو ۽ ان ذريعي سان حاصل ٿيل نڪتن ڪي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ حوالن لکڻ لاءِ APA يعني American Psychological Association وارو جديد طريقو استعمال ڪيو ويو ۽ حوالن ڪي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو. تحقيق جي سموري عمل ۾ جيڪي بہ نتيجا حاصل ٿيندا ويا انهن ڪي سيني بابن جي آخر ۾ پيش ڪيو ويو تہ جيئن پڙهندڙ تحقيق مان حاصل ٿيندڙ سيني نتيجن جو هڪ ئي جاءِ تي مطالعو ڪري سگهي.

## اڳ ۾ ٿيل تحقيق (Literature Review):

ڪنهن بہ موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِان موضوع متعلق مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جيڪو تحقيق ڪي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ڪارگر ۽ انتهائي اهم عمل آهي. موضوع جي باري ۾ اڳ ٿيل تحقيق جو جائزو محقق ڪي موضوع سان انصاف ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. هن عمل سان محقق ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم ڪان واقف ٿئي ٿو ۽ ان جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي تحقيق ڪي وڌيڪ ڪارآمد بنائي سگهي ٿو. اڳ ٿيل تحقيقي ڪم جي جائزي بابت ڊاڪٽر گيان چند پنهنجي ڪتاب "تحقيق کا فن" ۾ لکي ٿو تہ :"ہر تحقیق سے پہلے کچھ تحقیق موجود ہوتی ہے۔ بعد کے تحقیق کار کو ماضی کی تحقیق یعنی پہلے سے موجود مواد کو پرکھنا، پھٹکنا، چھاننا ہوتا ہے۔ مواد کی فراہمی اور تسوید کے درمیان کی منزل ہے مواد کا جائزہ لینا، پایہ اعتبار متعین کرنا اور تصحیح کرنا۔ یہی تحقیق کا مرکزی کام ہے۔"[4]

جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالحميد خان عباسي هن حوالي سان لکيو آهي تہ:

”سابقہ تحقیق اور ماہرین کی تحریروں کا مختصر ذکر اس بات کا ثبوت فراہم کرتا ہے کہ جو تحقیق ماضی میں ہو چکی ہے، اسے محقق جانتا ہے اور اس امر سے بھی واقف ہے کہ کن پہلووءں پر تحقیق و جستجو کا کام ہونا چاہیے۔ چونکہ موءثر تحقیق کی بنیاد ماضی کے علم پر ہوتی ہے۔ اس لیے یہ قدم تکرار کے عمل کو روکتا ہے اور اہم تحقیق کے لیے مفید فرضیات اور ممد تجاویز فراہم کرتا ہے۔“[5]

هن موضوع متعلق ماضي ۾ ٿيل تحقيقي ڪم جو جڏهن جائزو ورتو ويو تہ معلوم ٿيو تہ مرزا قليچ بيگ جي مختلف ادبي پهلوئن تي ڪافي مقالا لکيا ويا آهن جن مان ڪجھ جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

1. ”مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس“. هي ڊاڪٽر حبيب الله مرزا جو Ph.D ٿيسز جو موضوع آهي جيڪا انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.
2. مرزا قليچ بيگ چيئر 2009ع ۾ ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جون ٻولي، ادب ۽ سماج لاءِ ڪيل خدمتون“ جي عنوان تي عالمي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ اسڪالرن پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪيا. انهن مان ڪجھ هن ريت آهن: ”قليچ بيگ جي تحريرن ۾ نياڻين جي تعليم ۽ تربيت جو تصور“ (حسين مسرت شاھ)، ”مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۽ افسانن جي سنڌي ترجمن تي هڪ تنقيدي نظر“ (آغا نور محمد پٺاڻ)، ”مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ اصلاحي پهلو هڪ جائزو“ (سلمہ راڄپر)، ”مرزا قليچ بيگ جي ناول زينت ۾ حقيقت نگاري“ (عائشہ سريوال)، ”مرزا قليچ بيگ جي نثري تحريرن ۾ سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو عڪس“ (مير حسن مري).
3. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد پاران شايع ٿيندڙ مهراڻ رسالي جو ”مرزا قليچ بيگ خاص نمبر“ شايع ٿيو جنهن ۾ عالمن جون ڪجھ تحريرون هن ريت آهن: ”مرزا قليچ بيگ– سنڌي ادب جو پهريون سماجي حقيقت نگار“ (مراد علي مرزا)، ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جديد سنڌي ادب جو باني“ (ڊاڪٽر غلام علي الانا).
4. ان کان علاوه مختلف هنڌن تي موضوع سان ملندڙ ڪجھ مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا جيڪي هن ريت آهن: ”مرزا قليچ بيگ جو نثري اسلوب“ (ڊاڪٽر قمر جهان مرزا)، ”مرزا قليچ بيگ نثر نويس جي حيثيت ۾“ (لطف الله بدوي)، ”مرزا قليچ بيگ جي ناول

نگاري“ (ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ)، ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس“ (ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ)، ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي افسانوي ادب جو اڀياس“ (ڊاڪٽر تهمينہ مفتي).

موضوع متعلق اڳ ٿيل تحقيقي ڪم جو جائزو وٺڻ بعد اها ڳالهہ واضع ٿي تہ جيتوڻيڪ مرزا صاحب جي نثري ادب تي ڪيترائي مقالا لکيل آهن ليڪن هن منتخب ڪيل موضوع بابت هڪ بہ مضمون يا مقالو لکيل نہ آهي ۽ نہ وري ايم.فل يا پي.ايچ.ڊي جي سطح تي اهڙو ڪم ٿيل آهي. ان ڪري هيءَ تحقيق ادب ۾ هڪ منفرد ۽ خاص اهميت جي حامل آهي.

## تحقيق جا مقصد (Objectives of Research):

زندگي بنا مقصد جي پيدا نہ ڪئي وئي آهي ۽ نہ ئي زندگيءَ جو ڪو بہ ڪم مقصد کان خالي آهي. مقصد هڪ اهڙو ارادو آهي جنهن لاءِ وقت ۽ عمل مقرر ڪيا ويندا آهن. مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ طريقہ ڪار اختيار ڪيو ويندو آهي ۽ ٽائيم فريم مقرر ڪيو ويندو آهي. ان طرح سان اگر مقصد حاصل ٿي وڃن تہ ان کي ڪاميابي چئبو آهي. عالمن مقصدن جون پنج خاصيتون ٻڌايون آهن.

1. مقصد مخصوص (Specific) هجن.
2. پيمائش جي لائق (Measurable) هجن.
3. اهي حقيقي ۽ حاصل ٿيندڙ (Attainable) هجن.
4. ڪم يا موضوع سان لاڳاپيل (Relevant) هجن ۽
5. اهي ٽائيم جا پابند (Time Based) هجن.

اهو ئي سبب آهي جو علم جي ڪنهن بہ شعبي ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪي مقصد مقرر ڪيا ويندا آهن، جن جو هڪ فائدو اهو آهي تہ تحقيق منظم رهندي آهي ۽ بيو تہ محقق جو ذهن منتشر ٿيڻ کان محفوظ رهندو آهي. ان ڪري ”**مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ مختلف سماجي پهلوئن جو اڀياس**“ جي موضوع تي آڏاريل هن تحقيق لاءِ بہ ڪجهہ مقصد جوڙيا ويا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

❖ مرزا قليچ بيگ جي ناولن ڪي سماجيات جي آئيني ۾ جانچڻ ۽ انهن مان سماجي پهلوئن ڪي واضع ڪرڻ.

❖ مرزا قليچ بيگ جي ناولن مان فرد ۽ سماج جو ڳانڍاپو معلوم ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اصلاح. بهبود ۽ ڀلائي لاءِ ناولن ۾ پيش ڪيل نڪتن ڪي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ.

❖ سماج جي قدرن ڪي مرزا قليچ بيگ جي نقطہ نظر ۾ ڏسڻ ۽ اهو معلوم ڪرڻ تہ انهن جو موجوده دور ۾ اطلاق ڪيتري قدر ڪارگر ۽ لاڀائتو ثابت ٿي سگهي ٿو.

❖ هن تحقيق وسيلي مرزا قليچ بيگ جي ناولن ڪي جديد دور جي تقاضائن سان ڀيٽي نتيجا حاصل ڪرڻ.

❖ مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ ڏنل سماج ۽ تعليم بابت نظريا معلوم ڪرڻ ۽ انهنجي اڄوڪي دور ۾ ضرورت ۽ اهميت ڪي اجاگر ڪرڻ.

❖ مرزا قليچ بيگ جي ناولن مان سماجي سجاڳي ۽ فڪري پهلوئن ڪي منظر عام تي آڻڻ ۽ تحقيق جي شاگردن ڪي مرزا صاحب جي مختلف موضوعن ۽ پهلوئن جي طرف راغب ڪرڻ.

## تحقيق جي حد بندي\ دائرو (Scope of Research):

تحقيق جي حد بندي مان مراد آهي اها حد يا اهو دائرو جنهن جي اندر تحقيق ڪئي ويندي آهي. ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو دائرو هر ڪنهن موضوع يا عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ هن ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو آهي تہ موضوع سان تعلق رکندڙ ڪهڙين ڳالهين جي تحقيق ڪرڻ موضوع لاءِ ضروري آهي ۽ جن جي تحقيق نہ ڪرڻ سان ڪا کوٽ محسوس ٿئي. ان سان گڏ موضوع جي حدبندي ڪرڻ سان مواد حاصل ڪرڻ ۾ بہ آساني ٿئي ٿي.ان ڪري تحقيق لاءِ ان جي حد مقرر ڪرڻ ضروري هوندو آهيتہ جيئن بنيادي ڳالهين ۽ حقيقتن ڪي آسانيءَ سان نوٽ ڪري سگهجي.ڊاڪٽر غلام حسين ”تحقيق جو فن“ ۾ لکي ٿو تہ:

”ڪنهن مسئلي جي تحقيق ڪرڻ لاءِ دائرو، هر ڪنهن موضوع ۽ عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي، تہ مسئلي جي ڪهڙين واسطو رکندڙ ڳالهين جي تحقيق ڪرڻ، عنوان جي

لاءِ ضروري آهي، جن جي تحقيق نہ ڪرڻ سان عنوان جي تحقيق ۾ ڪا گهٽتائي رهجي ويندي."[6]

ان کان علاوه تحقيق جو دائرو مقرر ڪرڻ جو هڪ مقصد اهو بہ هوندو تہ محقق جو سمورو ڌيان تحقيقي موضوع تي مرڪوز هجي. ڇاڪاڻ جو تحقيق جو دائرو مقرر نہ ڪرڻ سان محقق ڀٽڪي بہ سگهي ٿو. مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ مختلف سماجي پهلوئن جي موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان جي حد بندي مقرر ڪئي وئي آهي، جيڪا هن طرح آهي:

1) هيءَ تحقيق، مرزا قليچ بيگ جي نثري صنفن مان فقط ناولن تائين محدود آهي، جن ۾ اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ناول شامل آهن.
2) هن تحقيقي ڪم ۾ ناولن جو سماجياتي پهلوئن جي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو ويو آهي.
3) هن تحقيق ۾ مرزا صاحب جا موجود سڀ ناول شامل ڪيا ويا آهن.

## مواد جا ذريعا (Sources of Data):

تحقيق ڪرڻ ۾ سڀ کان مکيہ ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ آهي. ڪا بہ تحقيق بنا مواد حاصل ڪرڻ جي مڪمل ٿي نٿي سگهي. ان ڪري تحقيق ۾ مواد حاصل ڪرڻ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. مواد جا ڪيترائي قسم آهن. ڊاڪٽر ڀلديو مٽلاڻي مواد جا چار قسم ڄاڻايا آهن. (1)انفرادي مواد (2)معروضي مواد (3) علائقائي مواد (4) صفاتي مواد. محقق انهن مڙني قسمن مان مواد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تحقيق جي ماهرن مواد حاصل ڪرڻ جا ٻہ ذريعا ٻڌايا آهن؛ هڪ لائبريري ذريعو ۽ ٻيو عوامي ذريعو.

لائبريري مواد حاصل ڪرڻ جو نهايت خاصذريعو آهي. هن ذريعي سان مواد تہ ڪافي مقدار ۾ حاصل ٿئي ٿو ليڪن ان لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ ايترو مواد يا تحقيق لاءِ گهربل سمورو مواد صرف هڪ ئي لائبريري مان حاصل ٿي وڃي. بلڪہ گهربل مواد جي حاصلات لاءِ محقق کي مختلف لائبريرين، ذاتي ڪتب خانن ۽ ادب جي ڪيترين ئي دفترن جو دورو ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن تہ مواد حاصل ڪرڻ جو ٻيو ذريعو عوامي آهي. تحقيق جي سلسلي ۾ اڪثر ملندڙ روايتن ۽ معلوم ٿيندڙ واقعن جي تصديق عوام جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. ان عمل لاءِ سروي، سوالنامو ۽ انٽرويو وارو طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي.

تحقيق لاءِ مٿين ذريعن سان حاصل ٿيندڙ مواد ۽ معلومات کي وڏيڪ ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي؛هڪ پرائمري يا بنيادي ماخذ ۽ ٻيو ثانوي ماخذ.

**بنيادي ماخذ (Primary Sources):**

بنيادي ماخذ مان مراد اهو مواد آهي جيڪو اصل ڊاڪيومينٽس يا اصل ڪتابن مان حاصل ڪيو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل راءِ، ڳالهه يا حقيقت بيان ڪيل هجي. ان ڪري تحقيقي عمل ۾ مواد حاصل ڪرڻ جي شروعاتي ڪوشش بنيادي ماخذن کان ڪئي ويندي آهي. تحقيق ۾ بنيادي ماخذن جي ڪيتري اهميت هوندي آهي ان جو اندازو هيٺين ڳالهين مان لڳائي سگهجي ٿو.

- بنيادي ماخذ اصلي ۽ حقيقي صورت ۾ هوندو آهي.
- هن قسم جي مواد ۾ ڪنههن بہ شڪ شبهي جو امڪان نہ هوندو آهي.
- هن مواد ۾ غلطيءَ جو امڪان ٿئو رهي.
- بنيادي ماخذن مان حاصل ٿيندڙ مواد مستند (Authentic) سمجهيو ويندو آهي.
- هن مواد جي مدد سان صحيح نتيجن ۽ حقيقتن تائين پهچي سگهجي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو بنيادي ماخذن کي تحقيق ۾ اوليت ڏني ويندي آهي. مواد حاصل ڪرڻ جا بنيادي ماخذ هن ريت آهن:تحقيق هيٺ آيل اديب جا پنهنجا لکيل ڪتاب، ذاتي ڊائريون، خط، حڪومتي ۽ قانوني دستاويز، طبي رڪارڊ، تعليمي رڪارڊ، ٽيپ رڪارڊنگ، آتم ڪهاڻي، انٽرويو، تقريرون، خانداني رڪارڊ وغيره.

**ثانوي ماخذ (Secondary Sources):**

ثانوي ماخذ انهن کي چيو ويندو آهي جيڪي اصلي ڪتابن تان اخذ ڪيل هوندا آهن. هنن ماخذن ۾ جيڪو مواد ڏنل هوندو آهي، اهو اصلي ليکڪ يا موضوع هيٺ آيل مصنف يا اديب جو لکيل نہ هوندو آهي، بلڪ ان بابت ٻئي مصنف جا رايا هوندا آهن.جڏهن بنيادي ماخذ گهٽ هجن يا انهن مان گهربل مواد جو پورائو نہ ٿئي تہ محقق ثانوي ماخذن مان مواد حاصل ڪري نتيجن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. محقق ثانوي ماخذن ۾ بازاري ليکڪن يا هر ڪنهن ڪتاب کي ثانوي ماخذن جي طور استعمال نہ ڪندو آهي

بلڪ صرف انهن جي راءِ کي اهميت ڏيندو آهي جن جو ڪم تحقيقي ۽ تنقيدي هوندو آهي ۽ ادب ۾ انهن جي شخصيت ممتاز هوندي آهي. ثانوي ماخذ بابت عبدالحميد خان عباسي مثال ڏئي سمجھايو آهي ته:

"ایک کتاب عربی میں ہے اور اس کا ترجمہ اردو میں ہو چکا ہے۔ اگر محقق عربی جانتا ہو تو اصل کتاب سے استفادہ کرے نہ کہ ترجمے سے۔ کیونکہ ترجمہ ثانوی درجے کی حیثیت رکھتا ہے۔"[7]

ثانوي ماخذن ۾ جيڪي ذريعا شامل آهن اهي هي آهن:تحقيقي مقالا، حوالياتي ڪتاب، مضمون، تحقيقي جرنل، سوانح عمريون، انسائيڪلوپيڊيا، ترجما، لغتون وغيره.هن تحقيق لاءِ مواد جا ٻئي ماخذ استعمال ڪيا ويا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

هيءَ تحقيق بنيادي ۽ ثانوي ماخذن تي مشتمل آهي. هن تحقيق لاءِ مواد جي ٻنهي قسمن مان مدد ورتي وئي آهي. هن تحقيق جي بنيادي ماخذن ۾ مرزا قليچ بيگ جي پنهنجي لکيل آتم ڪهاڻي، سندس لکيل يادگيريون ۽ اصلوڪا توڙي ترجمو ڪيل ناول شامل آهن. جڏهن ته تحقيقي جرنل، ايم.فل ۽ پي.ايچ.ڊي جون ٿيسز، انسائيڪلوپيڊيا، رسالا، لائبريريون، لغتون، مرزا صاحب جي شخصيت ۽ فن تي لکيل مختلف ڪتاب، مضمون ۽ انٽرنيٽ کي ثانوي ماخذن جي حيثيت سان ڏٺو ويو آهي.

## حوالا

1 سورت الحجرات (49): 6

2 فهميده حسين، ڊاڪٽر (2011) ، ٻولي ۽ ادب جي موضوع تي ٿيسز ڪيئن لکجي؟ تحقيقي جرنل سنڌي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ص 17

3 http://www.reference.com/business-finance/analytical-research

4 گيان چند، ڊاڪٽر (2012) ، تحقيق کا فن، اسلام آباد، مقتدره قومي زبان، ص 188

5 عباسي، عبدالحميد خان، ڊاڪٽر (2015) ، اصول تحقيق، اسلام آباد، ماريه پرنٽرز، ص 150.

6 غلام حسين، ڊاڪٽر (1983) ، تحقيق جو فن، ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي، ص 18

7 عباسي، عبدالحميد خان، ڊاڪٽر (2015) ، اصول تحقيق، اسلام آباد، ماريه پرنٽرز، ص 207

## باب پيو:

# مرزا قليچ بيگ جي شخصيت جو مختصر تعارف

**ولادت:**

مرزا قليچ بيگ جو جنم ٽنڊو ٺوڙهو ، ضلعو حيدرآباد ۾ مرزا فريدون بيگ (اڳوڻو نالو سدبني بيگ) جي گهر ۾ هجري تاريخ موجب 4 محرم الحرام سال 1270 ۾ ٿيو. مرزا صاحب جي جنم جي تاريخ عيسوي سال موجب 7 آڪٽوبر 1853ع ٿئي ٿي، ليڪن سرڪاري دستاويزن ۽ خانداني اتفاق راءِ موجب اها تاريخ 4 آڪٽوبر 1853 آهي. سندن والده جو نالو سڪينہ بنت خسرو بيگ هو. پنهنجي پيدائش جي هجري تاريخ ۽ سال کي فارسيءَ جي هڪ شعر ۾ هن طرح بيان ڪيو اٿن.

من چو زادم والد مرحوم من شد خوش يقين،

شڪر گفت الحمد هم لله رب العالمين،

فال نيڪ از من گرفت طالعم هم ديد سعد،

آن محرم ماه بد تاريخ بوده چار مين،

بهر تاريخ ولادت نيڪ منظر ماده يافت،

باز يافت برحمتڪ هم يا ارحم الراحمين.[1]

**ترجمو:**

آئون جڏهن ڄائس تہ منهنجو پيءُ خوش ٿيو

۽ شڪر الحمد لله چيائين

منهنجي ڄمڻ جي نيڪ فال ورتائين ۽ منهنجو ستارو چڱو ڏٺائين

منهنجي ڄمڻ جي تاريخ چوٿين محرم هئي

تاريخ ولادت لاءِ ابجد جي حساب سان

سٺو ماه لڌائين برحمتڪ هم يا ارحم الراحمين.

سندن ٻانگ جو نالو ”قليچ خان“ هو جيڪو سندن ناني مرزا خسرو بيگ رکيو. ”قليچ خان“ اڳتي هلي قليچ بيگ سڏجڻ ۾ آيو ۽ خود مرزا صاحب به قليچ لکندو رهيو. اڄ به سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ قليچ طور ٿئي ٿي. قليچ دراصل ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي ”ترار يا تلوار“. پنهنجي سوانح عمري ”سائو پن يا ڪارو پنو“ ۾ پنهنجي نالي جي باري ۾ لکن ٿا ته:

”ناني منهنجو نالو قليچ خان رکيو، جو وڏي هوندي قليچ بيگ ٿيو. ايلفنسٽن ڪاليج ۾ وڃڻ کان پوءِ پروفيسر مرزا حيرت مون کي ”قليچ بيگ“ سڏڻ لڳو. انهيءَ کان پوءِ ”خان“ جي بدران ”بيگ“ نالي ۾ قائم ٿي ويو.“[2]

قليچ خان کان قليچ بيگ تائين جو سفر مرزا صاحب موروثي لٽ جي سهاري طيءِ ڪرڻ کي پسند نه ڪيو، بلڪ هن پنهنجي علمي ۽ ادبي پورهئي سان دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ڪرائي. اڄ قليچ بيگ جو نالو سنڌي ادب جو اهڃاڻ آهي.

## تعليم

### ابتدائي تعليم:

مرزا صاحب کي ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق هوندو هو. پاڻ اڃان ننڍو هو ته قلم کڻي ڪاغذ پيو ڪارا ڪندو هو. لکڻ جي اهڙي ذوق کي ڏسي سندن والده کين رنگين ڪاغذ ۽ قلم وٺي ڏيندي هئي. جڏهن پاڻ پڙهڻ جي ڪجهه قابل ٿيا ته کين سندن ڳوٺ جي هڪ خانگي اسڪول ۾ موڪليو ويو، جتي پاڻ آخوند محمد شفيع وٽ تعليم پرايائون. سندن پائرن جي ابتدائي تعليم جي شروعات پڻ هن ئي مڪتب کان ٿي هئي. جڏهن قرآن پڙهي پورو ڪيائين ته ان کان پوءِ کين ۽ سندن ننڍي ڀاءُ مرزا علي قلي بيگ کي حيدرآباد جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو جتي سنڌي بنيادي تعليم حاصل ڪيائون. ان وقت اسڪول جو هيڊماستر قاضي حاجي احمد مٽيارين وارو مخدوم هو. اسڪول جي تعليم جو ذڪر ڪندي لکن ٿا ته:

”اسين سڀ واري سان شهر حيدرآباد جي اسڪولن ۾ پڙهياسين. اسان جو ڳوٺ شهر کان ٻه اڍائي ميل پنڌ جو هو. اهو ننڍي هوندي کان ڪندا آياسين. صبح جو سوير هڪڙي ماني کائي، ٻي ٻنپهرن لاءِ مزورن وانگي ساڻ ٻڌي گهران نڪرندا هئاسين. هڪڙو ڪراڙو نوڪر اسان سان گڏ هلندو هو. پهرين اسان جو استاد آخوند ولي محمد هو. صبح جو سوير اسين هن

جي اوطاق تي ويندا هئا سين ۽ اتي پڙهندا هئا سين. پوءِ ڏهين بجي ڏاري آخوند صاحب سان گڏجي سنڌي اسڪول ۾ ويندا هئا سين. "[3]

ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو پنڌ ڪرڻ کي مرزا صاحب ڪڏهن به پنهنجي اڳيان رڪاوٽ نہ سمجهيو. بلڪ تعليم سان سندس چاهه ويتر وڌندو ويو.

فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم:

جنهن اسڪول ۾ سنڌي تعليم لاءِ مرزا صاحب کي داخل ڪيو ويو هو، اتي سنڌي سان گڏ پاڻ فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم پڻ حاصل ڪيائين. ان اسڪول ۾ فارسي زبان جا جيڪي ڪتاب کين پڙهايا ويا انهن ۾ گلستان، بوستان، انوار سهيلي ۽ سڪندرنامو کان علاوه ٻيا ڪتاب بہ شامل هئا. ان سان گڏ عربي زبان جي تعليم پاڻ قاضي حاجي احمد کان پرايائون. ان کان علاوه عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پاڻ گهر ۾ پنهنجي والد کان بہ حاصل ڪئي. ليڪن سندن هوشياري ۽ ذهانت سنڌي ۽ فارسي زبان ۾ عربي ٻوليءَ کان سرس هوندي هيءَ. اهو ئي سبب هو جو کين سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ نمايان ڪارڪردگيءَ تي انعام ڏنا ويندا هئا.

"سنڌي اسڪول ۾ فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آءٌ ڏاڍو هوشيار هوندو هوس ۽ گهڻا انعام مليم، جي گولڊ سمڊ صاحب ۽ مور صاحب ۽ پوءِ نارائڻ جگنات هٿ سان ڏنا، جن ۾ بابو بہ حاضر رهندو هو."[4]

مرزا قليچ بيگ جو ٻوليءَ طرف لاڙو وڌيڪ هوندو هو. هو پاڻ کي فقط هڪ يا ٻن ٻولين تائين محدود نہ رکندو هو. ان ڪري هو جيڪا بہ ٻولي ٻڌندو هو، ان کي سکڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

انگريزيءَ جي تعليم:

مرزا قليچ بيگ سنڌي اسڪول ۾ اڃان پهرئين ڪلاس ۾ هو تہ پنهنجي وڏي ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ کان گهر ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين. اهڙي طرح شروع وارا انگريزيءَ جا ٻہ ڪتاب پڙهي ورتائين. ان کان پوءِ 1865ع ۾ ائنگلو ورنيڪيولر اسڪول، حيدرآباد ۾ داخل ٿيو. جيئن تہ پاڻ انگريزيءَ جا ٻہ ڪتاب اڳ ئي پڙهي ڇڏيا هئائين، ان ڪري جلدي ٻئي ڪلاس ۾ آيو. پاڻ هر ڪلاس ۾ پهرئين نمبر تي ويهندو هو

هر ڪلاس جي امتحان ۾ پهريون نمبر ڪٺندو هو. ان ڪري سچي اسڪول ۾ سندس نالو هوندو هو، هيڊماستر ۽ استاد ٻہ ڪيس پائيندا هئا. ان وقت اسڪول جو هيڊ ماستر مسٽر لڪشمن وشنو مرهٽو هو. ڪجھ درجا پڙهڻ کان پوءِ هاءِ اسڪول (موجوده ٽريننگ ڪاليج) ۾ انگريزيءَ جا درجا پڙهيائين. هاءِ اسڪول ۾ تنهن وقت مسٽر وهامن اباجي مووڪ هيڊماستريءَ جا فرض سرانجام ڏئي رهيو هو. ڪجھ وقت کان پوءِ ان جي جاءِ تي مسٽر ڪيشوراءِ هيڊ ماستر ۽ مسٽر راما ڪنٽ پهريون اسسٽنٽ مقرر ٿيو.

هاءِ اسڪول جي شام جو چار يا پنجين بجي موڪل ٿيندي هئي. موڪل کان پوءِ پاڻ اسڪول جي دروازي وٽ دڪيءَ تي ويهي ٻئي ڏينهن جي پڙهائي جو مليل ڪم پورو ڪري سانجهين مهل گهر ڏانهن ويندو هو. اهڙي طرح 1872ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ورتائين.

**بي.اي جي تعليم:**

مئٽرڪيوليشن جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ مرزا قليچ بيگ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئي ويو جتي 1873ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي ۾ داخلا ورتي. داخلا وٺڻ سان ڪيس 20 رپين جي اسڪالرشپ ملي. شروع ۾ مسٽر چٽفيلڊ ڪاليج جو پرنسپال هو ۽ مولوي عبدالفتاح عربي ۽ فارسي جو پروفيسر هو. بعد ۾ ڪاليج جو پرنسپال پروفيسر ورڊسورٿ ٿيو ۽ مولوي عبدالفتاح جي جاءِ تي پروفيسر مرزا حيرت آيو. ان کان پوءِ پروفيسر اگزنهام، پروفيسر جائلس ۽ پروفيسر هاٿارنٿوبت ٻہ اتي پروفيسر مقرر ٿيا. جن جي رهنمائيءَ ۾ پاڻ فارسي، انگريزي، ترڪي، سنسڪرت، گجراتي ۽ علم عروض تي مهارت حاصل ڪئي. اهوئي سبب هو جو ڪاليج ۾ ڪيس هيٺين ڪلاسن کي فارسي پڙهائڻ لاءِ فيلو مقرر ڪيو ويو. بي. اي جي تعليم حاصل ڪرڻ دوران 1876ع ۾ سندس والده وفات ڪري وئي. ماءُ جي وڇوڙي جي صدمي سبب پاڻ بي.اي جي امتحان ۾ فيل ٿي پيو.

"سندس والد جي وفات کان پوءِ هيءُ 1873ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو، جتي مرزا حيرت دهلويءَ جي شاگرديءَ ۾ تربيت ۽ تعليم ورتائين. پوئين سال ۾ حسابي ڪم ۾ ناپاس ٿيڻ ڪري موٽي حيدرآباد آيو."[5]

پاڻ والده جي صدمي ۾ دڪندو رهيو جنهن سبب بيمار رهڻ لڳو. مرزا صاحب کي پيٽ ۾ سُورِي جي بيماري ٿي پئي جيڪا ڏينهن گذرڻ سان شديد ٿيندي وئي. مهينن جا مهينا بيمار رهڻ ڪري مرزا صاحب تمام ڪمزور ٿي پيو. آهستي آهستي جيئن طبيعت ۾ سڌارو ايندو ويو ته پاڻ ٻيهر بي.اي جو امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئي ويو پر وري به بيمار ٿي پيو. نيٺ همت ڪري بي.اي جي امتحان ۾ ويٺو پر فيل ٿي پيو.

ايل.ايل.بي جي تعليم:

مرزا قليچ بيگ جڏهن ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو تڏهن کيس ايل.ايل.بي ڪرڻ جو شوق ٿيو. ان مقصد خاطر پاڻ ڪاليج جي پڙهائي دوران لا (Law) جي اسڪول ۾ به ڪلاس ورتائين. هن حوالي سان پاڻ لکي ٿو ته:

”ڪاليج ۾ پڙهندي، مون لا ڪلاس يعني قاعدي جي اسڪول ۾ به پئي پڙهيو، انهيءَ خيال سان ته بي.اي ڪان پوءِ ايل.ايل.بي جي لاءِ وجي سگهان. قاعدي جو پهريون امتحان جورس پرودنس به پاس ڪيم.“[6]

مرزا صاحب 1979ع ۾ مئجسٽيريل جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان ئي سال مختيارڪاريءَ جو ڪم پڻ سکڻ شروع ڪيائين.

**تربيت:**

تعليم ۽ تربيت کي ٻار جي شخصيت سنوارڻ ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي ۽ ان عمل ۾ ماءُ ۽ پيءُ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا آهن. ٻار کي جهڙي تعليم ۽ تربيت ملندي اهڙي ئي سندس اندر شخصيت جنم وٺندي. مشهور انگريز شاعر وليم وردس ورٿ پنهنجي نظم ” My Heart Leaps Up“ ۾ چيو آهي “Child is the father of man” جنهن جو مطلب آهي ته ٻار وڏن جو آئينو هوندو آهي. جيڪو گڻ هن کي مليل هوندو وڏو ٿي اهو ئي گڻ ڏيکاريندو.

مرزا قليچ بيگ جو تعلق علمي ۽ ادبي گهراڻي سان هو. سندس والده پڙهيل، لکيل، سگهڙ ۽ عقلمند زال هئي ته سندس والد هڪ باشعور، محنتي، هنرمند ۽ عربي، فارسي، ترڪي زبانن جو ڄاڻو هو. ان ڪري مرزا قليچ بيگ کي ڄائي ڄم کان علمي ماحول مليو جنهن سندس سوچ، ڪردار ۽ گفتار کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. اهو ئي سبب هو جو انهن جي هنج ۾ پلجندڙ مرزا قليچ بيگ وڏو ٿي سنڌي ادب جي افق تي روشن چمڪندڙ تارو ٿي

اپريو. سچ ڳالهائڻ، ننڍن وڏن جو ادب ڪرڻ، پاڻ ۾ محبت سان رهڻ، عبادت ۽ رياضت ڪرڻ، صبر ۽ شڪر ڪرڻ، قناعت سان زندگي گذارڻ ۽ وقت جو قدر ڪرڻ سندس تربيت ۾ شامل هئا.

وقت جي پابندي ڪي سندس تربيت ۾ اولين ترجيح حاصل هئي. صبح جو سوير اٿڻ ۽ سوير سمهڻ، هر ڪم پنهنجي وقت تي ڪرڻ ننڍي هوندي کان سندس مشغولين ۾ شامل هو جنهن تي پيريءَ تائين پابند رهيو. سندس تربيت ۾ اسلامي تعليم جو رنگ پڻ چڙهيل هو. پاڻ ننڍي هوندي کان نماز ۽ روزا رکڻ جو بہ پابند هو، پر سندس طبيعت ۾ ٻئي مذهب جي ماڻهن سان بغض ۽ نفرت قطعي شامل نہ هئي. بلڪ اهڙي تعصب کان پاڻ پاڪ هو. هن ڳالهہ جو ذڪر پاڻ ”سائو پن يا ڪارو پنو“ ۾ هن طرح ڪيو اٿس.

”...انهيءَ شوق ۽ صحبت ڪري، هندن ۽ پارسين جي مذهبي ڪتابن پڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ انهن تي انهن مذهبن جي شاگردن سان بحث ڪرڻ جو بہ چڱو وجهہ ملندو هو؛ تنهنڪري تعصب نڪرندو ويو. ٻين مذهبن جا اصول بہ پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ اچڻ لڳا ۽ پسند ٿيڻ لڳا.“[7]

سندس تربيت ۾ ماءُ ۽ پيءُ کان علاوه سندس پائرن خاص طور مرزا صادق علي بيگ ۽ استادن جو بہ وڏو ڪردار هو. جن استادن جي شفقت سندس طبيعت ۽ ڪردار تي اثر ڇڏيو انهن ۾ پروفيسر مرزا حيرت دهلوي، قاضي حاجي احمد مٽيارين وارو مخدوم، آخوند ولي محمد، آخوند محمد شفيع، ماستر ڪيشوراءِ، مسز شرٽ، پروفيسر عبدالفتاح، مسٽر واديا، پروفيسرپنڊارڪر ۽ مسٽر تلنگ قابل ذڪر آهن.

**وفات:**

مرزا قليچ بيگ پنهنجي موت کان غافل نہ هو بلڪ ضعيفيءَ واري حالت ۾ موت کي حيات پائيندو هو. ان ڪري پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي ڳوٺ واري قبرستان بلند شاهہ ۾ قبر ٺهرائي ڇڏي هئي، جتي سندس ماءُ پيءُ، ڀينرون، گهرواريون ۽ ٻيا مٽ مائٽ دفن ٿيل هئا. ان کان علاوه پنهنجي لاءِ ڪفن ۽ جنازي کڻڻ جي ڏولي بہ ٺهرائي رکيائين. آخرڪار 3 جولاءِ 1929ع بروز اربع جو اهو ڏينهن بہ اچي ويو جو رات جو 11 بجي پنهنجو دم ڌڻيءَ حوالي ڪري ابدي آرامي ٿيو، ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙو خال ڇڏي ويو جو ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو. کيس 4 جولاءِ 1929ع تي سنڌ ڌرتيءَ جي سيني ۾ دفن ڪيو ويو. هجري سال مطابق

سندس وفات 1348 ۾ ٿي. وفات وقت سندس عمر 75 سال، 8 مهينا هئي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي وفات جي سال (1348 هجري) جي اڳڪٿي پاڻ هڪ قطعي ۾ ڪئي جيڪا صحيح ثابت ٿي. هي قطعو سندن آخري آرام گاهه تي پڻ لکيل آهي جيڪو هن طرح آهي.

عمرم بہ همين سال چُو هفتاد شده هفت،
آمد ملک الموت ز درگاهِ حق آخر،
گفتا کہ بسي زيستي در منزلِ دنيا،
شو عازمِ عقبیٰ کہ بہ بيني رخ داور،
از فرط مسرت زدم آهي و بمردم،
در عالم ارواح رسيدم دم ديگر،
تاريخ وفاتم چُو دلم خواستہ از غيب،
هاتف زکرم کرد ندا: "بخت موقر".

**ترجمو:**

منهنجي عمر جڏهن ستر سال ٿي
بارگاهہ خداوندي مان ملڪ الموت آيو
چيائين تہ دنيا جي گهر ۾ گهڻو رهيو آهين
آخرت جي تياري ڪر تہ رب تعالیٰ کي ڏسين
بيحد خوشيءَ سان ساهہ کنيم ۽ فوت ٿي ويس
۽ ٻئي دم سان عالم ارواح ۾ پهتس
منهنجي دل جڏهن منهنجي وفات جي تاريخ عالم غيب کان پڇي
تہ غيبي آواز ٿيو: بخت موقر.

سندس آخري ديدار بابت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو لکي ٿو تہ:

"مرزا صاحب جي آخري ديدار فرحت آثار لاءِ جڏهن اتي پهتس تہ ڏٺم تہ سندن مبارڪ چهرو بدر منير وانگر پئي چمڪيو ۽ گلاب جي گل وانگر پئي مهڪيو. ۽ سندس پيشانيءَ مان نور ظاهر هو. سندس سونهاريءَ جا سفيد وار سج جي سفيد ڪرڻن وانگر پئي چمڪيا ۽ پاڻ ائين ستو پيو هو جيئن ڪو جيئرو جاڳندو انسان مٺي ننڊ ۾ هجي. مطلب تہ عجيب لقاءُ لڳو پيو

هو ۽ گلاب جي مکڙيءَ وانگر مک پئي ٽڙيس ۽ هڪ عجيب مرڪ سندس وجود تي نمايان هئي.“[8]

اهڙي طرح سنڌ جو هي جاکوڙي انسان سنڌ ڌرتيءَ جي سيني ۾ هميشہ لاءِ ابدي آرامي ٿيو. سندس علمي ۽ ادبي پورهيو ڇڻ تہ آب حيات ثابت ٿيو آهي جو اڄ تائين بہ سندس شخصيت ۽ فن هر عام و خاص وٽ زنده جاويد آهي.

## مرزا قليچ بيگ بحيثيت سرڪاري ملازم:

### پرشن ٽيچر:

مرزا قليچ بيگ پنجويهہ سالن جي عمر ۾ پنهنجي ملازمت جي شروعات 1878ع ۾ پرشن ٽيچر ٿيڻ سان ڪئي. ان وقت ڪراچي هاءِ اسڪول ۾ مسٽر دولترام ڇيتمل فارسيءَ جو استاد مقرر هو ۽ کيس 60 رپيا پگهار ملندي هئي. اسڪول جو هيڊماستر مسٽر ٽلاٽي وڏو هو. مسٽر دولترام ڇيتمل کي 1878ع ۾ جوڊيشل کاتي ۾ نوڪري ملڻ کان پوءِ ڪراچي هاءِ اسڪول ۾ فارسي ٻولي پڙهائڻ لاءِ استاد جي کوٽ ٿي. مرزا قليچ بيگ جيتوڻيڪ فارسي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو ان ڪري ان عهدي لاءِ کيس چونڊيو ويو. پاڻ 9 مهينا ان اسڪول ۾ پرشن استاد جا فرض سرانجام ڏنا.

روينيو کاتي طرف لاڙو:

مرزا صاحب کي روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ سندس ڀاءُ مامي ۽ سندس دوستن همٿايو. انهن جي اصرار کان پوءِ مرزا صاحب جو لاڙو قاعدن ۽ قانون جي ڪتابن طرف ٿيو. عملي طور مختيار ڪاري جي ڪم کي سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪراچي جي ڪليڪٽر ڪرنل لامبرٽ ۽ ڪليڪٽر ڪرنل والس جي اجازت نامن سان مختيار ڪار ڪراچي لالا گيانچند ۽ تعلقي جي هيڊ منشي مسٽر فرامروز پنٿڪي (پارسي) جي ماتحت آفيسن جي ڪم کان واقف ٿيڻ لڳو. 1879ع ۾ مئجسٽريٽي جو امتحان ڏنائين. امتحان تمام مشڪل هو ۽ سيني اميدوارن مان فقط پاڻ اڪيلو اميدوار هو جنهن اهو امتحان پاس ڪيو. امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پاڻ نَوَ مهينا ڪراچي هاءِ اسڪول ۾ فارسي جو استاد ٿي رهيو ليڪن اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر آليونٽ جي صلاح سان ٻيهر مختيار ڪاري جو ڪم سکڻ لاءِ

تعلقي ڪڪڙ ويو ۽ هيڊمنشي ٿي ڪم ڪيو. ڪڪڙ تعلقو تنهن وقت ضلعي شڪارپور ۽ ڊويزن ميهڙ ۾ شامل هو. ان وقت ڪرنل راس شڪارپور جو ڪليڪٽر، مسٽر نارومل سيوهاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر، مسٽر قيمت سنگهه لاڙڪاڻائي هيڊمنشي ۽ ديوان لالا گيانچند، ديوان چاندومل جي جاءِ تي دفتردار هو.

مختيار ڪار:

هيڊ منشي جو ڪم سکڻ کان پوءِ ڪين سپ کان پهرين تعلقي ٽرڙي محبت، ڊويزن ميهڙ ۾ مختيارڪار مقرر ڪيو ويو. بحيثيت مختيارڪار پاڻ پنهنجي قابليت ۽ ڪردار سان زميندارن ۽ آفيسرن کي نهايت متاثر ڪيو. تعلقي ٽرڙي محبت کان پوءِ پاڻ 1880ع ۾ تعلقي نگڙ، 1881ع ۾ تعلقي ڪڪڙ ، 1882ع ۾ تعلقي ميهڙ، 1884ع ۾ تعلقي جوهي، 1887ع ۾ تعلقي وارهه يا نصيرآباد جو مختيارڪار ٿيو. ان عرصي دوران پاڻ بيماريءَ سبب 3 مهينا موڪل وٺي بمبئي ويو. 25 ڊسمبر 1888ع ۾ مرزا صاحب جي پهرين شادي ميجر صوبيدار (اصل بني اسرائيل يا يهودي قوم جو هو ۽ بعد ۾ مسلمان ٿيو) جي ڌيءُ سان ٿي. اهو نڪاح مولوي تاج محمد ڪراچي واري پڙهايو هو. 1889ع ۾ تعلقي گهوٽڪي ۽ 1890ع ۾ پيهر روهڙي تعلقي ۾ مختيارڪاريءَ جا فرض ايمانداريءَ سان ادا ڪيائين.

ڊپٽي ڪليڪٽر:

مرزا صاحب وڏي عهدي ۾ ترقيءَ لاءِ 1889ع ۾ ڊپارٽمينٽل امتحان ڏنو جيڪو 1890ع ۾ پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ 1891ع ۾ ٽن مهينن تائين ڪيس ائڪٽنگ ڊپٽي ڪليڪٽر طور شڪارپور جو سٽي مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. اتان 1892ع ۾ روهڙي ۾بدلي ٿي آيو جتي ڪجهه وقت رهيو. سال 1893ع ۾ مرزا صاحب لاڙڪاڻي ۾ پڪو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي مسٽر ميولس جي ماتحت ڪم ڪرڻ لڳو. پاڻ 1895ع تائين لاڙڪاڻي ۾ رهيو جنهن کان پوءِ سيوهڻ بدلي ٿي ويو، جتي اسسٽنٽ ڪليڪٽر مسٽر ليوڪس کان چارج ورتائين. 1896ع ۾ پاڻ جيڪب آباد ۾ ٽن سالن تائين ڊپٽي ڪليڪٽر جا فرض سرانجام ڏنائين. ان کان پوءِ 1898ع ۾ ٿرپارڪر ۽ 1898ع ۾ نوشهري فيروز جو ڊپٽي

ڪليڪٽر ٿيو، جتي مسٽر قادر داد خان کان چارج ورتائين. ٿي سال اتي ڪم ڪرڻ کان پوءِ 1901ع ۾ ڪوٽڙي جو ۽ 1903ع ۾ ٺٽي ۽ سجاول جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. آخرڪار مرزا صاحب نوڪريءَ جا 30 سال پورا ڪري 56 سالن جي عمر ۾ 1909ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ رٽائرمينٽ ورتائين.

## مرزا قليچ بيگ جون نثر ۾ ڪيل خدمتون:

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جي افق تي هڪ اهڙو سج ٿي اڀريو جنهن پنهنجي علم جي نور سان سنڌي ادب جي هر هڪ ڪنڊ ۽ پاسي کي منور ڪري ڇڏيو. مرزا صاحب جو جنم 1853ع ۾ ٿيو. هي اهو دور هو جنهن ۾ سنڌي صورتخطيءَ کي عربي رسم الخط ۾ رائج ڪيو ويو. سنڌي نثر ۾ تصنيفن جو موضوع ۽ تعداد تمام محدود هو. مطلب ته نثر سلي مان ٻوٽي ٿيڻ تائين جو ارتقائي سفر ڪري چڪو هو پر ان کي وڏائي وڻ ڪرڻ وارو شخص مرزا قليچ بيگ هو. بقول ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو جي:

"مرزا قليچ بيگ لاءِ ايئن چئجي ته وڌاءُ اصل ڪو نه ٿيندو ته، هو سنڌ ۾ اهڙي دور ۾ پيدا ٿيو؛ جڏهن سنڌي ادب جي ڦرهيءَ تي لکيل ڪجهه ڪتاب ته ضرور نظر پئي آيا، پر اهي مذهبي، نصابي يا وري رڳو قصن ڪهاڻين ۽ شعري مجموعن تي ٻڌل هئا. مرزا صاحب سنڌ ۾ موجود سنڌي ادب جي صورتحال جي ادراڪ کان پوءِ اهو سوچي قلم کنيو ته سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي هر موضوع، مسئلي ۽ علم تي ڪتاب لکي مالا مال ڪرڻو آهي ۽ هن مرد مجاهد ايئن ڪري ڏيکاريو."[9]

محترم شيخ اياز جو چوڻ آهي ته نظم رقص ڪندو آهي ۽ نثر پنڌ ڪندو آهي. ليڪن مرزا صاحب نثر جي پنڌ ۾ جيڪا تيزي ۽ رواني آندي ان جو مثال نٿو ملي. اڄ سنڌي نثر ترقيءَ جي جنهن مقام تي ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺو آهي اهو مرزا صاحب جي قلمي پورهئي جو نتيجو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي بقول:

"سنڌي نثر کي اول اول جن چئن بزرگ نثر نويسن سنڀاليو هو ۽ ترقي ڏياري هئي، انهن ۾ ديوان ڪوڙومل چندن مل، رشي ڏيارام گدومل، پرمانند ميوارام ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا وڏي عزت ۽ احترام سان ورتا ويندا آهن."[10]

مرزا صاحب پنهنجي زندگيءَ جو اڪثر وقت تصنيف و تاليف ۾ ارپي ڇڏيو هو. سندس زندگيءَ جون مشغوليون اصولن تي ۽ خاص طور وقت جي پابنديءَ سان گذريون. صبح اٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين جيڪي به ڪم ڪندو هو تن لاءِ وقت مقرر ڪيل هوس. عبادت ڪرڻ، صحت لاءِ تازي هوا واسطي پنڌ هلڻ، ماني کائڻ کان پوءِ آرام ڪرڻ، گهروارن سان وقت گذارڻ، دوستن سان ملاقاتون ڪرڻ ۽ امداس وڻ ۾ ٿاهيل آکيري ۾ سڪونت جون گهڙيون گهاڙڻ مرزا صاحب جي روزمره جي زندگيءَ جو حصو هئا ليڪن انهن مڙني ڪمن ۾ سندن عام ڪم ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪتاب لکڻ هوندو هو جيڪو پاڻ صبح جو، ڏينهن جو ۽ رات جي وقت به ڪندا رهندا هئا. خان بهادر محمد صديق ميمڻ سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ لکي ٿو ته:

"هيتري ڳالهه تسليم ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي ته پڇاڙيءَ ۾ مرزا جو تيز رفتار قلم نثر جا ڪتاب ائين رهڙيندو ويندو هو جئن ڪنهن تجربيڪار سر بند جو ڪارب پنهنجي تيز رويءَ سببان سر بند کي سرن جي سر تان هٽڙي گهمائڻ جي مهلت ڏيڻ ڏاران ويندو آهي، سرن پٺيان سرون جوڙيندو."[11]

مرزا صاحب نثر توڙي نظم جي ڪل 43 موضوعن تي تصنيفن جو ڪل تعداد مرزا قليچ بيگ چيئر پاران ڇپايل مرزا صاحب جي ڪتابن جي فهرست موجب 461 آهي جن مان شاعري جي حوالي سان مرزا صاحب جا مٿي بيان ڪيل ڪتابن جو تعداد 78 آهي. ان حساب سان مرزا صاحب جا نثر تي لکيل ڪتابن جو تعداد 383 آهي جن ۾ سندس ڇپيل، اڻ ڇپيل ۽ طبعزاد توڙي ترجمو شامل آهن. هيٺ مرزا صاحب جي نثر ۾ ڪيل خدمتن جو موضوع وار مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. **زراعت:** مرزا صاحب زراعت جي موضوع تي ٽي ڪتاب لکيا. جن ۾ زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر (1895)، با غ ۽ باغباني (1895) طبعزاد آهن ۽ درين جي گلزاري (1927) انگريزي ڪتاب جو ترجمو آهي. هنن ڪتابن ۾ نه صرف زميندارن ۽ هارين جي لاءِ ڄاڻ ڏنل آهي پر هڪ عام ماڻهو لاءِ به گهر کي سر سبز بنائڻ جي معلومات موجود آهي.

2. **تاريخ انسان:** انسان جي تاريخ تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب لکيل آهي. هن ڪتاب جو نالو انساني سڌاري جي تاريخ (1925) آهي. هي ڪتاب هڪ انگريزي ڪتاب جو ترجمو آهي جنهن ۾ ارتقا کان وٺي تهزيب يافته ٿيڻ تائين انسان جي تاريخ بيان ڪئي اٿس.

3. **عربي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب:** مرزا صاحب ٻين ٻولين کان علاوه عربي زبان ۾ به هڪ ڪتاب ابڪار الافڪار عربي 1906ع ۾ لکيو جيڪو اڃا تائين قلمي صورت ۾ پيل آهي.

4. **علم نجوم ۽ علم فلڪيات:** علم نجوم ۽ علم فلڪيات تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب لکيل آهي جنهن جو عنوان آهي علم نجوم ۽ علم هيئت جيڪو پاڻ 1924ع ۾ لکيائين.

5. **آتم ڪهاڻي:** نثر جي هن صنف تي سنڌي ادب ۾ سڀ کان پهرين مرزا صاحب طبع آزمائي ڪئي. هن صنف تي مرزا صاحب جا ٻه ڪتاب لکيل آهن ياد گيريون (1919) ۽ سائو پن يا ڪارو پنو (1923). يادگيريون ۾ مرزا صاحب ڇهن بابن تي مشتمل پنهنجي خاندان جي ۽ انهن جي رهائش جي معلومات پيش ڪئي آهي. ان کان علاوه مرزا صاحب پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي پوڙهائپ تائين جا واقعا تاريخ وار محفوظ ڪيا آهن. پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي دوستن جي اسرار تي پنهنجي آتم ڪهاڻي سائو پن يا ڪارو پنو لکيائين جيڪا ان دور جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي.

6. **بلوچي زبان ۾ ڪتاب:** مرزا صاحب بلوچي ٻوليءَ جي گرامر تي به ڪم ڪيو. سندس ڪتاب ”بلوچي گرامر“ هڪ ناياب ڪتاب آهي جيڪو قلمي صورت ۾ آهي.

7. **سوانح حيات:** مرزا صاحب جو سوانح حيات تي ڪيل ڪم بنيادي حيثيت رکي ٿو. مرزا صاحب جن عظيم شخصيتن کي سوانح حيات جو موضوع بنايو انهن ۾ نبي آخر الزمان حضرت محمد مصطفیٰﷺ تي ”تاريخ محمدي“ (1888) ، ”سيرت النبي ﷺ ياڳو پهريون“ (1918)، يسوع مسيح عليہ السلام جي سوانح عمري (1919)، حضرت سليمان

عليہ السلام (1927)، اسلام جي مشهور شخصيتن تي لکيل "گلزار تعليمي" (1918)، نيپولين بونا پارٽ (1923) ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سيد ثابت علي شاهه، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو کان علاوه سنڌ، ايران، يورپ ۽ آمريڪا جون نامور حستيون شامل آهن.

8. **بهائي مذهب:** هن موضوع تي مرزا صاحب جا ٽي ڪتاب لکيل آهن. جهڙوڪ: ست واديون يا منزلون (1916)، صلح ڪل جو پيغام يا بهائي تعليم (1922) ۽ باب ۽ بابي (1928). هي ڪتاب بهائي مذهب جي تاريخ ان جي پرهيزگاريءَ جي موضوع تي روشني وجهن ٿا.

9. **علم نباتات:** هن علم تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب "علم نباتات" آهي جيڪو ڇپجي 1924 ۾ لکيائين.

10. **ٻاراڻو ادب:** ٻاراڻي ادب تي مرزا صاحب شاعري کان علاوه نثر ۾ به گهڻو ڪم ڪيو آهي. ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان مرزا صاحب ڪيترائي تعليمي ۽ آکاڻين جا ڪتاب لکيا آهن. جهڙوڪ: "رستم" (1880) مزاح سان ڀرپور اخلاقي نڪتا سمجهائڻ لاءِ "دلپسند لطيفا" (1890)، ذهني نشو نما لاءِ "چو ۽ چا" (1914) ۽ ٻارن جي تعليم لاءِ "ٻاراڻي تعليم" (1919) کان علاوه ٻيا به اهم ڪتاب لکيائين.

11. **عيسائي مذهب:** عيسائي مذهب تي مرزا صاحب جا ڪل 17 ڪتاب لکيل آهن جن ۾ هڪ ڪتاب حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي سوانح حيات سميت 9 ٻيا ڪتاب به نثر ۾ لکيل آهن. باقي 7 ڪتاب عيسائي مذهب تي نظم ۾ لکيل آهن.

12. **سنڌي ڊراما:** مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ ٻه منظوم ڊراما ۽ نثر ۾ 29 ڊراما لکيا جن مان گهڻو تعداد ترجمن جو آهي. انهن ۾ شيڪسپيئر جا ترجمو ڪيل ڊراما Merchant of Venice جو ترجمو "حسنا دلدار" (1897)، Romeo Juliet جو ترجمو "گلزار ۽ گلنار" (1909)، Cymbeline جو ترجمو "شمشاد مرجانہ" (1908)، Two Gentlemen of Verona جو ترجمو "عزيز ۽ شريف" (1909)، گجراتي ناٽڪ تان ترجمو ڪيل ڊرامو "خورشيد" (1887)،

ڪوي ڪاليداس جي ڊرامي جو ترجمو ”شڪنتلا“ (1896) وغيره شامل آهن. ان کان علاوه ڪيترائي اصلوڪا ڊراما بہ لکيائين جهڙوڪ: بڪائولي (1894)، نور جهان ۽ جهانگير (1896)، لوپي ۽ ٺوڳي (1894)، نادر شاهہ (1897)، نيم طبيب ۽ نيم ملا (1896)، شيخ چلي ۽ اگهڙ مسخرو (1900)، حرڪت مان برڪت (1911)، شهريار ۽ شهر بانو (1923)، بدر منير ۽ بينظير (1927) وغيره.

13. **خوابن جو علم:** خوابن جي علم، حقيقت ۽ تعبير بابت مرزا صاحب جا ڪل بہ ڪتاب لکيل آهن. عالم خواب (1912) ۽ خواب ۽ تعبير (1924).

14. **معاشيات:** معاشيات جي علم تي بہ مرزا صاحب جا ٽي ڪتاب لکيل آهن. اصول علم دستور المعاش (ترجمو) (1888)، ملڪ جي مفلسيءَ جا سبب ۽ قرض جون خرابيون (1920) ۽ حقيقت الربا (قلمي) (1922).

15. **انگريزي ادب:** انگريزي زبان ۾ مرزا صاحب جون نثري تحريرون گهڻ موضوعاتي ۽ نهايت معلوماتي آهن. انهن مان ڪجهہ مثال طور نالا ڏجن ٿا. زراعت جي عنوان تي Lectures on Agriculture Part I, II & III (Manuscript) ، عربي ٻوليءَ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب Arabic And Persian Words Sounding Like English Words (Manuscript)، اسلام جي موضوع تي Islamic Theosophy or Alchemy of Happiness Al-Ghazali (1894)، The Sufi Ideal of Humanity (1925) وغيره.

16. **اخلاقيات:** اخلاقيات جو موضوع مرزا صاحب جي نظم توڙي نثر ۾ عام موجود آهي ليڪن خاص الڳ عنوان طور مرزا صاحب جا 17 ڪتاب ڳڻي سگهجن ٿا. انهن مان علم الخلاق (1888)، ڪيميائي سعادت (1901)، جواهر الاخلاق (1904)، گلشن اخلاق (1904)، اخلاق القرآن والحديث (1912)، تهذيب الاخلاق بہ ڀاڱا (1913)، علم ادب (1913) وغيره قابل ذڪر آهن.

17. **زناني تعليم:** عورتن جي تعليم جو مرزا صاحب کي خاص فڪر هو. انهن جي تعليم، تربيت ۽ صحت جي طرف خوب ڌيان ڇڪرايو. جهڙوڪ: هدايت النسوان (1880)،

صحت النساءِ (1888)، **تعليم حڪمت** (1890)، **اخلاق النساءِ** (1904)، **هڪڙي سگهڙ زال** (1916)، **پردو ۽ ان مان فائدا** (1920)، **مائون ۽ ٻار** (1921) وغيره.

18. **زمان (وقت) بابت:** زمان جي عنوان تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب لکيل آهي جنهن جو موضوع آهي "اينڊڙ زمانو". هي ڪتاب مرزا صاحب 1919ع ۾ لکيو.

19. **عام معلومات:** مرزا صاحب جا اڪثر ڪتاب ڄاڻ جي خزاني سان ڀرپور آهن. ليڪن بعنوان عام معلومات تي سندس لکيل ناياب ڪتاب آهي "منتخب المعلومات" جيڪو پاڻ 1926ع ۾ لکيائون.

20. **جاگرافي:** جاگرافي جي حوالي سان مرزا صاحب جا ٻہ ڪتاب لکيل آهن. هڪ ايٽلانٽس (قلمي) جيڪو 1918ع ۾ لکيائون ۽ ٻيو "سنڌ جي مختصر جاگرافي" 1922ع ۾ لکيائون.

21. **تاريخ:** دنيا جي مختلف خطن، ملڪن ۽ مختلف دورن جي تاريخ ٻہ مرزا صاحب جي قلم جو موضوع رهيو. پاڻ سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڪيترائي اهم تاريخي ڪتاب لکائون . سنڌيءَ ۾ بابل ۽ نينوا جي تاريخ (قلمي) (1927)، برٽش شهنشاهيت جي مختصر تاريخ (1912)، **چين ۽ چيني ماڻهو** (1926)، **دنيا جي مختصر تاريخ** (1928) ۽ انگريزيءَ ۾ تاريخ تي ڪتاب The Chach Namah Volume I (1900), Volume II (1901) ، Principal Tribes of Thar Parkar (1901)، The Talpur Rule (1928) (Manuscript) **قابل ذڪر ڪتاب آهن.**

22. **رڌ پچاءُ:** مرزا صاحب مختلف ۽ پر لطف کاڌا پچائڻ جي ڄاڻ تي هڪ ڪتاب "ٻاجين جا طعام" 1920ع ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ ڪل 128 کاڌن تاهڻ جون ترڪيبون ڏنل آهن.

23. **اسلاميات:** اسلام جي تعليمات تي مرزا صاحب جا ناياب ڪتاب لکيل آهن جن ۾ مسلمانن جي رهبري ۽ رهنمائي جا مفيد اصول بيان ڪيل آهن. انهن مان چند ڪتاب هن ريت آهن: راه نجات (1880)، لطيفہ معرفت (1903)، حالات الاولياء (1904)،

ضمان الفردوس (1904)، پرهيز نامو (1918)، نصيحت المسلمين (1920)، عبادت نامو (1922)، اسلام جا ٽيهتر فرقا (1923) وغيره.

24. **اسلامي قانون:** اسلامي قانون جا اصول سمجهائڻ لاءِ مرزا صاحب جون عالمانه ڪاوشون قابل تعريف آهن. ميراث المسلمين (1907)، اصول شرع محمدي (1915) ۽ ڏوهن جي قبولداري (1918) سندس اسلامي قانون تي لکيل عمده ڪتاب آهن.

25. **علم موسيقي:** موسيقي يا راڳ جو علم سيکارڻ لاءِ مرزا صاحب جيڪي به ڪتاب سهيڙيا اهي هي آهن: علم موسيقي (قلمي) (1922)، راڳ ۽ موسيقي تي ليڪچر (1922).

26. **تصوف:** مرزا صاحب مذهب سان گڏ تصوف تي به قلم کنيو. تصوف جي حقيقت ۽ ان جي فلسفي کي عيان ڪرڻ واسطي مرزا صاحب پورا پنج ڪتاب لکيا جن ۾ تصوف حقيقت ۽ تاريخي احوال (1922)، علم تصوف (1912)، تحفتہ السالڪين (1922)، صوفين جي ديوانگي يا مجذوبي حالت (1923) ۽ شطحيات صوفيا (1923) شامل آهن.

27. **ناول:** ناول صنف کي سنڌيت جي اصلوڪي رنگ ۾ سڀ کان پهرين متعارف ڪرائڻ واري هستي مرزا صاحب جي آهي. مرزا صاحب جا اصلوڪا ناول به آهن. سندس پهريون ناول "دلارام" آهي جيڪو 1887ع ۾ لکيائون ۽ ٻيو اصلوڪو ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جو شاهڪار ناول "زينت" آهي جيڪو 1890ع ۾ لکيائون. ٻن اصلوڪن ناولن کان علاوه مرزا صاحب مختلف ٻولين ۾ لکيل 30 ناولن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو.

28. **جادو ۽ سائنس:** مرزا صاحب جا هن موضوع تي لکيل ڪل پنج ڪتاب آهن جن ۾ جادو جي علم کان علاوه اهڙن موضوعن تي به بحث ڪيل آهي جن کي غيب جو علم تصور ڪيو وڃي ٿو. هنن ڪتابن مان ڪو به شايع نه ٿي سگهيو آهي. سندس ڪتاب هن ريت آهن: مفتاح الرمل (قلمي) 1924، علم رمل (قلمي) 1925، دستڪاري جادو (قلمي) 1927، لسان الغيب (قلمي) 1927، جادو ۽ سائنس (قلمي).

29. **فارسي زبان ۾ مختلف موضوعن تي لکيل ڪتاب:** مرزا صاحب فارسي ٻوليءَ ۾ نظم جا ڪتاب به لکيا ته نثر جا به. نثر جي حوالي سان مرزا صاحب جا فارسي ۾ لکيل

ڪتاب ۽ ان جا موضوع هن ريت آهن. قرآن جي موضوع تي علامات القرآن (قلمي) (1888)، حسب نسب تي گرجي نامہ (1909)، لسانيات تي جواهر اللسان (قلمي)(1872)، ٿياسافي تي اصول ٿياسافي (1923) وغيره.

30. **مضمون:** هن موضوع تي مرزا صاحب جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن پر انهن مان مشهور ڪتاب مقالات الحڪمت (1879) آهي جيڪو دراصل لارڊ بيڪن جي ڪتاب "Bacon's Essays" جو ترجمو آهي.

31. **علم دماغ:** دماغ جي علم جي حوالي سان مرزا صاحب 1925ع ۾ هڪ ڪتاب "علم قيافہ يا فرينالاجي" لکيو. هن ڪتاب ۾ دماغ سان متعلق اصطلاحن جي آسان لفظن ۾ با تصوير تشريح ڏنل آهي.

32. **انتظامي چاڻ:** انتظامي چاڻ تي مرزا صاحب ٻہ ڪتاب لکيل آهن. ڳوٺ جي وڏيرن ۽ ٻين ماڻهن لاءِ هدايتون (1897) ۽ رعيت نامو (1916). هي ڪتاب رعيت ۽ ان جي حاڪمن جي فرضن تي روشني وجهن ٿا.

33. **صحت ۽ حڪمت:** مرزا صاحب جي هن موضوع تي لکيل ڪتابن ۾ صحت ۽ تندرستي جا ڪئين راز ۽ مفيد نسخا قلمبند ڪيل آهن. صحت ۽ حڪمت تي لکيل ڪتابن مان ڪجھ نالا هي آهن. تعليم حڪمت تي ڀاڱا (1908)، تعليم صحت ڀاڱو پهريون (1912)، اسلام ۽ تندرستي (1927)، بيماريءَ جا سچا ۽ ڪوڙا سبب (قلمي) (1920) وغيره

34. **سنڌي زبان ۽ ادب:** سنڌي زبان ۽ علم ادب تي مرزا صاحب جا ڪتاب عالمانہ نثري تحريرون آهن، جيڪي ڪنهن تحقيق کان گهٽ نہ آهن. انهن مان سنڌي لٽريچر (1907)، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (1908)، سنڌي شعر جي تاريخ (1914)، سنڌي ويا ڪرڻ چار ڀاڱا (1916)، سنڌي گرامر وڏو (1921)، پهاڪن جي حڪمت (1925) وغيره قابل ذڪر آهن.

35. **نصابي ڪتاب:** ٻارن جي نصابي تعليم جي حوالي سان مرزا صاحب ڪيترائي موضوعاتي ڪتاب لکيا جهڙوڪ: اسلامي پهريون ڪتاب (1926)، ٻاراڻي تعليم

(1919)، انگي حساب درجہ پنجين لاءِ (1925)، سنڌ جي تاريخ تصويرن سان (1904)، جاگرافيءَ جا ڪي سبق (1887) وغيره.

36. **سير و سفر:** هن موضوع تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب لکيل آهي "ڏاڙهياري جبل جو سير". هي ڪتاب درحقيقت 7 جون 1885ع کان 13 جون 1885ع تائين ڏاڙهياري جبل جو سير ڪرڻ دوران سندس ڊائري ورڪ آهي.

37. **سانحہ ڪربلا:** ڪربلا جي سانحي جي متعلق مرزا صاحب جا ڪتاب هن ريت آهن: ڪربلا جو واقعو (قلمي) (1925)، ذبح عظيم 1953ع ۾ شايع ٿيو.

38. **اردو ڪتاب:** اردو زبان ۾ پڻ مرزا صاحب جا گھڻ موضوعاتي ڪتاب لکيل آهن. جهڙوڪ: قرآن ۽ حديث متعلق ڪتاب "تواريخ المقدس" (قلمي) (1923)، اردو ڊرامن ۾ "خورشيد" (قلمي) (1887)، "ليل و نهار عرف تقدير کا کهيل" (قلمي)، اردو ٻوليءَ متعلق "اردو زبان کي ترقي" (قلمي) (1918) وغيره.

39. **دنيا جا عجائبات:** دنيا جي عجائبات تي مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب لکيل آهي "عجائب غرائب" جيڪو ڇاڻ 1900ع ۾ لکيائون. هي ڪتاب 8 بابن تي مشتمل آهي جنهن ۾ عجيب حيوانات ۽ نباتا سان گڏوگڏ ماڻهن جون عجيب خصلتون، عادتون ۽ رسمون پڻ بيان ڪيل آهن.

40. **علم حيوانات:** مرزا صاحب جا علم حيوانات جي موضوع تي لکيل ڪتابن جا ڪجھ عنوان هي آهن: نانگ ۽ ٻيا سرڻا جانور (1895)، عالم آبي (1895)، جانور (1898)، پکي (1898)، علم حيوانات (قلمي) (1924) وغيره.

سنڌي نثر ۾ ڪيل سندس بي مثال ڪاوشن کي تسليم ڪندي پروفيسر منگھارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ لکي ٿو ته:

"مرزا صاحب جي خدمت نہ رڳو نثر نويسيءَ تائين محدود آهي، پر هو آئيندي جي نسل لاءِ اها رهنمائي ڪري ويو آهي، جنهن جو شڪريو قوم کي هر موقعي تي ادا ڪرڻو پوندو. بي.اي ۽

ايم.اي جي نصاب ۾ سنڌي هجي ئي نہ ها، جيڪڏهن سنڌ جو هيءُ علمبردار رهنمائي نہ ڪري ها.“[12]

مٿي موضوع وار نثري تحريرن جي روشنيءَ ۾ هيءَ ڳالهہ چوڻ بيجا نہ ٿيندي تہ سنڌي علم و ادب ۾ اڄ تائين ڪو بہ اهڙو اديب نہ آهي جنهن ايترن موضوعن ۽ ايترن ڪتابن کي پنهنجي قلم سان تخليق ڪيو هجي. اها واحد سڃاڻپ مرزا قليچ بيگ جي آهي جنهن سنڌي نثر کي ايترو مالامال ڪيو جنهن جو مثال ٽئو ملي. اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر غلام علي الانا مرزا صاحب کي ”سنڌي نثر جو ابو“ سڏيو آهي.

## مرزا قليچ بيگ بحيثيت مترجم:

ڪنهن بہ مواد، تحرير يا تقرير کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جي نالي کي ترجمو چيو ويندو آهي. ترجمي ۾ فقط لفظن کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل نہ ڪيو ويندو آهي بلڪہ هي دنيا جي ثقافتن کي ويجهو آڻي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو ذريعو بہ آهي. ترجمي سان ادب جي دنيا ۾ نوان لاڙا متعارف ٿيا ۽ لکڻ ۽ پڙهڻ جو هڪ نئون رجحان پيدا ٿيو جنهن سان قومن جي ذهني اوسر ۾ وسعت آئي ۽ ڪيترائي سماجي انقلاب پڻ برپا ٿيا. رسول بخش پليجو هن حوالي سان لکي ٿو تہ:

”اها ڳالهہ مشهور آهي تہ فرينچ انقلاب جو ٻج فرينچ اديبن ڇٽيو آهي. روسو، ڊيڪارٽ، والٽيئر ۽ ٻين بيباڪ اديبن پنهنجين لکيتن سان فرينچ عوام جي دماغن ۾ اها باهہ لڳائي ڇڏي، جنهن جي شعلن آخر فرانس جي جاگيرداري سماج کي ڀسم ڪري ڇڏيو. ساڳيءَ ريت ٿامس پين، جيفرسن ۽ ٻين آمريڪي اديبن کي آمريڪي انقلاب جو نقيب تسليم ڪيو ويندو آهي. مگر اها ڳالهہ ٿورن کي معلوم آهي تہ دنيا جا ڪيترائي سماجي ۽ ذهني انقلاب ترجمو ڪندڙن جي ڪاوشن جو نتيجو هئا. عباسي دور ۾ مرتجمن، يوناني اڪابرن جا فلسفي ۽ سياست بابت شاهڪار يونانيءَ مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪري اموي ۽ عباسي دور جي زواليت پذير ۽ تنگ نظر خيالن ۾ ٽرٽلو پيدا ڪيو ۽ اڳتي هلي ڪوجنا، ڳولا ۽ سوچ جو اهو نئون دور پيدا ڪيو، جنهن اسلامي دنيا کي غزالي، ابن رشد، رومي ۽ بو علي سينا جهڙا يگانا دانشور عطا ڪيا.“[13]

اهڙن دانشورن مان مرزا قليچ بيگ جو نانءُ سڀ کان مٿانهون آهي جنهن سنڌي ادب ۾ ترجمہ نگاري کي اوج تي پهچايو. جنهن دور ۾ سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب هئا، ان دور ۾ مرزا صاحب عالمي ادب جي گلشن مان هر قسم جا گل پٽي سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ وڌا. پاڻ مختلف ٻولين مان ناياب ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ سادن لفظن، سليس زبان ۽ پهاڪن، محاورن ۾ اهڙي تہ انداز سان ترجمو ڪيو آهي جو انهن ۾ سنڌيت جو روپ نمايان نظر اچي ٿو. نثر ۾ مرزا صاحب جيڪو بہ ادب ترجمو ڪيو آهي ان جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

نثر ۾ مرزا صاحب جي ترجما نگاري:

ترجمو هڪ ٻوليءَ جي ادب کي ٻي ٻوليءَ جي ادب سان ملائڻ جي هڪ پل آهي، جنهن جي ذريعي ٻنهي ٻولين جي ادب جا فڪري نُڪتا منتقل ٿين ٿا جنهن سان انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي ذهنن جي آبياري ٿئي ٿي. ان ڪري ادب جي اها پل اڏڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالھ نہ هوندي آهي. هي ڪم اهو ئي ڪري سگهي ٿو جيڪو ٻنهي ٻولين تي ۽ ان جي ادب تي خوب دسترس رکندڙ هجي. هڪ مترجم جڏهن ڪنهن علمي ۽ ادبي مواد کي ترجمو ڪندو آهي تہ ان وٽ سوچ، خيال، ڪيفيت، حالت، وقت ۽ ماحول اهو ساڳيو نہ هوندو آهي جن مان اصل ليکڪ گذريو هوندو. ليڪن ان جي باوجود پڙهندڙ جڏهن ترجمي کي پڙهندي اصلي تخليق جون لوازمات محسوس ڪندو آهي تہ ان مان ئي مترجم جي هنر جي ڪماليت جو پتو پوندو آهي ۽ اها ئي مترجم جي ڪاميابي هوندي آهي. ان ڪري ترجمو حقيقتاً تخليق کان ڪافي قدر ڏکيو هوندو آهي. هن فن ۾ ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن پنهنجو پاڻ ملهايو ليڪن انهن مان مرزا قليچ بيگ جنهن مقام تي پهتو ان کي ڪير بہ رسي نہ سگهيو.

مرزا صاحب ادب جي اها اُچَل آهي جنهن سنڌي ادب جي ميدان کي تخليق ۽ ترجمي سان اهڙو سيراب ڪري ڇڏيو جو اڄ تائين ادبي ميدان سرسبز ۽ شاداب آهي. سنڌي نثر ۾ مرزا صاحب تخليق کان وڌيڪ ترجمي کي اهميت ڏئي سنڌي ادب کي مالامال ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪثر نہ ڇڏي. دنيا جي ادب کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ پويان مرزا اصاحب جو اولين مقصد سنڌ جي ماڻهن کي دنيا جي علمن کان روشناس ڪرائڻ ۽ علمي، ادبي کوٽ کي پورو

ڪرڻ هو، جنهن جو ذڪر پاڻ پنهنجين ڪيترين ئي تصنيفن ۾ ڪيو اٿن. مرزا صاحب جي جي ترجمن جو مطالعو ڪجي ٿو ته ائين محسوس ٿئي ٿو ته انهن ۾ قلمبند ڪيل واقعا ۽ قصا چڻ سنڌ جي سرزمين تي رونما ٿيا هجن. انهن تحريرن ۾ سنڌي سماج جو چٽو عڪس جهلڪندي نظر اچي ٿو. سندس ترجما نگاري جي حوالي سان ڊاڪٽر اينميري شمل لکي ٿي ته:

”مرزا قليچ بيگ جي زندگي، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان کي ارپيل هئي. سنڌي شعر توڙي نثر جو خال پرڻ لاءِ هن مشرقي توڙي مغربي شاعرن، عالمن، اديبن، مفڪرن، دانشورن، فيلسوفن ۽ صوفين جي مختلف ڪتابن جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ انهن مان شعر توڙي نثر جا جوهر چونڊي، انهن جو آسان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، پنهنجن پڙهندڙن آڏو رکيا. هن اهڙو ڪوبہ موضوع ڪونهي ڇڏيو، جنهن تي سندس قلم نہ وهيو هجي. ڪيس جيڪو سٺو ڪتاب هٿ لڳو، تنهن کي جهول ۾ وڌائين. شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن کي بہ سڀ کان اول نثري صورت ۾ آندائين. بعد ۾ اهڙي تہ محارت سان ترتيب ڏنائين جو چڻ تہ انهن ڊرامن ۾ پيش ڪيل واقعا ۽ حادثا مقامي سرزمين ۾ ٿيل هجن. ان سان گڏ شرلاڪ هومز جي جاسوسي ناولن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ان کان سواءِ جرمنيءَ جي جنگ، چين ۽ اتي جا ماڻهو ۽ يورپ جا وڏا ماڻهو جهڙا ڪتاب بہ انهيءَ ساڳئي جذبي سان ترجمو ڪيائين، جنهن جذبي سان مقناطيسي ڪشش، سائنس جي حيرت ناڪ ڪارنامن ۽ سياسي اقتصاديات بابت لکيائين.“14

مرزا صاحب جي ترجما نگاري ٻين کان منفرد ۽ دلچسپ آهي. قدرت طرفان کيس ترجمي نگاري جو اهڙو ڏانءُ مليو جنهن جي تعريف ڪرڻ کان ڪو بہ عالم رهي نہ سگهيو. سندس ترجما نگاري جي فن تي هيٺ ڪجهه روشني وجهجي ٿي. مرزا صاحب جي ترجمي جو جوهر فقط هڪ صنف يا هڪ موضوع تائين محدود نہ هو جهڙي طرح ٻين اديبن جو هو. پاڻ قلم جي جنبش سان ڪيترن ئي ٻولين ۾ لکيل سوين موضوعاتي ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ جو سهڻو ويس ڍڪايائين. سندس هن قابليت ۽ مهارت سان ڪو بہ برميچي نہ سگهيو آهي. پاڻ ادب جي جن نثري صنفن ۽ موضوعن ۾ مترجم جا فرض ادا ڪيا انهن ۾ ڪجهه ڪتاب مثال طور هيٺ ڏجن ٿا.

زراعت جي موضوع تي ”درين جي گلزاري“ (ترجمو)، اينٿروپولاجي جي علم تي ”انساني سڌارن جي تاريخ“ (ترجمو)، ٻاراڻي آکاڻين ۾ ”وامق ۽ عذرا“ (ترجمو)، عيسائيت تي ”متا (متي) جو انجيل“ (ترجمو)، ڊرامن ۾ ”گلزار ۽ گلنار“ (ترجمو)، ”انڪوائري آفيسر“ (ترجمو)، علم معاشيات تي ”اصول علم دستورالمعاش“ (ترجمو)، اخلاقيات جي عنوان تي ”ڪيميائي سعادت“ (ترجمو)، روحاني تعليم تي ”حاجتمنديءَ مان طاقت منڊي“ (ترجمو)، ماءُ ۽ ٻار جي تربيت بابت ”مائون ۽ ٻار“ (ترجمو)، جاگرافي جي موضوع تي ”ايٽلانٽس“ (ترجمو)، علم فقہ تي ”فقہ جا عجيب مسئلا“ (ترجمو)، ناولن ۾ ”گلن جي ٽوڪري“ ( ترجمو)، ”بابا دل“ (ترجمو)، مضمونن جي صنف تي ”مقالات الحڪمت“ (ترجمو) وغيرہ.

مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل ادبي ذخيري ۾ تحرير جو نمونو نرالو آهي. انيڪ موضوعن تي ترجمو ڪيل سندس ڪتابن ۾ تحرير جون ڪيتريون ئي اهڙيون خوبيون آهن جن جي ڪري پڙهندڙ کي مطالعي جو شوق ٿئي ٿو. هيٺ انهن مان ڪجھ خاصيتن جو ذڪر ڪجي ٿو.

1. مرزا صاحب جنهن بہ صنف ۾ جنهن بہ موضوع تي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن انهن ۾ ٻوليءَ جو استعمال نهايت نرالو آهي. اهو ترجمو چاهي انگريزي، عربي، فارسي يا اردو مان ڪيل هجي ليڪن سنڌيءَ ۾ ڪيل ان ترجمي ۾ ايترا تہ آسان لفظ استعمال ڪيل آهن جو انهن کي پڙهندي لغت جي ضرورت نٿي پوي. سليس زبان ڪان سواءِ مناسب جاين تي سنڌي ٻوليءَ جا محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون اهڙي تہ انداز ۾ ڏنل آهن جو اصل متن جو مطلب ۽ مفهوم پڙهندڙ اڳيان واضح ٿيو وڃي. سندس ترجمو ڪيل مضمونن جي ڪتاب ”مقالات الحڪمت“ بابت خان بهادر محمد صديق ميمڻ لکي ٿو تہ: ”جنهن زماني ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ وقت اسڪولن ۾ پهاڪا، اصطلاح ۽ تمثيلات جي ٻوليءَ جو تمام ضروري ڀاڱو آهن تن تي ڌيان ئي ڏيڻ ۾ ڪو نہ ايندو هو، نڪو انهن بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو ڪتاب ئي شايع ٿيل هو، تنهن زماني ۾ پهاڪن، اصطلاحن ۽ تمثيلات ڀريل يا فصاحت سان ڀريل سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو بي نظير ڪتاب لکڻ ڏيکاري ٿو تہ نثر نويسي خدائي ڏات طور ڪڇيءَ ڪان ئي مرزا کي عطا ٿيل هئي.“[15]

2. ترجمن جي عبارت ۾ رواني ۽ واقعن جو تسلسل آهي. هن حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته: ”مرزا صاحب به گولڊ سمٿ وانگر سنڌ جي عوام کي سليس ٻوليءَ ۾ نثر ڏنو. سندس نثري جملن ۾ نزاڪت، سلاست، سندرتا ۽ ڪوملتا کان سواءِ سندس عبارت ۾ رواني، ٻوليءَ ۾ رس ۽ مٺاج ڀريل آهي. سندس ڪو به جملو تڪلف وارو نه آهي.“16

3. مرزا صاحب جيڪي به ڪتاب ترجمو ڪيا، اهي لفظ به لفظ ترجمو نه ڪيا اٿس، بلڪ اصل لکتن مان صرف مطلب، مفهوم ۽ موضوع کي اڳيان رکي اهڙي انداز ۾ ترجمو ڪيو اٿس جو اهي ترجمو گهٽ ۽ اصلوڪا وڌيڪ لڳن ٿا.

4. ترجمن جي هڪ خاص خوبي اها به آهي ته انهن ۾ ڳوڙهن خيالن کي تمام آسان زبان ۾ اهڙي طرح کولي سمجهايو ويو آهي جو قاري کي پڙهڻ وقت ڪا به مُنجهه يا مشڪل نٿي ٿئي. انهن جي مطالعي سان قاريءَ پڻ ترجمي ۾ موجود اونها خيال پين کي آسان طرح سمجهائڻ جي قابل ٿئي ٿو.

مرزا صاحب ترجمي جي ذريعي جديد ادب کي سنڌي زبان ۾ آڻي، سنڌي قوم کي جديد رجحانن طرف راغب ڪرڻ جي عالمانا ڪوشش ڪئي آهي. نظم توڙي نثر ۾ سندس ترجما نگاري جي هنر ۽ اهميت جو سڀ ڪو مداحي آهي. مرزا صاحب جي ترجمي جي اهميت کي سنڌ جي سيلاني الطاف شيخ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”ترجما ادب ۾ اهم رول ادا ڪن ٿا. ڌارئين زبان جو ادب پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ وڏو سک آهي. مرزا قليچ بيگ جهڙي عظيم انسان اسان کي ٻين ملڪن جي اديبن جي لکڻين کان واقف ڪرائڻ لاءِ تمام گهڻا ترجما ڪيا آهن. اهو سندن سنڌي ٻوليءَ تي تمام وڏو احسان آهي.“17

مرزا قليچ بيگ، بحيثيت ترجما نگار، جيڪو به ادب ترجمو ڪيو ان ۾ بين الاقوامي شهرت يافته اديبن جا شهه پارا شامل آهن جن ۾ ادب جا نوان لاڙا، نوان موضوع ۽ نوان نظريا موجود هئا. هي ان دور ۾ لکيا ويا جڏهن دنيا ۾ ادبي تحريڪن جو سمنڊ اٿليل هو ليڪن سنڌي ادب ان کان ڪئين ڏور فاصلي تي بيٺل هو. ان دور ۾ ماڻهن ۾ ادبي، تعليمي ۽

سماجي شعور بيدار ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب ترجمي جي تحريڪ هلائي ۽ دنيا جي ادب کي سنڌي ادب سان ڳنڍي ڇڏيو. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ۾ لکي ٿو ته:

"مجموعي طور مرزا قليچ بيگ جي نثر ۾ اصلاح پسندي، سيرت نگاري، اخلاق ۽ تقدير جو فڪر موجود آهي. ساڳئي وقت مرزا صاحب جي شخصيت همه گير آهي. پاڻ جديد ۽ قديم جي سرحد تي بيهي ادب جي پنهي رجحانن جو ميلاپ اسان اڳيان آندائين. جيتوڻيڪ مرزا صاحب انگريزي ادب سنڌ ۾ متعارف ڪرايو، جيڪو جديد سماجي مسئلن ۽ اصلاح پسنديءَ تي مبني هو، پر تنهن هوندي به سندس طبعزاد لکڻين ۽ مجموعي روين مان اسان کي صوفيت جا لاڙا ملن ٿا."[18]

مرزا صاحب اهڙو ڪوبه موضوع نه ڇڏيو جنهن کي ترجمو ڪري سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ نه آندو هجيس. اهو ئي سبب آهي جو ادبي دنيا ۾ مرزا قليچ بيگ جي دور کي ترجمي جو دور جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

## مرزا صاحب بحيثيت ناول نگار:

انگريزي لفظ ناول "Novel" اصل ۾ اطالوي (اٽالين) ٻوليءَ جي لفظ "Novella" تان اخذ ڪيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "نئون يا نئين شيءِ". ناول صنف جي تخليق کان اڳ ۾ داستان ۽ قصا رائج هئا جن ۾ ڏند ڪٿائون بيان ڪيون وينديون هيون. ان ۾ موجود ڪردار مافوق الفطرت هوندا هئا جن جو مقصد وندر ۽ تفريح هو. هر داستان يا قصو سبق آموز هوندو هو. وقت گذرڻ سان انسان جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ وڏو ڦيرو آيو. مشينون ۽ صنعتون وجود ۾ اچڻ لڳيون ۽ ايئين سوچن، خيالن ۾ تبديلي رونما ٿي جنهن انهن داستانن ۽ قصن مان مافوق الفطرت ڪردارن کي ڪڍي انهن کي زندگيءَ جو حقيقي روپ ڏئي پيش ڪيو جنهن کي ناول يعني نئين ڳالهه يا نئين شيءِ جو نالو ڏنو ويو. ناول زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ هڪ ادبي صنف آهي جنهن ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا سماجي پهلو نمايان نظر اچن ٿا. هن ۾ جن، ديو، پريون ۽ جادوئي ڪردارن جي جاءِ تي زينت، شهربانو، هنرئيتا، ميري، علي رضا، حاجي بابا، رالف ڊگلس، فرڊ ننڊ ۽ جين وليجان وغيره جهڙن عام رواجي ڪردارن جي ذريعي

حقيقي زندگيءَ جي ترجماني ڪئي وئي. ان حوالي سان موراساڪي شڪيبو ( Murasaki Shikibu) جو ٽيل ”آف جينجي Tale of Genji“ (1010)، ڊان ڪئگزوٽ (Don Quixote) جو ”سروانٽس Cervantes“ (1605)، ڊينئل ڊيفو (Daniel DeFoe) جو ”رابنسن ڪروزو Robinson Crusoe“ (1719) ۽ سيموئل رچرڊسن (Samuel Richardson) جو ”پاميلا Pamela“ (1740) هن نئين صنف کي متعارف ڪرائڻ جي اوائلي ۽ بنيادي ڪوشش ۾ شمار ٿين ٿا. وقت گذرڻ سان ناول جي صنف پڪي ۽ پختي ٿيندي وئي ۽ جديديت جو روپ اختيار ڪري سماجي انقلاب جو مضبوط هٿيار ثابت ٿي. پنهنجي اهڙي ڪرشماتي اثرن رکڻ ڪري ناول ترجمي جي ذريعي انگريزي ادب مان سنڌي ادب ۾ پير پاتو. سنڌي ادبي کيتر ۾ اهو پهريون ناول ڊاڪٽر سيميوئل جانسن جو ”Rasellas, Prince of Abyssinia“ (1759) هو جيڪو ساڌو نولراءِ ۽ منشي اڌارام ٿانورداس 1870ع ۾ ”راسيلاس، حبش جو شهزادو“ جي نالي سان ترجمو ڪيو. ليڪن سنڌيءَ ۾ اصلوڪو ناول متعارف ڪرائڻ جو شرف مرزا قليچ بيگ کي حاصل آهي، جنهن 1887ع ۾ ”دلارام“ لکي سنڌي ادب ۾ طبعزاد ناول لکڻ جو رواج وڌو جيڪو اڄ تائين قائم آهي.

ناول جي صنف ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو دنيا جي مشهور ناول نگارن جي صف ۾ شمار ٿئي ٿو. مرزا صاحب ناول جي نه فقط آبياري ڪئي پر ان کي سنڌي ادب ۾ پروان به چاڙهيو ۽ هر نندي توڙي وڏي جي توجهه جو مرڪز بنايو. ناول جوڙڻ جا بنيادي عنصر پلاٽ، ڪهاڻي، منظر نگاري، مڪالمه نگاري، ڪردار نگاري، عبارت آرائي، زمان ۽ مڪان آهن جن جي جوڙ جڪ ئي ناول جي جان هوندي آهي. هي جيترا منظم هوندا ناول اوترو ئي دلچسپ، پر اثر پر لطف ۽ ڪامياب سمجهيو ويندو آهي. مرزا صاحب جي ناولن جو اگر جائزو وٺبو ته انهن ۾ مٿي بيان ڪيل عنصر تمام جٽاءَ دار نظر ايندا. طبعزاد ناولن جي مقابلي ۾ ٻي ٻوليءَ تان ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ دراصل طبعزاد ناول لکڻ کان انتهائي ڏکيو ڪم هوندو آهي جو ان ۾ ناول جي ساخت ۽ ان جو گهاڙيٽو نهايت متاثر ٿيندو آهي ۽ ان مان اصل لوازمات جهڙوڪر ختم ٿي ويندا آهن. ليڪن مرزا صاحب جا ناول جن ۾ اڪثريت ترجمن جي آهي ناول جي فني خوبين تي نه رڳو پورو لهن ٿا پر پڙهڻ سان انهن مان اهائي لوازمات

حاصل ٿئي ٿي. سندس ناولن ۾ ڪردار نگاري چارلس ڊڪنس جي ناولن جيان آهي جن کي پڙهڻ سان ايئين لڳندو آهي ڄڻ تہ اهي پيجن تي هلي رهيا هجن.

مرزا قليچ بيگ جو ناول نويسيءَ طرف لاڙو:

هن صنف کي سنڌيءَ ۾ مرزا صاحب ان وقت متعارف ڪرايو جڏهن دنيا ۾ اها عروج تي پهچي چڪي هئي، يورپ جي ماڻهن جون زندگيون ان کان متاثر ٿي رهيون هيون ليڪن سنڌي ادب ۾ ان جو صرف هڪ ترجمو موجود هو. سنڌي ادب ۾ هن نئين صنف جي شديد کوٽ کي محسوس ڪندي ۽ ان دور جي ماڻهن جي سڌاري کي مدنظر رکندي مرزا صاحب کي ادب جي هن صنف تي قلم کڻڻ جي انتهائي ضرورت محسوس ٿي. هن ڳالھ جو ذڪر مرزا صاحب پنهنجي پهرئين اصلوڪي ناول "دلارام" جي ديباچي ۾ هن طرح ڪيو آهي:

"اهڙا ڪتاب، جن کي هن زماني ۾ ناول ڪري سڏين ٿا، سي ٻين ملڪن ۾ تمام گهڻا آهن، روز بروز پيا جڙن، مگر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪتاب گهڻا ناهن. اميد آهي تہ هي ٿورا ورق پڙهي گهڻن کي خوشي حاصل ٿيندي ۽ اهڙي مضمون تي خيال ڊوڙائيندا، جو انهيءَ مان زماني جي حال چال خواه ماڻهن جي خيال جو سڌارو ٿيندو."[19]

مرزا صاحب حساس طبيعت جو مالڪ ۽ ٻين جو احساس ڪندڙ هو. ماڻهن جي ذهني پست حالي ۽ پٺتي پيل سنڌي سماج جو درد رکندڙ انسان هو. هن سماجي براين جي پاڙ پٽڻ ۽ ماڻهن کي جديد سوچ ۽ شعور سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ ناول کي وسيلو بڻايو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجي پي.ايڇ.ڊي جي ٿيسز "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" ۾ سڀني ناول نگار جي خوبيءَ بابت لکيو آهي تہ:

"ناول زندگيءَ جو آئينو آهي ۽ ناول نگار ان جي مدد سان دلي جذبا ۽ لاڙا جيڪي هن ۾ فطري طور اڀرندا آهن يا اٿپن ٿيندا آهن، تن کي فني قابليت سان پيش ڪري ٿو. هو جيڪي بہ تجربا حاصل ڪري ٿو انهن کي پيش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪي واقعا پيش ڪري ٿو، اهي معاشري جي روزمره جي زندگيءَ ۾ ٿيندا رهندا آهن."[20]

مرزا صاحب به نبض شناس ۽ سنڌي سماج جي حالتن کان خوب واقف هو. ان ڪري پنهنجن ناولن ۾ مرزا صاحب نه صرف ماڻهن جي سوچن ۽ ان دور جي ماحول جو عڪس پيش ڪيو آهي، بلڪ ان جي سڌاري لاءِ نوان گس به ٻڌايا آهن. بحيثيت ناول نگار، مرزا صاحب جن جن تڪليفن ۽ تجربن مان گذريو انهن کي ڪردارن جي ذريعي بيان ڪيو آهي. ان ڪري ناولن ۾ سندس زندگيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر چندو لعل جئسنگهاڻي مرزا صاحب جي ناول نويسيءَ بابت لکي ٿو ته:

"ناول نويس کي ٻن پاڱن ۾ ورهائي ٿو سگهجي. هڪڙا ناول نويس گهٽنائن توڙي ڪردارن مٿان حاوي هوندا آهن ۽ انهن جون ڏوريون پنهنجن هٿن ۾ رکندا آهن ۽ پاڻ انساني روپ ۾ شريڪ ٿي گهٽنائن ۽ ڪردارن جي سجاڻپ ڪرائيندا آهن. ٻيا ناول نويس ناول جي پهرين صفحي کان وٺي پوئين صفحي تائين پاڻ کي لڪل رکندا آهن ايتريقدر جو ظاهر ظهور پنهنجي شخصيت جو ڪردارن توڙي گهٽنائن مٿان پاچو به اچڻ نه ڏيندا آهن. پوئين قسم جي ناول نويسن کي غير ذاتي ناول نويس ڪوٺي سگهجي ٿو. غير ذاتي ناول نويس کي جيڪي به چوڻو هوندو آهي سو پاڻرن کان چوائيندو آهي يا گهٽنائن يا ماحول ذريعي ظاهر ڪندو آهي. مرزا قليچ بيگ پهرئين قسم جو ناول نويس آهي. هو ضروري مهلن تي ناول ۾ پر گهٽ ٿئي ٿو ۽ ڪردارن ۽ گهٽنائن جي پڇاڻ ۽ سمجهاڻي ڏئي ٿو. اهڙي قسم جي ناول کي حڪايتي ناول ڪري چئبو آهي. زينت ناول حڪايتي ناول آهي."[21]

مرزا صاحب ماڻهن جي ذهني لاڙن ۽ معاشري ۾ وڌندڙ خرابين کان چڱيءَ ريت با خبر هو. سندس اڳيان سنڌي سماج جي مايوس ڪن صورتحال واضع هئي. اهڙي ماحول ۾ رهندي مرزا صاحب ماڻهن توڙي معاشري جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ناول صنف تي طبع آزمائي ڪئي ۽ دنيا جي مقبول ناولن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ته جيئن هر عام و خاص انهن ناولن مان فائدو حاصل ڪن.

مرزا قليچ بيگ جا اصلوڪا ناول:

مرزا صاحب ٻه طبعزاد ناول لکيا، هڪ دلارام ۽ ٻيو زينت. د"لارام" مرزا صاحب جو پهريون اصلوڪو ناول آهي جيڪو11 بابن تي مشتمل آهي. هي ناول مرزا صاحب 1 جون

1887ع ۾ ان وقت لکيو جڏهن سندس منزل وارھ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هئي. هي ناول سنڌي ۾ اصلوڪي ناول لکڻ جي پهرين ڪوشش آهي، جنهن ۾ انساني ڪردارن جي روپ ۾ نيڪي ۽ بديءَ مان حاصل ٿيندڙ نتيجن کي پڙهندڙن اڳيان واضع ڪيو ويو آهي. هن ناول جا مرڪزي ڪردار بادشاھ جهاندار شاھ، بادشاھ شاھ عادل، جهاندار شاھ جي شهزادي دلارام، شاھ عادل جو شهزادو بهرام، ۽ جهاندار شاھ جي وڏي وزير عظيم خان جو پٽ جهان بيگ آهن جن جي ذريعي مرزا صاحب نصيحت جا هي نڪتا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪاوڙ ۽ غصو ماڻهوءَ جي پشيمانيءَ جو سبب بنجن ٿا، نيڪيءَ جي واٽ تي هلي انسان اصلي خوشي ماڻي ٿو ۽ بديءَ جو رستو ماڻهوءَ کي بربادي ۽ تباهي ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

اهڙي طرح سان ٻيو اصلوڪو ناول زينت آهي جيڪو مرزا صاحب 1 آڪٽوبر 1890ع ۾ لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ ڪل 20 باب آهن. مرزا صاحب جو هي حڪايتي ناول دور جديد جي تقاضائن تي پورو لهندڙ آهي. هي ناول جيتوڻيڪ 130 سال اڳ جو لکيل آهي ليڪن اڄ بہ موجوده دور جو ترجمان آهي جنهن ۾ صنفي برابري، نياڻي جي تعليم جي اهميت، فضول رسمن کان بيزاري، پڙهيل لکيل زال مڙس جا معاشري تي اثر، ڪفايت شعاري ۽ سگهڙ زال جو ڪٽنب تي اثر جهڙا اهم موضوع بيان ڪيل آهن. ان ڪري ڊاڪٽر غلام علي الانا هن ناول لاءِ چوي ٿو تہ هي ڪتاب هڪڙي باعزت ڪٽنب لاءِ بي بها تحفو آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جلد ٽئين ۾ لکي ٿو تہ:

”هي ناول سنڌي زبان جو شاهڪار ناول آهي، جتي بهترين ڪتابن (Best Books) جي ڳالھ نڪري ٿي تہ اتي زينت جو نالو اول اچي ٿو. هي هڪ طبعزاد ۽ مقصدي ناول آهي. مسلمان ڪٽنب ۾ زينت جهڙي سگهڙ چوڪريءَ جو مثال وٺڻ جهڙو ڪرادر سنڌي ادب ۾ هن وقت تائين آيل ڪردارن ۾ نمايان آهي.“[22]

مرزا قليچ بيگ جا اصلوڪا ناول زندگيءَ جا حقيقي رنگ ظاهر ڪن ٿا. زينت بہ اهڙو ناول آهي جنهن ۾ مرزا صاحب جي پنهنجي زندگيءَ جا عڪس قلمبند ڪيل آهن.

سندس اصلوڪن ناولن ۾ جيتوڻيڪ اتفاق جو عنصر جهجهو موجود آهي، ليڪن پوءِ به اهي فرد توڙي سماج جا سٺا ترجمان آهن.

مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ناول:

مرزا صاحب جا ڪل 32 ناول مرزا قليچ بيگ چيئر پاران جوڙيل ڪئٽالاگ ۾ ڄاڻايا ويا آهن، جن مان ٻه اصلوڪا ۽ 30 ترجمو ڪيل ناول شامل آهن. انهن ترجمو ڪيل ناولن مان **9** ناول ڪئٽالاگ موجب اڻ لڀ ۽ **2** ناول قلمي صورت ۾ آهن. ترجمو ڪيل ناولن ۾ "**هندستان جون ديسي آکاڻيون**" ۽ "**عجيب ڳالهيون**" مختصر آکاڻين تي مشتمل ڪتاب آهن جيڪي ناول جي وصف کان ٻاهر آهن. ان کان علاوه "**نصيب پنهنجي وس**" پڻ پنهنجي نوعيت ۾ مضمون جو ڪتاب آهي. ان ڪري ترجمو ڪيل ناولن جو صحيح تعداد 30 آهي. اهڙي طرح مرزا صاحب جا ڪل 32 ناول آهن. سندس ترجمو ڪيل ناول هن ريت آهن: 1. يوسف ۽ فاطمه (هيملٽن ۽ ڪئٽ) قلمي 1909ع 2. گلن جي ٽوڪري 1911ع 3. شرلاڪ هومز جا عجيب غريب ڪم 1911ع 4. آزار مان آرام 1912ع 5. ٽي گهر 1912ع 6. سچو سک 1912ع 7. لڇمي / لڪشمي 1913ع 8. سسيءَ کان سواءِ ڏڙ (اڻ لڀ) 1914ع 9. بابا دل 1914ع 10. شيطان جو مريد 1914ع 11. حاجي بابا اصفحاني 1914ع 12. لوسي (اڻ لڀ) 1914ع 13. ملڪ زنوبيه 1914ع 14. راحيل 1914ع 15. عجيب الماس (اڻ لڀ) 1914ع 16. سچي محبت 1914ع 17. رجب پاشا (اڻ لڀ) 1915ع 18. ڪادامبري 1916ع 19. دل جو آرام ۽ عجيب دوا 1916ع 20. سئنڊ فرڊ ۽ مرٽن 1916ع 21. مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا 1917ع 22. غلاميءَ مان مٽي چاڙهو 1918ع 23. ايرڪ 1919ع 24. جولئن هوم 1919ع 25. گليور جو سير ۽ سفر 1920ع 26. جهڙو خيال تهڙو حال (اڻ لڀ) 1922ع 27. رابنسن ڪروزو (قلمي) 1924ع 28. حسينه بيگم (اڻ لڀ) 1928ع 29. هڪڙي ڏکاري دوست ڏانهن معذرت جو خط (اڻ لڀ) 30. سنڌ باد جهازي (اڻ لڀ).

هن تحقيق ذريعي اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته مٿي ڄاڻايل 9 اڻ لڀ ناولن کان علاوه ٻيا 11 ناول اهڙا آهن جيڪي هاڻ ناياب ٿي چڪا آهن. انهن ۾ **1.** آزار مان آرام **2.** سچو سک **3.** بابا دل **4.** شيطان جو مريد **5.** ملڪہ زنوبيہ **6.** راحيل **7.** ڪادامبري **8.** دل جو آرام **9.** سئنب فرڊ ۽ مرڻن ۽ ٻہ مٿي بيان ڪيل قلمي ناول بہ شامل آهن.

مرزا صاحب جا هي ناول اصلاح، اخلاق، تعليم، نيڪي، بدي، محنت، صبر، سلوڪ، صحبت، محبت، سچائي، وفاداري، ثابت قدمي ۽ زندگيءَ جي ٻين انيڪ موضوعن تي مبني آهن. هي ناول مايوسيءَ ۾ اميد جي لاٽ آهن ته دل شڪسته وارن لاءِ حوصلو ۽ اتساهہ جو ذريعو آهن. ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ غريب، ڏتڙيل ۽ غلاميءَ جي زندگي گذاريندڙ ماڻهن لاءِ هڪ پرجهلو آهي. هي ناول دراصل بڪر واشنگٽن جي آتم ڪهاڻي آهي جيڪا ليکڪ ناول جي گهاڙيٽي ۾ لکي آهي. هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن هڪ ٻار غلامي واري زندگيءَ مان نڪري اعلىٰ مرتبي تي پهچي ٿو. ناول جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته بڪر واشنگٽن جو اعلىٰ مقام تي پهچڻ جو راز همت، محنت، پر اميد، بردباري، ثابت قدمي، ٻين جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ جو جذبو ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي جستجو آهي. هي ناول پڙهندڙ کي محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ تي اتساهي ٿو ۽ کيس Optimistic بنائي ٿو.

ناول ”مصيبت ماريا سائينءَ سنوواريا“ انساني روين جي موضوع تي اڏيل آهي. هي ناول جين وليجان نالي هڪ اهڙي انسان جي باري ۾ آهي جيڪو غربت ۽ بک کان هڪ ماني چوري ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ 19 سال قيد ڪاٽي ٿو ۽ جڏهن آزاد ٿي اچي ٿو ته سماج ان کي قبول نٿو ڪري. ماڻهن جو اهڙو ورتاءُ کيس باغي ڪري ٿو ليڪن نيڪ پادري چارلس مريل جي واعظ ۽ خوش اخلاق کان متاثر ٿي چوري جي ڏوهہ کان توبهہ ڪري ٿو ۽ باقي زندگي ٻين ڪاڻ جيئي ٿو. هن ناول جا ٻيا اهم ڪردار هي آهن: فنٽائن (ڪاسيٽ جي غريب ماءُ)، يوفريسي عرف ڪاسيٽ (فنٽائن جي ڌيءُ)، ميريس (جارج پانٽمرسي جو نيڪ ڪردار پٽ ۽ ڪاسيٽ جو مڙس)، فاشل ونٽ (جين وليجان جو دوست)، ٿيناربيئر (ڪاسيٽ کي پئسن عيوض پاليندڙ لالچي ۽ چور)، جاورٽ (پوليس انپيڪٽر).

ٻارن جي تعليم، پرورش ۽ انهن سان ورتاءُ جي موضوعن تي مرزا صاحب جا ناول ”ٽي گهر“، ”ايرڪ“ ۽ ”جولئن هوم“ هر عمر وارن لاءِ مفيد آهن. ناول ”ٽي گهر“ گهريلو سماجيات

تي مشتمل آهي جنهن جا بنيادي طور ٻه پهلو آهن. هڪ آهي ٻارن جو والدين سان رويو ۽ ٻيو آهي والدين جو ٻارن سان سلوڪ. ناول ۾ هيءَ نصيحت ڏني وئي آهي ته ٻارن جو پنهنجن وڏڙن ۽ مائٽن سان فرمانبرداري ۽ سعادتمنديءَ سان پيش اچڻ ۽ والدين ۽ بزرگن جو پنهنجن ٻارن سان شفقت ۽ محبت سان پيش اچڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. ان کان علاوه "ايرڪ" ناول خاص طور شاگردن جي تعليم ۽ اسڪول ۾ انهن جي رويي تي روشني وجهي ٿو. هن ۾ ٻارن سان گڏ والدين لاءِ به هدايتون ڏنل آهن جن تي عمل ڪري هو ٻارن جي سٺي پرورش ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته "جولئن هوم" ۾ ٻارن جي ڪاليج واري زندگيءَ جا پهلو ڏيکاريل آهن.

اهڙي طرح "حاجي بابا اصفحاني" ناول ۾ جيمس موريئر ايران جي بادشاهه فتح علي شاهه جي دور جو مالي، قومي ۽ اخلاقي احوال ڏنو آهي. هن ناول جو موضوع هي آهي ته هن دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ڪيترين ئي تڪليفن ۽ پريشانيون اچن ٿيون جن جو همت، ڏاهپ ۽ محنت سان مقابلو ڪري ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿو ۽ سکن جو پاڪر حاصل ڪري سگهي ٿو. ان کان علاوه محبت ۽ وفاداري جي موضوع تي اڏيل "سچي محبت" پر لطف ۽ دل موهيندڙ ناول آهي. هن ناول ۾ فرڊننڊ آرمن ۽ هئنريٽا ٽيمپل جي سچي محبت جو داستان آهي. جيئن ته سچي محبت ۾ محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڏک ڏورڻا پون ٿا ۽ ڪيترن ئي چئلينجن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. هيءُ ناول به انهن مڙني پهلوئن تي روشني وجهي ٿو. هن ناول جا اهم ڪردار فرڊننڊ (هئنريٽا ٽيمپل جو سچو عاشق)، هئنريٽا ٽيمپل (ٽيمپل جي ڌيءَ)، سر رئٽ ڪلف آرمن (فرڊننڊ جو پيءُ)، ڪانسٽنس عرف ليڊي آرمن (فرڊننڊ جي ماءُ)، ٽيمپل (هئنريٽا جو پيءُ)، ائڊرين گلئسٽن بيري (سر رئٽ ڪلف جو دوست)، ڪئٿرائن (فرڊننڊ جي ماروٽ)، لارڊ مانٽفرڊ (هئنريٽا جو مڱيندو) آهن.

مرزا صاحب جي ناول نگاريءَ جون ڪجهه خوبيون هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

1. مرزا صاحب بحيثيت ناول نگار جيڪي به ناول ترجمو ڪيا اهي لفظ به لفظ ترجمو ڪيل نه آهن. بلڪه انهن ناولن ۾ ڏنل خيالن کي مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز ۾ بيان ڪيو آهي جو اهي ترجمي کان وڌيڪ اصلوڪا محسوس ٿين ٿا. چاڪاڻ جو انهن ۾ سليس ۽ سهڻي عبارت کان علاوه سنڌي اصطلاحن جو به مناسب استعمال ڪيو اٿس، جنهنڪري پڙهندڙ جي زبان پڙهندي نٿي ٽڪجي.

2. مرزا صاحب جي اصلوڪن توڙي ترجمو ڪيل ناولن ۾ شروع کان آخر تائين تجسس جو عنصر سمايل آهي. ناول چاهي ”دلارام“ هجي يا ”ٿي گهر“، پڙهندڙ جڏهن پهريون صفحو پڙهي ختم ٿو ڪري ته ٻئي صفحي پڙهڻ لاءِ هو ماندو رهي ٿو. اهڙي طرح سان هو هڪ باب کان ٻئي باب تائين ۽ ٻئي کان آخري باب تائين هڪ ئي نشست ۾ پڙهي پورو ڪري ٿو ته جيئن ناول جي پڇاڙيءَ کان بخوبي واقف ٿي سگهي. ناولن ۾ تجسس جو اهڙو ته اثر رکيل آهي جو اگر انهن کي آخر کان يا وچ مان پڙهجي ٿو ته پڙهندڙ جي دل ۾ منڍ کان پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو.

3. بقول ورجينيا جي، ”ناول خصوصاً عام ماڻهن جي جذبات کي بيدار ڪندو آهي.“ مرزا صاحب جا مڙئي ناول سنڌس ناول نگاريءَ جو بهترين نمونو آهن. انهن ناولن ۾ هڪ خاص خوبي اها آهي جو اهي مطالعو ڪندڙ جي ذهن مان دقيانوسي خيالن، تنگ سوچ، مايوسي ۽ نا اميدي جي وهمن کي ڪڍي ان کي روشن خيالي، خود ارادي، خود اعتمادي ۽ پر اميد امنگن سان همڪنار ڪن ٿا. سنڌس اڪثر ناول اخلاقي، اصلاحي ۽ ڪردار سازي تي مبني آهن جيڪي نيڪي، ايمانداري، ديانتداري، ثابت قدمي ۽ صبر ڪرڻ جي نه رڳو تلقين ڪن ٿا پر انهن عملن تي پيروي ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن کي بيدار به ڪن ٿا ته مثبت تبديلين کي زندگيءَ ۾ اپنائڻ لاءِ اتساهيندا ۽ همٿائيندا به رهن ٿا.

4. مرزا صاحب جا ناول ماڻهوءَ جي دل، دماغ ۽ شخصيت تي سحر انگيز اثر رکن ٿا. سنڌس اصلوڪن ۽ ترجمو ڪيل ناولن جا موضوع زندگيءَ جي مختلف پهلوئن مان اخذ ڪيل آهن. ان ڪري هر پڙهندڙ پنهنجي پاڻ کي ناول جي ڪردارن ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ ناول کي پنهنجي زندگيءَ جي ترجماني سمجهي ٿو.

5. هڪ سٺي ناول نگار جي اها خوبي آهي ته هو ناول ۾ صرف مڪالمن کي فوقيت ناهي ڏيندو پر انهن مڪالمن جي پسمنظر ۾ منظر نگاري تي پڻ خوب ڌيان ڏيندو آهي، ۽ منظر نگاري مان ئي ناول نگاري جي فن جي خبر پوندي آهي. مررزا صاحب جو ڪو به ناول پڙهي ڏسو، ان ۾ ڪٿي به مڪالمن جو منظر نگاريءَ سان تضاد ڏسڻ ۾ نه ايندو. بلڪ، پڙهندڙ ناول ۾ چٽيل ماحول، وقت ۽ پهر کي ائين محسوس ڪري ٿو گويا اهو

منظر يا ڏيک هن پنهنجي اکين سان ڏٺو هجي. منظرنگاريءَ جو اهڙو هڪ نمونو ناول ٿي گهر مان هت ڏجي ٿو:

”ارڙه جا ڏينهن هئا. شام جو صقت هو، سج ٽٻي ڏني هئي، پر شفق جي ڳاڙهاڻ، جا سج لٿي کان ٿورو اڳڀرو سون وانگي پئي چمڪندي آهي، سا اجا ڪڪرن تي بيٺي هئي ۽ ٿورو ٿورو ٿي جهڪي ٿيندي وئي، ۽ مٿان آسمان جو سڄو ڏينهن فيروزي وانگي پئي چمڪيو سو درجي بدرجي چانديءَ وانگي اڇو ٿيندو ويو. اڀرندي کان چنڊ جي ڦڪي رنگ واري ٽڪي نڪري نروار ٿي هئي مگر اجا تارا ظاهر نه ٿيا هئا...“[23]

مٿي ڏنل اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو ته مرزا صاحب پنهنجن ناولن ۾ منظرنگاريءَ کي بهتر انداز ۾ پيش ڪري انهن کي وڌيڪ دلچسپ بنايو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس ناولن جو مطالعو ڪندڙ ان منظر ۾ محو ٿي ويندو آهي ۽ پاڻ کي ان جاءِ تي محسوس ڪندو آهي.

6. دنيا ۾ ناول جي مقبوليت جو سڀ کان اهم سبب هيءُ به آهي جو ان ۾ حقيقي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيل هوندو آهي. خيالي قصن ۽ ڪردارن بدران انسانن جي جوڙيل سماج کي ناول جو زيور بنائي، روزمره جي اصلي ڪردارن جي صورت ۾ حقيقتن تان پردو چاڪ ڪيو ويندو آهي. حقيقت نگاري جي هن عمل ۾ ليکڪ سماج جي برائين جي نشاندهي ڪري ان جا سبب، نقصان ۽ انهن مان جان ڇڏائڻ مناسب گس ڏسي ماڻهن ۾ شعور پکيڙڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي ۽ زندگيءَ جو عين نقشو چٽيندو آهي. جهڙوڪ: ڏک، سک، خوشي، غمي، لاها چاڙها، جذبا، امنگون ۽ خواهشون وغيره. ان ڪري ڪيترائي ناول انقلاب جو سبب بڻيا. مرزا صاحب جا ناول به حقيقت نگاريءَ جو بهترين نمونو آهن. مرزا صاحب جي ناولن ۾ سماجي زندگيءَ جو سچو پچو عڪس ڏنل آهي. انهن ۾ جيڪي به واقعا بيان ڪيا ويا آهن، اهي روز اسان جي آس پاس جي ماحول ۾ رونما ٿيندا رهن ٿا. زينت ناول حقيقت نگاري جي حوالي سان مرزا صاحب جو شاهڪار ناول آهي.

مرزا قليچ بيگ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو جي بقول، سنڌي علم ادب جو سدا روشن سج آهي. هڪ اهڙو سج جنهن جا ڪرڻا ادب جي عالمن لاءِ علم جا نوان رخ ۽ لاڙا روشن

ڪرائيندا رهيا آهن. مرزا صاحب بحيثيت، شاعر، ناول نويس، مضمون نگار، ترجما نگار پنهنجي علمي ۽ ادبي پورهئي سان ادب جي افق تي جنهن سج جيان چمڪيو ان مقام تي اڄ تائين ڪنهن کي به رسائي حاصل نه ٿي آهي.

## حوالا


1. بيگ، مرزا قليچ، (2012)، سائو پن يا ڪارو پنو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 112.
2. ايضاََ، ص 15.
3. ايضاََ، ص 18
4. ايضاََ، ص 19
5. سيد، جي.ايم، (1979)، جنب گذاريم جن سين، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 275_276.
6. بيگ، مرزا قليچ، (2012)، سائو پن يا ڪارو پنو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 30
7. ايضاََ، ص 29
8. مرزا، نصير، (2003)، زمين کوٽين اسان جي تہ: آسمان لهين! مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر، ص 187
9. ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر، (2009)، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: سنڌي علم ادب جو سدا روشن سج، مقالا: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي ٻولي، ادب ۽ سماج لاءِ ڪيل خدمتن تي عالمي ڪانفرنس، ص 32.
10. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، (1999)، سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، ص 26.
11. ميمڻ، خان بهادر، محمد صديق، (2000)، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 472
12. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، (1977)، سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 43.
13. ٻليجو، رسول بخش، (1960)، ادب ۾ ترجمن جي اهميت (ايڊيٽر: غلام محمد گرامي)، سہ ماهي مهراڻ، 1 ۽ 2، ص 136.
14. شمل، ائنيمري، ڊاڪٽر، (1989)، سنڌي ادب جي ارتقا (مترجم: ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو)، مورو، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي، ص 92.
15. ميمڻ، خان بهادر، محمد صديق، (2000)، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 472.
16. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، (2003)، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: جديد سنڌي ادب جو باني، مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر، ص 35.
17. شيخ، الطاف، (1989)، دنگي منجھ درياءَ (سفر نامو)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ص 91.
18. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، (2017)، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، ص 140.
19. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، دلارام (ديباچو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،
20. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، (1982)، سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 130.
21. جئسنگهاڻي، چندو لعل، ڊاڪٽر، (2010)، سنڌي ناول جي ارتقا، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، ص 36.
22. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، (2006)، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
23. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر (ترجمو)، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 1

## باب ٽيون:

# انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج ۽ مرزا قليچ بيگ جا همعصر ناول نگار

**سماج (Society) :**

سماج ۽ ادب جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي ان کي واضع ڪرڻ کان پهرين سماج ۽ ادب کي الڳ الڳ سمجهڻ ضروري آهي ته جيئن ٻنهي جي ربط ۽ ڳانڍاپي جي حقيقت معلوم ٿي سگهي. لفظ سماج (Society) هر عام و خاص جي زبان تي هوندو آهي. هر شخص پنهنجي سوچ، علم ۽ عقل جي آڌار تي ان جون جدا جدا معنائون بيان ڪندو رهندو آهي يا ان جي ذڪر کان سواءِ ان شخص جو موضوع مڪمل نه هوندو آهي. ڪو سماج کي ماڻهن جو گروه سڏي ٿو ته ڪو وري آسپاس جي ماحول کي سماج جو نالو ڏئي ٿو. اهڙي طرح ڪن ماڻهن موجب سماج هڪ طبقي تائين محدود آهي ته ڪن موجب سماج هڪ وسيع دائرو آهي. پر سماجيات جي ماهرن مطابق سماج حقيقي ۽ تصوراتي صورتن ۾ موجود آهي. محض ماڻهن جي گڏجڻ يا دڪانن، ادارن جي جڙڻ کي سماج نٿو چئي سگهجي. سماجيات جي ماهرن جي مطابق گڏجي رهڻ، هڪٻئي تي ڀاڙڻ، امداد باهمي، پورهئي جي ورڇ ۽ هڪجهڙائي ۽ اختلاف سماج جي سونهن ۽ ان جي قائم رهڻ جا سبب آهن.

سماج، جاگرافيائي بيهڪ، انساني ضرورتن ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي ۾ فرق ۽ پوک ۽ پيداوار جي طور طريقن جي آڌار تي مختلف صورتن ۾ ورهايل آهي. انهن شين ۾ واضع تفاوت جي مد نظر ماهرن سماج کي ڪيترن ئي قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي. اهو سماج جيڪو ڳوٺ جي صورت ۾ ماڻهن جي ننڍي ميڙ تي مشتمل هجي ته ان کي ڳوٺاڻو سماج ( Folk / Rural Society) چئجي ٿو. ان جي برعڪس، ماڻهن جو اهو گروهه جيڪو شهر سان وابسته هجي ان کي شهري سماج (Urban Society) سڏيو وڃي ٿو. ان کان علاوه وڏو سماج (Mass Society)، هڪ ٽولي جي حاڪميت وارو سماج (Totalitarian Society) وغيره سماج جا اهم قسم آهن. سماج جو قائم ٿيڻ ماڻهن جي باهمي ميل ميلاپ ۽ هڪٻئي تي انحصار ڪرڻ سان آهي.

### سماج جي لغوي معنىٰ:

سماج يا معاشري کي انگريزيءَ ۾ Society چيو ويندو آهي. هن لفظ جو سڀ کان پهرين استعمال يورپ ۾ سورهين صديءَ جي وچ ڌاري عرصي ۾ ٿيو. لفظ Society اصل ۾ لاطيني ٻوليءَ جي لفظ ’Societas‘جي اسم طور استعمال ٿيندڙ لفظ ’Socius‘ تان اخذ ڪيو ويو جيڪو جماعتن جي وچ ۾ دوستاڻي ناتي يا ڳانڍاپي لاءِ استعمال ڪيو ويو. لفظ سماج يا معاشري جي مختلف لغتن جي اعتبار کان هن ريت معنىٰ ملي ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ سماج جون معنائون هن ريت بيان ڪيون آهن: ”قوم، برادري، مجلس، جماعت، محفل، سڀا، منڊلي، ميڙو، راڄ، سٿ، انجمن، ڪاميٽي، سنگ، ساٿاري، ذات، گروهه، جٿو، ٽولي، ڌُر“[1]

سوشيالاجيءَ جي لغت ۾ سماج جي معنىٰ هيءَ ٻڌائي وئي آهي: ”ماڻهن جو هڪ وڏو گروه جيڪو گڏيل فائدن جي آڌار تي هڪٻئي سان سهڪار ڪري.“[2]

آڪسفورڊ ڊڪشنري مطابق Society جي معنىٰ آهي:

“Social way of living; system whereby people live together in organized communities.”3

### سماج جي وصف:

سماجيات جي ماهرن سماج کي بيان ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. انهن ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن سماج کي سمجهائڻ لاءِ جيڪي وصفون بيان ڪيون آهن انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون.

لعل بخش جسڪاڻي پنهنجي ڪتاب سماجيات جو تعارف ۾ سماج بابت لکي ٿو ته: ”انساني سماج (Human Society) فردن ۽ گروهن جي لاڳاپن جي هڪ مرڪب سرشتي کي چيو وڃي ٿو، جنهن جو بنياد علامتي قدرن (Symbolic Values)، گڏيل عقيدن ۽ ساڳين معمولن (Common Belief & Norms) تي آهي.“[4]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سماج جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

”سماج انساني لاڳاپن جو هڪ پڪو ۽ ڳتيل مانداڻ آهي. اهي لاڳاپا هڪ عمل جو نتيجو آهن. اهو عمل وسيلن ۽ مقصدن تي مدار رکي ٿو. اهو مقصد ۽ لاڳاپا يا اندريان ۽ سياويڪ آهن، يا اهڃاڻ آهن.“[5]

غلام مرتضىٰ ترڪ مطابق:

”سماج هڪ اهڙو انساني گروهه آهي، جنهن ۾ هو ڪافي عرصي کان گڏجي رهن ٿا. ايستائين جو هو منظم ٿي وڃن ٿا ۽ نيٺ پنهنجو پاڻ کي هڪ وحدت تسليم ڪن ٿا.“[6]

ايف. ايچ گڊنگ (F.H Gidding) جي بقول:

”سماج يا معاشرو هڪجهڙن خيالن رکندڙ فردن جو هڪ مجموعو آهي، جيڪو هم خيال هجڻ ڪري مشترڪ مفادن لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪن ٿا.“[7]

ان کان علاوه ڊاڪٽر نور افروز خواجہ سماج بابت جامع وصف بيان ڪندي لکي ٿي:

”سماج مختلف انساني گروهن جي پيداوار آهي، جنهن ۾ انهن جي نہ چاهڻ باوجود انهن جو هڪٻئي تي معاشرتي توڙي اقتصادي لحاظ کان دارومدار هوندو آهي. هنن جي ٻولي، ادب ۽ ثقافت هڪ هوندي آهي ۽ ريتون، رسمون، رواج پڻ هڪجهڙا هوندا آهن ۽ هنن جا فرد خارجي زندگي طرفان مڙهيل مشترڪ مفادن هيٺ زندگي بسر ڪندا آهن، مطلب تہ ڪنهن بہ هڪ قوم قبيلي جا هڪ کان وڌيڪ فرد پاڻ ۾ گڏجي رهن تہ اهڙي رهڻ کي سماج چئبو آهي.“[8]

يعني سماج ماڻهن جي گروهه تي مشتمل وحدت جو نالو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجن ذاتي مفادن کي ڇڏي مشترڪ مفادن کي فوقيت ڏيندا آهن. اهي الڳ ذات، رنگ، نسل، مختلف شعبن سان وابستہ هئڻ جي باوجود بہ هڪٻئي تي دارومدار رکندا آهن. مٿي بيان ڪيل مڙني وصفن جو اگر غور سان جائزو وٺبو تہ اسان کي هيٺيان نڪتا معلوم ٿيندا:

- هڪ مشهور مقولو آهي تہ انسان سماجي جانور آهي. هڪ انسان اڪيلو معاشرو نہ جوڙيندو آهي. سماج اڏڻ لاءِ ان کي ٻين انسانن جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. ان ڪري فردن جي گروهه جو گڏجي رهڻ معاشري کي جنم ڏيندو آهي. گڏجي رهڻ جي سبب اهي پاڻ ۾ سماجي لاڳاپا جوڙين ٿا جيڪا دراصل انهن جي ضرورت هوندي

آهي. ڇا ڪاڻ جو پاڻ ۾ تعلقات قائم ڪرڻ کان سواءِ زندگيءَ جون ضرورتون پوريون نٿيون ڪري سگهجن.

- هڪ فرد جو ٻئي فرد سان لاڳاپو مقصد کان خالي نہ هوندو آهي. تعلقات ۽ لاڳاپا مقصدن خاطر جڙندا آهن. ان ڪري سماج ۾ فردن جا خيال، مقصد ۽ مفاد مشترڪ هوندا آهن.
- سماج ماڻهن جو اهڙو منظم مجموعو آهي جنهن جو بنياد ٻولي، ثقافت، ريتون، رسمون، عقيده ۽ زندگيءَ جا طور طريقا هوندا آهن. هي عنصر سماج کي هڪ خاص شڪل ڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ زبان تي سماج جو نالو اچي ٿو تہ ذهن ۾ ان جي صورت جڙي پوي ٿي.
- سماج جا فرد هڪٻئي تي دارومدار رکندا آهن. اهو دارومدار مذهبي (Religious)، معاشرتي (Social) ۽ اقتصادي (Economic) نوعيت جو هوندو آهي جنهن جي بنياد تي پورهئي جي ورڇ (Division of Labour) هوندي آهي. هڪ ئي سماج سان تعلق رکندڙ فرد هڪٻئي لاءِ زندگيءَ جو سامان مهيا ڪندا آهن. اهڙي طرح نہ چاهيندي بہ اهي سنبنڌ (Bond) ۾ ٻڌل هوندا آهن.
- سماج اڏڻ جو ٻيو هڪ بنيادي جزو جاگرافيائي حد هوندي آهي. سماج هوا ۾ نہ اڏيو ويندو آهي. ان جو وجود زمين تي هوندو آهي. ان ڪري سماج کي هڪ جاگرافيائي بيهڪ بہ هوندي آهي. اہ جاگرافيائي بيهڪ ماڻهن تي پنهنجو گهرو اثر ڇڏي ٿي.
- توڙي جو سماج ڪثرت تي قائم آهي. جهڙوڪ: فرد، ادارا، قدر، ٻولي، ثقافت، ريتون، رسمون، رواج ۽ مذهب سماج يا معاشري جي بناوت جا بنيادي ۽ اهم جزا آهن. ليڪن انهن سيني مختلف عنصرن جي باوجود وحدت واري صورت اختيار ڪندو آهي.

انسان معاشري ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. انسان جو اڏيل سماج چاهي ڪهڙي بہ قسم ۾ هجي پر ان جو بنيادي مقصد سماجي ترقي هوندو آهي. ان لاءِ سماج جو هر هڪ فرد سماج جي مختلف شعبن ۾ علمي ۽ عملي پورهئي ۾ مشغول رهندو آهي. اهي پنهنجون پنهنجون

ذميواريون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي طرح انهن جي زندگي منظم ٿئي ٿي ۽ منظم زندگيءَ جي ڪري سماج ترقي ڪري ٿو.

ادب (Literature):

ادب عربي لفظ آهي جنهن ڪي سنڌيءَ ۾ ساهت ۽ انگريزي زبان ۾ Literature چئبو آهي. ادب ظاهري طور ٽن اکرن ا، د ۽ ب تي مشتمل آهي پر حقيقت ۾ هي ننڍو لفظ پنهنجي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ ضخيم ۽ وسيع آهي. ادب انسان جي خوشي، غمي، عجب، ارمان، خيال، سوچ، لوچ، محنت، محبت، نفرت، سڪ، ڪاوڙ، حسد، احساس،سڪ، ڏک، انس ۽ ٻين انيڪ اظهارن جو ذريعو آهي. اهو اظهار انسان جي اوائلي دور کان وٺي اڄوڪي ٽيڪنالاجي واري دور تائين مختلف روپن ۾ ۽ دنيا جي هرسڌريل ٻوليءَ ۾ موجود آهي. ادب، تهذيبن، ثقافتن، روحاني قدرن ۽ آدرشن توڙي سماجي حقيقت نگاري جو تفسير هئڻ جي ناتي پاڻ ۾ اها وسعت رکي ٿو ته هو زندگيءَ جي هر موڙ ۽ مرحلي تي ان حال جي ترجماني ڪري جنهن کان زندگي متاثر ٿئي ٿي. ان ڪري ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي جنهن ۾ زندگيءَ سان وابسته هر مضمون، خيال، نظريي جي ترجماني نظم خواه نثر ۾ ڪيل آهي.

ادب اديب جي مشاهدي، پروڙ ۽ سمجهه جو نالو آهي. ادب بابت بيان ڪيل وصفن ۾ جيڪا ڳالهه اسان کي عام طرح ملي ٿي سا اها ته، ادب داخلي ۽ خارجي عنصرن جو مرڪب آهي. انسان جو ڌرتيءَ تي پير رکڻ سان ان جو واسطو ماحول، قدرت جي تخليق ڪيل ڪائنات ۽ ان ۾ سمايل خوبصورت فطرت سان جڙيو. جنهن سندس حواس، سوچ، گفتار ۽ ڪردار کي ايترو ته متاثر ڪيو جو هو پنهنجون محسوسات، خواهشون، حسرتون، اميدون ۽ جذبات کي نثر ۽ نظم جي ويس ۾ ظاهر ڪرڻ لڳو ۽ ائين پوءِ ادب سرجڻ لڳو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ادب خودمختيار وجود ۾ نه آيو بلڪ ان جي تخليق جو بنيادي ڪارڻ سماج آهي. ان ڪري اگر ائين چئج ته ادب سماج جي پيداوار آهي ته غلط نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته سماج ئي آهي جيڪو اهي حالتون ۽ اهو ماحول پيدا ڪندو آهي جنهن ۾ ادب جي آبياري ٿيندي آهي.

## سماج ۽ ادب جو ڳانڍاپو:

سماجي سائنس جو مطالعو ڪيو وڃي ته خبر پوندي ته ادب ۽ سماج جو پاڻ ۾ اڻ ٽٽ رشتو آهي، جنهن کي ٻين لفظن ۾ سياسي ادب چيو ويندو آهي. اهڙو ادب جيڪو سماج ۾ مزدورن، مظلومن، مجبورن ۽ عورتن جي حقن جي ترجماني ڪري، اهو ادب سماج ۾ خاص حيثيت رکي ٿو. ان جي عملي شروعات انسان جي تاريخ جي شروع ٿيڻ کان پوءِ ئي ماڻهن جي يا عوامي جدوجهد سان شروع ٿيو. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته 20 صدي ۾ روس جي سرزمين تي رونما ٿيندڙ بالشويڪ انقلاب کان پوءِ ترقي پسند ادب جي لاءِ عملي طور قلم متحرڪ ٿيو. شعور جي ڳالهه ڪبي ته معلوم ٿيندو ته زندگي پهرئين ڏينهن کان ترقي ۽ تبديلي جي سفر تي روان دوان آهي. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ مستقل شيءِ تبديلي آهي. ڪا به تبديلي سماجي عمل کان سواءِ وجود نٿي رکي سگهي.

اسان چاهيون ٿا ته ادب سماج جو آئينو آهي. سماج ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو ان جو عڪس اسان کي ادب ۾ نظر اچي ٿو. ادب جا نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي شعبا آهن جهڙوڪ: ، ڊراما، ڪهاڻيون، ناول ۽ افسانا وغيره. انهن مڙني شعبن ۾ سماج جي الڳ الڳ تصوير چٽيل آهي. ماڻهن جو گروهه جڏهن پاڻ ۾ عقيدن، روايتن، قدرن، رسمن ۽ ثقافت جي آڌار تي مسلسل ۽ باهمي تعلقات جوڙين ٿا ته سماج وجود ۾ ايندو آهي. سماج جي تاريخ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته سماج پٿرن جي دور کان ٿيندو موجوده ٽيڪنالاجي جي دور ۾ پير پائڻ تائين ڪيترائي مرحلا طيءِ ڪيا آهن. ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ، رواج، ريتون، رسمون، خيال، تصور، انداز، عقيده سدائين هڪجهڙا نه رهيا آهن. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ماحول ۾ رونما ٿيندڙ تبديلين ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ظهور مان پتو پوي ٿو ته سماج ڪڏهن به هڪجهڙو روپ نه ڌاريو آهي. ان جي قدرن، اصولن ۽ طور طريقن ۾ ڦيرو ايندو رهيو آهي. ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته:

”سماج ۾ جڏهن به ڪا تبديلي محسوس ڪئي ويندي آهي تڏهن ان جو اظهار خودڪارانه طور تي ان جي ادب ذريعي ئي ٿيندو آهي. ڪي ماڻهو انهيءَ تبديليءَ جي فائدي ۾ هوندا آهن ته ڪي ان جي مخالفت ۾، ڪي وري ان تبديليءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبوري ڏيکاريندا

آهن. اهڙيون سڀ ڳالهيون، ان وقت جي علم ادب ۾ ظاهر ٿينديون آهن. هر سڌريل سماج کي پنهنجو ادب هوندو آهي، جنهن جو گهرو تعلق سماج جي سڌاءُ سان رهندو آيو آهي. سماج جي ترقي توڙي سماج جي تباهي ان جي ادب مان پرکي سگهجي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هر قوم جي سماجي تاريخ جو جو پتو ان جي علم ادب مان پرکي سگهجي ٿو."[9]

ادب سماج تي اثر انداز ٿيندو آهي ته پاڻ به سماجي تبديليءَ کان چڱيءَ ريت متاثر ٿئي ٿو. توڙي جو ادب سماج جي پيداوار آهي، ليڪن منجهس سمايل ڏاهپ ۽ حڪمت جون ڳالهيون، زندگيءَ جي ارتقا ۽ انساني تاريخ نسل در نسل منتقل ٿي ذهنن جي آبياري ڪئي آهي ۽ ماڻهن کي مهذب، مدبر ۽ معتبر بنائڻ ۾ سنگ ميل جو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر جيئن ته سماج جو دائرو تمام وسيع آهي. ان ڪري ان جا اثرات به وڏيڪ آهن.

"حقيقت ۾ ادب تي سماجي اثرات جو دائرو ايترو ويڪرو آهي، جيترو خود متحرڪ سماجي طاقتن جو. اهي متحرڪ سماجي طاقتون آهن: 1. سماجي تنظيم (جنهن ۾ طبقاتي بناوت به شامل آهي.) 2. سياسي تنظيم (جنهن ۾ سياسي ادارا به شامل آهن.) 3. طاقتور نظريا. 4. مخصوص جذباتي طرز زندگي. 5. ماضيءَ جو تصور ۽ مستقبل جو طريقو. 6. تحرڪ ڏيڻ وارا جذبا ۽ ڏند ڪٿائون ۽ عصري حقيقتن سان انهن جو لاڳاپو."[10]

ادب سماجي اثرن جي ماتحت ئي پروان چڙهيو آهي. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن کان سماج وجود ۾ آيو، تڏهن کان ادب جي اوسر ٿي. سماج جي ارتقا سان گڏ ادب به صدري روايتن کان ٿيندو تحريري رڪارڊ جي صورت اختيار ڪري ويو. اهو رڪارڊ اسان کي انسان جي معاشرتي ، سياسي، مذهبي، اخلاقي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني ۽ معاشي پهلوئن جو نه فقط تاريخي احوال ٻڌائي ٿو، پر ان جي ترقيءَ جي سفر کي پڻ محفوظ رکندو اچي. اهڙي طرح ابتدا کان وٺي اڄوڪي دور تائين سماج جيڪي جيڪي روپ اختيار ڪندو آيو آهي تن جو سربستو احوال ادب ۾ محفوظ ٿيل آهي.

## انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج:

سنڌ جي سر سبز زمين معدني وسيلن سان مالامال هئڻ جي ڪري سدائين ڌارين قوتن جي ڌيان جو مرڪز رهي آهي. ڌارين جي حملن ۾ سنڌ جي مالي وسيلن جي ڦر لٽ ٿيڻ جي ڪري هتان جي عوام انهن خلاف پنهنجو ڀرپور ردعمل ڏيکاريو. ان ڪڏهن به غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ نه قبوليو، بلڪ ڌارين سان هر دور ۾ هر محاذ تي مهاڏو اٽڪايو ۽ پنهنجو تن من قربان ڪري سنڌ ڌرتيءَ جي حفاظت ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن انگريز ٽالپرن کي شڪست ڏئي سنڌ تي قابض ٿيا ته سنڌ جي جوڌن انهن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي. سنڌ تان انگريزن جو سايو ختم ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي تحريڪون وجود ۾ آيون. انهن تحريڪن مان آزاديءَ جي تحريڪ، خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ، حر تحريڪ، خاڪسار تحريڪ وغيره قابل ذڪر آهن. اهڙي ماحول ۾ سنڌي سماج تمام گهڻو متاثر ٿيو.

انگريز ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ذريعي ميرن جون جاگيرون حاصل ڪري سنڌ تي پنهنجو اثر رسوخ ڄمائيندا ويا. 1843ع ۾ جڏهن هنن سنڌ تي پنهنجو پورو غلبو حاصل ڪري ورتو ته زميندارن کان ڍل وصول ڪرڻ لاءِ انهن تي ڳرا شرط مڙهڻ لڳا. جنهن ڪري زميندار طبقو انگريزن خلاف آواز بلند ڪرڻ لڳو. جڏهن ته جاگيردار طبقو انگريزن جي آمد سان پاڻ کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لڳو. هي طبقو انهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ کين هر طرح سان خوش رکڻ لڳو جنهن ڪري انگريز سرڪار پاران مٿن نوازش ٿيڻ لڳي، پر سندن هر ڪم ۾ فعل ڪنهن نه مفاد کان خالي نه هوندو هو. بقول مختيار احمد ملاح جي:

”درحقيقت انگريزن سنڌ ۾ جيڪي به ترقياتي ڪم ڪرايا، اهي در اصل هو پنهنجي مفادن ۾ ڪرائيندا هئا. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن مفادن جي باوجود سنڌ ۾ انهن ترقياتي ڪمن سان ترقي ٿي. انگريز توڙي جو يورپ ۾ ترقي يافته قوم هئا پر هتي اچي هنن سنڌ جي جاگيردارانه نظام کي ختم ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ مضبوط ڪيو.“[11]

اهڙي طرح سنڌي سماج ۾ جاگيردارانہ نظام جي سرپرستي ٿيڻ لڳي. ننڍن زميندارن جو استحصال ٿيڻ لڳو ۽ سماج ۾ هن طبقاتي تفريق جي ڪري سنڌي سماج عدم استحڪام ۽ احساس محرومي جو شڪار ٿيو. سنڌي معاشري ۾ رهندڙ اسلام ۽ هندو مذهب سان وابستہ ٻن طبقن ۾ پڻ معاشي طور وڏو فرق هو. سنڌي هندو جيتوڻيڪ مسلمانن جي ڀيٽ ۾ اقليت ۾ هئا ۽ صدين کان مسلمانن جي حڪومت هيٺ رهندا آيا، ليڪن معاشي طور اهي مسلمانن کان وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم هئا. سنڌي هندو هن سماج ۾ خوشحال طبقو ليکيو ويندو هو. سنڌن آمدنيءَ جو اهم ذريعو تجارت تي مشتمل هو. ان کان علاوه مسلمان ۽ هندو مذهبي طور بہ هڪٻئي سان سلهاڙيل هوندا هئا ۽ هڪٻئي جي مذهبي جاين تي آزاديءَ سان ايندا ويندا هئا. سنڌي هندو تہ مسلمان صوفي درويشن ۽ بزرگن جا مريد بہ ٿيندا هئا. انهن درويشن جي مريدي مان هنن کي تحفظ حاصل هوندو هو، جنهن ڪري ڪيترائي معاشي ۽ معاشرتي فائدا حاصل ٿيا.

تعليم جي حوالي سان هن دور ۾ ڪيترائي ساراهہ جوڳا قدم کنيا ويا. سڀ کان اهم ڪم سنڌي الف-بي جي تشڪيل آهي، جنهن کي سنڌي عربي آئويتا تحت حتمي شڪل ڏئي رائج ڪيو ويو. هيءَ انگريزن جي اهم ڪاوش هئي جنهن جي بنياد تي سنڌي معاشري ۾ تعليم ۽ ان سان لاڳاپيل سيني پهلوئن کي تمام سٺي هٿي ملي. ماڻهن جي تعليم ۽ لکڻ پڙهڻ جي عمل ۾ آساني ٿي. فارسي زبان جي بدران سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏنو ويو. سر بارٽل فريئر سرڪاري عملدارن لاءِ سنڌي ۾ امتحان پاس ڪرڻ کي لازمي قرار ڏنو، جنهن کان پوءِ سنڌيءِ ٻوليءَ جي سرمائي ۾ وسعت آئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم تيز ٿيڻ لڳو. تعليم جي لاءِ ڪيترائي اسڪول ۽ مدرسا قائم ڪيا ويا. ايتري ترقيءَ جي باوجود بہ سنڌي معاشرو تعليمي معاملي ۾ عدم توازن جو شڪار رهيو. انگريزن جي قابض ٿيڻ کان پوءِ اڪثر مسلمانن انگريزي تعليم ۽ انهن پاران جوڙايل مشنري اسڪولن جي سخت مذمت ڪئي ۽ انگريزن جي تعليم کي ڪافرن جي تعليم سڏيندا هئا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مسلمانن جي ڀيٽ ۾ هندو وڌيڪ تعليم يافتہ ٿيا. اهي سرڪاري انتظامي عهدن ۾ مسلمانن کان بہ اڪثريت ۾ هئا.

معاشي طور سنڌي معاشرو گهڻو ڪري ڳوٺاڻو ۽ زرعي معاشرو هو. سنڌي معاشري ۾ عوام جي اڪثريت ٻهراڙيءَ ۾ رهندي هئي. جاگيردارن جي سرپرستي ٿيڻ جي ڪري سنڌي معاشرو شهري ۽ ڳوٺاڻي طبقن ۾ ورهائجي ويو. زراعت جو دارومدار برساتن، درياهي ٻوڏن ۽ کوهن تي هوندو هو. انگريزن زراعت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ آبپاشي جي نظام کي بهتر ڪيو. نوان واهه کوٽايا. سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي تقسيم کي بهتر ڪرڻ لاءِ سکر بئراج ٺاهيو ويو. نيون ۽ غير آباد زمينون آباد ڪيو ويون ۽ آمدورفت جي ذريعن ۾ پڻ سڌارو ڪيو ويو. اهڙي طرح سان زرعي پيداوار ۾ ڪافي اضافو ٿيو. هي دور صنعتي دور هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ذريعي وڏيون صنعتون قائم ڪيون ويون. انهن صنعتن ۽ ٻين وڏن شهرن تائين سنڌ مان ڪچو مال پهچائڻ لاءِ سنڌ ۾ ريلوي لائنن جو ڄار وڇايو ويو، جنهن سنڌ جي ڳوٺن کي بمبئي، مدراس ۽ ڪلڪتہ سان ڳنڍي ڇڏيو. زرعي ۽ صنعتي ترقيءَ جي باوجود سنڌي معاشرو معاشي طور عدم استحڪام جو شڪار رهيو. برٽينڪا انسائڪلوپيڊيا مطابق:

"Economically, it was an era of increased commercial agricultural production, rapidly expanding trade, early industrial development and severe famine."[12]

انگريزن سنڌ ۾ صنعتي ڪوٺيون قائم ڪري هتان جي معدني وسيلن کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو. انهن صنعتن کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هتان جو ڪچو مال استعمال ڪيو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ پيداوار جو گهڻو حصو سنڌ تي خرچ ڪرڻ بجاءِ پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪيو. وڏين صنعتن جي قائم ٿيڻ سان سنڌي معاشري مان گهرو صنعتن جو خاتمو ٿيو، جنهن ڪري هتان جا ماڻهو پست حالي ۽ تنگدستي جو شڪار ٿيا. نتيجي ۾ اهي گهٽ پگهار عيوض وڏين صنعتن ۾ پنهنجي توانائي، هنر ۽ فن وڪڻڻ تي مجبور ٿيا.

ليفٽيننٽ ولس انگريز حڪومت جي اهڙي معاشي پاليسي بابت لکي ٿو تہ:

"هنن ديسي صنعت کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو ،ڏيهي فوجين سان ٻٽي پاليسي اختيار ڪئي، زراعت جو زوال آندو، مقامي دولت جي وڏي ڦرمار ڪئي، ماڻهن جي عقيدن ۽ روايتن سان هٿ چراند ڪئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ملڪي سرحدن جو تقدس پائمال ڪري ،پوري نندي کند

تي سامراجي قبضو قائم رکيو ،جنهنڪري ڪٽان نہ ڪٽان بغاوت جي چڻنگ دکندي رهندي هئي.“[13]

هن دور ۾ جيتوٽيڪ واپار، تجارت ۽ زراعت جا جديد طريقا استعمال هيٺ آيا ۽ معيشت جي رفتار تيز ٿي جنهن ۾ هنرمند ۽ مزدور طبقي اهم ڪردار ادا ڪيو. ليڪن باوجود ان جي هي طبقو خود معاشي طور پين آڏو محتاج رهيو. اهڙي طرح سنڌي معاشرو ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيريل هو.

**انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج جا طبقا:**

طبقاتي لحاظ کان سنڌي سماج ڪيترن ئي حصن ۽ قسمن ۾ ورهايل آهي. مذهب جي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ سنڌي سماج ٻن حصن ۾ نظر ايندو. هڪ مسلم ۽ ٻيو غير مسلم. ٻنهي مذهبي گروهن ۾ هم آهنگي آهي. سنڌي سماج انهن ٻنهي گروهن جي انتها پسندي، ڪٽرپڻي، تعصب ۽ نفرت جي عنصرن کان پاڪ آهي. مسلمانن لاءِ مقدس جاءِ مسجد آهي جتي هو هڪ رب جي بندگي ڪن ٿا، جڏهن تہ هندو ۽ ٻيا غير مسلم پنهنجي پوڄا پاٺ مندرن، گرجا گهرن ۽ ٻين مذهبي جاين ۾ آزاديءَ سان ادا ڪندا آهن. ٻئي گروهہ هڪٻئي جي مذهبي رسمن جو احترام ڪن ٿا ۽ مذهبي فرق کي ڇڏي پاڻ ۾ سماجي تعلقات پڻ قائم ڪن ٿا جيڪا سنڌي معاشري جي اخوت ۽ وحدت جي نشاني آهي.

تاريخ جا ورق ورائڻ سان خبر پوي ٿي تہ اڄ کان اٽڪل 5000 سال اڳ سنڌ جو سماج سڌريل سماج هو. موهن جي دڙي جا آثار ٻڌائين ٿا تہ هتان جا ماڻهون آسوده ۽ امن پسند هئا. انهن جي اقتصادي، سماجي، سياسي ۽ مذهبي زندگيءَ ۾ نظم و ضبط هو. انهن جو مذهب ڌرتي ۽ عورت سان پيار هو جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا. انهن وٽ ثقافتي قدر بہ هئا تہ معاشي وسيلا بہ. اهڙو منظم سماج بالآخر ڌارين جو شڪار ٿي پيو ۽ سماج ٽڪرن ۾ تقسيم ٿي ويو.

”موهن جي دڙي جو سماج سکيو ستابو، امن، پيار ۽ شانتي وارو سماج هو. زندگيءَ ڏانهن ايترو پرپور ۽ عملي، تخليقي ۽ پيداواري رويو جو چارواڪ فلسفو انهيءَ سماج جو پڙاڏو لڳي ٿو، يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ هندستان جي مادي فلسفي جو بنياد موهن جي

دڙي واري سماج ۾ پيو هو. يا ائين به چئي سگهجي ٿو ته چارواڪ قديم سنڌ جي فڪر جو مادي پهلو آهي، اڳتي هلي جڏهن ڌارين جون ڪاهون شروع ٿيون، سماج طبقن ۾ ورهائجي ويو."[14]

انگريزن جي ڪاهه سان به سنڌي سماج جو مذهبي طبقو متاثر ٿيو. اڪثر مسلمانن انگريزن جي سخت مذمت ڪئي. انهن انگريزن پاران ڏنل تعليمي سرشتي کي قبول نه ڪيو ۽ نه وري انهن جي ملازمت ڪرڻ کي پسند ڪيو. جڏهن ته هندو طبقي نه صرف تعليم ۾ دلچسپي ورتي، پر تعليم حاصل ڪري هو انگريز سرڪار جي وڏن انتظامي عهدن تي فائز ٿيا. اهڙي طرح مسلمانن جو گهڻو تعداد تعليم جي ميدان ۾ پوئتي رهجي ويو ۽ هندو طبقو تعليم جي ذريعي ترقي ڪري اڳتي نڪري ويو.

هن دور ۾ معاشي اعتبار کان سنڌي سماج ٽن طبقن ۾ ورهايل هو. سنڌي معاشري جو شاهوڪار طبقو زميندار ۽ سرمائيدار طبقو هو جيڪو مزدورن، پورهيتن ۽ هارين جي استحصال جي بدولت دنيا جي عيش عشرت ۾ مغرور ۽ مسرور رهندو هو. معاشري جو پيڙهيل ۽ ڏتڙيل طبقو هارين ۽ مزدورن جو هو جيڪو پگهر وهائي ۽ سختيون سهائي پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ پاليندو هو. اهڙي طرح ٻيو طبقو نوڪري سان وابسطه هو جنهن ۾ سرڪاري ۽ خانگي ملازم شامل هئا. هنن طبقن بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"سنڌي سماج ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي. هڪڙو شاهوڪارن جو طبقو، جنهن ۾ زميندار، وڏيرا، سرمائيدار، ڪارخانيدار، ڪامورا، مير، پير ۽ وڏا واپاري اچي وڃن ٿا. ٻئي طبقي ۾ گهڻو ڪري نوڪرين وارا، وچولي طبقي وارا واپاري، ڊاڪٽر، وڪيل وغيره اچي وڃن ٿا. ٽئين طبقي ۾ هاري، ناري، مزدور، پورهيت، ڪاريگر، محنت ڪش اچي وڃن ٿا."[15]

شاهوڪار طبقي کي مٿيون طبقو ڪري ڪوٺبو هو. هي طبقو پيداواري وسيلن جو مالڪ هو. زمين، صنعت، ڪارخانو ۽ ٻين ڪيترن ئي معاشي ذريعن سان پئسي جي پيداوار لاءِ هي طبقو مزدورن، پورهيتن ۽ ڪاريگرن جي محنت جي بدولت امير کان امير تر ٿيندو ويو ۽ بدلي ۾ محنت ڪش طبقو هن جو مقروض ۽ غلام ٿيندو ويو. معاشي طور مضبوط هي گروهه طاقت ۽ هٺ ڌرميءَ ۾ مست ۽ مگن رهندو هو. پنهنجي پسند ۽ نا پسند کي انصاف تي

ترجيع ڏيندو هو ۽ قانون جي بالادستي کان وڌيڪ پنهنجي راءِ کي اهميت ۽ اوليت ڏئي سماج ۾ بگاڙ ۽ ڏوهن جي پٺڀرائي ڪري پنهنجو اثر رسوخ ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. عبدالواحد آريسر هن طبقي جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هي طبقو سنڌي سماج جي ڪنگالپڻي جو وڏو سبب آهي. هيءُ طبقو نه رڳو سنڌي هاريءَ، پورهيت ۽ ڌنار جي ڦرلٽ ٿو ڪري، پر سماجي طرح سماجي ڏوهن، ڌاڙن، خونريزين ۽ چورين ۾ ملوث آهي ۽ خود ڪرائي ٿو.“[16]

اهڙي طرح سماجي براين ۾ ملوث هي طبقو رشوت جي ذريعي سياسي ۽ آفيسر شاهي جي سرپرستي حاصل ڪري غريب عوام تي پنهنجي حاڪميت هلائيندو هو. ماڻهن کي اغوا ڪرائي پاڻ ڇڏرائڻ، ڌاڙا ۽ چوريون ڪرائي وري مال واپس ڪرائڻ سندن مشغلو هوندو هو.

وچولو طبقو سرڪاري يا خانگي ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي گروهه تي مشتمل هو، جهڙوڪ: استاد، ڪلرڪ، انجنيئر، ڊاڪٽر، ڪجهه ايڪڙ جا مالڪ، اديب، دڪاندار وغيره. هن طبقي جا ماڻهو مٿين طبقي جي هر عمل کي پنهنجي زندگين ۾ نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. انهن جي هر آسائش کي پنهنجي زندگيءَ ۾ آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا هئا. ان ڪري هي طبقو متحرڪ هوندو هو. هن جو مقصد پاڻ کي مٿين طبقي ۾ شمار ڪرائڻ هو، جنهن لاءِ هو سياسي، ثقافتي ۽ معاشي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. بقول انگريز مورخ ٽرپولين جي:

”فقط هڪ اهڙو طبقو جنهن آزاديءَ جي حمايت نه ڪئي، سو هو نئون ابرندڙ وچون طبقو جيڪو مغربي تعليم سان آراسته هو. هي طبقو انگريزن جو سر ڪپڻ جي بجاءِ مئجسٽريٽن ۽ جيوريءَ جي بينچن تي وهڻ جو خواهشمند هو.“[17]

هن طبقي جو ڳانڍاپو پيداواري ذريعن سان نه هوندو هو. ان ڪري هي معاشي طور هيٺين طبقي تي دارومدار رکندو هو، جڏهن ته ذهني طور مٿين طبقي سان ڳنڍيل هوندو هو. هن جو بنيادي ڪم مٿين طبقي پاران ٺاهيل قاعدن ۽ اصولن کي نافذ ڪري هيٺين طبقي

کي انهن جو پابند بنائڻو هوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هي طبقو مٿين ۽ هيٺين طبقي کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو ڪم ڪندو هو.

هيٺيون طبقو بنيادي طور پيداواري طبقو هو. هاري، لوهار، واڍا، ڍڪڻ، درزي، ڪوري، مزدور سڀ پيداواري ذريعن سان تعلق رکندڙ هئا. هي رات ڏينهن محنت ڪري ملڪ جي پيداوار وڌائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا هئا. هيءُ ئي اهو طبقو هو جنهن جي محنت سان زميندار، جاگيردار ۽ سرمائيدار اميرترين ٿيندا ويا ۽ پاڻ سڃا ۽ بدحال ٿيندا ويا. سندن آمدني خرچ ۽ قرض جي ور چڙهيو ويندي هئي. هن طبقي بابت عبدالواحد آريسر لکي ٿو ته:

”اهو ئي طبقو آهي جيڪو سماج جي جياپي لاءِ سڀ ڪجهه پيدا ڪرڻ جي باجود پاڻ پالهو ۽ سڃو ٿو رهي ۽ اهو جڏهن ويڙهه شروع ڪري ٿو، ان وقت کيس يقين هوندو آهي ته هن جنگ ۾ وٽس هارائڻ لاءِ ڪا به شيءِ ناهي پر کٽڻ لاءِ سمورا رياستي وسيلا ۽ اقتدار آهي. اهو انهيءَ جنگ ۾ وڃائيندو صرف ذلت، بک، بيروزگاري ۽ پنهنجي نيچ ۽ ڪين جهڙي حيثيت آهي.“[18]

دراصل هيءُ طبقو غلاميءَ جا مختلف روپ ڀوڳيندو رهيو. اتحاد جي کوٽ ۽ معاشي مجبورين سبب هي طبقو غلاميءَ کي مجبوراً سهندو رهيو، ليڪن اندر ئي اندر ۾ انگريزن خلاف بغاوت ۽ نفرت جا جذبا رکندو هو. اهو ئي سبب هو جو هن طبقي جا ماڻهو انگريزن جي خلاف ٿيندڙ هر سازش ۽ تحريڪ جو حصو رهيا.

”انهيءَ بغاوت جي متحرڪ قوت بي زمين هاري، ننڍا ننڍا زميندار، هنرمند ۽ ننڍا واپاري هئا؛ يعني ان ۾ سماج جا اهي سيئي پرت شامل هئا، جيڪي استحصال جو شڪار هئا.“[19]

انگريزن جي حڪومت دوران سنڌي سماج جن طبقن ۾ تقسيم هو، اهي اڄ به سنڌي معاشري ۾ موجود آهن. اڄ به شاهوڪار طبقو غريبن، پورهيتن ۽ مزدورن جي لاچاري ۽ بي وسيءَ مان فائدو وٺي رهيو آهي. جڏهن ته وچولو طبقو احساس ۽ فرض شناسي بجاءِ پنهنجن مفادن کي ترجيح ڏيندو رهيو آهي.

## مرزا قليچ بيگ جي دور جي سماجي حالت:

مرزا قليچ بيگ جي دور ۾ سنڌ پرڳڻو سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن کي منهن ڏئي رهيو هو. ان زماني ۾ تعليم جي کوٽ، انگريز سامراج جو تسلط، سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي، حر تحريڪ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سياسي تحريڪون هلڻ لڳيون. مرزا قليچ بيگ انگريز راڄڌانيءَ جي ٻارهين سال ٽنڊي ٺوڙهي ۾ مرزا فريدون بيگ جي گهر ۾ جنم ورتو. مرزا صاحب جنهن دور ۾ نِنڍو تي وڏو ٿيو، ان دور جي سماجي حالتن جا عڪس پنهنجي آتم ڪهاڻي "سائو پن يا ڪارو پنو" ۽ پنهنجن ناولن توڙي ٻين مضمونن ۾ ڏنا اٿس. سندس آتم ڪهاڻي، ناولن ۽ ٻين مضمونن کي پڙهڻ مان خبر پوي ٿي ته ان دور ۾ علمي، ادبي ۽ اقتصادي معاشرو ڪٿي بيٺل هو. ماڻهوءَ جي آسائش لاءِ ڪهڙيون شيون ميسر هيون ۽ ڪهڙين شين جي ضرورت هئي. آمد و رفت ۽ رابطي جا ڪهڙا ذريعا موجود هئا ۽ معاشري ۾ ڪهڙيون رسمون ۽ رواج مروج هئا. مرزا صاحب جي دور جي انهن سيني سماجي حالتن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

دنيا جي سڌريل سماجن جو راز تعليم جي فلسفي ۾ لڪل آهي. بهتر ۽ معياري تعليم معاشري جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضامن آهي. ڪا به قوم چاهي ڪيترن ئي وسيلن سان مالا مال هجي ليڪن اگر تعليم جي طاقت کان خالي آهي ته اها پنهنجي وجود ۽ بقا جي جنگ هارائي ويهندي آهي. ان جي برعڪس، اگر ڪا قوم مالي وسيلن ۾ غريب هجڻ جي باوجود ۽ تعليم جي دولت سان مالا مال آهي ته اها قوم ترقيءَ جون سڀ منزلون طيءِ ڪري دنيا جي مثالي قوم بڻجي ٿي. جاپان اسان جي اڳيان زنده مثال آهي، جنهن جا ٻه اهم شهر هيروشيما ۽ ناگاساڪي ائٽم بم جي حملن ۾ تباهه ٿي ويا. معاشي طور ملڪ ڏيوالي جو شڪار ٿي ويو ليڪن تعليم جي بدولت اڄ اهو سياسي، اقتصادي، توانائي ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ دنيا جي ترقي يافته ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي. نيلسن منڊيلا سچ چيو هو ته:

"Education is the most powerful weapon which you can use to change the world."

مرزا قليچ بيگ جو دور تعليم جي حوالي سان ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيريل هو. ان وقت جيڪو تعليمي ماحول جڙيل هو ان ۾ صرف ديني تعليم کي ئي اهميت حاصل هئي.

مرد توڙي عورتن لاءِ مذهبي تعليم کي لازمي سمجهيو ويندو هو ۽ مائٽن کي ٻه ان جو اونو رهندو هو. جڏهن ته دنياوي تعليم جو انهن کي خيال ئي نه هوندو هو. اڪثر مسلمانن کي ته تعليم جو شوق ٻه نه هوندو هو. ڪجهه سلجهيل ۽ باشعور خاندان هئا جن کي پنهنجي نياڻي توڙي پٽ جي تعليم جو فڪر هوندو هو. اهي پنهنجي اولاد کي سنڌي، انگريزي ۽ ٻين مضمونن جي تعليم ڏيارڻ جو ٻه بندوبست ڪندا هئا. باقي اڪثر خاندان جا ماڻهو ته پيا نٽائيندا هئا.

”... انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته بابي کي اسان جي تعليم جي ڪيتري ڳڻتي ۽ ڪوشش هوندي هئي؟ هو ڪم وسعتي ڪري ٻه اهو سڀ بندوبست پورو رکندو آيو. انهيءَ وقت مسلماني خاندان اڪثر ٻه فقط انگريزي تعليم ڪان، پر سنڌي تعليم ڪان ٻه عار ڪندا هئا.“[20]

سنڌي سماج مرداڻو سماج آهي جنهن ۾ عورت مرد جي ماتحت رهندي آهي. عورت جا سماج ۾ ڪئين روپ آهن. هوءَ ماءُ ٻه آهي ته ڌيءُ ٻه، زال ٻه آهي ته ڀيڻ ٻه. هر روپ ۾ هوءَ مرد جي ماتحت رهي آهي. سماج ۾ عورت کي اڪثر ضعيف ۽ ڪمزور تخليق سمجهيو ويو آهي. ان سوچ جي تحت ئي معاشري ۾ عورت لاءِ مرد ڪان جدا فرض ۽ ذميواريون مقرر ڪيون ويون آهن، جيڪي عورت صدين ڪان نڀائيندي پئي اچي. اسان جي معاشري ۾ عام طور عورت کي گهر جي سونهن سمجهيو ويندو آهي. ان جي ڪم کي صرف گهر جي چوديواري تائين فرض ڪيو ويو ٿو. ٻهاري ڏيڻ، ٿانوَ ڌوئڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ماني پچائڻ ۽ ٻار پالڻ صرف عورت ذات جا ڪم سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن ته نوڪري ڪرڻ، گهر جو خرچ پورو ڪرڻ ۽ سماج ۾ اٿي ويٺي وارا ڪم صرف مرد جي اختيار جا چيا وڃن ٿا. ان ڪري سيمون ڊي بورا صحيح چيو آهي ته ”عورت پيدا نه ٿيندي آهي، بلڪ سماج انهيءَ کي عورت ٺاهيندو آهي.“

مرزا صاحب جي دور ۾ ٻه معاشري ۾ عورت بابت اهي ئي خيال رچيل هئا. ان دور ۾ عورت کي صرف گهر جي اندروني ڪمن تائين محدود رکيو ويندو هو. ان کي گهر ڪان ٻاهر موڪلڻ مرد جي غيرت ۽ عزت جي خلاف سمجهيو ويندو هو. هوءَ جسماني طور ۽ نه وري ذهني طور آزاد هئي. پنهنجي ازدواجي معاملن ۾ ٻه هوءَ مرد جي غلام هوندي هئي. جتي

مائٽ سندس شادي ڪرائڻ چاهيندا هئا، اتي شادي ڪرڻ جي پابند هئي. اگر شاديءَ جي معاملي ۾ هوءَ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي هئي ته ڪيس بي شرم ۽ بي حيا جا لقب ملندا هئا. ان دور ۾ جيڪو نياڻين جي تعليم جي ڳالھ ڪندو هو ته ماڻهو ان تي ٺٺولي ۽ مذاق ڪندا هئا.

”اسان جي هڪ ننڍي پيڻ ڪي بابي مرحوم ۾ مون پارسي پڙهائي ۽ تمام گھڻا ڪتاب پڙهي ويئي ۽ چڱي پڙهڻ سڪندي هئي. امان مرحوم به پڇاڙي تائين پڙهڻ لکڻ ۽ سبڻ پرڻ جي مشغولي رلندي آئي. مون شادي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کي پارسي ۽ انگريزي لکڻ پڙهڻ سيکاريو. پنهنجي وڏي ڌيءُ کي به مون ساڳي تعليم ڏني ۽ ماستر رکي پڙهايو. پنهنجي ٻئي ڌيءُ کي ته انگريزي اسڪول ۾ به موڪلي ڏنم پر مرزائن ۾ اسين پهريان هئاسين جن انگريزي پڙهي ۽ پنهنجن ڌيئن کي به لکڻ پڙهڻ سيکاريوسين. اگرچه اسان جا پاڙي وارا عزيز کلندا هئا.“[21]

جتي تعليم جي کوٽ هوندي آهي، اتي شعور جي اڻاٺ هوندي آهي. اهڙي معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن جي ذهنن ۾ خوف، احساس ڪمتري، بزدلي، وهم، وسوسا، انڌا عقيدا ۽ فضول خيال جنم وٺندا آهن. اهڙي خول مان ماڻهن جو نڪرڻ محال هوندو آهي، ڇو ته سوچ جو دائرو محدود ٿي ويندو آهي. مرزا صاحب جي دور ۾ تعليم جي کوٽ ۽ عدم دلچسپيءَ جي ڪري معاشري ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿيون تن جو احوال اسان کي سندس تصنيفن مان بخوبي معلوم ٿي سگھي ٿو. سندس دور ۾ سنڌي معاشرو وهمن، وسوسن ۽ ڏاڍن ڦيٽن جي مرضن ۾ مبتلا هوندو هو. ماڻهو پير پرستي ۽ قبر پرستيءَ جي انڌي اعتقاد ۾ گهيريل هوندا هئا. ان وقت ڄاڻ ۽ معلومات جا واحد ذريعا ڪتاب ۽ اخبار هئا. ٻين وسيلن تائين عام ماڻهن جي پهچ نه هوندي هئي جو انهن جي ذريعي عام ماڻهو سائنسي ڄاڻ پرائي سگهن ها. ان ڪري اهي قديم خيالن ۽ سوچن جا غلام هئا. خوشي توڙي غمي جي هر رسم ۾ مختلف قسمن جا ساٽ ۽ سوڻ ڪرڻ جا عادي هئا. انهن ڏينهن ۾ ماڻهو اڪثر حڪمت ۽ ڏس ڦيٽي کي علاج جو ذريعو بڻائيندا هئا ۽ ڊاڪٽريءَ جي علاج کان پاسو ڪندا هئا.

مرزا صاحب جي دور ۾ وقت معلوم ڪرڻ لاءِ واچ جو استعمال ناياب هو. گھڙيال جو رواج بہ عام نہ هو. هر ماڻهو واچ رکڻ جي طاقت نہ رکندو هو. ان ڪري وقت معلوم ڪرڻ لاءِ ماڻهو پاڇولي مان اندازو لڳائيندا هئا يا ڪا نشاني استعمال ڪندا هئا. مرزا صاحب ان باري ۾ لکي ٿو تہ:

”ڪلاڪ گھڙيال عام نہ هئا. هڪڙو وڇڻ وارو وڏو ڪلاڪ ناني مرحوم وٽ هوندو هو، جنهن کي ائين ڏينهن ڪنجي ايندي هئي. پهرين ڏينهن ۾ مون کي ياد آهي تہ ماستر وشنو گھنشام آچر جي ڏينهن ايندو هو ۽ اهو انهيءَ کي ڪنجي ڏيئي ڪوڪ ڪندو هو. بابي وٽ هڪڙي سوني واچ هئي، جا بمبئي کان آندي هئائين ۽ اڪثر رات جو پنهنجي سيرانديءَ کان رکي سمهندو هو. اسان ٻارن وقت معلوم ڪرڻ لاءِ پٽ تي ڪاٺي کوڙي، ان جي پاڇولي جا نشان ڪري ڇڏيا هئا. انهيءَ تي ڪلاڪ شمار ڪندا هئاسين.“[22]

هن دور کي ڏيئي جو دور چيو وڃي ٿو. بتين ۽ چمنين جو رواج بہ عام نہ هوندو هو. ان ڪري ڏيئو ئي هوندو هو جنهن جي روشنيءَ تي رات جي اونداهيءَ ۾ گھر جو ڪم ڪار ٿيندو هو. ان وقت ڪيروسن تيل نہ هئڻ جي ڪري ان ۾ ڪڙو تيل استعمال ڪبو هو. مرزا صاحب پنهنجي سوانح حيات ۾ لکي ٿو تہ ننڍي هوندي اسان دلو ابتو ڪري ان تي ڏيئو رکي پڙهندا هئاسين. ڏورانهين رابطي لاءِ ڪو بہ تڪڙو ذريعو ان وقت ميسر نہ هوندو هو. تنهنڪري خطن جي ذريعي ئي هڪٻئي سان رابطو ڪيو ويندو هو. ان کان علاوه چانهہ جو استعمال بہ ان وقت عام جام نہ هوندو هو. ان وقت کير کان سواءِ چانهہ تيار ڪبي هئي جيڪا ذائقيدار بہ هوندي هئي.

معاشي طور تي مرزا قليچ بيگ جو دور آسوده دور هو. شيون سستيون وڪرو ٿينديون هيون. ناڻي جو ملهہ بہ چڙهيل هو. ليڪن ماڻهن جي آمدنيءَ جو ذريعو محدود هوندو هو. اڪثر ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا. معاشري جا ٻيا فرد مختلف پورهيو ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندا هئا. جڏهن تہ عورتون گھرن جو ڪم ڪار اڪلائي پنهنجي خرچ لاءِ پرت پرڻ، ٽوپيون ٺاهڻ، رلي ٺاهڻ ۽ ڪپڙا سبڻ جو ڪم ڪنديون هيون.

ادبي لحاظ سان هي دور سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. سنڌي صورتخطي جي تشڪيل ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏئي ان جي ترقيءَ لاءِ راهه کي هموار ڪيو ويو. جنهن ڪان پوءِ ڪيترن ئي اديبن نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن کي پنهنجين تصنيفن سان مالامال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ادبي سوسائٽيون قائم ڪيون ويون. خودساخته سنڌي ناٽڪ ۽ سنڌي ناول جي شروعات ٿي جنهن جو سهرو مرزا قليچ بيگ تي آهي. تنهن ڪان سواءِ ڪيترين ئي هفتيوار ۽ ماهوار اخبارون ۽ مخزن شايع ٿيا جن ان دور جي ادبي ماحول ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

## سنڌي ناولن ۾ سنڌي سماج:

سنڌي ادب جي مڙني صنفن ۾ ناول ادب جي اها صنف آهي جنهن ۾ ليکڪ سماج جي انيڪ پهلوئن جي هوبهو تصوير پيش ڪري ٿو. ناول کي ان ڪري نئين شيءِ چيو ويو جو هن صنف ماڻهن جي ذهنن مان مافوق الفطرت (Supernatural) ڪردار يعني تصوراتي ڪردار ڪڍي حقيقي ڪردارن ڪان متعارف ڪرايو. ناول دراصل ڪنهن به سماج جو هڪ تحريري ۽ تفريحي انداز فڪر آهي جنهن ۾ سماج جون مختلف ڏارائون روان دوان هونديون آهن. سنڌي ناول سنڌي سماج جو رڪارڊ آهي، هڪ اهڙو رڪارڊ جنهن ۾ سماج جي سياسي، معاشي، مذهبي، اخلاقي، علمي ۽ فڪري پهلوئن جو ڳوڙهو اڀياس قلمبند ٿيل آهي. ناول انساني سماج جو ترجمان آهي. هن ۾ روزمره جي سماجي وهنوار سان گڏ سماج جي اوڻاين، خرابين ۽ سنجيده مسئلن تي روشني وڌل هوندي آهي. ان ڪان علاوه سماج ۾ ماڻهن جو ڪردار، انهن جو پاڻ ۾ سماجي تعلق، رشتيداري، ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جا طور طريقا ۽ طبقاتي جوڙجڪ جو نقشو به ناول ۾ چڱيءَ ريت چٽيل هوندو آهي. ڪيترن ئي سنڌي ناول نويسن ترجمن توڙي اصلوڪن سنڌي ناولن ۾ مختلف سماجن ۽ انهن جي انيڪ عوامي مسئلن کي سادي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. انهن اديبن ناولن ۾ رڳو بياني انداز اختيار نه ڪيو آهي بلڪ سماج ۽ ماڻهوءَ جي اصلاح پڻ ڪئي آهي. بقول ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي:

”سنڌي سماج جا عڪس سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ ملن ٿا. هندو توڙي مسلمان سنڌي ليکڪن پنهنجي پنهنجي طور سماجي قانونن ۽ قاعدن جي پنڌڻن ۾ حياتي گهاريندڙ فردن جي اوٽ ۾ سنڌين جون سوچون، وهم، وسوسا، رواج رسمون، تهذيب ۽ تمدن چٽايا آهن. هندو سنڌي سماج ۽ مسلمان سنڌي سماج جون گهرجون ۽ مسئلا بيشڪ الڳ الڳ ۽ ڪجهه قدر مختلف آهن ته به ناول نگارن پنهي سماجن جي مسئلن سان گڏ قوم جي ذهني سجاڳيءَ جا اسباب ۽ همت، جرئت وڏائڻ ۽ ڪارگر جيون جيئڻ جا سبق قومي هيروز ۽ ٻين ڪردارن ذريعي ادب ۾ آندا آهن.“[23]

ناول صنف جو تعلق ئي سماجي ڍانچي سان آهي. هر ناول ۾ اسان کي ڪو نه ڪو سماج ملندو، پوءِ چاهي اهو ڳوٺاڻو سماج هجي يا شهري سماج، مسلم سماج هجي يا هندو سماج، هر ناول ۾ ان سماج جو آئينو هوندو آهي جيڪو پڙهندڙن جي اڳيان ظاهر ٿي بيهي ٿو. ناول سماج جي انيڪ پهلوئن تي به مبني هوندو آهي ته هڪ ئي پهلو تي به سچو ناول فلمايل هوندو آهي. سنڌي ناول نگارن هر دور ۾ سماج جي اصلاح ۽ بهتري خاطر پنهنجن ناولن کي سماج سان ڳنڍيي رکيو آهي. انهن سماج جا ڪئين رخ ڏٺا، معاشري جي قديم ريتن، رسمن، رواجن ۽ هٺ، غرور، دولت ۽ ذات پات جي آڌار تي ٺاهيل طور طريقن، رشتن، ناتن ۽ سماجي رتبن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ڪيو. ان جائزي مان کين جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو ان کي ناول جو روپ ڏئي ماڻهن جي اڳيان پيش ڪيو ته جيئن ماڻهو با شعور ٿين ۽ معاشري مان خراب ڳالهين کي ناس ڪري ان جي سڌاري جو سامان بڻجن.

1892ع ۾ ديوان پريتمداس جو لکيل ناول ”عجيب پيٽ“ هڪ اهڙو ناول آهي جنهن ۾ ان دور جي سماج جي حقيقت بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ خاص طور هندو سماج جي عڪاسي ڪيل آهي جنهن ۾ ليکڪ نياڻيءَ جي پرڻي جي خرچن ۽ ڏيتي ليتيءَ بابت والدين جي پريشانين جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه هي ناول معاشري جي ريتن، رسمن، تعليمي حالت ۽ اخلاقي قدرن تي پڻ روشني وجهي ٿو. ناول ”عجيب پيٽ“ کان علاوه ”زينت“، ”چوٿ جو چنڊ يا پرم جي پلائي“، ”غريبن جو وارثو“، ”وريل نعمت“، ”سانگهڙ“، ”اتحاد“، ”ڳوٺاڻو سماج“، ”وڏوا“ ۽ ”ڏکن پٺيان سک“ پڻ اهڙا ناول آهن جن جي مطالعي سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن تي سنڌي سماج جو اثر غالب آهي.

**مرزا قليچ بيگ جا همعصر ناول نگار:**

مرزا قليچ بيگ جي دور ۾ ڪيترائي نامور ناول نويس پيدا ٿيا جن پنهنجن اصلوڪن توڙي ترجمو ڪيل ناولن جي ذريعي سنڌي سماج جي آبياري ڪئي. اهڙن ناول نويسن ۾ منشي اڌارام ٿانورداس مير چنداڻي (1842ع کان 1902ع)، ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي (1844ع کان 1916ع)، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (1884ع کان 1947ع)، ديوان پرمانند ميوارام (1856ع کان 1938ع)، ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي (1876ع کان 1953ع)، لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي (1885ع کان 1954ع)، خانبهادر محمد صديق ميمڻ (1890ع کان 1958ع)، ميلارام منگترام واسواڻي (1901ع کان 1987ع)، نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي (1912ع کان 1976ع)، ديوان پريتمداس حڪومتراءِ، عبدالخالق ”خليق“ مورائي (1883ع کان 1934ع)، ”دادا“ شيوڪ ڀوڄراج (وفات 1987ع)، گلي سدا رنگاڻي (1906ع کان 1994ع)، ٿهلرام آسودو مل، صاحب سنگھ چندا سنگھ شاهاڻي (1868ع کان 1931ع)، شري شرت چندر چٽرجي (1876ع کان 1938ع)، نانڪرام ڌرمداس، ڇيتمل پرسرام (1885ع کان 1948ع)، پروفيسر موتومل گدواڻي، ليکراج ڪشنچند عزيز (1897ع کان 1971ع)، ساڌو هيرانند، پروفيسر رام پنجواڻي (1911ع کان 1987ع)، مهراج وشنو شرما وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن مان ڪجھ ناول نگارن ۽ سندن ناولن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**1. ديوان پريتمداس حڪومتراءِ:**

ديوان پريتمداس اوائلي سنڌي ناول نويسن جي فهرست ۾ شامل آهي. سندس تحريرن ۾ حقيقت نگاريءَ کي چڱي جاءِ مليل آهي. سندس لکيل ناول عجيب ڀيٽ (1892) بہ حقيقت نگاريءَ تي مشتمل آهي. ناول جو پلاٽ هندوسماج ۾ رچيل آهي، جنهن جا مک ڪردار آهن ڀندو، سچو عرف سچانند، سمجھ (ڀندو ٺڳ ۽ جواري جي ماءُ)، ننڌي (سچو جي ماءُ). هي ناول ان دور جي روزمره زندگيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿو. ان دور جي حيدرآباد جي عاملن ۽ ڀائيبندن جي رسمن، رواجن ۽ انهن جي تعليمي، مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي حالت کي بيان ڪندڙ هي ناول اصلاحي نوعيت جو آهي. ناول ۾ انهن عاملن ۽ ڀائيبندن جي گهريلو ۽

سماجي زندگيءَ جي اوٺاين تان پردو کنيو ويو آهي ته جيئن انهن ۾ سڌارو آڻي سگهجي ۽ معاشري مان اڻنگين رسمن جو خاتمو آڻي سگهجي. هن ناول جا معاشري تي تمام سٺا اثر مرتب ٿيا ۽ جيڪي اڻنگيون رسمون هيون تن ۾ پڻ ڪافي سڌارا آيا جنهن جو اعتراف ديوان پريتمداس پاڻ ڪتاب جي ديباچي ۾ به ڪيو آهي.

**2. پيرومل مهرچند آڏواڻي (1876ع کان 1953ع):**

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ڪيتر ۾ ڪاڪو پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جون خدمتون تمام ساراهه جوڳيون آهن. پاڻ هڪ جاکوڙي انسان هو ۽ سماج سڌاري لاءِ قلم کي پڻ استعمال ڪيو. سندس ناول موهني ٻائي (1917) به هڪ اهڙي تحرير آهي جنهن ۾ معاشري جي سڌاري جو عنصر شامل آهي. هي ناول هندو سماج جي تصوير چٽي ٿو جنهن ۾ عورت جي مسئلن کي مرڪزي اهميت ڏنل آهي. ان جي تعليم، شادي ۽ سماجي رتبي تي هن ناول ۾ چڱو بحث ٿيل آهي. ناول ۾ هندو معاشري جي ماڻهن جي عورت جي باري ۾ سندن سوچ کي پڌرو ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ، نياڻين جي تعليم کي ماڻهو ڪيترين ئي براين جو سبب سمجهندا هئا. ان ڪري انهن جي تعليم بابت ماڻهن جي محدود سوچ هئي، جنهن جي عڪاسي ناول جي هنن لفظن ۾ ڪيل آهي.

”اسان جي زالن کي ملڪ جي رواج موجب رڳو ايتريقدر علم ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهر جا، قوم جا فرض چڱيءَ طرح سمجهه سان بجا آڻي سگهن. انهيءَ مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻهرين ڌرمي سکيا ڏيڻ گهرجي، هنن کي اها ميتا ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهر جو ڪارخانو سمجهه سان هلائي سگهن.“[24]

ماڻهن جي اهڙي تنگ نظري صرف تعليم تائين محدود نه هئي، پر انهن جي اها سوچ زندگيءَ جي ٻين معاملن تي به غالب ٿيل نظر اچي ٿي. ڪم علمي ۽ شعور جي اڻ هوند سبب ان معاشري ۾ شاديءَ کي ماڻهو هڪ قسم جو ڪاروبار سمجهندا هئا. سڱاوتي جي معاملي ۾ پئسن جي ڏماڻ کي عيب نه سمجهيو ويندو هو، ۽ ڇوڪريءَ جي سونهن کي ئي ترجيح ڏيندا هئا. ان کان علاوه جيئري تي جيئري شاديءَ جو رواج عام هو، جيڪو معاشري ۾ پاڙ پڪي ڪري چڪو هو. هن رواج تحت صرف عورت کي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو ويندو هو ۽

مرد پنهنجي مرضيءَ جو پاڻ مالڪ هو. مصنف ناول ۾ هن اهم مسئلي کي تمام بهتر ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن ناول هندستان جي سرڪار کي جيئري تي جيئري شادي جي اهم مسئلي طرف ڌيان ڇڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بالآخر هندستان جي سرڪار جيئري تي جيئري شادي ڪرڻ کي قانوني ڏوهه قرار ڏئي ڇڏيو.

### 3. ديوان ڪوڙومل چندنمل (1844ع کان 1916ع):

سنڌي ادب ۾ ديوان ڪوڙومل جو نالو انهن جيد عالمن مان هڪ آهي جن نثر جي پوٽي جي آبياري ڪري ان کي وڏائي وڻ ڪيو. بقول ديوان منوهرداس جي ته سنڌي نثر کي پروان چاڙهڻ ۾ جن چئن عالمن جو وڏو هٿ هو انهن ۾ ديوان ڪوڙومل، مرزا قليچ بيگ، رشي ڏيارام گدو مل ۽ پرمانند ميوارام شامل آهن جن کي سنڌي نثر جا ”چار ٿنڀا“ سڏيو اٿس. ديوان ڪوڙومل پنهنجن لکڻين جهڙوڪ مضمون، ناٽڪ، ناول ۽ ڪهاڻين ۾ سماج جي گهرجن کي اوليت ڏني آهي. سماج ۾ ٿيندڙ خرابين کي نه فقط تنقيد جو نشانو بنايو اٿس پر ان جي سڌاري جي اپٽار به ڪئي اٿس. ديوان ڪوڙومل جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل سڀ کان پهريون ناول چندرمکي آهي جيڪو 1918ع ۾ شايع ٿيو.

چندر مکي ناول ۾ ديوان ڪوڙو مل جيتوڻيڪ بنگالي معاشري جو عڪس پيش ڪيو آهي جنهن ۾ هڪ ڪٽنب جو احوال ڏنل آهي، ليڪن هن ناول لکڻ مان سندس مطلب سنڌي سماج جي اصلاح ۽ بهتري ڪرڻ آهي. سنڌي معاشري ۾ نسلن جا نقصان اڪثر گهريلو مسئلن جي ڪري ٿيندا رهيا آهن. گهر ۾ زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ رويو نه فقط ٻارن تي اثرانداز ٿئي ٿو پر معاشري کي پڻ متاثر ڪري ٿو. انهن جو پاڻ ۾ سهڻو سلوڪ سڄي خاندان تي سٺا اثر وجهي ٿو. جڏهن ته سندن خراب رويي ۽ روزمره جي جهيڙن جي ڪري گهرن ۾ نفرت، ساڙ ۽ دشمني جهڙا عنصر جنم وٺن ٿا. ناول چندر مکي به اهڙي ئي پسمنظر تي لکيل آهي جنهن ۾ مرڪزي ڪردار چندر مکيءَ جو آهي جيڪا ڏکن جا ڏولاوا ڪاٽي آخر سکن جا ڏينهن ڏسي ٿي. ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته زال ۽ مڙس جي زندگي ٻيڙيءَ جي سمان آهي. اگر اهي ڏک سک ۾ هڪٻئي جا ساٿي ٿي رهندا ته پوءِ ان ٻيڙيءَ کي ڪو به

خطرو يا نقصان نہ هوندو. پر انهن جي نا اتفاقيءَ سبب ٻيڙي درياءَ جي لهرن جي ور چڙهي ويندي.

### 4. لالچند امر ڏنو مل (1885ع کان 1954ع):

لالچند امر ڏنو مل جو سنڌي اديبن ۾ نمايان مقام آهي. ادب جي هر فن تي سندس ڪيترين ئي تصنيفون ڇپيل آهن، جهڙوڪ: شاهہ عبداللطيف، تصوف، معاشراتي پهلو،گهريلو سماج وغيره. سندس تحريرن جي عبارت نهايت سهڻي ۽ آسان فهم آهي. سندس لکڻين ۾ سماج جا ڪئين عڪس جهلڪندي نظر اچن ٿا. پاڻ سنڌي معاشري کي پنهنجن ناولن ۾ حقيقي روپ ۾ پيش ڪيو اٿس.

سندس لکيل ناول "چوٿ جو چنڊ" (1905) ۾ پاڻ ان دور جي تلخ حقيقت کي بيان ڪيو آهي جڏهن مرد ۽ عورت جو شاديءَ کان اڳ ۾ سڌو سنئون رابطو نہ هوندو هو، بلڪ اهڙو رابطو غيرت جي خلاف سمجهيو ويندو هو. عورت ۽ مرد جي وچ ۾ پردي سبب هڪٻئي سان دل جي حال اورڻ جو تصور نہ هو. اهڙي معاشري ۾ هم جنس دوستيءَ جو رواج هو. ڇوڪرو هم جنس ڇوڪري سان ئي پنهنجو حال اوري سگهندو هو. ان ڪري انهن جي پاڻ ۾ سڪ ۽ محبت هوندي هئي ۽ وقت گڏ گذارڻ ۾ ئي ڪين لطف ايندو هو. هن ناول ۾ اهڙن ٻن نوجوانن جي محبت جو ذڪر ڪيل آهي. ان کان سواءِ هن ناول ۾ مصنف سماجي اصلاح خاطر ڪئين نصيحت جا نڪتا سمجهايا آهن جن مان هڪ قرض کان بچڻ پڻ آهي. قرض هڪ اهڙو مرض آهي جيڪو لڳڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي ذاتي ۽ سماجي زندگيءَ کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. ان کان بچڻ جي تنبيهہ ناول ۾ کهڙي نہ سهڻي نموني ڪئي اٿس.

"قرض کهڙو نہ برو مرض آهي. متان ڪو اوهان مان حوص وچئون، ساڻس هٿ ڳنڍي! پلاوءِ جي وسيعت نہ هجيو تہ پيٽ کي پٽيون ٻڌي، پڇيءَ تي ويلو پاڙجو، پٽ پٽيهر نہ پڇيو تہ ڪٿو هندائي وقت ٽپائجو. پر قرض ڪوڙهہ جو ٽڪو، تنهن جو بوجو سر تي نہ کڻجو. قرض اٿو چنوءَري جي چوءَر! ڏسو متان پاڻ تي چنبڙڻ ڏيوس، تہ ٻڌ ئي ٻيٽي ڪري ڏئيو ۽ ڳنڌ ئي نہ ڳاري ڇڏيو."[25]

ان کان علاوه سندس ٻيو ناول سون ورنيون دليون آهي جيڪو I. Edhor جي ناول Hearts of Gold جو ترجمو آهي. هي ناول اگر چه انگريزي ناول جو ترجمو آهي ليڪن لالچند امر ڏنو مل هن کي سنڌي ويس ڍڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن ناول ۾ مصنف سماج ۾ ماڻهن جي مفاد پرست روش کان آگاهه ڪيو آهي.

### 5. صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻي (1868ع کان 1931ع):

صاحب سنگهه شاهاڻي ادبي دنيا ۾ ناول نگار طور سڃاتو ويندو آهي. پاڻ انگريز اديب ٿامس هارڊيءَ کان متاثر هو. پاڻ تعليمي ميدان ۾ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنائين. عورتن جي تعليم جو اونو رکندڙ هن شخص چندو گڏ ڪري 1922ع ۾ ڪراچيءَ ۾ اي.اين.ڊي ڪاليج جو بنياد وڌو جنهن کي بعد ۾ يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويو. بحيثيت ناول نگار پنهنجن ناولن کي ان دور جي حقيقتن سان رنگيو اٿس. موضوع جي اعتبار کان سندس ناول ٻين ناولن کان منفرد آهن. بلو کوکر يا جوءِ جو وڪرو (1929) سندس اهڙن ناولن مان هڪ آهي جنهن ۾ سنڌي سماج جي انوکي تصوير چٽيل آهي.

ابراهيم کوکر عرف بلو کوکر هڪ بيروزگار شخص آهي جيڪو پٺوري جي ميلي ۾ روزگار جي ڳولا خاطر پنهنجي زال حليمان سان گڏ ويندو آهي، جتي ڪاوڙ ۽ نشي جي حالت ۾ پنهنجي زال کي طلاق ڏيندو آهي. هوش ۾ اچڻ کان پوءِ کيس پڇتاءُ ٿئي ٿو ۽ نشي کي ڇڏڻ جو عهد ڪري زال جي ڳولا ۾ نڪري وڃي ٿو، پر پوءِ ڪافي دير ٿي چڪي هوندي آهي. حليمان اتان نڪري ٻئي ڳوٺ وڃي ٿي جتي شير خان پٺاڻ سان شادي ڪري ٿي. شير خان روزگر سانگي پرڏيهه وڃي ٿو جتان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حليمان کي شيرخان جي ٻڏي مرڻ جي ڪوڙي خبر ملي ٿي، جنهن کان پوءِ هوءَ اڱوٺي مڙش ابراهيم کوکر کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ پانهنجي ڌيءُ کان طلاق واري ڳالهه به لڪائي رکي ٿي. ناول بلوکوکر ۾ صاحب سنگهه شاهاڻي هي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته نشي ڪرڻ سان ڪهڙيون خرابيون ٿين ٿيون، طلاق جا سبب ۽ ان جا نقصان ڪهڙا آهن ۽ انتقام جي باهه ۾ سڙندڙ جو ڪهڙو انجام ٿئي ٿو.

سندس ٻيو مشهور ناول تارن جو اپياس يا آتو مير چنداڻي (1930) آهي. هي ناول هندو سماج جي رسمن ۽ رواجن تي روشني وجهي ٿو. هندو سماج ۾ اهو به هڪ رواج هوندو هو ته مرد شادي ڪري پوءِ پنهنجي گذر سفر يا واپار لاءِ زال کي ڇڏي ٻه ٽي سال ٻاهرين ملڪ هليو ويندو هو ۽ زال سندس جدائيءَ ۾ پئي سڪندي ۽ تڙپندي هئي. هن رواج جي سبب معاشري ۾ ڪافي خرابيون پيدا ٿينديون هيون. جيئن ناول ۾ ٻڌايل آهي ته سيتا مولچند مورجاڻي جي نوجوان زال هوندي آهي. مولچند واپار جي سبب پرڏيهه وڃي ٿو ته زال کان سندس جدائي برداشت نه ٿي ڪري سگهي ۽ آتو ميرچنداڻيءَ کي پنهنجي دل ڏئي ويهندي آهي.

**6. خانبهادر محمد صديق ميمڻ (1890ع کان 1958ع):**

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو نالو سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ سيني کان نمايان آهي. پاڻ ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ۾ پرنسپال جا فرض سرانجم ڏنائين. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي قائم ڪرڻ ۾ به سندس اهم ڪردار هو. ديني، اصلاحي، تاريخ ۽ ادبي مضمونن ۾ سندس ڪيترين ئي تصنيفون آهن. نياڻين جي تعليم جي طرف سندس خاص ڌيان هو. انهن جي تعليم لاءِ حيدرآباد ۾ "مدرسته البنات" جي نالي سان درسگاهه قائم ڪيائين. ماڻهن ۾ نياڻين جي تعليم جو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ 1930ع ۾ "حياتيءَ جو پهريون دور" جي نالي سان ناول لکيو جيڪو دراصل اردو ڪتاب "صبح زندگي" تان ترجمو ڪيو ويو.

ناول "حياتيءَ جو پهريون دور" خاص نياڻين جي تعليم ۽ تربيت تي لکيل آهي. سماجي ۽ گهرو زندگيءَ جو ڏيک ڏيندڙ هي ناول عورتن جي رهبري لاءِ پڻ ڪار آمد آهي. هن ناول جي لکڻ جو خاص مقصد معاشري ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي اهميت ۽ ضرورت، انهن جي پرورش ۽ تربيت تي والدين جي ڌيان جي ضرورت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه والدين کي نياڻين جي حقن ۽ نياڻين کي والدين جي حقن ۽ فرضن کان باخبر ڪيو ويو آهي جيڪا ڳالهه مصنف ڪتاب جي ديباچي ۾ به ڄاڻائي آهي. هي ناول ان معاشري جي عورتن جي تعليمي، ديني ۽ اخلاقي حالت تي روشني وجهي ٿو. ماءُ جو ٻار جي تعليم ۽ تربيت ۾ ڪهڙو ڪردار آهي ان تي ناول ۾ ڪهڙي نه موثر انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي.

"هائو، هائو، مردن جو وڏو واسطو آهي. ٻار جو سڀ کان پهريون مڪتب آهي ماءُ جي هنج. جيڪي ٻار پڙندا سو سمجهندا، جيڪي ڏسندا سو سکندا. ماءُ جي اها حالت جو نہ خدا جي خبر، نہ رسول جي سڌ، سلڇڻائي کان سوءِ ڪوهہ پري، جاهليءَ ۾ چڪناچور، عقل نہ هوش، برڪت نہ نور، ڪوڙ بدوڙ مڪر فريب ۾ پرپور، تہ سندن اولاد بہ اهڙو ئي ساماڻبو. تون بہ مسلمان آهين، تنهنجي دل گهري ٿي تہ مسلمانن جي عزت آبرو دنيا ۾ برباد ٿي وڃي."[26]

مطلب تہ خانبهادر محمد صديق ميمڻ هن ناول ۾ پنهنجي دور جي سنڌي سماج ۾ موجود انهن اوڻاين جو ذڪر ڪيو آهي جن جو سڌو سنئون تعلق عورتن ۽ نياڻين جي پرورش ۽ تعليم سان آهي. سماج ۾ انهن جي باشعور هئڻ جي ڪري ٻار ۽ ماحول تي جيڪي اصلاحي، اخلاقي ۽ تعميري اثر پوندا تن جي اهميت کي عوام الناس اڳيان پڌرو ڪيو ويو آهي.

**7. ديوان ميلارام منگترام (1901ع کان 1987ع):**

ديوان ميلارام انهن اديبن مان هڪ آهي جن سماجي براين کان تنگ ٿي قلم کنيو ۽ بهتر سماج جوڙڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. هن پنهنجي گهري نظر سان سماج جي ٺيڪيدارن، وڏيرن، برادري جي ناروا سلوڪن ۽ مظلومن جي ڏکن کي پرکي ورتو. سماج جي سورن کي هن پنهنجو سور سمجهو ۽ ماڻهن جي تڪليفن ۽ پريشانين کي پنهنجو سمجهي انهن کي پنهنجن تحريرن جو موضوع بنايو. ان ڪري سندس لکڻيون پر اثر آهن ۽ معاشري جي حقيقي تصوير پيش ڪنديون آهن. سندس ناول سماجڪ بلوو بہ اهڙي پسمنظر ۾ لکيل آهي جيڪو پنهنجي دور جي معاشري جي ڏکن، تڪليفن، پريشانين ۽ ظلمن کي وائکو ڪري ٿو.

هي ناول اصل ۾ شري شرت چندر چٽرجي جي ڪتاب جو ترجمو آهي. ناول جو مرڪزي ڪردار جوتي آهي. جوتي جو تعلق ڳوٺ ٽنڊي محمد خان جي غريب گهراڻي سان آهي. سونهن ۽ سلڇڻائيءَ ۾ جوتي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس دل ڳوٺ جي زميندار جي پٽ هيموءَ سان لڳي ٿي جيڪو کيس گهر پڙهائڻ ايندو هو. هيمو جي ساڻس دل هوندي هئي پر مائٽن اڳيان ان ڳالھ جو اظهار ڪري نہ سگهيو ۽ جوتيءَ جا مائٽ سندس شادي لکميچند سان ڪرائين ٿا جيڪو بد ڪردار ۽ بداخلاق هوندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ سان شادي ڪري

جوتي کي صرف ڏک ئي نصيب ۾ ملن ٿا. ابناش سان سندس پوتر تعلق کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي لکميچند کيس گهر مان ڪڍي ڇڏي ٿو. جوتي جڏهن پنهنجي پيءُ جي گهر اچي ٿي تہ برادريءَ وارا جوتيءَ جي سچ کي ڪوڙ سمجهي کيس ڳوٺ مان نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪن ٿا. بالآخر جوتيءَ جو پيءُ برادريءَ جي ڌمڪين کان مجبور ٿي پنهنجي ويهن ٻاويهن ورهين جي نياڻيءَ کي گهر مان تڙيو ڇڏي. هي ناول مرداڻي معاشري جي بيوس عورتن جي دانهن آهي.

سندس ٻيو ترجمو ڪيل ناول سشيلا آهي. هن ناول ۾ بہ عورتن جي بيوسيءَ کي ڏيکاريو ويو آهي. اسان جو معاشرو هر دور ۾ مردن جي تسلط هيٺ رهيو آهي. اهڙي معاشري ۾ عورت کي ساهہ کڻڻ جو بہ اختيار مرد جي مرضيءَ سان ملندو آهي. سشيلا ناول ۾ بہ ان معاشري جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هندو معاشري ۾ وڏوا جي شاديءَ جو رواج نہ هئڻ جي ڪري ڪهڙيون برايون جنم وٺڻ لڳيون. انهن کي جسم فروشي تي آماده ڪيو ويندو هو. اهڙي گندگي ختم ڪرڻ لاءِ مصنف وڏوا جي شاديءَ ڪرائڻ تي زور ڏنو آهي.

**8. نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي (1912ع کان 1976ع):**

نارائڻداس ميوارام جيتوڻيڪ انگريزي ادب ۾ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪئي ليڪن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان کيس خاص چاهہ هو. هن جي تصنيفن ۾ عبارت آرائي ٻين کان نرالي آهي. سندس اصطلاحن ۽ پهاڪن واري زبان ۾ اهڙي تہ رواني ۽ چاشني آهي جو عام پڙهندڙن کان علاوه ڪيترائي اديب بہ متاثر ٿيا ۽ پنهنجي تحريرن ۾ پڻ اهڙو انداز اپنائڻ لڳا. ڀمڀاڻي صاحب سماج سڌارڪ شخص هو. پنهنجن ناولن ۾ اڪثر سنڌي سماج جي خراب رسمن کي ننديو اٿس. سندس ناولن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

”هو پنهنجي تيز نظر سان، سماج جي ذري ذري کي موزون ۽ عام فهم اشارن ۾ نمايان ڪري ٿو. هن جا ڪردار عوام مان آهن. هن جا بيان ڪيل ۽ ڇيڙيل مسئلا، عوام جا پنهنجا مسئلا آهن. هن اهي موضوع انتخاب ڪيا آهن، جيڪي روزمره واري زندگيءَ ۾ هر هڪ انسان کي نظر اچن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ڀمڀاڻيءَ جا ناول دل ۾ جاءِ ڪري چڪا آهن.“[27]

پاڻ ان دور جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کان چڱي نموني واقف هو. معاشري جي مظلوم ۽ پيڙهيل طبقي جو خاص اونو رکندڙ هو. ان ڪري پنهنجن ناولن ۾ انهن جي مسئلن تي ڳالهايو اٿس.

سندس ناول ”پاپ ۽ پاڪيزگي“ Hardy جي Tess ناول جو ترجمو آهي جيڪو 1940ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سماج ۾ ٿيندڙ پاپ جي سببن ۽ پاڪيزگي جي وصفن تي مشتمل آهي. ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سماج ۾ عورت جي پاڪيزگي مرد جي رحم و ڪرم تي هوندي آهي. هو چاهي ته عورت کي معاشري ۾ ۾ پاڪائي طور متعارف ڪرائي يا چاهي ته سندس پاڪيزه زندگيءَ تي گند اڇلائي کيس بدنام ڪري ڇڏي.

يمياڻي صاحب جو ٻيو مشهور سماجي ناول ”وڏوا“ آهي جيڪو 1943ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو خاص موضوع وڏوا وواه سان لاڳاپيل اهم مسئلا آهن جن کي ختم ڪرڻ واسطي يمياڻي صاحب هي ناول لکيو. هن ناول ۾ سماج جي پراڻين رسمن کي ننديو ويو آهي ۽ انهن رسمن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن ناول لکڻ جو مقصد مصنف پاڻ بيان ڪري ٿو ته:

”جيئن جهوني مڪان جي جاءِ تي نئين جڳهه جوڙائڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين پراڻي مڪان کي ڊاهي پٽ ڪجي، تيئن پنگتي سڌاري کي سماج ۾ آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪهنين رسمن جو خاتمو آڻجي. وڏوا هڪ پنگتي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ عورتپڻي جي مکيہ مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي. اسان جي سماج ۾ عورت جو ڪهڙو درجو آهي ۽ ڪهڙو ٿيڻ جڳائي. زال ۽ مرد جون هڪ ٻئي ڏانهن ڪهڙيون جوابداريون آهن، تن جو ذڪر هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿيل آهي. هن ناول ۾ وڏوا پڻي جي باريڪ مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.“[28]

يمياڻي صاحب جي ناولن جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن جا ڪردار عام عوامي آهن، جيڪي ڏکن ۽ پيڙائن جو پاڻ مقابلو ڪن ٿا. سندس ٻيا مشهور ناول ”غريبن جو ورثو“ ۽ ”مالهڻ“ آهن جيڪي پڻ سنڌي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

# حوالا


1. بلو چ, نبي بخش, ڊاڪٽر (1985), جامع سنڌي لغات, (جلد چوٿون), ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 1648.
2. جوڻيجو, تنوير, پروفيسر (2004), سوشيالاجيءَ جي لغت, حيدرآباد, سنڌي لئنگويج اٿارٽي, ص 306.
3. Hornby, A.S. (1987). Oxford Student's Dictionary of Current English. London: Oxford University Press. P-620
4. جسڪاڻي, لعل بخش, (1993), سماجيات جو تعارف, ڄامشورو, پاڪستان اسٽڊي سينٽر, ص 127.
5. ٻوهيو, الهداد, ڊاڪٽر (1977), سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج, ڄامشورو, انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ص 1
6. شاڪر, غلام مرتضىٰ, (1984): نصاب عمرانيات, لاهور, علمي ڪتاب خانه, ص31.
7. ايضا, ص 89.
8. خواجه, نور افروز, ڊاڪٽر (2005), پاڻي پٽ ڪٿا, حيدرآباد, گنج بخش ڪتاب گهر, ص 88_89.
9. خواجه, نور افروز, ڊاڪٽر (2010), ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر(Ph.D), ڪراچي, شيخ شوڪت علي اينڊ سنز, ص 291
10. ٻوهيو, الهداد, مقالو: ادب جو سماجي ڪارج, ڪتاب: ادب, زندگي ۽ سماج (2006), مرتب: هڪڙو, انور فگار, ڊاڪٽر, شڪارپور, مهراڻ اڪيڊمي, ص 90.
11. ملاح, مختيار احمد, (2014), سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو, ڪراچي, ڪاٺياواڙ اسٽو, ص 226
12. http://www.britannica.com/event/British-raj
13. https://encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=سنڌ ۾ انگريزن جو دور حڪومت
14. ميمڻ, عبدالغفور, ڊاڪٽر (2017), سنڌي ادب جو فڪري پس منظر, حيدرآباد, سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو, ص 68
15. الانا, غلام علي, ڊاڪٽر (1987), سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو, ٽماهي مهراڻ, ڄام شورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 55.
16. آريسر, عبدالواحد (1985), سنڌي سماج جو جائزو, (ڇاپو پهريون), حيدرآباد, ينيور اشاعت گهر, ص 37.
17. مگسي, عبدالله, پروفيسر (2010), سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو, ڪراچي, سنڌيڪا اڪيڊمي, ص 170
18. حوالو نمبر 16, ص 24،25
19. حوالو نمبر 17, ص 172
20. بيگ, مرزا قليچ, (2012), "سائو پن يا ڪارو پنو", سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ص 4
21. بيگ, مرزا قليچ, 1958 ع, "يادگيريون", سنڌ شعبو, سنڌ يونيورسٽي, ڄامشورو, ص 58.
22. بيگ, مرزا قليچ, (2012), "سائو پن يا ڪارو پنو", سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ص 24
23. ميمڻ, پروين موسىٰ, (2008), اٺين رائو ويل, حيدرآباد, محمد موسىٰ قاسماڻي ادبي اڪيڊمي, ص 52.
24. آڏواڻي, ڀيرومل مهرچند, (1917), موهني ٻائي (ناول), اسٽينڊرڊ پريس, حيدرآباد, ص 5
25. الانا, غلام علي, ڊاڪٽر (1999),سنڌي نثر جي تاريخ, سنڌي ساهت گهر, حيدرآباد, ص 204
26. اايضاَ, ص 225.
27. ايضاَ, ص 246
28. ايضاَ, ص 253

## باب چوٿون:

# مرزا قليچ بيگ جي اصلوڪن ناولن ۾ سماج جا مختلف پهلو

سماج زندگيءَ جي انيڪ پهلوئن تي مشتمل آهي. انهن پهلوئن جو عمومي طور اديبن ۽ خصوصي طور ناول نگارن تمام گهرائيءَ سان مشاهدو ڪيو آهي ۽ ان مشاهدي مان انهن جيڪي ڪجهه پرکيو ۽ سمجهيو آهي ان کي عوام الناس جي اڳيان ناول جي صورت ۾ پيش ڪري ڏيکاريو آهي. ان ڪري هر ناول نگار پنهنجن ناولن ۾ سماج جي انهن پهلوئن جي اپٽار ڪئي آهي جن مان يا ته هو پاڻ گذريو آهي يا سندس اکين اڳيان رونما ٿيندي ڏٺو آهي. مرزا قليچ بيگ انهن ناول نگارن مان هڪ آهي جن نه رڳو فرد جي سماجي پهلوئن جو ڳورو مشاهدو ڪيو آهي، بلڪه انهن جي خرابين جا سبب معلوم ڪري حل به ٻڌايا اٿس جن سان انهن خرابين مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو. اچو ته مرزا قليچ بيگ جي اصلوڪن ناولن کي سماجي پهلوئن جي آئيني ۾ ڏسون.

### نيڪي ۽ بدي:

نيڪي ۽ بدِي ٻه متضاد عمل آهن جن جو سڌو سنئون تعلق فرد ۽ سماج سان آهي. نيڪي جو مطلب آهي خود پسندي يا هٺ ۽ وڏائيءَ کان پاڪ هڪ اهڙو عمل جنهن ۾ ٻين سان همدردي جو احساس ۽ ٻين جي جائز ضرورتن ۽ مسئلن کي پنهنجن ضرورتن ۽ مسئلن مٿان ترجيح ڏيڻ. مطلب احساس، همدردي ۽ معاشري جي فلاح و بهبود ڪاڻ بي لوث جذبي ۽ خلوص واري نيت سان پاڻ کي وقف ڪرڻ جو نالو نيڪي آهي. بدِي مان مراد آهي اهڙو عمل جيڪو احساس ۽ همدردي کان خالي هجي. هن عمل ۾ ماڻهو پنهنجين خواهشن، ضرورتن ۽ مقصدن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندو آهي. هن لاءِ ڪنهن جي فلاح، نفعي، نقصان، پريشاني ۽ تڪليف ڪا به معنىٰ نه رکنديون آهن. بدِي جي عمل سان جڙيل فرد

دراصل مطلبي ۽ مفاد پرست هوندا آهن. هو تيستائين ٻين جو قدر ۽ احترام ڪندا آهن جيستائين سندن مطلب هوندو آهي.

انسان جو ڪو به عمل نيڪي ۽ بدِي جي دائري کان ٻاهر نه هوندو آهي. سندس عمل اگر ٻئي انسان جي لاءِ سڪون، خوشي، تسلي، اميد، فائدي يا اصلاح جو ذريعو ثابت ٿئي ته اهو عمل نيڪيءَ ۾ شمار ٿيندو آهي. نيڪيءَ جي جذبي سان وابسته اهڙا انسان سماج جي سونهن هوندا آهن. هو برائيءَ کي روڪڻ ۽ سٺي سوچ کي معاشري ۾ فروغ ڏيڻ جا علمبردار هوندا آهن. ان مقصد خاطر ڪين طرحين طرحين جون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن ۽ ڪيترن ئي مسئلن مان گذرڻو پوندو آهي. بدِي سدائين انهن جي رستن ۾ رنڊڪون وجهي ڪين ٿڪائڻ ۽ مايوس ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي رهي آهي. بدِي سان سلهاڙيل بد ڪردار ماڻهو پنهنجي سڄي توانائي نيڪي تي غالب ٿيڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن، پر پوءِ به نيڪي بدِيءَ تي غالب ٿي ويندي آهي ۽ بدِي جو انجام نيٺ برو ٿيندو آهي. چڱا انسان آخرڪار سرخرو ٿيندا آهن. اهي برن ماڻهن جي برائي کي ڏسي ڪڏهن به ٿڪبا نه آهن ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ کان ڪڏهن به پوئتي هٽندا ناهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چڱن ۽ برن جي وصف کي ڪهڙي نه سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

چڱا ڪن چڱايون، مَٺايون مَٺن،

جو وڙُ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

(سر سريراڳ، داستان چوٿون)

"دلارام" مرزا قليچ بيگ جو پهريون طبعزاد ناول آهي. هي ناول نيڪي ۽ بدِيءَ جي پهلوءَ کي نمايان انداز ۾ پيش ڪري ٿو. مرزا صاحب هن ناول ۾ نيڪي ۽ بدِي جي ڪردارن ۾ فرق کي واضع ڏيکاريو آهي ۽ انهن جي ذريعي پڙهندڙن تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ناول ۾ شهزادو بهرام، شهزادي دلارام، شاهه عادل، جهاندار شاهه، خوش خورم ۽ سبز پوش نيڪ ڪردار آهن جيڪي پنهنجي نيڪ صفت جي ڪري ماڻهن تي رحم ڪندا آهن. انهن جي ڏکن ۽ پريشانين جو احساس رکندا آهن ۽ ساڙ، بغض، هٺ جهڙن براين کان آزاد هوندا آهن. جڏهن ته شاهه شجاع، عظيم خان ۽ جهان بيگ بدِي جا ڪردار

آهن. اهي مطلبي، مفاد پرست، دوکيباز ۽ لالچي هوندا آهن. هنن مان بدِي جو مک ڪردار جهان بيگ آهي جيڪو بد ڪردار ۽ مطلب پرست هوندو آهي. هو ڏوهارين جو ساٿاري هوندو آهي ۽ شهزادي دلارام کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي سازشون سٽيندو آهي. ان لاءِ هو شاه عادل بادشاه جو فرزند شهزادو بهرام کي چالاڪيءَ سان اغوا ڪري بادشاه جهاندار شاه جي قيد ۾ آڻي پنهنجي بهادري جي دعويٰ ڪندو آهي ته جيئن جهاندار شاه بادشاه سندس بهادري ڏسي پنهنجي شهزاديءَ سان هن جي شادي ڪرائي. پنهنجي مطلب ۾ هو ايترو ته انڌو ٿي ويندو آهي جو دلارام جي عزت جو به خيال نه ڪندو آهي ۽ هن کي پنهنجي پيءُ جي نظرن ۾ ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پيءُ سان رٿ رٿيندو آهي.

”پاڻ هيءَ رٿ ڏسيائينس ته بادشاه کي خلاصو ڏسي وجي چئو ته سائين، شاهزادي بهرام ۽ دلارام شاهزاديءَ جي وچ ۾ محبت جو رستو ٿيو آهي. انهيءَ سبب ڪري جيڪو وڏو وڏو شاهزادو سندس سڱ وٺڻ لاءِ اچي ٿو، تنهن کي هوءَ قبول نٿي ڪري ۽ چئو ته مون کي پڪي طرح معلوم ٿيو آهي ته بادشاه جي غيرحاضري ۾ هنن اهو منصوبو ڪيو آهي ته بادشاه کي زهر ڏيئي ماري، حڪومت پنهنجي هٿ ڪن.“[1]

جهان بيگ سان گڏ سندس پيءُ عظيم خان يعني بادشاه جو وزير ۽ سندس ماءُ به انهيءَ سازش ۾ برابر جا شريڪ هوندا آهن. هي هر ڏوھ ۾ پنهنجي پٽ جو ساٿ ڏيندا آهن ۽ شهزادي دلارام جي پاڪ ڪردار تي ڪوڙا بهتان هڻي هن کي پيءُ کان پري ڪري ڇڏيندا آهن. شهزادي دلارام معصوم ۽ بي ڏوهي هوندي به ڪيترين ئي اذيتن مان گذرندي آهي. جهان بيگ جي اهڙي روش جي ڪري هڪ طرف جهاندار شاه پنهنجي شهزاديءَ جي جدائي ۾ ۽ پنهنجي خطا تي ڏک جا ڳوڙها پيو ڳاڙيندو آهي ته ٻئي طرف شاه عادل شهزادي بهرام جي وڇوڙي ۾ پيو روئندو آهي. هن صورتحال ۾ بظاهر بدِيءَ کي نيڪيءَ تي فوقيت ڏيکاري وئي آهي مگر ان ئي دوران شهزادو بهرام جهاندار شاه جي قيد مان آزاد ٿئي ٿو ۽ هڪ بادشاهت جو مالڪ ٿئي ٿو. جنهن کان پوءِ هو شهزادي دلارام کي ٻين جي قيد مان ڇڏائي ان سان شادي ڪري ٿو. آخر ۾ ٻئي پنهنجن پنهنجن مائٽن سان ملن ٿا. عظيم خان، جهان بيگ ۽ سندس ماءُ جي حقيقت هنن جي اڳيان ظاهري ٿئي ٿي. اهڙي طرح نيڪي بديءَ تي غالب ٿئي ٿي.

"بادشاھ کي اھڙي چڙ لڳي، جو حڪم ڏنائين تہ وزير ۽ سندس زال کي بہ ائين مارائجي جيئن منھنجي ڌيءَ دلارام کي تي ماريائون. پر شاھزادو بھرام ۽ دلارام اچي وچ ۾ پيا ۽ ھنن لاءِ معافي گھريائون."[2]

جڏھن کان انسان جي معاشري جي تشڪيل ٿي آھي تڏھن کان نيڪي ۽ بدِيءَ جي جنگ ھلندي رھي آھي. نيڪي ۽ بدِيءَ جا ڪردار ھر دور ۾ پيدا ٿيندا رھيا آھن ۽ پنھنجي پنھنجي حصي جو ڪم ڪندا رھيا آھن. نيڪ ماڻھو سدائين وحدت، اتحاد، امن، محبت ۽ يائيچاري لاءِ ڪوشان رھيا آھن. انھن جي زندگي جو ھر عمل خلوص، سچائي ۽ نيڪ نيتي سان ٽمٽار ھوندو آھي. جڏھن تہ بدي ڦھلائيندڙن معاشري ۾ ھميشہ کان نفاق، نفرت، جھيڙو، فساد، تعصب، ڪوڙ، ٺڳي، بدگماني ۽ دشمني جا ٻج ڇٽيا آھن. انھن جي بدِي معاشري تي ڪڏھن پنھنجا ايترا تہ ناڪاري اثر ڇڏيندي آھي جو ھر طرف کان بدِيءَ جي بوءِ محسوس ٿيندي آھي. اھڙي ماحول ۾ چڱن ماڻھن جي چڱائي آھستي آھستي بدِيءَ تي حائنجي ويندي آھي ۽ معاشري کي ان جي اثرن کان پاڪ ڪري ڇڏيندي آھي. مرزا صاحب "دلارام" ناول ۾ انھيءَ حقيقت جي بھتر انداز ۾ اپٽار ڪئي آھي.

ايمانداري ۽ نمڪ حلالي:

ايمانداري اھڙي خوبي آھي جيڪا ماڻھوءَ جي سماجي رتبي ۽ حيثيت کي ٻين جي لاءِ معاشري ۾ مثالي بنائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي. ايمانداريءَ جو مطلب آھي شين کي پنھنجي صحيح جاءِ تي رکڻ. ايمانداريءَ جي تقاضا اھا آھي تہ انسان پنھنجي رب سان، پنھنجي ذات سان ۽ ٻين انسانن سان ايمانداريءَ سان پيش اچڻ ضروري آھي. رب سان ايمانداري جو مطلب ھي آھي تہ رب پاڪ حاضر ناضر آھي ۽ اھو ظاھري ڪمن جي بجاءِ نيتن تي فيصلا ڪندو آھي. پنھنجي پاڻ سان ايمانداري ڪرڻ جو مطلب آھي تہ جنھن ڪم ۾ ضمير ملامت ڪري ۽ ايمانداريءَ کي خدشو پھچي تہ ان ڪم کي ڇڏي ڏجي. ماڻھن سان ايمانداري ڪرڻ جو مطلب آھي دل مان انھن جو خوف ختم ڪري ڇڏجي. ھن مان معلوم ٿيو تہ ايمانداريءَ جو مطلب آھي زندگيءَ جي ھر ڪم کي نيڪ نيتيءَ سان سرانجام ڏيڻ.

ايمانداري صرف هڪ خوبيءَ جو نالو نہ آهي، بلڪ هي هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو ٻين اهم خوبين تي مشتمل هوندو آهي. هر ماڻهوءَ کي ايماندار ٿيو چئي سگهجي. ايماندار شخص جون علامتون هي هونديون آهن تہ هن ۾ سچ ڳالهائڻ جي عادت هوندي. ڪوڙ ۽ چغل خوري کان بيزار هوندو ۽ هر معاملي ۾ سچائي پسند هوندو. بقول سمٿ جي:

"An honest person refuses to pretend that facts are other than they are, whether to himself or others."[3]

هو ڪنهن بہ ڪم کي نظر انداز نہ ڪندو آهي ۽ هر ڪم کي سنجيدگيءَ سان ادا ڪندو آهي. هو وقت جي پابنديءَ کي اهميت ڏيندو آهي. ان کان علاوه هو محنتي، ديانتدار، نمڪ حلال ۽ با اعتماد هوندو آهي. هي سڀ خصلتون ڪنهن شخص جي ايماندار هجڻ جو پڪو ثبوت ڏين ٿيون ۽ ايمانداري ان شخص جي ڪاميابي ۽ بلنديءَ جي ضمانت ڏئي ٿي.

زينت ناول ۾ علي رضا جو ڪردار ايمانداري جو هڪ اعلىٰ مثال آهي. علي رضا پنهنجي سچائي، ايمانداري ۽ نمڪ حلالي جي بدولت معاشري ۾ پنهنجو خاص مقام ٺاهي ٿو. هو پنهنجي پيشي سان سچو ۽ سنجيده هوندو آهي. هر ڪم ۾ سندس نيڪ نيتي هوندي آهي، جنهن ڪري هر شخص جي دل ۾ سندس عزت ۽ احترام هوندو آهي. انهن خوبين جي بدولت ترقي سندس مقدر بڻجي ٿي. علي رضا پنهنجي ايمانداري، نمڪ حلالي ۽ هوشياريءَ سان نوڪري ڪري بالا آفيسرن وٽ عزت ماڻي ٿو. هو علي رضا جي انهيءَ ڪردار سان ايترا متاثر ٿين ٿا جو کيس بغداد ۾ انگريز سرڪار جي ريزيڊنٽ جي نائبي آڇين ٿا. بغداد کان پوءِ هو ترقي ڪري بالآخر استنبول جي سلطان وٽ پهچي ٿو ۽ مقرب السلطان جو لقب ماڻي ٿو.

ايمانداري ۽ نمڪ حلالي جي برعڪس ڪي ماڻهو ٺڳي ۽ ذوکي بازي کي ڪاميابيءَ جو رستو سمجهندا آهن. هو جيڪي بہ ڪم ڪندا آهن انهن ۾ سندن بي ايماني، لالچ ۽ مطلب جهڙا عنصر شامل هوندا آهن. اهي ماڻهو ظاهري طور ٻين جي اڳيان پنهنجي ديانتداري، ايمانداري ۽ وفاداريءَ جا قسم پيا کڻندا آهن ۽ فرضي طور بہ ٽي چڱا عمل ڪري ٻين جي نظرن ۾ پنهنجي ساک قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن ماڻهو انهن تي اعتماد ڪرڻ لڳندا آهن تہ مطلب پرست ماڻهو بي ايمانيءَ جو سنڌرو ٻڌي انهن کي

نقصان رسائڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندا آهن. اهي ٺڳي ۽ دغابازيءَ سان توڙي جو عارضي فائدو حاصل ڪندا آهن پر آخر ۾ ڪين ذلت، خواري ۽ بربايءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي. اهڙو مثال مرزا صاحب دلارام ناول ۾ عظيم خان جي روپ ۾ پيش ڪري ماڻهن جي اصلاح ڪئي آهي. عظيم خان جهاندار شاهه بادشاهه جو نمڪ حرام ۽ دغاباز وزير آهي. هو ظاهري ايمانداريءَ سبب بادشاهه جو اعتماد حاصل ڪري ٿو. جنهن کان پوءِ هو پٽ سان ملي بادشاهه ۽ سندس ڌيءُ شهزادي دلارام کي نقصان رسائڻ ۾ بلڪل به نه ڪيٻائيندو آهي. هو بادشاهه کي دلارام جي پاڪدامنيءَ بابت شڪ شبها وجهي پيءُ کي ڌيءُ کان پري ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن ڪري انهن کي ڪيترين ئي اذيتن مان گذرڻو پوندو آهي ۽ وزير کي عارضي خوشي ملندي آهي. پر آخر ۾ سندن نمڪ حرامي، ٺڳي ۽ دوکيبازي سيني اڳيان ظاهري ٿئي ٿي. اهڙي طرح سندن انجام بڇڙو ٿئي ٿو.

”جهاندار شاهه حڪم ڏنو ته وزير عظيم خان ۽ سندس ذال جان بيگم کي خنجير وجهي قيد ڪري وٺي اچو، جو انهن جي بي ايماني ۽ نمڪحراميءَ کان هنن بيگناهن جا جيءَ جنجال ۾ پيا هئا. انهيءَ گهڙيءَ هنن کي وٺي آيا. بادشاهه ڪاوڙ مان چين ته اوهين پنهنجي ڏوهه جا قبولدار ٿيو، نه ته انهيءَ ساعت گهوڙن جي لتن هيٺ لتاڙائي ٿو مارايانوَ. هن ڏڙڪي کان هنن قبول ڪيو ته اها خطا برابر اسان کان پئي.... بادشاهه کي اهڙي چڙ لڳي، جو حڪم ڏنائين ته وزير ۽ سندس زال کي به ائين مارائجي، جيئن منهنجي ڌيءَ دلارام کي ٿي مارايائون.“[4]

مٿي ڏنل اقتباس مان معلوم ٿيو ته جيڪو به عمل بدنيتي، لالچ ۽ دوکيبازي جي آڌار تي ڪيو ويندو آهي، ان مان خوشي يا فائدو ضرور ملندو آهي پر اهو عارضي هوندو آهي. جڏهن ته بدنامي ۽ بربادي انهن ماڻهن جو اٽر مقدر هوندو آهي. ان جي برعڪس نيڪ نيتي، سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ادا ڪيل هر فرض ماڻهوءَ جي دائمي خوشي، ڪاميابي ۽ نيڪ ناميءَ جو سبب بڻجندا آهن.

ڪاوڙ / غصو:

ڪاوڙ يا غصو انسان جي بنيادي جذبن مان هڪ اهڙو جذبو آهي جيڪو ڪنهن عمل يا ڪم بابت انسان جي ناراضگيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. ڪاوڙ سان انسان ۾ جسماني تبديليون رونما ٿين ٿيون، جهڙوڪ: دل جو تيز ڌڙڪڻ، رت جي دوري جو وڌي وڃڻ وغيره. انسائيڪلو پيڊيا آف سائڪالاجي ڪاوڙ جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

"Anger is an emotion characterized by antagonism toward someone or something you feel has deliberately done you wrong."[5]

ڪاوڙ هڪ اهڙي جذباتي ڪيفيت جو نالو آهي جنهن جي شدت تبديل ٿيندي رهندي آهي. انسان کي مختلف حالتن ۾ مختلف نوعيت جو غصو ايندو آهي. اڪثر طور شديد غصي جي سبب ماڻهو تمام خراب نتيجن کي پوڳيندا آهن.

"ڪاوڙ تمام بري بال آهي. اها ڪاوڙ مارڪٽ، گارگند ۽ زبان درازيءَ جهڙا چٽا پٽا گناهه ڪرائي ٿي ۽ ان جي ڪري دل جا ڳجها گناهه به پيدا ٿين ٿا، جهڙي طرح دشمني، وير، ساڙ، بدگماني، پرائو راز ظاهر ڪرڻ ۽ ڪنهن کي خوار ڪرڻ جو ارادو ڪرڻ وغيره. ۽ ڪاوڙ جي ڪري مسلمان کي، پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو خوش ڪرڻ ناپسند ٿو لڳي ۽ ان جو رنج ۽ تڪليف ۾ رهڻ کيس وڻي ٿو. اهي سڀ گناه تباهي ۽ بربادي جو قوي ڪارڻ آهن."[6]

نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته انسان شعوري طور ڪوشش ڪري ڪاوڙ تي ضابطو آڻي سگهي ٿو. اهڙي حالت ۾ اگر هن کي ڪاوڙ ايندي ته هو ان تي جلد بازي ڪرڻ بدران تحمل کان ڪم وٺندو.

غصي اچڻ جا ڪيترائي سبب آهن. ڪجهه ماڻهن ۾ هي عمل موروثي هوندو آهي. ڪي ماڻهو وري ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن، تنهنڪري انهن جي گهرن ۾ ٻار جي طبيعت به اهڙي ٿيندي آهي. غصي سان نه صرف انسان جي صحت تي تمام خراب اثر پوندا آهن پر ان سان خانداني ۽ سماجي رشتن، ناتن تي به خراب اثر پون ٿا. غصي جي ڪري اهو ماڻهو هڪ ته رشتن ناتن کي ٽوڙي ويهندو آهي ۽ ان کان علاوه هو پاڻ کي ۽ ٻين کي نقصان پهچائڻ ۾ به دير نه ڪندو آهي. جڏهن ته آخر ۾ کيس پڇتائڻ کان سواءِ ڪجهه به ورندو ناهي.

مرزا قليچ بيگ هن پهلوءَ کي دلارام ناول جي اهم ڪردار جهاندار شاهه جي ذريعي سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. دلارام شهزادي جهاندار شاهه بادشاهه جي ڌيءَ هوندي آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جهاندار شاهه جي وزير عظيم خان جو پٽ جهان بيگ ڪيترين ئي سازشون رٿيندو آهي. هو شهزادي دلارام ۽ بهرام جي محبت جي من گهڙت خبر ٺاهي پيءُ جي ذريعي جهاندار شاهه تائين اها ڳالهه پهچائيندو آهي. جهاندار شاهه ڌيءُ بابت ڪوڙي خبر کي سچ سمجهي يڪدم غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. هو بنا سوچڻ سمجهڻ جي پنهنجي عزت ۽ ناموس جي بدناميءَ جي خوف ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. ان ڪري نه هو پنهنجي ڌيءَ کي صفائي بيان ڪرڻ جو موقعو ڏيندو آهي ۽ نه وري پنهنجي گهرواريءَ کان ڌيءَ جي پاڪدامني ٻڌڻ لاءِ تيار هوندو آهي. سندس غصي جي حد ايستائين ٿي رهي بلڪه شديد غصي جي ڪري هو چڻ ته انڌو ٿي ويندو آهي. راڻي جڏهن جهاندار شاهه کان دلارام سان ايڏي ڪاوڙ ڪرڻ جو سبب معلوم ڪندي آهي ته هو مٿس ويتر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

”انهيءَ جي توکي تڏهن خبر ڏيندس، جڏهن هن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي ويندا، تنهن وچ ۾ انهيءَ نياڻي ڇوڪريءَ بابت ڪي به مون کي نه چوءِ.“[7]

هو پنهنجي اڪيلي سڪيلڌي ۽ خوبصورت شهزاديءَ کي نياڻي سمجهڻ لڳندو آهي، ان ڪري هو پنهنجي شهزادي اهڙي ماڻهوءَ کي به ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي جيڪو انتهائي بد ڪردار ۽ شيطان صفت هوندو آهي. پر جڏهن وقت گذرڻ کان پوءِ حقيقت سندس سامهون ايندي آهي ته نهايت پشيمان ٿيندو آهي.

## عورت جي سماجي حالت:

اسان جي معاشري ۾ عورت جي ڪردار کي سدائين محڪوم رکيو ويو آهي. هر دور ۾ ان جو استحصال ٿيندو رهيو آهي. سماج ۾ هن جنس کي ڪمزور ۽ لاچار ڏيکاري کيس نفسياتي طور احساس محروميءَ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جيئن اها هڪ اهڙي مخلوق ٿي رهي جنهن کي زبان هجي پر ڳالهائي نه سگهي ۽ دماغ هجي پر سوچي نه سگهي. انهيءَ ڪري هوءَ نفسياتي طور تي دٻيل احساس ڪمتري ۽ بي اعتمادي جي زير اثر رهندي آهي. اهڙي مرداڻي سماج ۾ سنڌي عورت صرف تابعداري ڪرڻ کي ئي پنهنجو اولين فرض سمجهندي آهي ۽ نياڻي جي اولاد کي به ان ڳالهه جي ترغيب ڏيندي آهي. هوءَ هڪ اهڙي معاشري ۾ پنهنجي زندگي گذاري ٿي جتي هن کي نه چاهيندي به پنهنجا حق بخشڻا پون ٿا. هوءَ تا عمر پائرن جا پينگها لوڏڻ ته پسند ڪري ٿي پر پيءُ جي ملڪيت ۾ پنهنجي وارثي جي دعويدار ٿيڻ کي به گناهه سمجهندي آهي ۽ عورت جي ان مجبوريءَ مان فائدو وٺندي مرد سدائين ان جا حق ڦٻائيندو رهيو آهي. دراصل عورت کي مجبور ڪرڻ وارو به مرد آهي جنهن ان لاءِ معاشري ۾ پنهنجي عزت، غيرت ۽ مذهب جي نالي تي هٿ ٺوڪيل قاعدا، ضابطا ۽ من گهڙت سوچ کي پروان چاڙهي عورت کي انهن ڳالهين جو پابند بنايو آهي.

عورت چاهي ماءُ جي روپ ۾ هجي يا ڌيءُ جي روپ ۾، ڀيڻ هجي يا زال، هوءَ هر روپ ۾ ڪيترين ئي ريتن، رسمن، اصولن ۽ رواجن جي زنجير ۾ قيد رهي آهي. هوءَ سماجي ۽ اقتصادي آزاديءَ کان وانجهيل آهي. زندگيءَ جي هر قدم تي هن لاءِپابندين جا ڪيترا ئي چار وچايا ويا آهن. معاشري ۾ عورت جي باري ۾ اهڙين سوچن ۽ خيالن جو هڪڙو خول ٺاهيو ويو جنهن مان ٻاهر نڪرڻ خود عورت کي به عجيب محسوس ٿيڻ لڳو ۽ ان کي مقدر سمجهي ماٺ ڪري ويهي رهي. بقول ڊاڪٽر تهمينه مفتي جي:

”مرزا صاحب کي سنڌي مسلم عورت جي اڻجاڻائيءَ، بي علميءَ ۽ جاهليت جي پوري ڄاڻ هئي جو کيس اين ئي انهن حالتن ۾ رکيو ويو. کيس اها به خبر هئي ته سنڌي عورت سماج جي فرسوده ريتن رسمن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.“[8]

سنڌي عورت کي انهن زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ مرزا صاحب زينت ناول تخليق ڪيو. ناول ۾ مرزا صاحب عورت جو مثالي ڪردار پيش ڪري هٿ ٺوڪيل مفروضن ۽ من پسند قانونن جي پيت کي ڊاهي ڇڏڻ ته هڪ انقلاب برپا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن ناول جي ذريعي مرزا صاحب مرداڻي سماج جي اصلاح ڪئي آهي. ماڻهن جي سوچ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مرزا صاحب ان دور ۾ زينت ناول لکي منظر عام تي آندو جڏهن عورت جي زندگي صرف گهر جي چوديواري تائين محدود هوندي هئي. هن لاءِ تعليم جو مطلب فقط قرآن جي تعليم هوندو هوجڏهن ته گهر ۾ ان کي سوئي ڌاڳي جو هنر سکڻ تي زور ڏنو ويندو هو. گهر کان ٻاهر جي زندگيءَ جو حقدار صرف مرد هوندو هو جڏهن ته عورت جو ٻاهر نڪرڻ کي سيڪو پنهنجي توهين سمجهندو هو. شاديءَ بابت ان جي راءِ معلوم ڪرڻ مرد جي شان جي خلاف هو. باقي نياڻي ست قرآن، نياڻين جو ميڙ ۽ ماءُ جي گنديءَ جي لڄ جا تصور عام هئا. مطلب ته عورت، جيڪا ان معاشري ۾ صرف عزت ۽ ناموس طور استعمال ٿيندي هئي، تنهن کي ديني ۽ دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ کان وٺي شاديءَ جي معاملي ۾ اظهار جي آزاديءَ تائين سڀ حق ڏياري ان کي خود مختيار بنايو آهي. هن ناول جي ذريعي مرزا صاحب عورت جي معاشرتي پهلوئن جي جيڪا اصلاح ڪرڻ چاهي آهي ان جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**عورت جو پردو:**

عورت کي سدائين پردي جي نالي تي قيد ڪري رکيو ويو آهي. گهر هجي يا ٻاهريون سماج، عورت جي حفاظت جو انتظام پردي کي سمجهيو ويو آهي. اهو هڪ عام تصور رهيو آهي ته عورت جي عزت پردي ۾ آهي. يعني پردي کي عورت جي عزت جي ضمانت سمجهيو ويو آهي. عورتن جي پردي لاءِ مختلف دورن ۾ مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا آهن. بلڪ مختلف ذاتين ۾ پردي جو تصور مختلف رهيو آهي. ڪي عورت جي عزت کي محلن ۽ حويلين ۾ محفوظ سمجهندا هئا، ان ڪري انهن جي پردي جو بندوبست انهن محلن ۽ حويلين ۾ ڪيو ويندو هو. انهن خاندانن ۾ عورت جي سموري زندگي اتي ئي گذري ويندي هئي جتان انهن جو ٻاهر نڪرڻ صرف جنازي جي صورت ۾ ئي ممڪن هوندو هو. ڪي خاندان وري عورت کي ٻاهر ڇڏيندا هئا ته ان جي پردي جو انتهائي سخت انتظام ڪندا هئا. پردي جي اهڙن سخت انتظامن جي ڪري عورت کي هر طرف کان رڪاوٽون پيش ايندڀون هيون. انهن رڪاوٽن جي ڪري هوءَ حالتن سان سمجهوتو ڪري ويهي رهندي هئي. ماڻهن پنهنجن خواهشن ۽ ذاتي انا جي آڙ ۾ پردي بابت پنهنجن خيالن کي دين سان منسوب ڪري

عورتن کي ان تي عمل ڪرائڻ جو پابند بنائي ڇڏيو ۽ پردي جي صحيح مفهوم ۽ مقصد کان انهن کي پري رکيو.

مرزا صاحب پردي بابت اهڙن غلط خيالن ۽ پردي جي آڙ ۾ عورتن سان ٿيندڙ بي واجبين کان واقف هو. هو ڄاڻندو هو ته اهڙي پردي جي ڪري عورتن جو استحصال ٿي رهيو آهي ۽ انهن کي سندن بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو آهي. ان ڪري ان ڳالهه جي اشد ضرورت هئي ته پردي بابت جيڪي غلط طريقا ۽ نظريا معاشري ۾ رائج آهن تن جو خاتمو آڻجي ۽ پردي جو صحيح مفهوم ۽ مقصد ماڻهن ۾ عام ڪيو وڃي. اهو ئي سبب هو جو مرزا صاحب زينت ناول جو سهارو وٺي معاشري جي هن اهم پهلوءَ تي ڇڳو بحث ڪيو. ناول ۾ مرزا صاحب زينت بانوءَ جي واتان پردي جي متعلق ان دور جي رائج تصورن کي بيان ڪيو آهي. پردي جي باري ۾ ماڻهن جو اهو تصور هوندو هو ته پردي جي ڪري عورتون گمراهه ٿيڻ کان بچي وڃن ٿيون. اهي حيادار واريون رهن ٿيون ۽ انهن جي عزت به سلامت رهي ٿي. انهن جو ٻاهر نڪرڻ ان جي لاءِ خرابيءَ جو باعث بڻجي ٿو. ان ڪري اهي پردو ڪري گهر ۾ ويهن يان حويلين ۽ ڪوٺن ۾ بند رهن ته به انهن جي لاءِ بهتر آهي. اهڙن فرسوده خيالن کي رد ڪرڻ ۽ پردي جو صحيح مطلب عيان ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب علي رضا کان چَوِرائي ٿو ته:

”پردي جي نسبت ۾ منهنجو مختصر مطلب هيءُ آهي، ته زالن کي اصل ديوارن جي اندر بند ۾ رکڻ ۽ بلڪل نڪرڻ کان روڪڻ اجايو آهي. جڏهن نڪرن، تڏهن مناسب پردو هجين، يعني جيڪي ديني حق جسم ڍڪڻ ۽ لباس ڍڪڻ جا آهن، سي پورا ڪجن، ۽ پنهنجي وارث کان سواءِ يا انهيءَ جي امرضيءَ ڏاران ٻئي ڪنهن هنڌ نه وڃن. جڏهن ڪڏهن ڪن عجيب غريب شين ڏسڻ جو وجهه سٽائو هجي، جن مان ڪنهن قسم جي فائدي جو امڪان هجي، يا جڏهن ڪڏهن ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ڪنهن هنڌ وڃڻو هجي، تڏهن مناسب ۽ شائستي رستي سان انهن جي ڏسڻ ۾ يا اتي وڃڻ ۾ ڪا به حرڪت نه هئڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ڪري ديني حڪم به بجا آڻي سگهجن ٿا، ۽ جهان جي توڙي خدا تعاليٰ جي قدرت جي به زياده خبر پوي ٿي.“[9]

مرزا صاحب پردي جي باري ۾ ماڻهن جي شڪن، وهمن ۽ خدشن کي دور ڪرڻ لاءِ علي رضا جي واتان مدلل بيان پيش ڪيو آهي. پردي جي باري ۾ ماڻهن جي ذهنن مان

محدود سوچ ڪيڏي انهن کي باشعور بنايو آهي. گڏوگڏ عورتن کي قلعن ۽ ڪوٺن مان ڪيڏي انهن کي آزاديءَ سان زنده رهڻ جو حق ڏياريو آهي. عورت جو پردو محض حويلي يا ڪوٺ ۾ محفوظ نٿو رهي. ان جو پردو ٻاهر رهي به قائم ٿي سگهي ٿو. هوءَ پردي ۾ رهي دنيا جي علمن مان مستفيض ٿي سگهي ٿي ۽ ساڳي طرح ان ۾ خود اعتمادي به پيدا ٿئي ٿي.

**تعليم ۽ تربيت:**

تعليم تربيت ۽ عمل تي مشتمل هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان فرد ۽ سماج تي سدائين مثبت اثر پوندا رهيا آهن. تعليم جي شروعات انسان جي تخليق کان ٿي جيڪا سندس اشرف المخلوقات هجڻ جو باعث بني. ڇاڪاڻ جو تعليم انسان کي اها سوچ ۽ شعور ڏئي ٿي جنهن سان هو منفي عنصرن کان پنهنجي پاڻ کي بچائي سماج جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو. تعليم لاءِ انگريزيءَ ۾ EDUCATION جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي جيڪو لاطيني ٻوليءَ جي هنن لفظن مان اخذ ڪيل سمجهيو وڃي ٿو Educare, Educere Educatum, ۽ Educatus جنهن جي معنىٰ سکڻ ۽ تربيت ڪرڻ آهي. يعني تعليم هڪ سکيا جو عمل آهي جنهن جي ذريعي نه صرف دنيا جي علمن جي ڄاڻ پرائي وڃي ٿي پر زندگيءَ جا آداب، اخلاق، قدر، مقصد ۽ تجربا به سکيا وڃن ٿا. بقول جان ڊيوي جي:

"Education is a process of living through a continuous reconstruction of experiences. It is the development of all those capacities in the individual which will enable him to control his environment and fulfil his possibilities."[10]

تعليم زندگي گذارڻ جو اهڙو عمل آهي، جنهن جي ذريعي حاصل ٿيل نتيجن کي وري درست ڪري سگهجي ٿو. اهو فرد جي انهن صلاحيتن جي ارتقاء جو ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي ماحول کي ڪنٽرول ڪري سگهي ۽ پنهنجي ضرورتن جي تڪميل ڪري سگهي. يعني تعليم فرد جي تربيت ڪري ان کي تعميري ۽ تنقيدي نقطہ نگاهہ کان سوچڻ جي قابل بنائي ٿي. انهيءَ جي ذريعي فرد جي اخلاقي جمالياتي ۽ ديني بصيرت ۾ اضافو به ٿئي ٿو ۽ ان ۾ مختلف قسمن جي قدرن ۾ امتياز ڪرڻ جي قوت به پيدا ٿئي ٿي. جهڙي طرح هڪ واڍو ڪاٺ جي ٽڪر کي رندو هڻي گهڙي ٺپي هڪ خوبصورت مورتي ٺاهي ٿو،

تعليم ۽ تربيت ﺑہ اهڙي طرح فرد جي ڪردار، خيال، فڪر ۽ رويي ۾ مثبت تبديليون آڻي ان ڪي معاشري جو بهترين انسان بنائي ٿي.

نياڻيءَ جي تعليم ۽ تربيت:

اهو هڪ مشهور مقولو آهي ته ”پٽ پڙهيو ته هڪ فرد پڙهيو، نياڻي پڙهي ته پورو خاندان پڙهيو“. نياڻيءَ کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حڪم دين ﺑہ ڏئي ٿو ته دنيا جا عالمي منشور ﺑہ ڏين ٿا. تعليم حاصل ڪرڻ نياڻيءَ جو پيدائشي حق آهي پر سنڌي معاشرو ان کان اهو حق کس وٺي ٿو ۽ ان جي ذهن ۾ اها ئي سوچ منتقل ڪئي وڃي ٿي ته پڙهي ڇا ڪندي. هڪ نه هڪ ڏينهن هن کي شادي ڪري پنهنجي گهر وڃڻو آهي. ان ڪري جهڙيءَ طرح پٽ جي ولادت تي مائٽ ان جي تعليم بابت اڳ ۾ ئي پنهنجي راءِ قائم ڪري ڇڏيندا آهن ته منهنجو پٽ ڊاڪٽر ٿيندو، انجنيئر ٿيندو يا ڪو وڏو آفيسر ٿيندو. ان جي برعڪس نياڻي جي ڄمڻ تي ان جا مائٽ ڳڻتيءَ ۾ پئجي وڃن ٿا ۽ نياڻي جي اولاد کي پرائو سمجهي ان لاءِ صرف ايتري تعليم جو بندوبست ڪن ٿا جو هوءَ ڪجهه لکي ۽ پڙهي ڄاڻي. نياڻي بابت مائٽن جي اهڙي سوچ مان هڪ ڳالهه واضع ٿي وڃي ٿي ته اهي تعليم جي اصل مقصد کان باخبر آهن ۽ پيو ته انهن جي اها سوچ نياڻيءَ تي ايترو اثر وجهي ٿي جو هوءَ تعليم کان وڌيڪ رڌ پچاءُ ۽ پين اهڙن ڪمن تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪندي آهي. انهيءَ ڪم ۾ ننڍپڻ کان وٺي سندس مائٽ تربيت ڪندا ايندا آهن ته جيئن هوءَ سياڻ جنهن گهر ۾ وڃي اتي اسان جو نالو ڪيرائي. ان ڪري ڪي مائٽ ته پنهنجي نياڻيءَ کي صرف ديني سبق سکڻ تي ويهاريندا آهن ۽ ڪي ان لاءِ بنيادي تعليم کي لازمي سمجهندا آهن. بقول ديوان ڪوڙومل جي ته:

”جيڪڏهن علم کان سواءِ مرد پسون جي آچار آهن ته زالون ﺑہ علم کان سواءِ مرن کان مٺي ڪين آهن. جي ماڻهو چون ٿا ته زالن جي پڙهائڻ کان ڪهڙو فائدو ٿيندو، هنن جو ڪم فقط روٽي پچائڻ ۽ گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ جو آهي. لکي پڙهي ڇا ڪنديون. اهي ماڻهو انهيءَ ماڻهوءَ وانگر آهن جو جاءِ جوڙائڻ مهل ان جي بنياد جي پڪائيءَ جي سڌ نه رکي. سڀ ڪنهن ڏيهه جو سڌارو ۽ بگاڙو، واڌارو ۽ گهاٽاپو زالن جي سياڻپ ۽ نادانيءَ تي آهي.“[11]

مرزا قليچ بيگ جنهن معاشري ۾ اک کولي اهو معاشرو نياڻين جي تعليم ۽ تربيت جي معاملي ۾ محدود ۽ پراڻن خيالن (Conservative Thought) جو عادي هو. عورتون پابنديءَ جي ڪري تمام گهٽ گهر کان ٻاهر نڪرنديون هيون ۽ انهن جي لاءِ وڌيڪ تعليم جو بندوبست ڪرڻ کي مسلمان نامناسب سمجهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو مرزا صاحب عورتن جي تعليم بابت ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون ان ڳالهه جو اظهار مرزا صاحب تحفت النسوان ۾ هيئن ڪيو آهي.

"جڏهن سرڪار تعليم کاتي وارا سنڌي ڪتاب تيار ڪرڻ ۽ سڌارڻ ۾ ٿي آيا، تڏهن مسلمانن جي اعتراض تي ڪاميٽيءَ اهو سوال اٿاريو هو ته مشهور مسلمانن مڙس خواهه زالون ڪٿي آهن جن جو احوال سبقن ۾ ڏجي ۽ نيٺ مشڪلات سان ڪي ٿورا اهڙا سبق داخل ڪيا ويا، سي به مڙسن جا پر مشهور مسلمان زالن جي ته زياده مشڪلات نظر آئي. انهيءَ مشڪلات لاهڻ لاءِ ڪنهن معزز دوست جي صلاح سان مون هي ڪتاب لکيو. جنهن جي پڙهڻ مان هيترو ٿيندو ت مسلمان، جي اجا زناني تعليم تي دل نمائي ٿا ڪن، جيئن ٻيون قومون ٿيون ڪن، تن کي جڏهن هن مان معلوم ٿيندو ته بيشمار شريف زالون مشهور ٿي گذريون آهن تڏهن پاڻ به اهڙي تعليم جي پکيڙڻ ۾ سعيو ڪندا."[12]

سنڌي معاشرو پٽ توڙي نياڻيءَ جي تعليم جي حوالي سان تمام تنگ نظر هو. انهن جي اعلىٰ تعليم جو ڪنهن کي به اونو نه هوندو هو. نياڻين جي تعليم جا حامي تمام گهٽ هوندا هئا. نياڻين کي وڌيڪ تعليم ڏيارڻ يا تعليم جي غرض کان نياڻين کي ٻاهر ڪڍڻ ان وقت مزاح خيز عمل سمجهيو ويندو هو. جيڪو مائٽ پنهنجي نياڻيءَ يا پٽ کي وڌيڪ تعليم ڏيارڻ جو بندوبست ڪندو هو ته ماڻهو ان تان ٺٺوليون ڪندا هئا. مرزا صاحب آسپاس جي سماجن کان واقف هو. انهن سماجن ۾ تعليم جي ذريعي ٿيندڙ سڌارن جو غور سان مشاهدو ڪندو هو. جڏهن ته سنڌي سماج تعليمي فقدان جي ڪري ترقيءَ جي راهه کان ڪافي دور هو. سماج جي ترقي ۽ سڌاري جو واحد رستو تعليم آهي ۽ ان ۾ خصوصي طور نياڻين جي تعليم جو اهم ڪردار آهي. اهو ئي سبب آهي جو مرزا صاحب زينت ناول لکي نياڻيءَ جي تعليم جي اهميت کان ماڻهن کي قائل ڪيو ۽ ان جي تعليم جي اشد ضرورت کي معاشري ۾ محسوس ڪرايو. هن ناول جي ذريعي مرزا صاحب هڪ طرف مائٽ

ڪي ماڻهن جي ٽٽولين جي پرواه نہ ڪرڻ لاءِ باهمت بنايو آهي تہ ٻي طرف ان پٽ ۽ نياڻيءَ جي تعليم جي فڪر ۾ مبتلا ڪرڻ جي پڻ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

”پنهنجي پٽ حامد عليءَ ڪي ننڍي ئي هوندي اسڪول ۾ پڙهائڻ ويهاريائين جو پهرين سنڌي ۽ پوءِ انگريزي بہ پڙهڻ لڳو. اگرچ انهيءَ ڪري سنڌس عزيز ۽ پاڙيسري مٿس کلڻ ۽ ٽوڪون ڪرڻ لڳا، تہ بہ انهيءَ جي پرواھ نہ رکيائين. پٽ جي ڳالھ تہ ڇڏيو، پر پنهنجي نياڻي زينت بانوءَ ڪي بہ گهر ئي گهر ۾ تعليم ڏيڻ لڳو. ڪي سنڌس ڪوشش سان، ڪي حامد جي سنگت مان ۽ ڪي هڪڙي پير مرد آخوند جي پڙهائڻ ڪري هوءَ قرآن ۽ ديني ڪتابن توڙي سنڌي، فارسي پڙهڻ ۾ اهڙي چالاڪ ٿي ويئي جو ڳالھ ڪرڻ کان ٻاهر.“[13]

نياڻيءَ جي تعليم بابت معاشري ۾ جيڪا فرسوده ريت قائم هئي، زينت ناول ان ڪي ٽوڙي اولاد جي تعليم جا نوان قاعدا، ضابطہ ۽ نوان خيال مقرر ڪيا. ماڻهن ڪي پراڻن ۽ قديم وهمن ۽ سوچن مان ڪڍي، انهن ڪي نئين دنيا جي نون لاڙن کان متعارف ڪرايو. عورتن ڪي تعليمي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون درپيش هيون انهن جو خاتمو آندو. جنهن سماج ۾ نياڻين ڪي صرف ننڍي وهيءَ ۾ بہ ٿي درجا پڙهائڻ جو رواج هو، اتي هن ناول نہ فقط انهن لاءِ تعليم جو دائرو وڌايو پر اهو پڻ واضع ڪيو تہ تعليم هڪ متحرڪ ۽ مستقل عمل آهي جنهن لاءِ عمر جي ڪا بہ قيد ناهي. ان ڪري نياڻيءَ ڪي رڳو ڪنواري رهڻ تائين علم سکڻ نہ گهرجي بلڪہ شاديءَ کان پوءِ بہ هوءَ تعليم پرائي سگهي ٿي. جنهن جي ڪري نہ رڳو ان جي ذهني نشونما ٿئي ٿي، پر هو هڪ سٺي زال، بهترين ماءُ ۽ قابل گهرڌياڻي بہ ثابت ٿئي ٿي.

ان ڪري شاديءَ کان پوءِ بہ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”زال مڙس پنهي ديني ۽ علمي سڌاري ۾ پريندي کان گهڻي ڪوشش ڪئي. هڪڙو وقت مقرر ڪري ڇڏيو هئاون، جنهن تي مڙس زال ڪي انگريزي پڙهائيندو هو ۽ ٻيا جيڪي ڪتاب اڪثر اسڪول ۾ پڙهائيندا آهن جهڙوڪہ تاريخ، جاگرافي، حساب وغيره سي بہ هن ڪي پڙهائيندو هو. جيتوڻيڪ اهي زال ڪي گهڻي ڪم جا نہ هئا، پر تڏهن بہ واقفيت جي لاءِ هن

ضروري ڄاتا. تنهن کان سواءِ وقت ٽارڻ جو بہ اهو چڱو اپاءُ هو ۽ زينت بانو بہ انهن جي سکڻ جي خواهشمند ٿي.“[14]

تعليم يافتہ عورت با شعور هوندي آهي. هوءَ پنهنجون ذميواريون بهتر طريقي سان ادا ڪرڻ جي قابل ٿيندي آهي. هوءَ ڄاڻندي آهي تہ گهر جا ڪم ڪار ڪهڙي نموني سان ادا ڪرڻ گهرجن. گهر جي فردن جهڙوڪ: ماءُ، پيءُ، مڙس، ڀاءُ ۽ ڀين ڀاتين سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. ٻارن جي پرورش ڪيئن ڪرڻ گهرجي. ٻارن جي صحت ۽ صفائي لاءِ ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي وغيره. هڪ لکيل پڙهيل ۽ باشعور عورت مڙس لاءِ مضبوط سهارو بنجي ٿي ۽ اولاد لاءِ هڪ بهترين رهنما ثابت ٿئي ٿي. مطلب تہ تعليم عورت جي سونهن ۽ سيرت کي سنوارڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪري ٿي. زينت بانو ان جو هڪ مثال آهي. هوءَ زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ سرخرو رهي آهي. ڏک هجن يا سک، آزمائشون هجن يا حرفتون، زينت بانو هميشہ ثابت قدم رهي آهي. هو نہ فقط هڪ سٺي ڌيءُ ثابت ٿي آهي پر هڪ بهترين زال ۽ بهترين ماءُ پڻ ثابت ٿي آهي. اهو تعليم ۽ سٺي تربيت جو ئي اثر هو جنهن زينت بانوءَ کي هر روپ ۾ مثالي بنايو. معاشري ۾ اهڙا مثالي ڪردار پيدا ڪرڻ لاءِ تعليم ضروري هئي ۽ خصوصي طور زناني تعليم جي تمام گهڻي ضرورت هئي. ان ڪري ماڻهن کي ان طرف متوجهہ ڪرڻ ۽ انهن کي ان ڳالهہ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ مرزا صاحب ناول ۾ زال ۽ مڙس جي وچ ۾ هن موضوع کي ڪهڙي نہ بهتر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. زناني تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ زينت بانو ۽ علي رضا پاڻ ۾ صلاح ڪندي چون ٿا تہ:

”هڪڙي چڱي پوشيده جاءِ وٺي انهيءَ ۾ هڪڙو زنانو اسڪول وجهجي، جنهن ۾ اڪثر سڪرن مسلمانن جون ڌيئون پڙهائجن. انهيءَ ۾ هنن جي آسائش لاءِ آبروءَ جهڙو بندوبست رکائجي. سيکارڻ واري زينت بانو پاڻ ٿئي ۽ جيئن چوڪرين جو تعداد وڌندو وڃي، تيئن جا چ ڪري پگهار تي ٻي هڪ ٻہ پڙهيل زال اشراف گهر جي مدد لاءِ هٿ ڪجي. تعليم فارسي، هندستاني ۽ انگريزيءَ ۾ ڏجي؛“[15]

معلوم ٿيو تہ تعليم ۽ تربيت جي ضرورت جيتري پٽ کي آهي، ان کان وڌيڪ ان جي ضرورت نياڻيءَ کي آهي. ڇو تہ پٽ جو تعلق صرف هڪ گهر ۽ هڪ فرد سان آهي، پر نياڻيءَ

جو تعلق ڀن خاندانن سان هوندو آهي. مرزا صاحب زينت ناول لکي معاشري مان جهالت جو خاتمو آندو. عورت جي تعليم بابت تنگ نظرين جي پاڙ پٽي ماڻهن کي جديد دور جي تقاضائن کان هم آهنگ ڪيو ته جيئن مرد ۽ عورت باشعور بنجي معاشري ۾ سڌاري آڻين ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ترقيءَ جي راهه هموار ڪن.

شادي:

شادي فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ جامع سنڌي لغات مطابق خوشي، جشن، سرهائي، پرڻو، وهانءُ، ڪاڄ، نڪاح، خوشخبري ۽ بشارت ٻڌائي وئي آهي. شادي هڪ اهڙو پرمسرت موقعو هوندو آهي جنهن ۾ مرد ۽ عورت رسمي، ثقافتي، مذهبي ۽ قانوني طور ازدواجي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي هڪٻئي جا تا حيات ڏک سک جا ساٿي ٿي وڃن ٿا. شادي دراصل ٻن خاندانن جي ميلاپ جو اهم سبب آهي. سماجي طور هي رشتو ٻنهي خاندانن جي عزت، شان، مان، ادب، احترام ۽ خوشحاليءَ جو ضامن آهي. مختلف طبقن ۽ ثقافتن جا ماڻهو شاديءَ کي مختلف رسمن ۽ طور طريقن سان ملهائيندا آهن. ان ڪري انهن وٽ شاديءَ بابت جدا جدا تصور ۽ نظريا آهن. شادي، مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ثقافتي طور تي هڪ تسليم ٿيل اتحاد جو نالوآهي، جنهن کي زال مڙس چيو وڃي ٿو. هن سماجي طريقي جي ذريعي زال مڙس معاشري ۾ هڪ نئون ڪٽنب جوڙين ٿا. برٽينڪا انسائيڪلو پيڊيا شاديءَ جي وصف هنن لفظن ۾ ڪئي آهي.

"A legally and socially sanctioned union, usually between a man and a woman, that is regulated by laws, rules, customs, beliefs and attitudes that prescribe the rights and duties of the partners and accords status to their offspring (if any)."[16]

يعني شادي مرد ۽ عورت جي وچ ۾ قانوني ۽ سماجي طور تي منظور ٿيل اتحاد جو نالو آهي. هڪ اهڙو اتحاد جيڪو قانون، قاعدن، رسمن، عقيدن ۽ روين سان جڙيل هوندو آهي جنهن مان انهن جا حق ۽ ذميواريون واضع ٿين ٿيون ۽ پنهنجي اولاد کي معاشري ۾ ڪو رتبو ڏين ٿا. ٻين لفظن ۾ اهو چئي سگهون ٿا ته شادي اهو هڪ پاڪيزه رشتو آهي، جنهن سان معاشري ۾ هڪ نئين خاندان جو بنياد وجود ۾ اچي ٿو ۽ ان سان هڪ پر سڪون گهراڻي جو قيام عمل ۾ اچي ٿو. شادي زال ۽ مڙس کي سماجي ۽ مذهبي طور گڏجي زندگي گذارڻ

جو نالو آهي، جيڪو روحاني ۽ ذهني تسڪين جو سبب آهي. شاديءَ کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار اڪثر گهوٽ جي پيءُ جي گهر ۾ رهندا آهن جنهن کي Patri-local چئبو آهي. ڪن خاندانن ۾ شادي ان شرط تي ڪرائي ويندي آهي تہ گهوٽ شاديءَ کان پوءِ ڪنوار جي مائٽن ۾ رهندو. شاديءَ جي هن طريقي کي Matri-local چئبو آهي. جڏهن تہ گهوٽ ۽ ڪنوار هڪٻئي جي رضامنديءَ سان شاديءَ کان پوءِ پنهنجي لاءِ الڳ رهائش جو بندوبست ڪندا آهن جنهن کي Neo-local چئبو آهي.

نياڻيءَ جي شادي جي باري ۾ سنڌي معاشرو غفلت ۽ بي رحميءَ کان ڪم وٺندو آيو آهي. نياڻيءَ جي بالغ ٿيڻ تي ان جا مائٽ سندس شاديءَ جي فڪر ۾ رات ڏينهن پيا ڳرندا آهن. ڇاڪاڻ جو اهي صرف زماني جي طعنن کان خوفزده هوندا آهن. اسان جي معاشري ۾ جڏهن نياڻيءَ جو اولاد بالغ ٿيندو آهي تہ مائٽ ان جي تربيت جي معاملي ۾ تمام گهڻا خوفزده رهندا آهن، ڇاڪاڻ جو اهي ڄاڻندا آهن تہ هي مرادڻو سماج عورتن جي عزت کي ڪنهن بہ وقت نيلام ڪري سگهي ٿو. پٽ جي تربيت جي معاملي ۾ مائٽ لا پرواهي جو مظاهرو ڪندا آهن. چاهي اهو آوارا گردي ڪري يا ڪنهن نياڻيءَ جي رئي ۾ هٿ بہ وجهي تہ مائٽ اهو چئي ان کي نظر انداز ڪندا آهن هو اڃان ٻار آهي، سمجهہ نہ اٿس، ٻاراڻيون حرڪتون آهن وغيره. جڏهن تہ ان جي بر عڪس اگر ڪو فرد ڪنهن جي نياڻيءَ جي عزت تي مفاد خاطر بهتان ٿو هڻي تہ ان جا مائٽ انهن بهتانن جي تصديق ڪرائڻ ۾ بہ پنهنجي بدنامي سمجهن ٿا ۽ اها سوچ رکن ٿا تہ متان معاشرو سندن نياڻيءَ کي قبول نہ ڪري.

اڄ بہ اسان جو سماج شادي جي انهن پراڻن رواجن ۽ سوچن منجهان نڪري نہ سگهيو آهي. مرزا صاحب شاديءَ بابت انهن فرسوده رواجن کي ختم ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي خيالن ۾ نواڻ آندي. معاشري ۾ شاديءَ جا جيڪي بہ غلط تصور، طريقا يا قسم استعمال هيٺ رهيا آهن، زينت ناول ۾ انهن سيني کي رد ڪرڻ لاءِ انهن تي مضبوط ۽ عقلي دليلن سان بحث ڪيو آهي. اچو تہ شاديءَ جي انهن رواجن تي ڪجهہ روشني وجهون.

ننڍي عمر ۾ شادي:

ننڍي عمر ۾ شادي يعني Child Marriage مان مراد اها شادي آهي جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي عمر 18 سالن کان گهٽ هوندي آهي. هن شاديءَ کي ٻالڪپڻ جي شادي به چئبو آهي جيڪا رسمي يا غير رسمي طور ادا ڪري ٻارن کي زال ۽ مڙس طور گڏ رهڻ جو حق ڏنو ويندو آهي. هن شاديءَ جو رواج ڏکڻ ايشيا ۾ عام ملي ٿو. هن قسم جي شاديءَ ۾ اڪثر ڇوڪرين کي نشانو بنايو ويندو آهي. عالمي اداري UNICEF مطابق ڏکڻ ايشيا ۾ ٻالڪپڻ جي شاديءَ ۾ تقريباً 45 سيڪڙو عورتن جي شادي 18 سالن کان گهٽ عمر ۾ ڪئي ويندي آهي. هن قسم جي شادي شادي نه پر ٻارن تي هڪ قسم جو تشدد آهي جنهن ۾ ٻارن کي راند ڪرڻ ۽ پڙهڻ جي عمر ۾ وڏي ذميواري ڏئي انهن کي ذهني طور مفلوج ڪيو ويندو آهي.

سنڌي معاشري ۾ ننڍي وهيءَ ۾ شاديون مختلف طريقن ۽ ڪيترن ئي سبب جي ڪري ڪيون يا ڪرايون وينديون آهن. سنڌي سماج ۾ ننڍي عمر جي شاديءَ جا ڪيترائي نمونا ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جهڙوڪ: ڪنهن شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي جي عمر 18 سالن کان گهٽ هوندي آهي. ڪڏهن ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ کي تمام وڏي عمر واري مرد سان پرڻايو ويندو آهي ته ڪڏهن وري ننڍي عمر جي ڇوڪر جي شادي وڏي عمر واري ڇوڪريءَ سان ڪرائي ويندي آهي. ڪڏهن ته ايئين به ٿيندو آهي جو گهر جا وڏا ٻار ڄمڻ شرط انهن کي هڪٻئي جي نالي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن اهي جوان ٿيندا آهن يا بالغ ٿيڻ جي عمر کي پهچندا آهن ته انهن جون شاديون ڪرايون وينديون آهن. اسان جي سماج ۾ ننڍي عمر ۾ ٻارن جي شادي ڪرائڻ جا ڪيترائي ڪارڻ هوندا آهن. مثال طور، سڱ چٽي ڏيڻ، ادلو بدلو ڪرڻ، پئسن عيوض شادي، غربت، عزت کي نقصان رسڻ جو خدشو، ذاتي سڪون ۽ تسڪين ۽ سماجي مفاد پرستي وغيره.

مرزا قليچ بيگ سماج جي هن پهلوءَ تي روشني وجهڻ لاءِ ناول صنف جو سهارو ورتو. ڇاڪاڻ ته ناول معاشري جي حقيقتن کي تمام پر اثر انداز ۾ بيان ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، جنهن جي مطالعي سان پڙهندڙ جو ذهن تمام جلد متاثر ٿئي ٿو. سندس زينت ناول حقيقت نگاريءَ تي مشتمل هڪ شاهڪار ناول آهي جيڪو اڄوڪي جديد دور ۾ به

پڙهندڙن کي اهڙو ئي متاثر ڪري ٿو. ننڍي عمر جي شاديءَ جا رواج جيڪي مرزا صاحب جي دور ۾ رائج هئا اهي اڄ بہ اسان جي معاشري ۾ رائج آهن. هن معاشري ۾ ڪيترائي اهڙا مائٽ آهن جيڪي پنهنجي ڪم علمي ۽ پراڻي سوچ رکڻ سبب ظاهري دولت کي ڏسي پنهنجي نياڻيءَ جو سودو ڪري ويهن ٿا. اهي دولت جي خاطر پنهنجي نياڻيءَ کي ننڍي عمر جي ٻار سان پرڻائڻ ۾ ڪو عيب نٿا سمجهن، بلڪ ان ۾ پنهنجي نياڻيءَ جو سک ٿا سمجهن. مرزا صاحب اهڙي سوچ جي عڪاسي بختاور جي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي جيڪي هوءَ زينت بانوءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي.

”چو مائي، سيٺ گل محمد جي گهر ۾ ڪا گهٽ آهي؟ سندس گهر جيڪڏهن تنهنجو وڃڻ ٿئي، تہ هزارن جا ڳهہ ڳٽا پائين، مون جهڙيون ڏهہ دايون تنهنجي اڳيان ڪمائين. دنيا ۾ اهڙي سکي زال پوءِ جيڪر ڪا مشڪل ملي.“[17]

هنن خيالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نياڻيءَ جا مائٽ اڪثر ترجيح پئسي کي ڏيندا آهن. هنن جي نظر ۾ سندن نياڻيءَ جو سک صرف دولتمند ۽ اميراڻي گهر ۾ هجڻ آهي پوءِ چاهي ان جي شادي ننڍڙي ٻار سان ڪرائي وڃي. سماج جي اهڙي فرسوده سوچ کي رد ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب پڙهيل لکيل ۽ باشعور عورت کي منظر عام تي آندو آهي جيڪا ان سوچ جي خلاف نہ رڳو پنهنجو مضبوط موقف پيش ڪري ٿي پر مائٽن کي بہ وسيع نظر بنائي ٿي. هوءَ شاديءَ جي اهڙي رشتي بابت مائٽن کي جيڪا سوچ ڏيڻ ٿي چاهي ان ۾ ڪيڏي نہ گهرائپ آهي.

”دائي، دنيا سازي جي سک لاءِ اهي هزار ۽ لک ڪنهين ڪم جا ڪين آهن. اهو سون روپو اڄ هوندو تہ سڀاڻ ڪو نہ هوندو. زال کي آسرو سون روپي جو تہ ڪونهي، انهيءَ ماڻهوءَ جو آهي جنهن سان سندس پلوءَ ٿو ٻڌجي. انهيءَ جي جڏهن اجا خبر ئي ڪانهي تہ چڱو ٿيندو يا بڇڙو ٿيندو، سڌرندو يا ڪرندو، تڏهن انهيءَ جي آسري ڇا لڳبو؟“[18]

مرزا صاحب ان دور جي عورت کي پنهنجي حق لاءِ ڳالهائڻ جي نہ رڳو جرئت ڏني آهي پر معاشري کي ان جي حقن جو احترام ڪرڻ جي پڻ تلقين ڪئي آهي. شاديءَ جي هن اهم مسئلي کي ناول ۾ آڻي مائٽن کي سجاڳ ڪرڻ جي هڪ ڀرپور ڪوشش ڪئي اٿس ۽

انهن کي هن سير حاصل بحث وسيلي نياڻيءَ جي ننڍي عمر ۾ يا ننڍي عمر جي ٻار سان شادي ڪرائڻ کان روڪيو ٿي. هو صرف ننڍي عمر جي شاديءَ بابت پنهنجن ڪردارن کان منطقي اعتراض ئي نه ٿو ڪرائي پر اهڙي شاديءَ مان جيڪي خرابيون يا نقصان پيدا ٿين ٿا تن کان به معاشري کي آگاهه ڪري ٿو. زينت ناول ۾ علي رضا جو ڪردار تمام اهم آهي. هو هڪ باشعور، باصلاحيت، تعليم يافته ۽ سلجهيل شخص آهي جيڪو سڌريل سماجن ۽ ترقي يافته قومن کان به چڱيءَ ريت واقف آهي. سندس ماءُ ننڍي وهيءَ ۾ جڏهن سندس شادي ڪرائڻ ٿي چاهي ته انڪار ڪيائين. پنهنجي ماءُ کي ننڍي عمر ۾ شادي نه ڪرڻ جو سبب ان جا نقصان ٿو ٻڌائي.

”امان! جڏهن مان سچ پچ عمر جو ننڍو هوس ۽ ڪمائڻ جهڙو نه هوس، تڏهن ته بيشڪ منهنجو اهڙو اعتراض هو، چالاڪ جو جيتوڻيڪ ننڍي عمر ۾ اڪثر شاديءَ جو گهڻو شوق ٿيندو آهي، مگر جيڪي پڙهيو اٿم ۽ ڏٺو اٿم، تنهن موجب چاڻان ٿو ته ننڍي ڄمار ۾ شادي ڪرڻ مان ڇا حاصل آهي. پهرين ته ماڻهو جڏهن پاڻ مائٽن تي بار آهي، تڏهن وري زال پرڻجي وڌيڪ بار چالاڪ ٿجي؟ تنهن کان سواءِ ننڍي وهيءَ جي شاديءَ ڪري سڌاري جا ڪم جيڪي سگهنا آهن، سي ڇڏايو وڃن ۽ ننڍي وهيءَ جا ٻار جيڪي ڄمن ٿا، سي اڪثر ضعيف ٿا ٿين ۽ ننڍي وهيءَ جي شاديءَ ڪري ماڻهو پاڻ به جلد پيريءَ ۽ ضعيفيءَ کي پهچي ٿو. وري جيستائين پنهنجو ڪٽيو ڪونهي، تيستائين شادي رڳي فضولي آهي. چوندا آهن ته پاڻ نه پاري ڪتا ڌاري. خدانخواسته اوکو سوکو وقت اچي مٿان پوي ته هونءَ رڳو پنهنجي ڳڻتي وٺي، هونءَ ٻين جي به.“[19]

ڏٺو ويو آهي ته ننڍي عمر ۾ ٻارن جي شادي ڪرائڻ جو اڪثر سبب مائٽن جي مجبوري هوندي آهي. اسان جو معاشرو نياڻيءَ جي مائٽن کي نياڻيءَ جي پرڻي نه ٿيڻ تائين طعنو مهڻو ڏيڻ جو عادي آهي. پنهنجا توڙي پراوا انهن کي نياڻيءَ جي بالغ ٿيڻ تي هر وقت پريشان پيا ڪندا آهن ۽ ان نياڻيءَ جي عيب جوئي ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. معاشري جي اهڙي روش کي ڏسي مائٽ پنهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ جي ڳڻتيءَ ۾ پيا ڳرندا آهن. نياڻي جيئن وڏي ٿيندي ويندي آهي تيئن مائٽن کي سندس شاديءَ جي ڳڻتي ورائي ويندي آهي. اسان جي معاشري ۾ نياڻيءَ کي اڄ به پنهنجي مٿان بار سمجهندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مائٽ پنهنجي نياڻيءَ

جي شاديءَ لاءِ تمام گهڻا فڪرمند رهندا آهن ۽ جيڪو بہ رشتو ڪين موزون لڳندو آهي تنهن سان ڌيءُ جي شادي ڪرائي ڇڏيندا آهن. اهڙي ماحول ۾ عمر جو خيال ئي نہ ڪيو ويندو آهي، صرف ايترو معلوم ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي تہ گهوٽ وارن جي معاشي حالت چڱي هجي. ان ڪان علاوه ڪي غربت جي ڪري پنهنجي نياڻيءَ ڪي پئسن عيوض ننڍي عمر ۾ وڪڻي ڇڏيندا آهن تہ ڪي وري ڪنهن ڏوهہ ۾ نياڻيءَ جو سڱ ڇٽيءَ ۾ ڏئي جان بخشرائيندا آهن. مطلب تہ هر حال ۾ نياڻيءَ کي ئي قربانيءَ جو ٻڪرو بنايو ويندو آهي. مرزا صاحب جديد دور جي تقاضائن ڪان واقف هو. هو چاهُندو هو تہ جنهن معاشري ۾ عورت جو استحصال ڪيو وڃي، اهو ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪري سگهندو ۽ ڏينهون ڏينهن جهالت ۽ تنزليءَ جو شڪار ٿيندو ويندو. هو معاشري کي جديد سوچن، خيالن، نظرين ۽ ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ جو حامي هو ۽ ان لاءِ هن هڪ مجدد جو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان حوالي سان سنڌي سماج کي قديم ۽ بيڪار رواجن ڪان پاڪ ڪري سٺي سوچ وارو بنائڻ سندس اهم مقصد هو.

پنهنجن منجهان شادي:

پنهنجن مائٽن، رت جي رشتن، برادري، ذات، قوم ۽ هم مذهب ساڳئي خاندان مان شادي ڪرڻ کي پنهنجن منجهان شادي يعني Endogamy چيو وڃي ٿو. مثال طور، سوٽ، ماروٽ، ماسات، ڦُاٽ يا پنهنجي برادريءَ جي ٻئي ڪنهن رشتيدار سان شادي ڪرڻ کي پنهنجن مان شادي ڪرڻ چئبو آهي. سنڌي معاشري ۾ موروثيت جو عنصر غالب رهيو آهي. زندگيءَ جي هر ڪمن ۾ وڏن جي پيروي ۽ انهن جو نقل ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌي معاشري جي فردن جي سوچ محدود دائري تائين ٿي چڪي آهي. هر ماڻهو چاهيندو آهي تہ منهنجو نسل يا اولاد منهنجي طريقن، ڪمن ۽ زندگيءَ جي ٻين معاملن ۾ بہ منهنجي پيروري ڪندو رهي. هر ماڻهو پنهنجن شين کي پنهنجن تائين محدود رکڻ چاهي ٿو ۽ ان ڳالهہ تي اهو فخر بہ ڪري ٿو. اهڙو موروثي اثر اڪثر ذاتين ۾ مرڻي توڙي پرڻي جي رسمن تي بہ غالب نطر ايندو آهي. شاديءَ جي معاملي ۾ خاندان ان ڳالهہ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن تہ رشتو پنهنجن مان ڪجي يا نياڻي پنهنجن ۾ ڏجي، ڇالاءِ تہ جڏو ڪيو وري بہ پنهنجو آهي. اهڙي سوچ جي عڪاسي شهربانوءَ جي هنن لفظن مان معلوم ٿئي ٿي.

”گذران خير جو پيو ڏيندو. جي ادو شاهوڪار ناهي ته اسان کان غريب به ناهي، باقي اميد علي گونگو آهي، ته پوءِ ڪونهي، پيءُ جو گهر سنڀاليو ويٺو هوندو. پر جهڙو هجي، تهڙو وري به پنهنجو جگر آهي، تنهن کي ڪونه ڇڏبو.“[20]

مطلب ته مائٽ پنهنجي پٽ يا نياڻيءَ جي شادي پنهنجي خاندان مان ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. اهڙي شاديءَ لاءِ انهن وٽ ڪو به معيار يا Criteria مقرر نه هوندو آهي. انهن وٽ بس هڪڙو ئي معيار هوندو آهي ته پنهنجا مائٽ هجن پوءِ چاهي انهن ۾ ڪيڏيون به خرابيون ڇو نه هجن. هر حال ۾ مائٽ پنهنجي اولاد کي پنهنجن مان شادي ڪرائڻ تي اوليت ڏيندا آهن ۽ ان لاءِ هو پنهنجي اولاد کي آماده ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن.

”پر امان، ڪريا به پنهنجا، ڀريا به پنهنجا. پنهنجي مامي جو پٽ اٿئي، پنهنجو رت اٿئي. جيئي سندس پيءُ، ڪٽڻ ڪمائڻ جي ڪهڙي پروا ڏيندي؟ جهڙو پاڻ کائيندا، اهڙو توکي پيا کارائيندا.“[21]

اهڙي ماحول ۾ اگر نياڻيءَ وارا پنهنجن کي رشتو ڏيڻ کان انڪار ڪندا آهن ته گهوٽ وارا ان ڳالھ کي پنهنجي غيرت ۽ انا جو مسئلو ٺاهي نياڻيءَ وارن سان پنهنجا تعلقات ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. پوءِ چاهي ڀيڻ هجي يا ڀاءُ، چاچو هجي يا مامو، نه ان جي مرٽي ۾ ايندا ۽ نه وري جي پرٽي ۾ شريڪ ٿيندا. بلڪه اگر ڪو ٻيو ڪين پنهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏيندو اٿن ته اها ان شرط تي قبول ڪندا ته هو ان نياڻيءَ وارن کي دعوت نه ڏيندو. هي رويو نياڻيءَ وارا به ان وقت اختيار ڪندا آهن جڏهن سندن ڪو عزيز سندن نياڻيءَ کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي هنڌ يا ٻئي خاندان مان پنهنجي پٽ جو رشتو ڪندا آهن. اهڙي طرح ڀاءُ ڀاءُ سان ۽ ڀيڻ ڀيڻ سان پنهنجي نينهن جا ناتا ۽ رشتا ٽوڙيو ڇڏي. تا حيات اهي هڪٻئي سان نفرت جو اظهار پيا ڪندا آهن جيڪا پوءِ سندن نسلن ۾ منتقل ٿيندي رهي ٿي. اهڙي طرح معاشري ۾ خانداني تقرار جنم وٺن ٿا ۽ ڳالھ وڃو خونريزيءَ تائين پهچي. هن عمل سنڌي سماج کي اڌوهيءَ جيان کائڻ ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي آهي. مرزا قليچ بيگ سنڌي سماج جو مجدد هو. هن سنڌي سماج کي نئين سر اڏڻ جي ذميواري پنهنجي سر تي کنئي. هن اهڙو سماج اڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ والدين باشعور هجن. اهي اولاد جي شاديءَ جي معاملي ۾

جذبات، ضد ۽ انا پرستيءَ کان ڪم وٺڻ بجاءِ انهن جي مستقبل کي سامهون رکي عقل سليم کان ڪم وٺن. اولاد جي شادي پنهنجن منجهان ڪرائڻ لاءِ انهن کي جن ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، مرزا صاحب اهي زينت بانوءَ جي زباني انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”دائي خدا خدا ڪر. نڪي پيءُ ماءُ جي حياتي جٺاءُ ڪندي، نڪي سندن ڪمائي. ڪم سڀ کي پنهنجي ڪمائي ايندي. جنهن کي فضيلت ڪا به ڪانه هوندي سو پاڻ دنيا ۾ ڪيئن گذاريندو ۽ ٻين کي ڪيئن پاريندو؟ نه دائي نه، خدا جي واسطي انهءَ مرض کان مون کي ڇڏائجئين. اهڙي شاديءَ کان بک چڱي، اهڙي شاديءَ کان ڏک چڱو.“[22]

اهڙا خيال پيش ڪري مرزا صاحب دراصل مائٽن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو مائٽن کي پنهنجي اولاد جي شادي ساڳئي خاندان مان ڪرائڻ کان نٿو روڪي، پر انهن کي ان بابت ڪو معيار مقرر ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري. ان حوالي سان هو خاص طور نياڻيءَ جي مائٽن کي غور و فڪر ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو ته جيئن اهي ڌيءُ جي شاديءَ بابت صحيح فيصلا ڪرڻ جي اهل ٿين ۽ ان جي زندگيءَ کي بهتر مستقبل ڏئي سگهن.

ڌارين سان مائٽي:

جيڪڏهن ڪو فرد پنهنجن رشتيدارن، مائٽن، خاندان يا برادري کي ڇڏي ٻئي خاندان، ذات يا قوم مان شادي ڪري ته ان کي عام لفظن ۾ ڌارين سان مائٽي يعني Exogamy چوندا آهن. ڌيءُ جي شاديءَ لاءِ اگر پنهنجي ذات وارن ۾ ڪو موزون رشتو نه هوندو آهي ته ان جا مائٽ مجبوريءَ کان ڌارين سان مائٽي ڪندا آهن. اگر نياڻيءَ لاءِ پنهنجن عزيزن ۽ مٽن مائٽن ۾ نيڪ رشتو نه هجي ته نياڻيءَ کي زبردستي پنهنجن ۾ پرڻائڻ جي بجاءِ ڌارين ۾ نيڪ رشتو ڳولهڻ ۾ ڪو به حرج ناهي. ڏٺو وڃي ته اسان جي معاشري ۾ اڪثر خاندان اهڙا آهن جيڪي پنهنجي نياڻي ڌارين ۾ ڏيڻ کي ڇڻ ته گناهه سمجهندا آهن. اها هڪ عام چوڻي آهي ته ”ڏک سک به پنهنجن ۾ چڱو، پراون جو سون به گهوريو“. ان ڪري نياڻيءَ کي پنهنجي خاندان جي اهڙي ڇوڪري سان به پرڻائڻ ۾ ڪابہ عار يا شرمندگي نٿا محسوس ڪن

جيڪو بد ڪردار بد اخلاق يا ڪنهن خراب ڪم يا شيءِ جو عادي هجي. نياڻيءَ جا والدين ان خوف ۾ به مبتلا هوندا آهن ته ڌيءُ کي ڌارين ۾ پرڻائڻ سان مٿان رشتيدار برادريءَ مان ئي نه ڪڍي ڇڏين. نتيجي ۾ اهي پنهنجي نياڻيءَ جو رشتو اهڙي ماڻهوءَ سان به ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن جيڪو بي روزگار بار يا پوڙهو بد ڪردار نشي جو عادي يا ٻي خرابيءَ وارو هجي. اگر ڪو مائٽ مجبوريءَ ۾ پنهنجي نياڻيءَ جي نيڪ رشتي لاءِ ڌارين سان مائٽي جوڙي ٿو ته سندس خاندان يا برادريءَ وارا ان سان سڀ واسطا ختم ڪريو ڇڏين. زينت بانوءَ جي ماءُ شهربانو به جڏهن اهڙي مجبوري خاطر پنهنجي ڌيءُ جي شادي پنهنجن مائٽن کي ڇڏي ڌارين ۾ جان بيبيءَ جي پٽ علي رضا سان ٿي ڪرائي ته سندس ذات وارا مٿس ناراض ٿين ٿا ۽ انهن سان پنهنجا تعلقات ئي ختم ڪري ڇڏين ٿا.

"ياد رکڻ گهرجي ته هن شاديءَ ۾ سرائي فتح خان يا سندس زال جا گهڻا مائٽ راضي نه هئا. ٿوري گهڻي کوءِنس ته هنن سان ڪڇيءَ کان ڪنئي هئائون، پر هاڻ هيءَ مائي پنهنجي پٽ جي ۽ ٻين ماڻهن جي ڳالهه تي لڳي مائٽن کي ڇڏي ڌارين سان گڏي آهي، انهيءَ ڪري هن شاديءَ ۾ نه ويٺا."[23]

ڌارين ذات ۾ پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏيڻ کي سنڌي معاشري ۾ گار تصور ڪيو ويو آهي. اهڙي معاشري ۾ مرزا صاحب نياڻيءَ جي سکي زندگيءَ کي مائٽن لاءِ اولين ترجيح قرار ڏنو آهي. مرزا صاحب مائٽن کي ان ڳالهه جو پابند بنايو آهي ته انهن کي سڀ کان پهرين پنهنجي نياڻيءَ جي سٺي نصيب جو سوچڻ گهرجي. برادريءَ جي تعصبانه ۽ جاهلانا رويي کي ڏسي ان تي ظلم نه ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي مفاد کي رواجن تي فوقيت ڏيڻ گهرجي.

دولت جي عيوض شادي:

سنڌي معاشري ۾ اڪثريت غريب طبقي جي آهي. غريب طبقي جا ماڻهو نياڻيءَ جي اولاد کي پنهنجي مٿان بار سمجهندا آهن. جنهن جو اهم سبب نياڻيءَ جو ڏاج آهي. اهي خاندان جيڪي پنهنجي ڪاڏي جو هڪ ويلو ٽارڻ لاءِ پريشان هوندا آهن اهي نياڻيءَ کي باعث رحمت جي بجاءِ زحمت سمجهندا آهن. ان ڪري انهن کي هر وقت پنهنجي نياڻيءَ کي اٿارڻ جو اونو رهندو آهي. اهڙين حالتن ۾ اهي پنهنجي نياڻيءَ کي پرڻائڻ بجاءِ ان جو سودو ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. يعني اهي پنهنجي نياڻيءَ جي بدلي دولت کي ترجيح ڏئي ان کي پئسن عيوض

وڪرو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جو سک ڏک ان جي تقدير سان منسوب ڪري پاڻ پنهنجي ذميواريءَ کان آجا ٿي ويندا آهن. هيءُ عمل ڪن غريب خاندانن لاءِ مجبوري ته ڪن لاءِ رواج ٿي چڪو آهي.

جڏهن ته اهي خاندان جيڪي وچين طبقي سان تعلق رکندا آهن انهن وٽ به نياڻيءَ کي پرڻائڻ جو معيار دولت هوندي آهي. اهي صرف هيءُ چاهيندا آهن ته نياڻيءَ جي شادي دولتمند گهر ۾ ٿئي يا گهوٽ پئسي وارو هجي. سنڌي معاشري ۾ اڪثر خاندان دولت ۽ ملڪيت کي ترجيع ڏيندا آهن. اگر مرد ملڪيت وارو يا شاهوڪار هوندو آهي ته پوءِ ان ۾ ڪيترائي عيب هجن پر ڪنواريتا انهن عيبن تي پردو پيا رکندا آهن، چاهي هو عمر جو وڏو هجي، نشي جو عادي هجي يا ڪنجوس ۽ بخيل هجي. هي سڀ عيب ان جي اميريءَ اڳيان اوجهل ٿيو وڃن. ان جي مقابلي ۾ اگر گهوٽ جي ڪمائي پوري سوري هوندي آهي ته نياڻيءَ وارا ان جي ڪردار، اخلاق ايمانداري، ديانتداري ۽ ٻين گڻن هئڻ جي باوجود ان مان سوء خرابيون ڪڍي پيا واڪا ڪندا آهن. تنهنڪري اهي نياڻيءَ کي شاهوڪار گهراڻي ۾ پرڻائي فخر پيا محسوس ڪندا آهن. انهن لاءِ عزت هن ڳالھ ۾ هوندي آهي ته سندن نياڻيءَ جو رشتو ڪنهن دولتمند خاندان ۾ ٿي وڃي. مائٽن جي اهڙي قدم تي مرزا صاحب تنقيد ڪئي آهي ۽ انهن کي نياڻيءَ جي آسوده زندگيءَ بابت سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. اهڙي شادي ڪرائڻ ۾ ڪهڙي خرابي هوندي آهي ۽ مائٽن کي ان حوالي سان ڪهڙين ڳالهين جو خيال ڪرڻ گهرجي ان جي پرچار مرزا صاحب زينت بانوءَ جي زباني هن طرح ڪئي آهي.

”چا دائي، اهو وڪيل جنهن بابت انهيءَ رات مانيءَ مهل حامد ڳالھ ڪئي ته ڪنهن مجلس ۾ ماڻهن سندس گلا پئي ڪئي ته پئسا جهجها اٿس ۽ وڏو ماڻهو آهي، مگر اهڙو ڪنجوس آهي جو ڪاٺي مانيءَ تان ڪل به نه لاهي ۽ پائي به خدا جي واٽ ۾ نه ڏئي، غريبن کي دڙڪا تاب ڏيو ڦريو پنهنجو گهر پيو پري ۽ پيو ته شراب پي مست ٿي پوءِ اچي پنهنجي زال ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي وٺي.“[24]

دولت جي غرض کان شادي ڪرائڻ جا نتيجا اڪثر خراب نڪرن ٿا دولت جي خاطر پنهنجي نياڻي ٻين کي وڪڻي ڏيڻ تمام خراب عمل آهي. هن عمل سان مائٽ شاديءَ جي بهاني پنهنجي نياڻيءَ کي دراصل ٻين جي گهر نوڪر يا غلام بنائي موڪلين ٿا. جنهن گهر

۾ هوءَ پئسن عيوض پرڻجي وڃي ٿي، اهو گهر هن لاءِ گهر نہ بلڪہ قيد خانو ثابت ٿيندو آهي. ان گهر ۾ هو هر قسم جي آزاديءَ کان محروم هوندي آهي ۽ نوڪر ٿي زندگي گذارڻ جي پابند هوندي آهي. هوءَ تا حيات پنهنجو پاڻ کي انهن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ تي مجبور ۽ لاچار هوندي آهي. مرزا صاحب اهڙي سماج ۾ عورت جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي. ان جي حقن جي ترجماني ڪئي آهي ۽ ان کي حوصلو ڏئي اهڙي سماج سان جنگ جوٽڻ جي همت ڏني آهي. ان ڪري پئسي جي چمڪ دمڪ کي ڏسي جيڪي مائٽ پنهنجي نياڻيءَ جو وڪرو ڪن ٿا يا ان جي نصيب جو سودو ڪن ٿا، انهن جي مرزا صاحب ڪهڙي نہ سهڻي انداز ۾ اصلاح ڪئي آهي.

”... سو هيئن تہ سيٺ گل محمد چڱو ماڻهو آهي ۽ سندس ننڍو پٽ بہ غريب ٿو پڌجي، پر جيتوڻيڪ پڇنديءَ وارو آهي ۽ بخت زور اٿس، تڏهن بہ اصل جي توکي خبر آهي تہ ذات جو ميمڻ آهي. جي اسين ساڻس اهڙو پير ڪٽنداسين تہ ماڻهو اسان تي کلندا تہ پئسن جي لالچ تي اهو ڪم ڪيائون، يا چوندا تہ جڏهن مڙس مري ويا، تڏهن زالن ٽڪن تي پنهنجو پار وڪيو. سو ويچاري مئي تي مون کي خلق کلائڻي ناهي.“[25]

يعني مرزا صاحب دولت ۽ ظاهري ڏيک جي بجاءِ گهوٽ جي سيرت، ان جي شرافت ۽ علمي قابليت تي غور ڪرڻ لاءِ زور ڏنو آهي. عورت کي غلام بنائي رکڻ يا ان جو وڪرو ڪرڻ انتهائي خراب عمل آهي جيڪو پوءِ معاشري ۾ نسل در نسل منتقل ٿيندو آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ معاشري ۾ عورت جي شخصي تقدس کي برقرار رکجي. ان مقصد لاءِ مائٽن جو باشعور هجڻ تمام اهم آهي ۽ مرزا صاحب ان ڏس ۾ ناول جي ذريعي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي.

بدي جي شادي:

اسان جي سماج ۾ شاديءَ جو هڪ طريقو اهو بہ هوندو آهي تہ نياڻيءَ وارا پنهنجي نياڻي پرڻائي گهوٽ وارن کان پٽ جي لاءِ بدلي ۾ سڱ وٺندا آهن. جڏهن بہ خاندان پاڻ ۾ ان شرط تي پنهنجي اولاد جي شادي ڪرائيندا آهن تہ اهڙي شاديءَ کي بدي جي شادي يعني Marriage of Exchange چيو وڃي ٿو. سڱ جي بدلي سڱ اسان جي معاشري ۾ هڪ عام رواج

بنجي چڪو آهي. هر ڪو مائٽ اهو چاهيندو آهي تہ هو پنهنجي نياڻي ان گهر ۾ ڏئي جتان بدلي ۾ ڪيس پٽ جي لاءِ سڱ ملي سگهي. هن قسم جي شاديءَ لاءِ معاشري ۾ ڪئين مفروضا جڙيل آهن جن جو بنياد صرف جهالت تي رکيل آهي. مائٽ پٽ جي شاديءَ جي فڪر ۾ نياڻين کي ويهاري ڇڏيندا آهن. نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ اگر ڪنهن سکر ۽ اشراف گهراڻي مان رشتي جي پيشڪيش بہ ٿئي ٿي تہ هو صرف ان ڳالهہ جي ڪري رد ڪندا آهن تہ بدلي ۾ سندن پٽ جي لاءِ سڱ نہ ملندو آهي ۽ ان ڳالهہ جو اونو هوندو اٿن تہ سندن پٽ متان شاديءَ کان رهجي نہ وڃي.

”وري جيئي شل منهنجو حامد بہ ويٺو آهي، جوان اچي ٿيو آهي، تنهن جو بہ نيٺ بلو ڪرڻو اٿم. اڄ تہ مائٽ بہ چون ٿا تہ اٿي تي اٿو، ڪارو نہ ڪٽو. هڪڙي هٿ ۾ ڏيو، ٻئي هٿ ”۾ وٺو. سو جي آءُ ڪٿي اهڙو پير توسان پريان، تہ مائٽن کان بہ مور ويندس ۽ منهنجو ڇوڪرو بہ رهجي ويندو.“[26]

ننڍي عمر ۾ ٻارن جي شادي ڪرائڻ جو هڪ سبب بدي جي شادي پڻ آهي. بدي جي شاديءَ ۾ بہ عورت کي قرباني ڏيڻي پوندي آهي. هن کي ڀاءُ جي شاديءَ جي بدلي ۾ ڪڏهن پوڙهي ماڻهوءَ سان بہ پرڻايو وڃي ٿو تہ ڪڏهن نا بالغ ٻار سان بہ سندس نڪاح پڙهيو وڃي ٿو. مطلب تہ هر حال ۾ عورت ئي ظلم جو نشانو بڻجي ٿي. عورت کي اهڙي بي حسيءَ مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مرزا صاحب مرد کي بہ اڳتي اچي معاشري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. معاشري مان بدي جي شاديءَ واري رواج جو خاتمو آڻڻ لاءِ اهي نوجوان ئي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا جن جا ذهن علم جي روشنيءَ سان آراستہ هوندا. اهي صحيح ۽ غلط جي پرک بہ ڪري سگهن ٿا تہ پنهنجي لاءِ بهتر فيصلا ڪرڻ جي بہ انهن ۾ اهليت هوندي آهي. حامد زينت بانوءَ جو ڀاءُ آهي جيڪو علي رضا جي صحبت ۾ ۽ ڪتابن جي مطالعي مان حاصل ٿيندڙ علم، ۽ شعور جي ڪري سمجهدار ٿئي ٿو. جڏهن سندس ماءُ ڀيڻ جي بدلي سندس لاءِ سڱ وٺڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي تہ حامد بدي جي شاديءَ کان انڪار ڪري ٿو ۽ پنهنجي ماءُ کي ان بابت سمجهائيندي چوي ٿو تہ:

”اڙا منهنجي شاديءَ جي تڪڙ ڪانہ پيئي آهي، نڪو اڃا آءُ ڪٽڻ ڪمائڻ جهڙو ٿيو آهيان. مامي جي ڌيءُ اڃا ننڍڙي آهي، جڏهن ڪا وڏي ٿئي، تنهن کان سواءِ هن کي سڳاوتيءَ جو

سودو پسند ناهي. آءُ جڏهن شادي ڪرڻ جهڙو ٿيس، تڏهن پاڻهي پنهنجي زال جو بندوبست ڪندس، اوهان کي هلاڪي ڪانہ ڏيندس.“[27]

حامد جي بيان مان اها ڳالهه چڱي طرح ايان ٿئي ٿي تہ مرزا صاحب بدي جي شاديءَ جو تصور معاشري مان ختم ڪرڻ لاءِ عورت سان گڏ مردن کي بہ اتساهيو آهي. بدي جي شاديءَ سان سماج ۾ ڪيتريون ئي برايون جنم وٺن ٿيون. تنهنڪري ان جي خاتمي لاءِ مرزا صاحب ناول ذريعي ماڻهن کي آگاهہ ڪيو آهي ۽ انهن جي اولاد جي شاديءَ جي معاملي ۾ رهنمائي بہ ڪئي آهي.

شاديءَ لاءِ بنيادي ڳالهيون:

شادي، سنڌي معاشري جو نهايت اهم پهلو آهي. هي خوشيءَ جو موقعو هوندو آهي جنهن ۾ مختلف ذاتين وارا مختلف رسمون ادا ڪندا آهن ۽ انهن کي مختلف طريقن سان سرانجام ڏيندا آهن. شادي، خوشي ۽ جشن جي رسم هئڻ سان گڏو گڏ مرد ۽ عورت جي گڏ زندگي گذارڻ جو هڪ سنجيده قدم پڻ آهي. ان ڪري مرزا صاحب پنهنجن ناولن جي ذريعي ڪجهہ بنيادي ڳالهين ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪرايو آهي جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

اسلام ۾عورت کان شاديءَ بابت اجازت وٺڻ يا ان جي راءِ معلوم ڪرڻ جا واضع حڪم آهن، پر هن سماج ۾ ان کي گناهہ قرار ڏنو ويندو آهي. ان ڪري عورتن کي سندن خواهش جي خلاف سڄي عمر لاءِ مصيبت ۾ وڌو ويندو آهي. اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ شاديءَ جي معاملي ۾ مائٽ اولاد کان مرضي معلوم ڪرڻ ضروري نہ سمجهندا آهن ۽ نہ وري انهن سان سندن ئي شاديءَ جي موضوع تي ڪا صلاح ڪئي ويندي آهي. اگر ڪي خاندان شاديءَ بابت راءِ وٺندا بہ آهن تہ صرف پٽ کان وٺندا آهن ۽ نياڻيءَ کان ان جي راءِ معلوم ڪرڻ انهن لاءِ نا مناسب عمل هوندو آهي. ان ڪري اهي ان جي شاديءَ بابت پنهنجا فيصلا ڪري نياڻيءَ کي چڙ تہ رڳو پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪندا آهن ۽ ان ڳالهہ تي هن کي راضي رهڻ جو سبق پيا ڏيندا آهن. شادي، جيڪو عورت ۽ مرد جو قانوني ۽ مذهبي حق هوندو آهي، سنڌي سماج ۾ ان حق جا مختار ڪل مائٽ يا والدين هوندا آهن. جڏهن تہ اولاد ۽ خصوصي طور نياڻي والدين جي مرضيءَ جي رحم و ڪرم تي هوندي آهي. اها انهن جي

مرضي هوندي آهي ته اولاد جي شادي ڪٿي ۽ ڪنهن سان ڪرائجي. اهڙو عمل ڪن خاندانن ۾ موروثيت طور ته ڪن خاندانن ۾ انا جو مسئلو بنجي چڪو آهي.

مرزا صاحب معاشري جي انهن انا پرست خيالن ۽ قديم سوچن جو ذڪر ڪري هڪ طرف ان دور جي عڪاسي ڪئي آهي ته ٻئي طرف انهن مان ٿيندڙ نقصانن کان آگاهه ڪري بهتر حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو گس به ٻڌايو آهي. شاديءَ جهڙي اهم سماجي رسم ۾ اولاد کان راءِ نه وٺڻ در حقيقت هڪ وڏو ظلم آهي جنهن کي روڪڻ ۽ ان خلاف آواز بلند ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب ناول صنف جو سهارو ورتو. شاديءَ جي معاملي ۾ نياڻيءَ جي راءِ معلوم ڪرڻ تمام لازمي آهي. ان نڪتي کي سمجهائڻ لاءِ مرزا صاحب دلارام ناول ۾ به اشارو ڏنو آهي. دلارام شهزادي جڏهن جوان ٿيندي آهي ته سندس پيءُ جهاندار شاهه شاديءَ لاءِ مٿس زبردستي نٿو ڪري، ۽ نه ئي سندس راءِ معلوم ڪرڻ کان سواءِ سندس شادي مقرر ٿو ڪري. بلڪه، جهاندار شاهه شاديءَ جي معاملي ۾ پنهنجي ڌيءُ جي راءِ معلوم ڪرڻ کي ترجيع ڏئي ٿو. ان لاءِ هو شهزادن جون تصويرون پنهنجي ڌيءُ کي ڏيکاري سندس رضامندي معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڌيءُ جي انڪار تي ڪاوڙ ڪرڻ بجاءِ ان کي پرسڪون دماغ سان تسليم ڪري ٿو.

ساڳي طرح مرزا صاحب ”زينت“ ناول ۾ به ان ڳالهه کي کولي بيان ڪيو آهي ۽ مائٽن کي به ان بابت قائل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. زينت بانو جڏهن جوان ٿئي ٿي ته سندس ماءُ شهربانوءَ کي سندس شاديءَ جي ڳڻتي ٿيڻ لڳي ٿي. هوءَ رات ڏينهن ڌيءُ جي شاديءَ جي خيالن ۾ هوندي آهي. زينت بانوءَ لاءَ جيتوڻيڪ شاهوڪار گهرن مان رشتن جي پيشڪيش ايندي آهي، جهڙوڪه سيٺ گل محمد مالدار شخص هوندو آهي جيڪو پنهنجي ننڍڙي عمر جي پٽ لاءِ زينت جي ٻانهن گهري ٿو ۽ ان لاءِ ڪيتريون سوکڙيون ڪين موڪليندو رهي ٿو. ٻيو رشتو شاهوڪار وڪيل محمد رمضان جو آهي جيڪو پڻ زينت بانوءَ لاءِ سونا زيور تحفي طور موڪلي ٿو. ان کان علاوه شهربانوءَ جي مرضي هوندي آهي ته سندس ڌيءُ جي شادي پنهنجي ڀاءُ الهداد جي پٽ اميد عليءَ سان ڪرائي، چاڪاڻ جو بدلي ۾ الهداد جي نياڻي پنهنجي پٽ حامد لاءِ ملڻ جي اميد اٿس. ليڪن انهن ڳالهين جي باوجود به هوءَ پنهنجي مرضي پنهنجي ڌيءُ جي مٿان نٿي مڙهي. هوءَ زينت جي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي نوڪرياڻي بختاور کي چوي ٿي، ۽ جڏهن کيس معلوم ٿيندو آهي ته زينت کي انهن

رشتن مان هڪ به رشتو قبول ناهي ته هوءَ عام رواج وانگر ڌيءَ تي سختي ڪري ڪيس پنهنجي فيصلي مڃڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري. نه وري ڪيس مجبور ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ جو واسطو اڳيان آڻي ٿي.

هن ناول ۾ مائٽن جي ذهني اوسر تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. انهن جي خدشن، وهمن، وسوسن ۽ پراڻن خيالن کي مٽائي نئين سوچ ۽ نئين امنگ ڏني آهي. مائٽن کي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته شادي هڪ نهايت ئي اهم ۽ سنجيده عمل آهي جنهن جو اولاد جي زندگي سنوارڻ يا برباد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار آهي. اها شادي خانه آبادي به ٿي سگهي ٿي ته شادي خانه بربادي جو به باعث ٿي سگهي ٿي. ان ڪري انهن تي بجاءِ پنهنجا فيصلا مڙهڻ جي، انهن کي پنهنجي راءِ جي اظهار جو حق ڏيڻ گهرجي ۽ ان جو احترام پڻ ڪرڻ گهرجي.

شاديءَ لاءِ جيون ساٿيءَ جي چونڊ جا طريقا:

**والدين / مائٽن پاران چونڊ:** هي طريقو سنڌ پرڳڻي ۾ عام رائج آهي. سنڌي معاشري اڪثر گڏيل ڪٽنب (Joint Family System) تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني يا چاچا ماما هڪ ئي چوديواري اندر پنهنجي اولاد سان زندگي گذاريندا آهن. هنن ڪٽنبن ۾ اولاد بابت شاديءَ جا فيصلا والدين ڪندا آهن. اهي پٽ يا نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ جيون ساٿيءَ جي چونڊ جي ذميواريءَ کي پنهنجي ذميواري سمجهي فرض ادا ڪندا آهن. انهن لاءِ گهوٽ يا ڪنوار جي چونڊ ڪرڻ جا معيار پنهنجا مقرر ڪيل هوندا آهن، جن جي اڌار تي اهي پرک ڪندا آهن. جڏهن اهي پنهنجي مشاهدي مان مطمئن ٿيندا آهن پوءِ ان کي پنهنجي پٽ يا نياڻيءَ لاءِ موزون سمجهي انهن کي صرف اطلاع ڪندا آهن ۽ ائين انهن جون شاديون ڪرائيندا آهن. هنن شادين کي Arrange Marriage چيو ويندو آهي. سنڌي معاشري ۾ اڪثر شاديون هن طريقي سان ڪرايون وينديون آهن.

**پاڻ پسند ڪرڻ وارو طريقو:** هن طريقي موجب مرد ۽ عورت پنهنجي شاديءَ لاءِ جيون ساٿيءَ جي چونڊ ڪرڻ ۾ پاڻ خود مختيار هوندا آهن. انهن کي ايترو اختيار هوندو آهي ته اهي پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ لاءِ ڪهڙو به جيون ساٿي پسند ڪري سگهن ٿا، پوءِ چاهي اهو پنهنجي ذات وارن مان هجي يا ٻي ذات يا خاندان مان هجي. هن قسم جي شاديءَ جي طريقي

ڪي Love Marriage چيو ويندو آهي. مرد ۽ عورت پاڻ لاءِ جڏهن پنهنجي پسند مطابق جيون ساٿيءَ جي چونڊ ڪري ڇڏيندا آهن ته پوءِ اهي پنهنجن والدين سان ان ڳالھ جو اظهار ڪري انهن کي شاديءَ لاءِ آماده ڪندا آهن. بعض اوقات ايئين به ٿيندو آهي ته مائٽن جي ناراضگي ۽ سخت مخالفت ڪرڻ تي ڇوڪرو ۽ ڇوڪري گهران ڀڄي وڃي ڪورٽ ۾ شادي ڪندا آهن. ان عمل سان ٻئي خاندان هڪٻئي جا جاني دشمن ٿي ويندا آهن. ٻئي ڌريون شادي شده جوڙي کي ڪاروڪاري نالي تي قتل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ايئين پلاند وٺڻ جو سلسلو شروع ٿيندو آهي جيڪو نسلن جا نسل تباهه ڪريو ڇڏي. هن قسم جي شاديءَ جو رواج به سنڌي سماج ۾ عروج وٺي رهيو آهي.

ڏٺو وڃي ته مٿي بيان ڪيل ٻئي طريقا اگرچه سنڌي سماج ۾ عام آهن ليڪن هنن ٻنهي طريقن سان جيون ساٿيءَ جي چونڊ ڪرڻ جي بدلي ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿينديون رهيون آهن. معاشري کي انهن خرابين کان بچائڻ ۽ بهتر طريقي سان جيون ساٿيءَ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب پنهنجا هڪ معيار ۽ ماپا مقرر ڪيا آهن، جن تي عمل ڪري معاشري کي انيڪ بيمارين ۽ خرابين کان بچائي ان ۾ امن، سڪون ۽ اتحاد کي يقيني بنائي سگهجي ٿو.

**شاديءَ لاءِ ڇوڪريءَ جي چونڊ:**

شادي فرد جي زندگيءَ جو اهم پهلو آهي. شادي محض ڳائڻ وڄائڻ ۽ رسمون ملهائڻ جو نالو ناهي، اهو ٻن فردن جي وچ ۾ تا حيات نڀنهن نڀائڻ جو واعدو آهي. ان ڪري هن اهم ڪم ۾ جلد بازي ڪرڻ بجاءِ سمجھ ۽ عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي. والدين لاءِ اهو لازمي آهي ته اهي پٽ جي شاديءَ جي معاملي ۾ پنهنجي انا ۽ موروثيت واري سوچ کي ختم ڪري وسيع نظري کان ڪم وٺن. صرف پنهنجي مرضي کي اهميت نه ڏين بلڪ پٽ جي راءِ معلوم ڪري ان کي به اهميت ڏين. اڪثر والدين ڇوڪريءَ جي چونڊ جي ذميواري انهن عورتن کي ڏيندا آهن جيڪي پئسن عيوض گهر گهر وڃي رشتو تلاش ڪنديون آهن. اهي پئسن خاطر سچ ڪوڙ ڳاهي گهوٽ وارن کي ان رشتي جي باري ۾ پنهنجي طرفان خوبيون گهڙي ٻڌائينديون آهن جتان کين وڏيڪ رقم ملڻ جي اميد هوندي اٿن. اهڙن رشتن ۾ گهڻو

جتاءِ بہ نہ هوندو آهي. مرزا صاحب ڇوڪريءَ جي چونڊ بابت علي رضا جي ذريعي ڪهڙي نہ بهتر انداز ۾ سمجهاڻي ڏني آهي.

”جيجل مون کي معاف ڪجئين، انهن ٻانهن تي منهنجو هي اعتراض هو: هڪڙو تہ پاڻ انهن ماڻهن جا رڳو نالي جا واقف آهيون. انهن ٻانهن جا تہ اوترا بہ واقف ناهيون، نہ خبر تہ هو شڪل جون ڪهڙيون، لکڻ پڙهڻ جون ڪهڙيون؟ رڳو سندن مائٽ سگر آهن يا هوند وارا آهن، ايتري ڳالهہ بس ناهي. اوهان کي جيڪا خبت پوندي، سا بہ وچ وارن جي معرفت، سو جيڪا شيءِ هڪڙن کي پسند ايندي، سا ٻين کي نہ بہ ايندي. مون کي تہ ٻين سيني ڳالهين سان گڏ، انهيءَ ڳالهہ جو بہ ضرور آهي تہ لکڻ، پڙهڻ ايندو هجيس ۽ نيڪ زال هجي، ۽ آءٌ پنهنجي سر انهيءَ ٻانهن جو واقف هجان، ۽ جي امڪان هجي تہ اها منهنجي ڏٺل هجي تہ چڱو.“[28]

مٿي ڏنل اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو تہ پٽ جي شاديءَ لاءِ ڇوڪريءَ جي چونڊ ۾ مرزا صاحب ڪهڙين ڳالهين تي زور ڏنو آهي. علي رضا جي لفظن مان اهو واضع ٿئي ٿو تہ ڇوڪريءَ جي چونڊ پاڻ ڪرڻ گهرجي. ان سان نہ رڳو ڇوڪريءَ جي مائٽن بابت صحيح ڄاڻ ملي سگهندي، پر ان سان گڏ ڇوڪريءَ سان بہ واقفيت ٿي ويندي. ان ڪان علاوه ڇوڪريءَ جي ڪردار، اخلاق ۽ ٻين خوبين جي بہ چڱي ڄاڻ ملي سگهندي. ڇوڪريءَ جي چونڊ ۾ تعليم کي بہ اهميت ڏجي. تنهن ڪان سواءِ، ڪوشش ڪجي تہ ڇوڪرو ڇوڪريءَ جي سيرت ۽ صورت ڪان پاڻ سڌو سنئون واقف ٿي سگهي.

**شاديءَ لاءِ ڇوڪري جي چونڊ:**

جهڙي طرح جيون ساٿيءَ جي چونڊ لاءِ ڇوڪريءَ جي ڪرڻ ضروري آهي، اهڙي طرح ڇوڪري جي چونڊ ۾ بہ ضروري آهي. نياڻيءَ جي مائٽن جو اڪثر اهو ذهن ٺهيل هوندو آهي تہ ڇوڪرو امير هجي يا وڏي خاندان مان هجي. هو سمجهندا آهن تہ سندن نياڻي ان گهر ۾ ئي خوش رهي سگهي ٿي جيڪو مالدار هجي. ان ڪري اهي پنهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ ان گهر کي ئي ترجيع ڏيندا آهن. ليڪن نياڻيءَ لاءِ ڇوڪري جي چونڊ جو معيار صرف دولت ناهي ۽ نہ ئي دولتمند هجڻ سک ۽ خوشيءَ جي ضمانت آهي. ان جي ڪري

صرف دولت کي ڏسي نياڻيءَ جو پرڻو نہ ڪجي، بلڪ ڇوڪري جو علم، ادب، اخلاق، سادگي، ايمانداري ۽ ان جي سماجي تعلقاتن کي بہ نظر ۾ رکڻ گهرجي. نياڻيءَ لاءِ ڇوڪري ۽ گهر جو انتخاب ڪيئن ڪرڻ گهرجي، ان بابت زينت بانو وضاحت ڏيندي چوي ٿي تہ:

”دائي، گهر جو فڪر ڪونهي. غريب هوندو تہ ڇا! پئسن ڏي ڏسڻو ناهي، غربت ۽ شرافت ڏي ڏسڻو آهي. پوري پني گذران وارو هجي، مگر آبرو ۽ شرافت وارو هجي، چڱي چال وارو هجي، علم ۽ هنر وارو هجي، پوريءَ عمر وارو هجي، پر امير جو پٽ نہ هوندو تہ بہ عيب ڪونهي. اهڙي ماڻهوءَ سان حياتيءَ جون ٻہ ٽي گهڙيون گذاري تہ سگهبيون.“[29]

اسان جي سماج ۾ اڪثر مائٽ شاهوڪار خاندان منجهان رشتي اچڻ جي آسري ۾ پنهنجين نياڻين جي عمر ڳاريو ڇڏين ۽ جڏهن اهي وڏي عمر کي پهچنديون آهن تہ معاشري ۾ کين ڪو بہ قبول ڪرڻ وارو بہ نہ هوندو آهي. مرزا صاحب والدين کي زينت بانوءَ جي هنن لفظن جي ذريعي هڪ سوچ ۽ شعور واري اک ڏني آهي. انهن کي نياڻي پرڻائڻ جا هڪڙا معيار مقرر ڪري ٻڌايا آهن تہ هو نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ ڪهڙي گهر کي موزون سمجهن ۽ ڇوڪري ۾ ڪهڙيون خصلتون موجود هئڻ گهرجن. اگر اهو ٻڌايل معيارن تي پورو هوندو تہ يقيناً سندن نياڻي سکي زندگي گذاريندي.

### شاديءَ جي فضول رسمن مان جند ڇڏائڻ:

شادي هڪ بابرڪت فريضو آهي جيڪو اڻنگين رسمن جي ڪري معاشري ۾ وبال جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. فرسوده رسمن ۽ ڳاٽي ٽوڙ خرچن سبب شادي خوشي ۽ رحمت جي بجاءِ زحمت بڻجي چڪي آهي. انهن رسمن ۽ خرچن جي ڪري وچين طبقي وارا پنهنجي سموري پونجي خرچ ڪري ڇڏيندا آهن, جڏهن تہ غريب قرض وٺڻ تي مجبور هوندا آهن. سنڌي معاشري ۾ مڱڻي کان وٺي پرڻي تائين ڪيتريون ئي رسمون ملهائيون وينديون آهن جيڪي ڪيترين ئي خرابين جو باعث پڻ آهن. شاديءَ جي انهن رسمن ۾ وڏو عمل دخل عورتن جو هوندو آهي. انهن لاءِ شاديءَ جي هر رسم انتهائي اهم هوندي آهي. اگر انهن مان ڪا رسم ادا نہ ٿي سگهندي آهي تہ اهڙي شاديءَ کي اهي نقصان واري سمجهنديون آهن

يا ان مان خرابيءَ جا گمان ٿيندا اٿن. ان ڪري اهو ضروري هو ته انهن رسمن مان پيدا ٿيندڙ خرابين کان عورتن کي آگاهه ڪجي ۽ انهن رسمن کي ختم ڪرڻ لاءِ قائل ڪجي.

شاديءَ جو ڏينهن پڌڻ کان وٺي شادي ٿيڻ تائين جو عمل ڪيترين ئي رسمن ۽ ساٽ سوٽن تي مشتمل ٿئي ٿو. انهن رسمن ۾ پڌري ڪرڻ، پڪي وجهڻ جو ساٽ، ڪنوار کي ونهُه ۾ ويهارڻ ميندي لڳائڻ جي رسم، مڱڻو، گهوٽ جو جوتو لڪائڻ، ڏاج ڏيکارڻ، سرگس ڪرائڻ، موڙو ڏيڻ، شاديءَ مانيءَ جي دعوت يا وليمو وغيره شامل آهن. مرزا قليچ بيگ شاديءَ مان فضول سائن ۽ رسمن جو خاتمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن شاديءَ کي آسان بنائي معاشري جي اصلاح ڪئي آهي. ان مقصد لاءِ مرزا صاحب ٻن باشعور ڪردارن جي منصوبابنديءَ کي بيان ڪيو آهي. علي رضا ۽ زينت جي شادي جڏهن طيءِ ٿي ويندي آهي ته علي رضا ۽ زينت جو پاءُ حامد پاڻ ۾ صلاح ڪري شاديءَ جي فضول رسمن ۽ اجائي خرچ کان بچڻ جي رٿ رٿين ٿا. مرزا صاحب هنن ڪردارن جي ذريعي شاديءَ بابت جن سڌارن جو ذڪر ڪيو آهي اهي هن ريت آهن.

1. اڪثر ايئين ٿيندو آهي ته گهوٽ يا ڪنوار وارا پڌري کان پوءِ يا مڱڻي ۽ شاديءَ جي وچ ۾ سال يا مهينن جو فرق رکندا آهن. گهڻا ڏينهن وجهڻ جي ڪري خرچ به وڌي ويندا آهن. ان عرصي دوران اگر ڪا عيد يا خوشيءَ جو ڪو موقعو ايندو آهي ته گهوٽ وارن کي ڪنوار لاءِ عيد جو سامان ۽ خرچي وغيره موڪلڻ ضروري هوندو آهي. اگر انهن ۾ ڪا گهٽتائي ٿيندي آهي ته پوءِ اختلاف پيدا ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. ان ڪري علي رضا ۽ حامد ٻئي ان راءِ جا هوندا آهن ته مڱڻي ۽ شاديءَ جي وچ ۾ گهڻا ڏينهن نه وجهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ جو گهڻن ڏينهن وجهڻ جي ڪري هڪ ته ڏيتي ليتي جو خرچ وڌي ويندو آهي ۽ ٻيو ته هڪٻئي جي سنڀال به ڪري نه سگهبي آهي.
2. جڏهن شاديءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويندو آهي ته ان کان پوءِ پهرين پڌري ڪئي ويندي آهي. پڌريءَ ۾ گهوٽ وارا ڪنوار کي پوتي پارائيندا آهن، منڊي ڏيندا آهن ۽ ان کان علاوه مٺائي ۽ خرچي پڻ ڏيندا آهن. جڏهن ته برادري وارن ۾ مٺائي الڳ ورهائيندا آهن. ان کان علاوه ٻي اهم رسم مڱڻي جي هوندي آهي جنهن ۾ ڪنواريتا گهوٽ

کي ٽوپيءَ کان وٺي بوٽ تائين سڄو سامان ڏيندا آهن ۽ گهوٽ وارا برادريءَ کان علاوه ٻي ذات وارن کي ٻه دعوت ڏئي گهرائيندا آهن ۽ انهن جي لاءِ مٺائيءَ جو بندوبست ڪندا آهن. هنن رسمن ۾ ضروري ڪمن جي بجاءِ ڏيکاءُ جو رواج ٿي پيو آهي، جنهن کان بچڻ لاءِ ٻئي ڌرا اهو طيءِ ڪندا آهن ته پڌريءَ لاءِ ڪنوار کي نشانيءَ خاطر ڪو زيور ڏيڻ گهرجي ۽ مڱڻي ۾ صرف ويجهن عزيزن کي دعوت ڏيڻ گهرجي ته جيئن پئسي جو اجايو استعمال نه ٿئي.

3. شاديءَ لاءِ سڀ کان پهرين ڏينهن پڌڻ جي رسم ٿيندي آهي. هن رسم طور شاديءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويندو آهي. هن ڪم لاءِ ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا ويندا هئا جهڙوڪ مولويءَ کان ڏينهن ڪيرائڻ يا ٻين سائن ذريعي مناسب ڏينهن معلوم ڪرڻ. ڏينهن پڌڻ جي انهن فرسوده طريقن کي ختم ڪرڻ جو سوچي اهو طيءِ ڪن ٿا ته گهوٽ ۽ ڪنوار جي مائٽن کي پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪٻئي جي آساني لاءِ ڏينهن مقرر ڪرڻ گهرجي.

4. ڏاج اهو سامان هوندو آهي جيڪو شاديءَ جي وقت ڪنوار جا مائٽ ڪنوار کي ڏيندا آهن. بنيادي طور ڏاج جو مطلب ضروري سامان هوندو آهي، مگر وقت سان گڏ ڏاج جا تصور تبديل ٿيندا ويا. ڏاج، جيڪو محض چند وڳن تائين محدود هوندو هو، اهو شاديءَ جو اهم شرط بڻجي ويو. جنهن ڪري نياڻيءَ جا مائٽ نياڻي ڄمڻ سان ئي ان جي لاءِ ڏاج گڏ ڪرڻ لڳندا آهن. انهن کي صرف ان ڳالهه جي پريشاني هوندي آهي ته ڪٿي سندن نياڻي ڏاج جي ڪري سڄي عمر ويهي نه وڃي. ان ڪري نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ هو پنهنجي سڄي عمر جي ڪمائي خرچ ڪري ڇڏيندا آهن. غريب مائٽن جون نياڻيون ته ڏاج نه هئڻ جي ڪري شادي ڪرڻ کان محروم ٿيو وڃن. ان ڪري ڪي ته قرض کڻي ٻه ڏاج جو بندوبست ڪندا آهن. جڏهن ته وسنديءَ وارن ۾ ڏاج ذاتي انا جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي. هر ڪو چاهيندو آهي ته ڏاج سندس شان وٽان هجي. ان کان علاوه شاديءَ ۾ ڏاج ڏيکارڻ جي رسم پڻ عام آهي جنهن سان ويتر انيڪ خرابيون پيدا ٿينديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو معاشري مان

ان جي پاڙ پٽڻ لاءِ مرزا صاحب پنهنجي ڪردارن جي ذريعي ڏاج کي صحيح مفهوم ۾ بيان ڪري ان جي فضول واڌاري ۽ ڏيکاءُ کان روڪيو آهي.

5. شاديءَ ۾ سرسري رسمن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي سڱڻ ۽ ساٽ ڪيا ويندا آهن، جهڙوڪ: ڪنوار جو ونهه ۾ ويهڻ کان پوءِ مخصوص ڪاڌن ۽ ڪمن کان پرهيز ڪرڻ، ميندي سجائڻ، ڳانو ۽ موڙ ٻڌڻ، ڏڪٽي پچڻ، ڦل چونڊڻ، لائنون ڏيڻ، کير پيارڻ، ڪنوار جي مٺ کولڻ وغيره. انهن رسمن جي ڪري هڪ ته شاديءَ جي اهم فرضن کي ادا ڪرڻ ۾ مشڪل ٿيندي آهي ۽ ٻيو ته شاديءَ ۾ آيل مهمانن کي واپس موٽڻ ۾ ڪافي دير ٿي ويندي آهي يا دير ٿيڻ جي ڪري اهي گهوٽ ۽ ڪنوار جي گهر ترسي پوندا آهن جنهن ڪري ٻنهي ڌرين کي وڏيڪ پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان ڪري علي رضا ۽ حامد اجاين رسمن کي ختم ڪري نڪاح جي فرض کي جلد ادا ڪرڻ جي صلاح ڪن ٿا.

6. شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار وارن جي طرفان اهم رسمن سازن وڄائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. هي رواج وقت سان گڏ وڌي رهيو آهي. پهرين سازن جو تعداد صرف دهل ۽ شرناين تائين محدود هوندو هو جيڪو هاڻ ناچ، ڳانو ۽ مختلف سازن ۽ ڦٽاڪن تائين وڃي پهتو آهي. هي رواج به ضد جي صورت ڪري چڪو آهي ۽ هر ڌر ٻئي کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مهنگا طريقا اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ماڻهن کي اهڙن فضول طور طريقن کان روڪڻ لاءِ مرزا صاحب ڪهڙو نه سهڻو انداز اختيار ڪيو آهي. ”ٻاهر دهلن وڄائڻ يا ڏولڪن هٽڻ ۽ اندر ڍولڪ وڄائڻ جو دستور جيڪو هلندڙ آهي سو بند ڪجي؛ ڇالاءِ جو شاديءَ جي گوڙ ۾ دهل مرڳو گڙٻڙ وجهو ڏين، تنهن کان سواءِ شرعي به منع آهي.“[30]

7. شاديءَ جي سيني رسمن ادا ڪرڻ کان پوءِ گهوٽيتن پاران مٽن مائٽن ۽ دوست، احبابن لاءِ ڪاڌي جي دعوت جو انتظام ڪيو ويندو آهي. دعوت ۾ شرڪت ڪندڙ ماني کائي آخر ۾ گهوٽيتن کي پئسا ڏئي روانا ٿيندا آهن. پئسن وٺڻ جي هن طريقي کي پوئو چيو ويندو آهي. شروع ۾ شاديءَ جي هن دعوت ۾ گهوٽ وارا پنهنجي وسعت آهر بندوبست ڪندا هئا، ليڪن هاڻ هن دعوت ۾ پئسي جو ڏيکاءُ عام ٿي چڪو

آهي. گھوٽ وارا وليمي يا شاديءَ جي مانيءَ ۾ هر ماڻھوءَ کي شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏيندا آهن. ان ڪري هن ۾ پئسي جي زيان کان علاوه ڪاڌي جو بہ ڪافي زيان ٿيندو آهي. هن وبا کي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ مرزا صاحب علي رضا ۽ حامد جي زباني سمجھائيندي چوي ٿو تہ شاديءَ جي ماني جي دعوت ۾ صرف ويجھن عزيزن کي گھرائجي ۽ پوئي وٺڻ جو رواج بہ ختمن ڪرڻ گھرجي.

هي انقلابي تبديليون هيون جيڪي مرزا صاحب سنڌي معاشري ۾ رائج ڪرڻ جو ڪوشش ڪئي آهي. شاديءَ جي اڻگين رسمن ۽ رواجن کي سماج مان ختم ڪرڻ لاءِ عقلي دليل ڏئي ماڻھن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاديءَ مان انھن فضول رسمن جو خاتمو آڻڻ جيتوڻيڪ آسان ناهي. ڇاڪاڻ جو اهو رواج ابن ڏاڏن کان هلندو پيو اچي ۽ انھن رسمن رواجن کي نڀائڻ ۾ اهم ڪردار عورتن جو رهيو آهي. ان ڪري معاشري مان فضول رسمون ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سڀ کان پھرين انھن کي آماده ڪجي جيڪو ڪم مرزا صاحب ناول جي ذريعي بھتر طريقي سان ادا ڪري ڏيکاريو آهي. اڄوڪي دور ۾ ڏٺو وڃي تہ شادي خانہ آبادي بجاءِ خانہ بربادي آهي. شاديءَ ۾ نت نيون ۽ اجايون رسمون وڌنديون پيون وڃن. ڏاج هڪ مرض جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي ۽ پئسي جو ايترو تہ اجايو استعمال ٿي رهيو آهي جو ان مان ڪيترين نياڻين جي شاديءَ جو بندوبست ٿي سگھي ٿو. ان ڪري مرزا صاحب جي اصلاحي نڪتن تي عمل ڪري شاديءَ کي آسان بنائي سگھجي ٿو.

صحبت:

صحبت يا دوستي دراصل ماڻھن جي وچ ۾ پيار ۽ محبت جو رشتو آهي. هي رشتو يا ڳانڍاپو ٻين ڪيترن ئي لاڳاپن کان مضبوط هوندو آهي. هي هڪ اهڙو تعلق آهي جيڪو باهمي محبت، خلوص، سچائي، همدردي، اعتماد، وفاداري، نيڪ جذبن ۽ احساسن تي مشتمل هوندو آهي. دوستي ٻن شخصيتن جي وچ ۾ هڪٻئي سان رابطن جو هڪ سلسلو آهي جيڪو هميشہ تعاون ۽ ڀائيواري سرگرمين تي مشتمل هوندو آهي. مشهور انسائيڪلو پيڊيا برٽينڪا دوستيءَ کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

"Friendship, a state of enduring affection, esteem, intimacy, and trust between two people. In all cultures, friendships are important relationships throughout a person's life span."[31]

صحبت جو انسان جي زندگيءَ تي تمام گهرو اثر پوندو آهي. صحبت پڻ ماڻهن تي ٻه مشتمل هوندي آهي ته ڀن ڪان وڌيڪ ماڻهو ٻه ان ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. انهن جي اجتماعي سوچ ۽ هر عمل جو فردن تي شروع ۾ عارضي طور اثر ٿيڻ لڳندو آهي جيڪو پوءِ دائمي صورت اختيار ڪري ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ اها هڪ عام چوڻي آهي ته:

"A man is known by company he keeps."

يعني ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ان جي سنگت يا دوستيءَ مان ٿئي ٿي. صحبت مان ئي انسان جي سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي. صحبت اگر نيڪ سيرت، علم ادب سان چاهه رکندڙ بااخلاق وارن سان هوندي ته اهڙي صحبت جا اثرات ٻه مثبت ٿيندا ۽ جن سان ماڻهوءَ جي شخصيت چڱي متاثر ٿيندي ۽ ٻين ماڻهن جا ٻه ان شخص لاءِ سٺا گمان ٿهندا. ان جي برعڪس، صحبت اگر بد ڪردار، بد اخلاق ۽ بڇڙن افعال وارن ماڻهن سان هوندي ته اهڙي صحبت جا ذهن ۽ زندگيءَ تي خراب اثر پوندا. خراب صحبت سان تعلق رکڻ جي ڪري معاشري ۾ ان شخص کي هر ڪو برو سمجهندو. اگر ڪو نيڪ شخص بري صحبت اختيار ڪري ٿو ته اهو ان صحبت مان آهستي آهستي ان جا اثر قبول ڪرڻ لڳندو آهي، ڇاڪاڻ جو هڪ نيڪ انسان جي زندگيءَ تي برن ماڻهن جي اڪثريت جو غلبو رهي ٿو. ان ڪري آهستي آهستي هو خراب ڪمن ۽ بيهوده عادتن ۾ وڃڻ لڳي ٿو.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي اصلوڪي ناول زينت ۾ ٻه دوستيءَ جهڙي اهم پهلوءَ تي روشني وجهي ماڻهن جي اصلاح ڪئي آهي. هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته علي رضا ۽ حامد پاڻ ۾ دوست آهن. ٻئي ڄڻان روشن خيال، تعليم سان چاهه رکندڙ خوش اخلاق ۽ سٺي سيرت وارا آهن. هو بهتر معاشري جا خواهان آهن، ان ڪري پنهنجي گهر جي معاملن ۽ سماج جي غلط طور طريقن ۾ سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر جيئن ئي علي رضا روزگار جي بهاني پنهنجي گهروارن سان گڏ بمبئي منتقل ٿئي ٿو ته حامد ۽ علي رضا جي صحبت ۾ ويڇو ٿيو وڃي. ان وڇوٽي جي ڪري حامد نيڪ صحبت کان ڇڙ ته محروم ٿيو وڃي. ان محروميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ حامد وري ٻين جي صحبت ۾ جڙي ٿو پر هيءَ صحبت علي رضا

جهڙن نيڪ ۽ با اخلاق دوستن واري نہ هئي. حامد جي هيءَ صحبت انهن ماڻهن سان هئي جن کي علم، ادب سان ڪو چاهہ نہ هو. ڪوڙ ڳالهائڻ، وقت ۽ پئسي جو زيان ڪرڻ، چوري ڪرڻ ۽ عياشي ڪرڻ انهن ماڻهن جو مشغلو هو. نتيجي ۾ حامد جي طبيعت ۾ بہ ڦيرو ايندو ويو. جيڪو شخص جوا، چوري ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کان نفرت ڪندو هو، وقت ۽ پئسي جو قدر ڪندو هو ۽ سماج جي غلط ريتن رسمن مان بيزار هوندو هو، اهو هاڻ انهن ئي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هن جو ڪردار ۽ ذهن بري صحبت سبب آلوده ٿيندو ويو.

”انهن سنگتين جي معرفت هن کي ٻين لچن سان گڏ اٿڻ ويهڻ پيو. سگهوئي حقو پيئڻ سکيو. پهرين لڪي ڇڪيندو هو، پوءِ تہ هڪڙو خلاصو حقو گهر ۾ جوڙي رکيائين. تنهن کان پوءِ چرش پيئڻ ۾ پيو. سگهوئي انهيءَ جي پنيان پنگ جو سواد وٺڻ لڳو ۽ اوير سوير جو ڇڪو پي پي اچي ٻانڌاڻو ٿيو، ۽ ڏهاڙي پنهنجي پنگ گهوٽيندو هو، يا ڪو اوتارو ۽ دائرو ڇتائيندو هو.... انهيءَ شغل مان ڦري وري رنن جي صحبت پيدا ٿيس، پهريائين پلٽڻ جي سپاهين ۽ ٻين سان ڪيرين ۽ رنگيلين جي حاضري ڀرڻ لڳو، پوءِ ٿورو ٿورو ٿي اچي رنديبازيءَ جي عادت پيس...“32

خراب صحبت ۾ اچڻ جي ڪري حامد معاشري ۾ پنهنجو اصل وقار وڃائي ڇڏيو. هو معاشري جي هر برائيءَ ۾ ليکيو ويندو هو. غلط صحبت جو مٿس ايترو اثر ٿيو جو معاشري جي ٻين نيڪ ماڻهن کان علاوه هو پنهنجي ماءُ کي بہ تڪليف ڏيڻ کان ڪين ڪيٻائيندو هو. پنهنجو ۽ پنهنجي ماءُ جو پئسو بہ غلط ڪمن تي خرچ ڪري ڇڏيائين ۽ بالآخر پنهنجي آسوده گهر جي پاڻ تباهي ۽ بربادي ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ جيل جي قيد ۾ دم ڏنائين.

جڏهن تہ ٻي طرف علي رضا بمبئي ۾ وڃي بہ پنهنجي صحبت چڱن ماڻهن سان قائم رکي. جنهن ڪري هو غلط ڪمن پويان وقت وڃائڻ بجاءِ چڱن ڪمن ۾ وقت صرف ڪندو هو. هو هر وقت تعليم سان ۽ نيڪ ڪمن سان ڇهتيل رهيو، ان ڪري سندس ذهن معاشري جي خراب اثرن کان آلوده ٿيڻ کان محفوظ رهيو. اهوئي سبب آهي جو علي رضا ترقي ڪندو معاشري ۾ اعلیٰ مقام ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو. صحبت جو انسان جي ڪاميابين ۽ ناڪامين ۾ وڏو عمل دخل هوندو آهي. سٺي صحبت مان دلي سڪون ۽ بهتر ماحول حاصل ٿئي ٿو، جڏهن تہ خراب صحبت وبال ۽ تباهيءَ جو باعث بنجي ٿي.

مهمان نوازي:

مهمان نوازيءَ مان مراد اهي خدمتون آهن جيڪي ميزبان طرفان مهمان کي مهيا ڪيون وينديون آهن. مهمان نوازي دراصل ميزبان ۽ مهمان جي وچ ۾ هڪ اهڙي تعلق کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ ميزبان مهمان جو دل سان آڌر ڀاءُ ڪندو آهي ۽ ان جي بنيادي ضرورتن جو مناسب بندوبست ڪندو آهي. مهمان جي اچڻ تي ان جو استقبال ڪرڻ ۽ ان جي خاطر تواضع ڪرڻ هر مهذب قوم جي ثقافت جو اهم حصو رهيو آهي. دنيا جي مختلف ملڪن، قومن، ڳوٺن ۽ سماجن ۾ مهمان نوازيءَ جا مختلف طور طريقا رهيا آهن. ليڪن سيئي قومون هن ڳالهه تي متفق رهيون آهن ته آيل مهمان جي پنهنجي وس آهر خدمت ڪرڻ ميزبان تي فرض آهي.

سنڌ جي مهمان نوازي پوري دنيا ۾ مشهور آهي. امير هجي يا غريب، سنڌ جو هر ماڻهو مهمان کي پنهنجي پهچ ۽ استتاعت موجب مان ڏيندو آهي. جڏهن به وٽن ڪو مهمان ايندو آهي ته هو خوش ٿي ان جو آڌر ڀاءُ ڪندا آهن. سنڌ جي ڳوٺاڻي سماج ۾ ته مهمان کي وڏو مان ڏيندا آهن. غريب ماڻهو ته مهمان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن. بقول الله بچايو يار محمد سمون جي:

”هنن جي مهمان نوازيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! هو سمجهن ٿا ته بختاور سو، جنهن گهر مهمان آيو، آءُ – ڀلائي ڪرڻ ته سندن مرڪ آهي. باقي رهيو روز پاڻي، سو جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان. تنهن هوندي به ڪو اڀالو ٿي وٽائن ڪونه ويندو. جيڪي رات جا چار پهر رهندو، سو چڱو مان ماڻيندو. مهمان لفظ جي پوري پوري معنيٰ ادا ڪن مها معنيٰ وڏو، مان، عزت. يعني وڏي عزت وارو. سچ پچ جيڪو وٽن ويو، تنهن وٽن وڏو مان لڌو.“[33]

ڪو به شخص جڏهن ڪنهن گهر مهمان ٿي ويندو آهي ته وڃڻ کان پهرين انهن کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيندو آهي. اطلاع ملڻ کان پوءِ ميزباني ڪندڙ مهمان جي لاءِ سٺي طعام ۽ اڪرام جو بندوبست ڪندا آهن ۽ ان ڳالهه ۾ هو پنهنجي عزت سمجهندا آهن. مرزا قليچ بيگ به پنهنجن ناولن ۾ مهمان نوازي جي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو آهي. سندس دور ۾ مهمان نوازي جا جيڪي قدر هئا، تن جي حقيقي تصوير چٽي آهي.

”اڄ مائي جان بيبي اچڻي آهي، سو سويري وڃي ياڇي ڀتي وٺي آءُ. گوشت سرس آڻجئين. تہ سوير ئي رڌڻ پچائڻ جو ڪم ٿئي، ۽ ڏيءُ کي بہ سڏي چيائين تہ امان! بختاور کي پئسا ڏيئي، سمجهائي روانو ڪر ۽ پوءِ ماني ٽڪي جي نظر رکجئين متان مون کي اٿڻ جو وقت نہ ملي.“[34]

ان کان علاوه مهمان جڏهن گهر پهچندو آهي تہ ميزبان ان جي استقبال لاءِ دروازي وٽ اڳ ۾ بيهي رهندا آهن. ويهڻ لاءِ ان کي سٺي يا نئين رلي وڇائي ڏيندا آهن. ماني کائڻ کان پهرين ۽ آخر ۾ ان جا هٿ بہ ميزبان پاڻ ڌوئاريندو آهي. مهمان جڏهن واپس ويندو آهي تہ ميزبان ان کي سواريءَ تائين پاڻ ڇڏي ايندو آهي ۽ وڃڻ مهل ان کي ڪا شيءِ سوکڙيءَ طور بہ ڏيندو آهي.

## ڪفايت شعاري:

ڪفايت شعاري جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجن خرچن جي معاملي ۾ اعتدال ۽ برابري اختيار ڪري ۽ غير ضروري يا فضول خرچن کان پرهيز ڪري. ڏٺو وڃي تہ هڪ عام ماڻهو جو ضرورتون تمام گهٽيون نہ هونديون آهن. ۽ وقت جو کاڌو، پائڻ لاءِ ڪپڙو ۽ رهائش لاءِ جاءِ ان جون بنيادي ضرورتون هونديون آهن. اگر انهن بنيادي ضرورتن ۾ ڪو ماڻهو خواهشن کي ترجيح ڏئي ڪپڙن سان الماريون ڀري ڇڏي، صرف ذائقي خاطر قسمين قسمين طعامن سان ٽيبل ڀري ڇڏي ۽ هڪ موٽر سائيڪل جي پهچ هوندي ڏيکاءَ خاطر وڏين گاڏين ۾ سفر ڪري تہ اهو سڀ فضول خرچ ۾ شمار ٿيندو. الله تعالىٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ عوام الناس کي فضول خرچ ڪرڻ کان منع ڪندي ارشاد فرمايو آهي:

ترجمو: ”۽ کائو، پيئو ۽ فضول خرچ نہ ڪريو. بيشڪ الله فضول خرچ ڪندڙ ماڻهن کي پسند نٿو ڪري.“ [35]

هن آيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ فضول خرچ ڪرڻ در حقيقت هڪ ڏوهہ آهي جيڪو الله تعالىٰ کي بلڪل ناپسند آهي. جڏهن تہ ڪفايت شعاري مذهبي ۽ اخلاقي ذميواري هئڻ سان گڏ وقت جي اهم ضرورت پڻ آهي. اسان جي معاشري ۾ هر اهو شخص پنهنجي پاڻ کي غريب سمجهي ٿو جيڪو بنيادي ضرورتون ميسر هجڻ جي باوجود بہ

خواهشن جي تڪميل جي اميد ڪان پاڻ کي محروم سمجهندو آهي. غربت جي اها وصف معاشري ۾ ماڻهن جي مايوسيءَ جو ذريعو بڻجي ٿي ۽ ان مايوسيءَ مان نڪرڻ لاءِ ماڻهو نا جائز طريقا اختيار ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندا آهن ۽ دولت حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ هو سڀ ڪجهه وڃائي ويهندا آهن. ان ڪري دنيا ۾ اهو ئي شخص پنهنجي آسوده زندگي گذاري سگهي ٿو جيڪو ڪفايت شعاري جي اهميت کان واقف هوندو. اهو ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان محتاج نه ٿيندو. بقول مرزا صاحب جي:

”پڪ آهي ته جيڪو ماڻهو پائي ته اُءِ هميشه قرض کان آزاد رهان ۽ چوٿ گذاريان، ته جيڪا پيدائشي اچيس، تنهن جو اڌ پنهجي عام خرچ ۾ لڳائي، ۽ جي پائي ته پيسا ميڙيان ۽ دنيادار ٿيان، ته ٽي پتي خرچ ڪري، ٻيو سانديي رکي.“[36]

ڪفايت شعاري جو مطلب ڪنجوسي ناهي. بلڪ ڪفايت شعاري مان مراد آهي پنهنجون بنيادي ضروتون پوريون ڪري ڪجهه پئسا بچائي رکڻ ته جيئن ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي سگهن. اهڙي طرح بچت ڪري گهٽ آمدني وارو به خوش زندگي گذاري سگهي ٿو.

”ڪفايت شعاري در حقيقت اهڙي چيز آهي، جو ان جي وسيلي انسان ڪٽي ڪهڙي به غريبي حالت ۾ آهي ته به اطمينان ۽ مسرت جي زندگي بسر ڪري سگهي ٿو.“[37]

مرزا قليچ بيگ ماڻهن کي ڪفايت شعاري جي اهميت کان واقف ڪرائڻ ۽ معاشري ۾ ان جي فائدن کي اجاگر ڪرائڻ لاءِ پنهنجن ناولن ۾ هن موضوع تي چڱي روشني وڌي آهي. اسان جو معاشري ۾ جهالت ۽ فيشن جو رواج وڌڻ جي ڪري ڪفايت شعاري کي ڪنجوسي جو نالو ڏئي ان کي ٽوڪ ۽ ٺٺوليءَ جو موضوع بڻايو ويندو آهي. ان ڪري اڪثر ماڻهو پئسي جي ڏيکاءَ کي اهميت ڏيندا آهن. جڏهن ته ڪفايت شعاري ۽ ڪنجوسي ٻه الڳ ۽ متضاد عمل آهن. ليڪن مرد توڙي عورت فيشن جي آڙ ۾ تمام گهڻو پئسو ضايع ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ جڏهن ڪا نا اتفاق صورتحال پيش ايندي آهي ته پوءِ قرض ڪٽي ان کي منهن ڏيندا آهن. اهڙي ماحول ۾ مرزا صاحب مرد ۽ عورت کي ڪفايت شعاري جو پابند بنائڻ لاءِ علي رضا ۽ زينت جو مثال ڏنو آهي.

”مڙس جيڪي مهيني ۾ ڪمائيندو هو تنهن مان ماهوار خرچ ڪيدي رکندي هئي. باقي پيو سڀ مڙس جي معرفت بئنڪ ۾ رکائي ڇڏيندي هئي. اگرچہ بئنڪ مان وياج وٺڻ جي نسبت دل تي ديني خطرو گذرين، تڏهن بہ هنن پاڻ ۾ پهي، ٺهراءُ ڪيو تہ پئسا تہ قابو رکيا هوندا باقي وياج ڪٿي نہ وٺنداسين يا وٺي پنهنجي ڪم نہ لڳائينداسين.“[38]

اهڙي طرح ڪفايت سان وقت گذاري هي گهر ۾ سڌارو آڻين ٿا. هو نہ رڳو پنهنجي اولاد جي بهتر تعليم جو بندوبست ڪرڻ جي قابل ٿين ٿا، پر پنهنجي سموري زندگي پرسڪون ۽ فرحت سان گذارين ٿا. مرزا صاحب هڪ طرف هنن جي خوشحال زندگيءَ جو مثال ڏئي ماڻهن کي اها واٽ وٺڻ جي نصيحت ڪري ٿو تہ ٻئي طرف فضول خرچ ڪرڻ سبب حامد جي خراب حالتن کان بہ واقف ڪري ٿو. حامد بري سنگت ۾ شامل ٿيڻ ڪري پئسي جو اجايو استعمال ڪرڻ لڳي ٿو. هو غلط ڪمن ۽ خواهشن پوري ڪرڻ پويان پنهنجي ماءُ جي پينشن وارو پئسو بہ خرچ ڪريو ڇڏي ۽ اڳتي هلي جڏهن هن جون گهرجون پوريون نٿيون ٿين تہ پوءِ قرض کڻڻ بہ شروع ڪري ٿو.

”ماڻس کي سندس شاديءَ جي ڳڻتي هئي؛ انهيءَ لاءِ پئي پئسو پنجڙ چل چِتر گڏ ڪندي هئي، سو بہ هاڻ هن جي هٿ ۾ آيو ۽ انهيءَ تي پنهنجو حق ڄاڻي ڪپائڻ لڳو. رنديبازيءَ ۾ توڙي سنگتين جي پيالي پاٽيءَ ۾ هن جي ضرورت وڌي تہ قرض کڻڻ لڳو؛ پينشن وٺڻ لاءِ ماءُ جي پاران آفيس ڏي هي پاڻ ويندو هو، سو اڌ ٻاهران ئي کائي، ڪپائي باقي آڻي ماءُ کي ڏيندو هو.“[39]

حامد فضول خرچ ڪرڻ جي ڪري بدتر زندگي گذاري ٿو. هو نہ فقط پنهنجي بربادي ڪري ٿو پر پنهنجي خاندان جي تباهي جو بہ سبب بڻجي ٿو. مرزا صاحب ڪفايت شعاري جي فائدن ۽ اجائي خرچ ڪرڻ مان ٿيندڙ نقصانن کي پنهنجن ناولن ۾ آڻي ماڻهن تائين پيغام رسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ناولن ۾ سماج جي اهڙن ڪيترن ئي پهلوئن جي نہ رڳو اپٽار ڪيل آهي، پر فرد ۽ معاشري جي سڌاري جي تشڪيل پڻ ڪئي آهي.

**زينت ناول جو سنڌي سماج تي اثر:**

جهڙي طرح ادب سماج کان متاثر ٿئي ٿو، اهڙي طرح ادب بہ سماج تي پنهنجا گهرا اثر ڇڏي ٿو. ادب پنهنجي نوعيت ۾ قوم جي تعميري، اخلاقي ۽ اصلاحي نشونما جو هڪ

بهترين ۽ موءثر ذريعو رهيو آهي. ابتدا ۾ ادب صرف وندر و رونهن لاءِ هوندو هو. مصروفيتون گهٽ ۽ وقت وڏيڪ هئڻ جي ڪري ادب ئي هوندو هو جيڪو ماڻهن جي ذهنن کي مافوق الفطرت (Supernatural) ڪردارن تي مشتمل قصن، ڪهاڻين ۽ داستانن جي ذريعي وندر جو سامان مهيا ڪندو هو. اهي قصا ۽ داستان سبق آموز هوندا هئا جن ۾ اخلاق جي تعليم، نيڪي ڪرڻ جي تلقين ۽ برن عملن کان تنبيهه، محنت جي عظمت، سستيءَ جا نقصان، ٻڌي ۽ اتحاد جي برڪت جا نڪتا هوندا هئا. اهي قصا ماڻهن کي مايوسي، غمگيني ۽ نااميديءَ جي حالت مان ڪڍي انهن کي تڪليفن، مصيبتن ۽ پريشانين کي منهن ڏيڻ لاءِ پرجوش ۽ پراميد بنائيندا هئا. هڪ طرف انهن ۾ اڏامندڙ ڪردارن ئي ماڻهن کي اپ ۾ اڏڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪيو ته ٻئي طرف ماڻهن کي حال جي حالتن کان آگاهه ڪري انهن کي ايندڙ وقت سنوارڻ لاءِ بهتر حڪمت عملي جوڙڻ جي پڻ سوچ ڏني. اهڙي طرح ادب شروعات کان ئي ماڻهوءَ جي ذهن ۽ زندگيءَ تي پنهنجا اثر مرتب ڪرڻ لڳو. ان جي اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، لباس ۽ ريتن، رسمن تي ادب اثر انداز ٿيندو ويو جنهن سان سنڌي سماج ۾ سڪون، سلامتي، پيار، انس، ڀائپي، اتحاد ۽ تهذيب جا قدر وجود ۾ اچڻ لڳا.

سنڌي ناول سنڌي سماج کي فڪري توڙي عملي طور خوب متاثر ڪيو آهي. دنيا جي سماجن جيان سنڌي سماج به مسئلن کان آجو نه رهيو آهي. هي سماج انيڪ مسئلن ۾ گهيريل آهي. بک، بيروزگاري، مهانگائي، غربت، جهالت، ڪاروڪاري، جاگيرداري، عورتن جي استحصالي، معياري تعليم جي کوٽ، رشوت، چوري، نشي جو وڌندڙ رجحان، فضول رسمون، پئسي جو اجايو ڏيکاءُ، اجتماعي سوچ جي کوٽ، ننڍي عمر ۾ شادي، قبر پرستي ۽ ٻيا کوڙ اهڙا مسئلا آهن جيڪي سماج جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي اڳيان هڪ وڏو سواليه نشان بڻيل آهن. سنڌي سماج کي انهن مرضن کان پاڪ ڪرڻ ۽ ان کي جديد دور جي لاڙن، رخن ۽ تقاضائن طرف گامزن ڪرڻ ۾ ناول پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. اگر سنڌي معاشري ۾ تعليم جي صورتحال جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته هي سماج تعليم جي ميدان ۾ ڪافي پٺتي پيل آهي. هتي تعليم جو مقصد صرف نوڪري آهي ۽ نوڪريءَ لاءِ تعليمي ڊگريون لياقت جي بجاءِ ڪاغذي خانه پوريءَ جي حيثيت رکن ٿيون. ان ڪري رشوت، سفارش ۽ ڪاپي ڪلچر جهڙيون بيماريون سماج کي اڌوهيءَ جيان کائي رهيون آهن. تعليم

جو رجحان گهٽ هئڻ ڪري شعور جي شديد کوٽ آهي، جيڪو سماجي براين جو اهم سبب پڻ آهي. هتي عورت کي ست قرآن تہ سمجهيو وڃي ٿو پر ان جي حقن جي لتاڙ ڪئي وڃي ٿي. ان کي تعليم جي نور کان پري ڪري صرف گهر جي چوديواريءَ اندر ڪمن ۾ مصروف رکڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي تہ سنڌ ۾ عورتن جو تعليمي ريشو مردن کان تمام گهٽ آهي. سنڌي سماج کي اهڙن فرسوده خيالن کان پاڪ ڪرڻ ۽ ان کي جديد سوچ ڏيڻ ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجن ناولن جي ذريعي ماڻهن جي ذهنن تي تمام مثبت اثر مرتب ڪيا آهن. سماج مان قديم روايتن، فضول رسمن ۽ جهالت جي پاڙ پٽڻ لاءِ مرزا صاحب زينت ناول تخيلق ڪيو، جنهن ۾ مرزا صاحب نہ فقط موجوده حالتن کي بيان ڪيو پر سماجي براين ۽ مسئلن مان ڇوٽڪاري لاءِ ڪيترائي نوان حل پڻ ڪيدي ڏنا. زينت ناول ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو هڪ ڪليل ڪتاب ثابت ٿيو، جنهن ڪري هن ناول ماڻهن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان جو هڪ مثال خان بهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ هن طرح ڏنو آهي.

”منهنجو هڪڙو جهونو دوست سفيد پوش اسڪول ماستر هو. ان سال 1898ع ۾ جڏهن زينت (ناول) مطالع ڪيو، تڏهن ان تي ايترو اثر ٿيو، جو پڪو ارادو ڪيائين تہ آءٌ پنهنجو گهر ۽ ڪٽنب اهڙي طرح سڌاريندس ۽ اهڙي طرح حياتي گذاريندس، جهڙيءَ طرح مرزا زينت ۾ سمجهائي آهي. هن پنهنجي اڻ پڙهيل زال جو اڳيون نالو مٽائي زينت رکيو، ۽ رات ڏينهن محنت ڪري مائيءَ کي اهڙي تعليم ڏنائين جو هوءَ هڪڙي نامور ۽ نيڪدل ٽريند ماسترياڻي بڻجي پئي ۽ پنهنجي مڙس کان بہ وڌيڪ پگهار ڪڻندي رهي.“[40]

زينت ناول سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪئي آهي. هن ناول ۾ معاشري جي مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪيل آهي ۽ انهن مسئلن مان نڪرڻ يا انهن کي حل ڪرڻ جا طريقا پڻ ٻڌايا ويا آهن. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن مختلف مسئلن ۽ پريشانين ۾ گهيريل ڪو شخص هن ناول جو مطالعو ڪري ٿو تہ هو دلي ۽ ذهني طور سڪون تہ حاصل ڪري ٿو ليڪن ان سان گڏ ان ۾ مسئلن کي منهن ڏيڻ جو حوصلو ۽ جذبو بہ پيدا ٿئي ٿو. ان ڪري هن ناول کي پڙهندڙ هر عام و خاص پنهنجي زندگيءَ جي قريب کان قريبتر محسوس ڪندو آهي ۽ انهن جي دل ۽ دماغ تي پنهنجا مثبت اثر ڇڏيندو آهي.

# حوالا


1. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، دلارام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 26
2. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، دلارام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 86
3. Smith, T. (2003). The metaphysical case for honesty. The Journal of Value Inquiry, P-518.
4. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، دلارام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 85–86
5. Kazdin, Alan E. (2000). Encyclopedia of Psychology, Vol: 8, Washington, American Psychological Association
6. افيرپز شاهي، دين محمد اديب، (2016)، اندر تون اجار، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص 21
7. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، دلارام، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 33
8. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، (2015)، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي افسانوي ادب جو اڀياس، قليچ ريسرچ جرنل، ص 4
9. قليچ بيگ، مرزا، (1995)، زينت، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 73
10. Tanvir Khalid (2017), Education-An Introduction To Educational Philosophy and History, Islamabad, National Book Foundation, P-25.
11. نواز علي شوق، ڊاڪٽر (1890)، پڪو پهه، ڪراچي، مڪتبه اسحاقيه، ص 23
12. قليچ بيگ، مرزا (1912)، تحفت النسوان،حيدرآباد، سنڌ پريس، ص 1
13. قليچ بيگ، مرزا، (1995)، زينت، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 8
14. ايضا، ص 66
15. ايضا، ص 152
16. Encyclopaedia Britannica (2021), Marriage, www.britannica.com/topic/marriage
17. ڏسو حوالو نمبر 6، ص 31
18. ايضاَ، ص 32
19. ايضاَ، ص 23
20. يضاَ، ص 5
21. ايضاَ، ص 34
22. ايضاَ، ص 34
23. ايضاَ، ص 64
24. ايضاَ، ص 33
25. ايضاَ، ص 4
26. ايضاَ، ص 49
27. ايضاَ، ص 57
28. ايضاَ، ص 24
29. ايضاَ، ص 35
30. ايضاَ، ص 62
31. Encyclopaedia Britannica (2021), Marriage, www.britannica.com/topic/friendship
32. ڏسو حوال نمبر 6، ص 141.
33. سمون، الهه بچايو، يار محمد (2007)، سير ڪوهستان، ص 65
34. قليچ بيگ، مرزا، (1995)، زينت، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 41
35. سورت الاعراف (7): 31
36. بيگ، مرزا قليچ، (2005)، مقالات الحڪمت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 18
37. آغا تاج محمد خان، خان صاحب، (2016)، ڪفايت شعاري، حيدرآباد، آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس، ص 10
38. ڏسو حوالو نمبر 27، ص 66
39. حوالو نمبر 27، ص 143
40. ميمڻ، محمد صديق، خان بهادر، (2000)، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 470

## باب پنجون:

# مرزا قليچ بيگ جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ مختلف سماجي پهلو

مرزا قليچ بيگ فرد توڙي سماج جي هر پهلوءَ کي پنهنجي قلم جو موضوع بنايو آهي. فرد ۽ سماج جي اصلاح لاءِ مرزا صاحب نه صرف اصلوڪا ناول جوڙيا، پر ٻين ٻولين جا اهي مشهور ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري اسان جي اڳيان رکيا جن ۾ ڪيترن ئي سماجي پهلوئن جي نشاندهي ڪيل آهي. اهي ترجمو ڪيل ناول اڄ به اسان جي معاشري جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ اوترا ئي ڪارآمد آهن جيترا ان وقت هئا. انهن ترجمو ڪيل ناولن ۾ جن به سماجي پهلوئن جي نشاندهي ڪيل آهي، انهن مان خاص طور هي پهلو اهم آهن: پرورش، اخلاقي تعليم، هنري تعليم، بالغان تعليم، سياٽپ ۽ ڏاهپ، نيم حڪيم، وهم پرستي، مذهب، رويا، تعصب ۽ حسد، نڳي ۽ دوکيبازي، ٻين ڪاڻ جيئڻ، دوستي، اتحاد، غربت، قرض، فضول خرچ، ڏک ۽ سک، مايوسي ۽ اميد.

پرورش:

ڪنهن به فرد جي شخصيت کي سنوارڻ ۽ بگاڙڻ ۾ بنيادي عمل دخل پرورش جو هوندو آهي. اگر فرد جي پرورش صحيح معنىٰ ۾ ڪئي وڃي ۽ ان طرح ڪئي وڃي جيئن ان جو حق آهي ته پوءِ اهو فرد نيڪ، فرض شناس ۽ معاشري ۾ هڪ بهترين شهري ثابت ٿي سگهي ٿو. ان ۾ سٺي ۽ بري جي تميز هوندي ۽ هو اخلاق جي دامن کان خالي نه هوندو. دراصل سٺي پرورش سٺي انسان کي جنم ڏيندي آهي. اگر ٻار جي پرورش بهتر انداز ۾ ڪيل نه هوندي ۽ هن کي بهتر ماحول مهيا ڪري نه ڏنو ويندو ته ان سان ٻار جو لاڙو غلط حرڪتن ۽ برين عادتن ڏانهن ٿي ويندو. هو ماحول جي رحم ڪرم تي پلجندو آهي. ان ڪري ماحول ۾ هي جيڪو ڪجهه ڏسندو آهي ۽ جنهن طرح سان هن سان سلوڪ ڪيو ويندو آهي، هو انهن ئي ڳالهين جو نقل ڪندو آهي. اهڙي طرح جڏهن هو وڏو ٿيندو آهي ته معاشري ۾ ٻين سان به ان پرورش جي موافق پيش ايندو آهي. اڄوڪي دور ۾ اولاد جو بگڙجڻ، هڪ اهم مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن جي پٺيان اهم سبب اولاد جي سٺي پرورش نه ڪرڻ آهي. موجوده

دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي رفتار ايتري تہ تيز ٿي چڪي آهي جو پنهنجي اندر جهاتي پائڻ ڪي بہ وقت جو زيان سمجهيو ٿو وڃي. مائٽ سماجي ۽ معاشي ڪم ڪارن ۾ ايترا تہ مصروف ٿي چڪا آهن جو اهي اولاد جي پرورش لاءِ بہ انهن کي مشينن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. اولاد جي پرورش جي فقدان جي سبب معاشري ۾ جن براين جنم ورتو آهي انهن کي روڪڻ جي لاءِ مرزا قليچ بيگ ناولن جي ذريعي مائٽن ۽ ٻارن جي اصلاح ڪئي آهي.

اولاد جي پرورش ۾ ماءُ پيءُ جو ڪردار:

ٻار جا اولين استاد ان جا ماءُ ۽ پيءُ آهن. ٻار کي پهريون سبق ماءُ لوليءَ جي صورت ۾ ڏيندي آهي جنهن کي ٻڌي ٻار راحت ۽ سڪون محسوس ڪندو آهي ۽ لوليءَ کي ٻاتاٽا ٻول ۾ ورجائيندو آهي. ٻار ٿورو وڏو ٿيندو آهي تہ پنهنجي پيءُ، ماءُ جو نقل ڪرڻ سگهندو آهي. انهن جي اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ معاشري ۾ ان جي ڪردار کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اپنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تنهنڪري اولاد جي پرورش ۾ والدين جو ڪردار اهم هوندو آهي.

"والدین کی ذمہ داری اسی روز سے شروع ہو جاتی ہے جب وہ رشتہ ازدواج میں منسلک ہوتے ہیں۔ بچوں کی تربیت کے لیے والدین کو بہت سے ادوار اور بے شمار مراحل سے گذرنا پڑتا ہے۔ والدین اور اولاد کا تعلق کبھی نہ ٹوٹنے والا اور نہ ختم ہونے والا تعلق ہے۔ یہ دنیا و آخرت دونوں میں ایک دوسرے کے لیے باعث فخر وانبساط بھی ہو سکتا ہے اور باعث رنج وندامت بھی۔" [1]

والدين جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو پنهنجي اولاد کي جن ڳالهين جي نصيحت ڪن ٿا ان تي پاڻ بہ عمل ڪري ڏيکارين. ان ڪان علاوه والدين جي لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ هو اولاد کي وقت ڏين، ان جي گهرو ۽ سماجي زندگي تي ڌيان ڏين تہ جيئن اولاد بري عمل ڪان بچي سگهي ۽ معاشري جو معتبر ۽ ذميدار شهري ٿي ابري. جيڪي والدين پنهنجي اولاد لاءِ وقت نٿا وقف ڪن ۽ ان کي ٻين جي رحم ڪرم تي ڇڏي پاڻ آزاد ٿي ويندا آهن تہ اهو اولاد وڏو ٿي والدين لاءِ غم، ڏک ۽ پڇتاءُ جو سبب بڻبو آهي. اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ناول "ٽي گهر" جي وائڪائونٽ لارڊ گلينلن جي ڪردار جي روپ ۾ موجود آهن. لارڊ گلينلن امير گهراڻي جو ٻار آهي جيڪو ننڍن ورهين ۾ ئي ماءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويو. سندس پرورش سندس پيءُ لارڊ ڊانرل جي حصي ۾ آئي پر گهر کان اڪثر

ٻاهر رهڻ جي ڪري پٽ جي تعليم ۽ پرورش ڏانهن ڌيان نہ هوندو هوس، نہ ئي ان ڳالھ جو فڪر هوندو هوس. ان ڪري ان جي پرورش ملازمن جي هٿ هيٺ آئي. ان کان سواءِ ملازمن کي هر ڳالھ ۾ گلينلن جي تائيد ڪرڻ جو پابند بنياويو هو. جنهنڪري گلينلن جي هر فعل ۾ بگاڙ اچڻ لڳو. پاڻ کي هر ڪم ۾ خود مختار سمجهڻ لڳندو هو ۽ پيءُ جي عزت، ادب، حياء ۽ فرمانبرداريءَ جي پرواهہ بہ نہ هوندي هيس. هو صورت ۾ تہ سهڻو هو پر سيرت ۾ اوتروئي ڪريل هو.

”جڏهن وڏيرڙو ٿيو ۽ پيءُ وٽ گهڻو اچڻ لڳو، تڏهن ڏاڍو حرڪتي ۽ خود خيال ۽ هوڏي ٿيڻ لڳو. ڪچيءَ کان لارڊ ڊانرل نرم فهمائش ۽ محبت جي سمجهاڻيءَ تي نہ هيرايو ويو هو، تنهنڪري جڏهن ڪڏهن هو ڪا حرڪت يا ڪو ناشائستو ڪم ڪندو هو تڏهن ارل ڏاڍو ڪاوڙجي ويندو هو ۽ پٽ کي سخت سيڪت ڏيندو هو؛ پر پٽ جي طبيعت اهڙي شوخ هئي جهڙي پيءُ جي، سو ماٺ ڪري اهي سهمون نہ سهندو هو ۽ هوڏ ڪري ضد ڪندو هو، تنهنڪري ارل اڪثر پنهنجي منهن ڇڏي ڏيندو هوس. رڳو ڪڏهن اتفاق سان حد کان وڌيڪ سختيءَ سان مٿس حڪم هلائيندو هو، جنهن جو اثر اهڙو خراب هو، جهڙو اڳي حد کان بہ وڌيڪ نرميءَ جو هو. انهيءَ طرح نيٺ پٽ بي پرواهہ ۽ خود مختيار ۽ نافرمان ٿي پيو، پيءُ انهيءَ مان رنج ۽ بيزار ۽ نا اميد رهندو هو.“[2]

پيءُ جڏهن پٽ جي غلط هلت چلت کان با خبر هوندي بہ ان کي نظر انداز ٿو ڪري تہ پوءِ اهو پٽ نا فرمان، بدمزاج، بي حيا، ۽ بد دماغ ٿيو پوي. پيءُ اگر اولاد جي وقت سر اصلاح نٿو ڪري تہ اهو پيءُ دراصل پنهنجي پيرن تي پاڻ ئي ڪهاڙو وهائي ٿو ۽ اهو زخم پوري زندگي نٿو پرجي. وقت جڏهن هٿن مان نڪري ويندو آهي تہ ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اولاد تي پيءُ جو وس ئي نہ هلندو آهي پوءِ چاهي ان تي ڪيڏي بہ سختي ڪئي وڃي.

”لارڊ ڊانرل ڏاڍيءَ چڙ مان پٽ کي اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳو، ۽ پٽ بہ بي پرواهہ ۽ بيحيا ٿيڻ لڳو. ٻئي هل ۽ ٻڪ شڪ ڪرڻ لڳا، ۽ اهڙو سخت تڪرار ڪري وڌائون جو پيءُ ۽ پٽ وچ ۾ جيڪر روا رکي نہ سگهجي ۽ نامناسب سمجهڻ ۾ اچي. نيٺ ارل کي ڪاوڙ جو اهڙو جوش اچي ويو جو پٽ کي ڪلهن کان وٺي ڌڪي جاءِ مان ڪڍي صفي ۾ وڌائين ۽ پٺيائنس در بند ڪري ڇڏيائين.“[3]

پيءُ جي عدم توجهه جي ڪري لارڊ گلينلن ڪيترين ئي برين عادتن ۾ مبتلا ٿي چڪو هو. جهڙوڪ: اسڪول ۾ ڇوڪرن سان جهيڙا ڪرڻ، پيءُ جي نالي تي ٻين کان قرض وٺڻ، اجاين ڪمن تي پئسا خرچ ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، شراب پيئڻ وغيره. اهڙن ڪمن ڪرڻ ۾ هو پنهنجي عزت سمجهندو هو ۽ پائيندو هو ته منهنجو تعلق امير گهراڻي سان آهي، ان ڪري اهڙا ڪم ڪرڻ منهنجي شان وٽان آهن. اهڙي طرح هو وياج تي پنهنجي نوڪر ڪلارڪ کان به پئسا وٺڻ شروع ڪري ٿو، جيڪو بعد ۾ ڪيس بليڪ ميل ڪندو رهي ٿو. پيءُ اگر وقت تي پٽ جي غلط حرڪتن تي هن جي اصلاح ڪندو اچي ها ۽ هن جي پرورش ۾ ڪوتاهي نه ڪري ها ته سندس پٽ انهن خرابين کان بچي پوي ها ۽ هڪ سلڇڻو ٻار ٿي پي ها. ليڪن پٽ جي بهتر پرورش ڪرڻ کان هن پاڻ کي پاسيرو رکيو ۽ جڏهن پٽ جي خراب چال جي خبر پوندي هئس تڏهن هن کي سزا ڏئي پنهنجي ذميواري پوري سمجهندو هو. ان جو سندس پٽ تي ڪو به اثر نه ٿيندو هو. بالآخر گلينلن کي سندس خراب لڇڻ جي ڪري اسڪول مان نيڪالي ملندي آهي. پٽ جي اهڙي بدنامي تي لارڊ ڊانرل هن سان وري به سختيءَ سان پيش ايندو آهي ۽ ان سختيءَ عيوض گلينلن وڌيڪ بي ادب ۽ ضدي ٿي پوندو آهي. سندس ذهن جو لاڙو ڏوهن جي طرف ٿي ويندو آهي ۽ آخر ۾ ان جو انجام تمام خراب ثابت ٿيندو آهي.

ٻار جي پرورش جو موضوع ”ايرڪ“ ناول ۾ به ڏنو ويو آهي. ايرڪ ناول ۾ ايرڪ ٻار جي بهتر پرورش جو مثال ڏنو ويو آهي ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي ته بهتر پرورش سان ٻار جي ذهني ۽ جسماني طبيعت تي ڪهڙا اثر مرتب ٿيندا آهن. ايرڪ جي پرورش ۾ مسز ٽريور ۽ سندس ڏيءَ جو وڏو ڪردار هوندو آهي. هو پاڻ نيڪ خصلت واريون هونديون آهن ۽ ايرڪ کي سٺين ڳالهين جي ترغيب ڏينديون آهن. سٺي پرورش ٿيڻ جي ڪري ايرڪ هڪ با اخلاق ۽ با ڪردار ڇوڪر ثابت ٿئي ٿو.

”هو ڪو ملائڪ جهڙو چڱو ڇوڪرو نه هو، ۽ نه هو عمر کان وڌيڪ عقل جهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، مگر سچو، ايماندار، نرمدل ۽ همٿ وارو هو. اُهي سبق هن کي سيکاريا ويا هئا، جي هن کي وسرڻ جا نه هئا، نه وري وڏي هوندي جي حياتيءَ جي ڏکن ۾ هن ڪڏهن

وساريو ته ماڻهوءَ جي مٿان پيءُ جهڙو مهربان، محبت ڪندڙ ۽ معافي ڏيندڙ خاوند موجوده رهي ٿو."[4]

ٻار جي شخصيت جي سڃاڻپ ان جي پرورش مان ٿيندي آهي. جهڙي ٻار جي پرورش ٿيل هوندي، هو معاشري ۾ اهڙو ئي پنهنجو رد عمل ظاهر ڪندو. خراب پرورش ٻارن جي خراب روين مان ظاهر ٿيندي آهي ۽ ان جو ٻارن جي طبيعت تي ديرپا اثر رهندو آهي. جنهن ٻار جي تربيت ۾ والدين ڪوتاهي ڪندا آهن ۽ ڪن سببن ڪري اهي اولاد کي سٺي تربيت ڏئي نه سگهندا آهن ته اهي عزت، ادب ۽ حياء کان محروم ٿي ويندا آهن. در اصل انهن کي اهي گڻ سيکاريا ئي نه ويا هوندا آهن. انهن کي صرف پاليو ويو هوندو آهي. انهن جون ضرورتون پوريون ڪيون ويون هونديون آهن، جنهن ڪري هو لالچي، مطلبي، خود غرضي ۽ بد اخلاقي ڏانهن وڌيڪ لاڙو رکندا آهن. جڏهن ته سٺي تربيت ۾ پلجندڙ ٻار زندگيءَ جا سٺا قدر سکندا آهن. هو معاشري ۾ قائم ڪيل رشتن، ناتن جو احترام ڪندا آهن ۽ سٺا شهري ثابت ٿيندا آهن.

اولاد کي اخلاقي تعليم ڏيڻ جي اهميت:

تعليم انسان جي شعور، ڪردار، اخلاق، تهذيب ۽ ترقيءَ جو نالو آهي. تعليم علم ۽ شعور جو هڪ ذريعو آهي جيڪو انسان کي سمجهه ۽ ڄاڻ سان گڏ مختلف مهارتون ۽ هنر سيکاري ٿو. تعليم جي ڪري هو پنهنجن ۽ ٻين جي حقن کان پڻ آگاهه ٿيندو آهي. هو ڄاڻندو آهي ته هن جا گهر جي فردن ۽ معاشري تي ڪهڙا حق آهن ۽ هن جي مٿان ڪهڙيون ذميواريون هونديون آهن. انسان جي معاشرتي زندگي انيڪ مسئلن ۾ گهيريل هوندي آهي جن مان ٻاهر نڪرڻ جي خواهش ته هر شخص کي هوندي آهي، ليڪن انهن مسئلن مان اهو ئي ٻاهر نڪري سگهندو آهي جيڪو رسمي توڙي غير رسمي تعليم جي ذريعي انهن جي حل کان واقف هوندو آهي. تعليم حاصل ڪرڻ جا مختلف طريقا هوندا آهن ۽ هر طريقي سان حاصل ڪيل تعليم ۾ انسان جي لاءِ فلاح ۽ ڪاميابي هوندي آهي.

درسي تعليم سان گڏ ادب ۽ اخلاق جي تعليم به اولاد جي لاءِ تمام ضروري آهي. اگر ڪو ماڻهو چاهي ڪيڏو به تعليم يافته ڇو نه هجي، پر جي ان ۾ ادب يا اخلاق نه هوندو ته اهو معاشري ۾ ڪنهن به فائدي جو باعث نه ٿيندو. بلڪ ان ماڻهوءَ کان پنهنجا توڙي پراوا

بيزار هوندا. ان جي برعڪس اگر ڪو ماڻهو تعليم سان پلي گهٽ واڳيل هجي پر جي هن ۾ ادب ۽ اخلاق هوندو تہ سڀ ڪو ان ڪي جيءَ ۾ پيو جايون ڏيندو. تنهن ڪان سواءِ با اخلاق اولاد تہ ماءُ پيءُ جي اکڙين جو ٺار ٿيندو آهي. اهو اولاد چاهي پٽ هجي يا ڌيءُ سڄي ڄمار والدين لاءِ سک جو سامان بڻبو آهي. جڏهن تہ بي ادب اولاد مائٽن لاءِ ناسور ٿيندو آهي. اهو اولاد هر وقت ماءُ پيءُ جي دل آذاريندو رهندو آهي. اهڙي اولاد جو اٿڻ ويهڻ بہ اهڙن ئي بد ڪردار ماڻهن سان هوندو آهي. ان ڪري والدين تي فرض آهي تہ اهي ٻار کي صحيح تعليم ڏين جنهن سان هو سماج جي ڀلائي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي.

*" صحیح تعلیم صرف اس صورت میں ہو سکتی ہے کہ بچہ جس سماجی ماحول میں پرورش پا رہا ہے اس ماحول کے تقاضوں کو سمجھ کر ان کے حوالے سے اس کی صلاحیتوں کو اجاگر کیا جائے۔ ان تقاضوں کے ذریعے اسے تحریک دی جائے کہ وہ اس سماجی اکائی کے ایک رکن کی حیثیت سے عمل کرے، اپنے خلقی و جبلی جذبات و عمل کی تنگ نائے سے باہر نکلے اور اس گروہ کی بھلائی کے حوالے سے اپنے وجود کا ادراک کرے جس گروہ میں وہ اپنے آپ کو پاتا ہے۔ "*[5]

اولاد جي با ادب يا بي ادب ٿيڻ ۾ وڏو عمل دخل ان جي تربيت جو هوندو آهي. تربيت جو مطلب آهي اولاد جا اخلاق سنوارڻ، ان کي نيڪ ۽ چڱا عمل ڪرڻ لاءِ اتساهڻ ۽ ان جي دل ۾ برن ڪمن کان نفرت پيدا ڪرڻ. اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ والدين تي فرض آهي جنهن کان انهن کي ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي. اولاد جي تربيت جي معاملي ۾ اگر لاپرواهي کان ڪم ورتو ويو تہ ان جو نقصان اولاد کان وڌيڪ مائٽن کي ڪٽڻو پوندو.

ڌيءُ جي بهتر تعليم ۽ تربيت بہ اوتري ئي اهم آهي جيتري پٽ جي. جيڪا نياڻي سٺي تعليم حاصل ڪري ٿي ۽ بهتر تربيت هيٺ پلجي ٿي اها معاشري کي بهتر نسل ڏئي ٿي. ڌيءُ جي تربيت ۾ ڪهڙين ڳالهين کي اهميت ڏجي ۽ ان کي ڪهڙي طرح سٺين ڳالهين جي تعليم ڏجي ان جو مثال اسان کي ناول ”گلن جي ٽوڪري“ ۾ بہ ملي ٿو. جيڪب روڊ پنهنجي ڌيءُ ميريءَ کي جنهن طريقي سان اخلاقي تعليم ڏئي ٿو اهو قابل ذڪر آهي. هو پنهنجي ڌيءُ کي گلن مان اخلاقي سبق حاصل ڪرڻ جي سمجهاڻي ڏيندي چئي ٿو:

”پياري ميري، هن نماڻي بنفشي مان توکي نماڻائيءَ ۽ خير خواهيءَ جو سبق سکڻ گهرجي، ۽ سمجهڻ گهرجي ته ٻين سان ڪجهه ڪوهه ۾ چڱائي ڪرڻ ضرور آهي. ڏس ته هن حيا جي نماڻي رنگ واري پوشاڪ ڍڪي آهي، ۽ باغ جي گوشائتي چمن ۾ ٽڙي ٿو، ۽ پنن جي پردي ۾ لڪو پيو آهي، ۽ اتان هوا کي پنهنجي خوشبوءِ سان ڀري ٿو ڇڏي. پياري ميري، شل تون به انهيءَ گوشي ۾ رهندڙ بنفشي وانگي اجائي ڏيک کان پاسو ڪرين، ۽ عام خلق جي اکيان زور ڪري پاڻ نه اچي ڏيکارين، ۽ هميشه ڪنڊ ۾ خير جا ڪم ڪندي وتين!“[6]

پنهنجو پاڻ کي هر برائي ۽ ڏوهه کان پاڪ ۽ صاف رکڻ بابت ڌيءُ کي سوسن جي گل جو مثال ڏيندي چئي ٿو:

”بابا، هن سوسن جي گل کي تون پاڪائي جي نشاني ڪري سمجهه. ڏس ته ڪهڙو نه سهڻو ۽ ڪهڙو نه پاڪ ۽ صاف آهي! انهيءَ گل جا پن اهڙا پاڪ ۽ صاف آهن، جو تمام سفيد ڪپڙو به اهڙو نه هوندو، ڇڻ ته برف جهڙا اڇا آهن. سياڻي آهي اها ڇوڪري، جنهن جي دل انهيءَ جهڙي پاڪ ۽ صاف ۽ بيداغ آهي.“[7]

عورت لڄ ۽ حياء جي علامت رهي آهي. با حيا ۽ لڄدار عورت گهر توڙي معاشري جي سونهن آهي. جيڪا عورت انهن خوبين کان خالي هوندي آهي تنهن کي ڪير به قبول نه ڪندو آهي. جيڪب روڊ پنهنجي ڌيءُ کي گلاب جي گل مان لڄ، حياء ۽ شرم جو سبق پرائڻ بابت نصيحت ڪندي چئي ٿو ته:

”پياري ميري، گلاب جي گل کي حيا ۽ لڄ جي نشاني ڪري ڄاڻ. گلاب جي رنگ کان وڌيڪ ان جو حجاب سهڻو ٿو لڳي- ڇڻ ته شرم کان ڪنهن حيا واريءَ ڇوڪريءَ جو منهن ڳاڙهو ٿيو وڃي- جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ جي دل اڇا صاف ۽ انهيءَ جو خيال اڇا پاڪ آهي. سدوري آهي اها ڇوڪري، جا ڪنهن سبب نا مناسب خيال دل ۾ اچڻ ڪري لڄي ٿئي، ۽ جنهن جو شرم کان منهن ڳاڙهو ٿي وڃي، ڇالاءِ جو انهيءَ ڪري هوءَ پاڻ سنڀاليندي ۽ خوف خطري ۾ نه پوندي.“[8]

اخلاقي تعليم ٻار جي سوچ ۽ ان جي ڪردار ۾ مثبت تبديلي آڻي ٿي. تعليم ٻار جي دماغ ۾ پاڪ ۽ سٺا خيال پيدا ڪري ٿي ۽ ان کي آلوده ٿيڻ کان بچائي وٺي ٿي. اخلاقي تعليم ملڻ جي ڪري ٻار زندگيءَ جي جن جن مرحلن مان گذرندو ويندو آهي، تيئن ذهني ۽ جسماني طور معاشري جي ڪيترين بيمارين کان محفوظ ٿيندو ويندو آهي. ناول ”گلن جي ٽوڪري“ ۾ ميريءَ کي مثالي ڪردار طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا پيءُ کان اخلاقي تعليم ملڻ جي ڪري هوءَ زندگيءَ جي هر گھڙيءَ ۾ ناپاڪ خيالن ۽ برن عملن کان پاڻ کي بچائي وٺندي آهي. هوءَ جهڙي حسن ۾ سهڻي هوندي آهي، تهڙي ادب ۽ اخلاق ۾ سيني کان نرالي ثابت ٿيندي آهي.

هنري تعليم جي اهميت ۽ ضرورت:

پورهيو حق حلال روزي ڪمائڻ جو ذريعو آهي. پورهئي جي لاءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي، پگھر وهائڻو پوي ٿو ۽ پاڻ تي سختي به سهڻي پوي ٿي. اهڙي ڪم ڪرڻ کان پوءِ جيڪا روزي ملي ٿي ان ۾ راحت ۽ سڪون حاصل ٿيندو آهي. قلب کي قرار ملندو آهي ۽ ذهن کي فرحت ملندي آهي. پورهيت کي جيتوڻيڪ هٿن ۽ پيرن ۾ لڦون پئجي ويندیون آهن ليڪن پوءِ به هو ان حال ۾ الله پاڪ جو شڪر پيو ادا ڪندو آهي. ان ڪري اسلام ۾ پورهيت کي خدا جو دوست سڏيو ويو آهي. پورهيو ڪندڙ ڪڏهن به ٻئي جي اڳيان هٿ نه ٽنگيندو آهي. هن کي پنهنجي ٻاهن تي ڀروسو هوندو آهي. هو ٻني ڪائڻ بجاءِ پورهيو ڪري پنهنجو گذر ڪندو آهي، جنهنڪري هو هميشه پر اعتماد ۽ خود دار هوندو آهي. معاشري ۾ ماڻهن کي پورهئي جي ترغيب ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته عام تعليم سان گڏ هنري تعليم کي به عام ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ جو تعليم ۽ هنر سان ئي پنهنجي معاشري مان غربت جو خاتمو آڻي سگھجي ٿو ۽ ماڻهن جي معاشي زندگيءَ ۾ سڌارو ڪري سگھجي ٿو.

اسان جي معاشري ۾ غربت، مهنگائي ۽ بيروزگاري ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. جنهنڪري معاشري ۾ ڪيترين ئي برايون جنم وٺي رهيون آهن. ان کان علاوه وڏي افسوس جي ڳالهه ته اها آهي ته ماڻهو قرض کڻڻ ته پسند ڪن ٿا پر پورهيو ڪري روزي ڪمائڻ کي عار ٿا سمجهن. ان جو سبب اهو آهي ته اهي تعليم نالي ماتر حاصل ڪندا آهن، ۽ جيڪا به تعليم حاصل ڪندا آهن ان جي پويان صرف هڪ ئي مقصد هوندو آهي- اهو

آهي سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ. اهڙي معاشري ۾ ماڻهن کي پورهئي جي ترغيب ڏيڻ لاءِ مرزا صاحب پرڏيهي ادب کي سنڌي زبان ۾ آندو ته جيئن سنڌي ماڻهو اهو ادب پڙهن ۽ ان ڳالهه کان با خبر رهن ته دنيا جي ٻين معاشرن ۾ پنهنجي پيل قوم ۽ ملڪ تعليم، محنت ۽ پورهئي سان دنيا ۾ ڪيڏي ترقي ماڻي آهي.

ان ڪري اهو ضروري آهي ته ماڻهن کي پورهئي جي اهميت، ضرورت ۽ فائدي کان آگاهه ڪجي. پرهئي بابت انهن جي ذهنن ۾ جيڪي به فرسوده خيال هجن تن جي اصلاح ڪجي. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن انهن کي اسڪول ۾ ٻي تعليم ڏيڻ سان گڏ هنر جي به تعليم ڏني وڃي. هنري تعليم ڏيڻ سان جن فائدن جو امڪان آهي، ان جو اندازو ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ مان ڪنيل هن ٽڪري مان لڳائي سگهجي ٿو.

”اتي وڃڻ کان اڳي منهنجو اهو خيال هوندو هو، جو انهيءَ وقت منهنجي قوم وارن جو عام خيال هو ته تعليم وٺڻ مان مدعا آهي فرحت ۽ آرام سان وقت گذارڻ ۽ هٿ جي پورهئي جي ضرورت کان آزاد رهڻ. پر هامپٽن ۾ آئون نه رڳو اهو سکيس ته پورهئي ڪرڻ ۾ ڪو به عيب يا شرم ڪونهي، پر پاڻ پورهئي کي پيار ڪرڻ، نه فقط انهي لاءِ ته انهي مان پيسو پيدا ٿو ٿئي، پر خود اعتباري پيدا ٿي ٿئي. انهي اسڪول ۾ مون کي پرينڊي معلوم ٿيو ته پاڻ کي وساري ٻين کي فائدي پهچائڻ سان ماڻهو جي حياتي ڪيئن خوش ٿي گذري ۽ نهايت خوش ۽ سياڳا اهي ماڻهو آهن، جن ٻين کي خوش ۽ ڪمائتي ڪرڻ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪن ٿا.“[9]

هنر جي تعليم سان ماڻهن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي. هو پاڻ کي لاچار ۽ بي وس نه سمجهندا آهن، بلڪ انهن کي پنهنجي پاڻ تي پورو ڀروسو هوندو آهي. ان ڪري هو ڪڏهن به ڪنهنجي اڳيان هٿ نه جهليندا آهن، بلڪ پورهيو ڪري پنهنجي ضرورت پوري ڪندا آهن. پورهيت کي ان ڪري پنهنجي پاڻ تي فخر هوندو آهي جو هو ٻين وانگر معاشري تي بوجهه نه هوندو آهي. هو معاشري ۾ ٻين جي ڪم ايندو آهي، جنهنڪري کيس فطرتي خوشي حاصل ٿيندي آهي.

پين علمن سان گڏ اگر هنر جي تعليم کي به عام ڪيو وڃي ته سماج ۾ ڇڻ ڪو به بيروزگار نه رهي. پورهئي جي ڪري ملڪ مان بيروزگاريءَ جو خاتمون آڻي سگهجي ٿو. اهڙي طرح اسان جي سماج ۾ غربت سبب اولاد وڪڻڻ، پنهنجا عضوا وڪڻڻ يا خودڪشي ڪرڻ جهڙا واقعا به رونما نه ٿيندا. ان جي برعڪس، معاشري ۾ خوشحالي ڦهلجندي ۽ امن قائم ٿيندو. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسڪولن ۾ پورهئي جي تعليم کي لازمي قرار ڏنو ويندو. هن وقت اسان جي اسڪولن ۾ هنر يا پورهئي جي تعليم جو ڪو به بندوبست ڪونهي. اگر اسڪولن ۾ ڪي ليب آهن ته اهي سامان کان خالي آهن. اسڪولن ۾ شاگردن کي صرف رواجي تعليم ملي رهي آهي ۽ شاگردن کي سواءِ سَنَدُن حاصل ڪرڻ جي ٻيو ڪو به فڪر نه هوندو آهي. اهڙن اسڪولن ۽ هنري تعليم وارن اسڪولن جي شاگردن ۾ سوچ، سمجھ ۽ عمل جو وڏو فرق هوندو آهي. ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ بڪر واشنگٽن انهن ٻنهي اسڪولن جي فرق کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

”هامپٽن ۾ اهو قاعدو هوندو هو ته شاگردن جي پڙهائڻ جي خرچ لاءِ هڪڙي نه ٻئي کي جوابدار ڪندا هئا، مگر ڪاڏي پيتي لاءِ توڙي ڪتابن ۽ ڪپڙن ۽ رهڻ جي جاءِ لاءِ مڙسن ۽ زالن کي پنهنجي لاءِ پاڻ بندوبست ڪرڻو ٿيندو هو. پوءِ يا پورهيو ڪري اهو ڏين يا ڪجھ پورهيو ڪن ۽ ڪجھ روڪ ڏين. پر جنهن اسڪول ۾ هاڻي آءٌ هوس، تنهن ۾ مون کي ڏسڻ ۾ آيو ته گهڻا شاگرد ڪنهن رستي پنهنجو سمورو خرچ پاڻ پريندا هئا. هامپٽن ۾ شاگرد پاڻ کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪڙي نه ٻئي هنر يا ڌنڌي جي وسيلي ڪوشش ڪندا هئا ۽ انهيءَ مان هنن جي چال چلت جو بنياد پوندو هو. هن ٻئي اسڪول ۾ شاگرد اوتري قدر پاڻ تي مدار نه رکندا هئا. هو رڳو ٻاهرئين ڏيک تي گهڻو ڌيان ڏيندا هئا، مطلب ته منهنجي نظر ۾ هو ڪنهن سچي پڇي پڪي بنياد تي تري کان وٺي ايتري قدر مٿي نه هلندا هئا، جيتري قدر هامپٽن ۾ هلندا هئا.“[10]

ان کان علاوه جنهن اسڪول ۾ پورهئي يا هنر جي تعليم نه ڏني ويندي هئي اتي پڙهندڙ شاگردن ۾ خوداعتمادي نه هوندي هئي. اهي صرف ظاهري ڏيک ۾ خوش هوندا هئا ليڪن اندر ۾ اوترا ئي مجبور ۽ لاچار هوندا هئا. اهي صرف نوڪريءَ تي ياڙيندا هئا، جنهنڪري اهي تنگدستيءَ ۾ ڏينهن گذاريندا هئا. جڏهن محنت ۽ پورهئي جي تعليم واري

اسڪول ۾ شاگرد صرف پنهنجي پاڻ تي ڀاڙيندا هئا. هو پنهنجو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ بجاءِ ٻئي جي سهاري ڳولڻ جي، پورهيو ڪري پئسا ڪمائيندا هئا. ان ڪري هو ڪنهن جا به محتاج نه ٿيندا هئا.

"اسڪول ۾ هميشه پوري رواجي ۽ مذهبي تعليم سان تعلق رکندڙ اتاويهه هنري ڌنڌا سيکارڻ ۾ ايندا آهن. اهي سڀ اهڙا هنر آهن، جن جي سکڻ ڪري اسان جا مڙس ۽ زالون اسڪول ڇڏڻ سان هڪدم وڃي ڌنڌي ۾ مشغول ٿيندا آهن ۽ پيسو ڪمائيندا آهن."[11]

سماج جو هر فرد معاشي تنگي ۽ پريشانين کان سخت متاثر آهي. اهڙي ماحول ۾ به اڪثر ماڻهن جو لاڙو نوڪريءَ طرف آهي، جنهن ڪري اهي مختلف مسئلن ۾ ڦاٿل آهن. ان ڪري هنري تعليم جي اڄ جي دور ۾ اشد ضرورت آهي. ڇاڪاڻ جو انهن سڀني مسئلن جو حل هنر ۽ پورهئي ۾ رکيل آهي.

**هنري تعليم لاءِ ٿي ڳالهيون:**

هنري تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ مرزا قليچ بيگ جن ڳالهين جي پرچار ڪئي آهي اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

1. اسان جو سماج هنر ۽ پورهئي جي ميدان ۾ پٺتي پيل آهي. ان جو سبب اهو آهي ته ماڻهو هنر ۽ پورهئي ڪرڻ کي نيچ سمجهن ٿا. ان ڪري ضرورت آهي ته شاگردن کي ابتدائي ڪلاسن کان پورهئي جي اهميت، ضرورت ۽ فائدي کان آگاهه ڪجي ته جيئن انهن کي پورهئي ڪرڻ سان محبت ٿئي.

2. دنيا جا سماج ترقي جي ميدان ۾ ڪافي اڳتي نڪري چڪا آهن. انهن ۾ تعليم توڙي هنر جا نت نوان طريقا متعارف ڪرايا ويا آهن. ان ڪري شاگردن کي پراڻن ۽ فرسوده طريقن کي ڇڏي اهڙن هنرن جي تعليم ڏني وڃي جنهن جي موجوده جهان کي گهرج آهي. اهڙي طرح سان اهي دنيا جي ٻين سماجن سان گڏ هلڻ جي قابل به ٿيندا.

3. هنري تعليم جو مقصد شاگردن جي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ هجي. ان تعليم سان شاگردن کي قابل ۽ هوشيار بنائڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪرڻ

گھرجن ته جيئن اهي پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ روزگار جا مختلف ذريعا متعارف ڪري سگھن.

هنري تعليم سماج جي فردن کي معاشي طور سگھارو ڪري ٿي. انهن کي پنهنجون معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي قابل بنائي ٿي ۽ انهن کي ٻين جي اڳيان محتاج ٿيڻ کان بچائي ٿي. دنيا جي جنهن به قوم ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪيون آهن ته اهو صرف تعليم ۽ هنر جي مدد سان. پورهئي ۽ هنر سان ڪا به قوم پاڻ ته ڪنهنجي محتاج نه ٿيندي آهي پر دنيا جي قومن کي پنهنجي غلام بنائيندي آهي. اسان جو معاشرو معاشي طور جيڪڏهن پسته حالي جو شڪار آهي ته ان جو سبب هنري تعليم جو فقدان آهي. اگر هنري تعليم کي هٿي وٺرائي وڃي ته ان سان سماج جي معاشي استحڪام کي يقيني بنائي سگھجي ٿو.

بالغن جي تعليم:

تعليم لاءِ عمر جي ڪا به حد مقرر ناهي هوندي. نه ان لاءِ ننڍي يا وڏي هجڻ جو ڪو شرط هوندو آهي ۽ نه وري ان لاءِ ڪا جنسي رڪاوٽ هوندي آهي. تعليم ته فلاح، بهبود ۽ سڌاري جو سامان هوندي آهي پوءِ چاهي اهو ٻار حاصل ڪري يا پوڙهو. تعليم سان انسان جي ڪردار، گفتار، اخلاق ۽ شعور جو سڌارو ٿيندو آهي. ان ڪري اسلام پڻ تعليم حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. هڪ حديث پاڪ جو مفهوم آهي ته:

”علم حاصل ڪريو، پينگھي کا وٺي قبر تائين“.

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته تعليم حاصل ڪرڻ جو حق صرف ٻارن کي ئي ناهي، بلڪ هي حق هر ان ماڻهوءَ جو آهي جيڪو زندگيءَ جي ڪنهن به حصي ۾ هجي. اهو ماڻهو تا حيات تعليم حاصل ڪرڻ جو حق رکي ٿو.

بالغن جي تعليم دراصل درس و تدريس جو هڪ اهڙو سوچيل سمجھيل منظم عمل آهي جنهن ۾ ان سان وابسته فرد ڄاڻ، جديد مهارتن، زندگي ۽ معاشري جي نون قدرن، روين ۽ علم جي نين شاخن کان واقف ٿيندا آهن. يعني هي تعليم جو هڪ اهڙو عملي نمونو آهي جنهن ۾ مردن توڙي عورتن کي منظم طريقي سان مختلف سرگرمين جي ذريعي موجوده دور جي حالتن جي تناظر ۾ فني، فڪري ۽ اصلاحي تعليم ڏني ويندي آهي. هيءَ تعليم

روايتي تعليم کان مختلف هوندي آهي، جنهن ۾ رواجي طور ڪلاس، رسيس، اسيمبلي ۽ درجي بدرجي امتحاني سرشتو نہ هوندو آهي. بالغن جي تعليم جي جامع لفظن ۾ تعريف هن ريت ڪئي وجي ٿي.

“it encompasses practically all experiences of mature men and women by which they acquire new knowledge, understanding, skills, attitudes, interests or values. It is a process that is used by adults for their self-development,”[12]

بالغن جي درس و تدريس جو عمل تعليم جي مختلف طور طريقن تي مشتمل هوندو آهي ۽ سموري زندگي تائين جاري رهندو آهي. هن تعليم سان لاڳاپيل فردن جا ڪيترائي مقصد هوندا آهن. جهڙوڪ، ڪن سببن ڪري رهيل تعليم حاصل ڪرڻ، تعليمي مهارتون سکڻ، نين هنري مهارتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، ذاتي اصلاح ڪرڻ، معاشري ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ ۽ معاشي مونجهارن مان نڪرڻ وغيره. جنهن ملڪ ۾ ٻار کان وٺي پوڙهو ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ ذوق رکندو آهي، ان ملڪ کي ڪير بہ غلام بڻائي نہ سگهندو آهي. اگر سنڌ جي تعليمي حالت تي غور ڪجي ٿو تہ تمام ڳڻتيءَ واري صورتحال معلوم ٿيندي. نياڻين کي نہ پڙهائڻ يا پنج درجا پڙهائي شادي ڪرائڻ واري سوچ اجان تائين سنڌي معاشري ۾ قائم آهي. ان کان علاوه تعليم کي فقط ڪمائي وارو ذريعو سمجهڻ ۽ اڻ پڙهيل وڏي عمر وارن ماڻهن جو تعليم حاصل ڪرڻ ۾ عار محسوس ڪرڻ ڪري معاشري ۾ هڪ طرف عدل ۽ انصاف جو توازن ناهي تہ ٻئي طرف سنڌي قوم مظلوم، مجبور ۽ محڪوميءَ جو شڪار ٿي رهي آهي. مرزا صاحب سنڌي معاشري کي مستحڪم ۽ تجديد ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم ۾ تعليم جي سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ناولن جو اڪثر ڀاڱو تعليم جي موضوع تي مبني آهي. هو ٻارن سان گڏ وڏي عمر وارن کي بہ تعليم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. سندس ترجمو ڪيل هڪ ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ وڏي عمر وارن کي تعليم جي لاءِ همٿايو ويو آهي.

”گهڻا شاگرد تہ مڙس ۽ زالون هئا، ڪي تہ چاليهہ ورهين عمر جا هئا. هاڻي جڏهن پهرئين سال جي ڳالهہ ياد ٿو ڪريان، تڏهن مون کي اهڙن ٽن چئن سون مڙسن ۽ زالن جي ڏسڻ جو موقعو مليو هوندو، جهڙا هي هئا، جن کي حد کان وڌيڪ پڙهڻ جو شوق هو. گهڻو ڪري سيني کي

دنيا سازي جي خبر هئي ۽ ايترو معلوم هون ته تعليم ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي. هر ڪلاڪ ۾ يا ته پڙهڻ ٿيندو هو يا ڪو پيو ڪم. وڏي عمر وارن مان گهڻا ته ٿهرايل ڪتاب پوري طرح پڙهي نه سگهندا هئا، ويچارا وڏي عمر جي ڪري پيا مٿا هڻندا هئا، پر اگرچ پڙهڻ ۾ ڍرا هئا، ته به پڙهڻ جو شوق تمام گهڻو هوندو هون... سيني جي دل ۾ اهو اعلیٰ خيال هو ته پنهنجي پنهنجي گهر جي ڀاتين کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ پاڻ کي تيار ڪن."[13]

اسان جو معاشرو وڏندڙ غربت کان بريءَ طرح متاثر رهيو آهي. ڪو به فرد يا ڪو ادارو ان جي اثر کان بچي نه سگهيو آهي. غربت جي ڪري هر ماڻهوءَ کي تعليم کان وڌيڪ پيٽ جي ڳڻتي هوندي آهي، ان ڪري روزي ڪمائڻ کي تعليم کان وڌيڪ ترجيع ڏني ويندي آهي. ٻه وقت جي ماني لاءِ ماڻهو پنهنجي ٻارن کي به ننڍي وهيءَ ۾ پئسي ڪمائڻ تي لڳائي ڇڏيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جو معاشرو تعليم جي حقيقي مقصد کان وانجهيل آهي. اهڙي ماحول ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪجهه اهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن جو نه فقط غريبن جا ٻار تعليم پرائي سگهن، پر اهي ماڻهو به تعليم حاصل ڪري سگهن جيڪي غربت جي ڪري تعليم پرائي نه سگهيا ۽ وڏي عمر کي وڃي پهتا. انهن ماڻهن جي تعليم جو بندوبست ڪهڙيءَ طرح ڪرڻ گهرجي، ان جو هڪ مثال ناول "غلاميءَ مان مٿي چاڙهو" ۾ هن طرح ڏنل آهي.

"جنرل آرمسترانگ جڏهن ڏٺو ته ڪيترائي جوان شيدي مڙس توڙي زالون آهن، جن کي تعليم جو گهڻو شوق آهي مگر اهي هامپٽن جي اسڪول ۾ داخل ٿي نٿا سگهن، ڇالاءِ جو نڪي هو ڪاڏي جي خرچ جو ڀاڱو ڏئي سگهن ٿا، نڪي پنهنجي لاءِ گهربل ڪتاب موجود ڪري سگهن ٿا، تڏهن هن ارادو ڪيو ته انهي اسڪول جي بلي هڪڙو رات جو اسڪول جاري ڪري، جنهن ۾ تمام چالاڪ ۽ هوشيار ڇوڪر ۽ ڇوڪريون چونڊي داخل ڪري، انهيءَ شرط سان ته ڏينهن جو هو ڏهه ڪلاڪ ڪم ڪن ۽ رات جو ٻه ڪلاڪ انهي اسڪول ۾ پڙهن."[14]

بالغن جي تعليم سان فردن ۾ خوداعتمادي پيدا ٿيندي آهي. انهن جو حوصلو بلند ٿيندو آهي. تعليم جي ڪري انهن ۾ شعور بيدار ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهي پنهنجي گهر، پنهنجي

ماحول ۽ پوري معاشري مان جهالت، غفلت، سستي ۽ وهمن، وسوسن جو خاتمو آڻيندا آهن. اهڙي طرح هو پنهنجي حالت بہ سڌاريندا آهن تہ معاشري لاءِ بہ ڪمائتا ٿيندا آهن.

”انهي سرٽيفڪيٽ جو شاگردن وٽ گهڻومان هوندو هو ۽ انهي ڪري رات واري اسڪول جي گهڻي تعريف ۽ قدرداني ٿيڻ لڳي. ٿورن ئي هفتن ۾ انهي اهڙي زور ورتو، جو اٽڪل پنجويهہ شاگرد اچي گڏ ٿيا. انهي وقت کان وٺي انهن پنجويهہ مڙسن ۽ زالن جي حالت جي جانچ ڪندو آيو آهيان. اهي ڏکڻ جي سيني پاڳن ۾ هاڻي وڏن ۽ ڪمائتن عهدن تي آهن.“[15]

اسان جي معاشري ۾ تعليم جي گهٽ رجحان هئڻ جي سبب ڪيترين ئي برايون جنم وٺي رهيون آهن. بيروزگاري، ڪاروڪاري، دهشتگردي، قبر پرستي کان علاوه قبائلي جهيڙا ۽ خانداني تڪرار وغيره وڏندڙ جهالت جون علامتون آهن. شعور جي اڻ هوند سبب هاري زميندار جو غلام بڻجي ويو آهي، وڏيرو اچي ڪاري جو مالڪ ٿيو ويٺو آهي، تہ سياستدان عوام کي پنهنجي اشاري تي نچائي رهيو آهي. هر حال ۾ عوام پنهنجن حقن کان محروم هوندي بہ ٻين جي ماتحت ٿي رهڻ جو پابند ٿيو ويٺي آهي. ان کان علاوه شعور جي کوٽ جي ڪري ۽ غربت جي ڪري ماڻهو پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال بہ ڪري نہ سگهندا آهن، جنهن ڪري نہ انهن جا مسئلا حل ٿين ٿا ۽ نہ سندن حالت ۾ سڌارو اچي ٿو. اهڙي حالت ۾ ضرورت آهي تہ ماڻهن ۾ شعور جي لاٽ پکيڙجي. اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن ٻارن سان گڏ اڻ پڙهيل مردن توڙي عورتن جي لاءِ بالغان تعليم جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ صرف تعليم جي ذريعي ماڻهو پنهنجن حقن کان واقف ٿيندا ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي لائق ٿيندا.

**شاگردن لاءِ هدايتون:**

شاگرد ملڪ ۽ قوم جو سرمايو هوندا آهن. ملڪ جي ترقي ۽ روشن مسقتبل جو بار انهن جي ڪلهن تي رکيل آهي. ان سان گڏ هو پنهنجن والدين جي لاءِ مضبوط سهارو ۽ انهن جي اميدن جا روشن ستارا هوندا آهن. مرزا صاحب ناولن جي ذريعي شاگردن جي هر پهلوءَ کان رهنمائي ڪئي آهي. ناولن جي ذريعي شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. کين تعليم سان چاهہ ۽ سنجيدگي پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف مثالن ذريعي همٿايو ويو آهي تہ

جيئن اهي محنت ڪري معاشري ۾ پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن. گڏوگڏ ناولن ۾ اهڙن شاگردن جو بہ احوال ڏنل آهي جيڪي دولتمند هجڻ جي ڪري يا ٻئي سبب ڪري تعليم سان چاهہ گهٽ رکندا آهن ۽ پنهنجو قيمتي وقت ٻين فضول ڪمن تي خرچ ڪري ڇڏيندا آهن. ليڪن اهڙن شاگردن جو آخر ۾ انجام پڇتاءُ ۽ افسوس هوندو آهي. ڪي اهڙا شاگرد بہ هوندا آهن جيڪي محنت جي باوجود امتحان ۾ سٺن نمبر نہ کڻڻ جي ڪري مايوسي ٿيندي آهي ۽ هو همت هاري ويهندا آهن. انهن شاگردن لاءِ ناولن ۾ همت ڀريا ڪيترائي مثال ڏنا ويا آهن تہ جيئن اهڙين حالتن ۾ هو مايوس نہ ٿين ۽ اڳي کان بہ اڳري محنت ڪري اعلىٰ رتبو ماڻين.

اهڙو ئي هڪڙو ناول ”جولئن هوم“ بہ آهي. هن ناول ۾ مرزا صاحب انهن شاگردن لاءِ هدايت ۽ نصيحت جا سبق ڏنا آهن جيڪي غريبي ۽ مسڪيني جي ڪري تعليم حاصل نہ ڪندا آهن، يا ٻين جي ٽوڪن ۽ طعنن جي ڪري پڙهائي ڇڏي ڏيندا آهن. انهن شاگردن کي هن ناول جي ذريعي اها سمجهاڻي ڏني وئي آهي تہ هو غربت کي پنهنجي مجبوري نہ بنائين ۽ نہ وري ماڻهن جي ڳالهين کان پريشان ٿين. انهن کي گهرجي تہ غريب هجڻ ڪري احساس ڪمتري ۾ ڪڏهن بہ پنهنجن صلاحيتن ۽ قابليتن کي ضايع نہ ڪن. جولئن غريب هئڻ جي ڪري ڪاليج ۾ خيراتي اسڪالرشپ طور داخلا وٺندو آهي. امير ٻار جڏهن کيس غريب سمجهي ستائيندا ۽ طعنا هڻندا آهن تہ هو پريشان ۽ غمزده ٿيندو آهي، پر مخلص استاد کيس همٿائيندي چوي ٿو تہ:

”خاص ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ انهن دولتمند ۽ شريف ماڻهن کي مانُ ملندو آهي، جي قابليت ۽ فضيلت ۽ اخلاق وارا هوندا آهن، ۽ جن ۾ ذاتي طبيعتي لياقت موجود هوندي آهي.“[16]

ڪاليج يا تعليم جي ڪهڙي بہ درسگاهہ هجي، اتي مختلف طبيعتن جا شاگرد هوندا آهن. هر ڪنهن جا خيال الڳ هوندا آهن ۽ هر ڪنهن جا مقصد بہ الڳ هوندا آهن. ڪي تعليم سان سنجيده هوندا آهن تہ ڪي اجاين فعلن ۾ پنهنجو وقت ضايع پيا ڪندا آهن. ان ڪري سياڻو شاگرد اهو هوندو آهي جيڪو نہ ڪنهن جي طعنن، ٺٺولين ۽ حرڪتن تي پريشان ٿئي، نہ هو جهيڙن ۾ حصو وٺندو آهي ۽ نہ بد طبيعت شاگردن سان گهرو واسطو

رکندو آهي. هو فقط پنهنجي تعليم تي ڌيان ڏيندو آهي ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ لاءِ محنت ڪندو آهي. هو ڪنهن جي مذاقن ۽ ٺٺولين تي ڪاوڙ جو اظهار نہ ڪندو آهي. شاگردن کي ان ڳالهہ جي سمجهاڻي جولئن جي هنن لفظن ۾ ڏني وئي آهي.

”پر مون کي ڏک آهي تہ ايترو خيال بہ مون کي چو ٿيو. ٻين جي بيحيا ۽ بي فضيلت ٿيڻ ڪري ماڻهوءَ کي ڇو چڙڻ گهرجي؟ اها ڪمبختي هنن جي آهي، نہ اسان جي انهيءَ نسبت ۾ هنن کي فقط خدا جو حڪم ياد ڏيارڻ گهرجي، جو پاڪ ڪتاب ۾ آهي.“[17]

شاگرد ڪاليج واري عمر ۾ اڪثر جذباتي هوندا آهن. هو ان وقت زندگيءَ جي اهڙي نازڪ مرحلي مان گذرندا آهن جنهن ۾ هو پاڻ کي انتهائي پرجوش، طاقتور ۽ آزاد سمجهندا آهن. هو اهو ڪجهہ ڪندا آهن جنهن طرف سندن دل جو لاڙو هوندو آهي. هو اهڙن ڪمن ۾ پنهنجو وقت صرف ڪندا آهن جن ۾ سندن دل ۽ دماغ کي لذت، سڪون ۽ راحت ملندي آهي. ان ڪري اهڙا ڪم آهستي آهستي هنن جي عادت ۾ شامل ٿي ويندا آهن ۽ جيڪو مقصد کڻي هو ڪاليج ايندا آهن اهو فوت ٿي ويندو آهي.

”نيٺ ڪئنيڊي ويو. ماني براڳتن جي جاءِ ۾ هئي. پوءِ هو اتان اٿي بروس جي جاءِ ۾ ويا، ۽ اتي پتن جي راند ڪيائون. ٿورو ڪري پتن جي جوا شروع ڪيائون. ٻيا سيئي هشيار هئا، ڪنيڊي نئون هو. ڏسندي شوق وڌندو ويس. ساڻن شامل ٿيو، ۽ وڌيڪ لذت ايندي ويس. شراب جو دور ڏري ڏري پئي آيو، سو پئي پيتائون. ڪئنيڊي پئسا ڪٽندو ويو، ۽ خوش ٿيندو ويو. گهڻي شراب پيئڻ ڪري منهن ڳاڙهو ٿيندو ۽ اکيون چمڪنديون وئيس. ڪيئن هو وري پنهنجيءَ جاءِ تي آيو، تنهن جي ڪا بہ خبر ڪا نہ رهيس.“[18]

ڪن شاگردن جي وري تعليم سان دلچسپي گهٽ هوندي آهي، ان ڪري اهي اسڪول يا ڪاليج ۾ پنهنجو وقت شرارتن ۽ ٻين ڪمن ۾ برباد ڪندا آهن. اهي شاگرد اڪثر ٻين کي تڪليف پهچائڻ واسطي مختتلف شرارتون پيا رچيندا آهن ۽ ٻين کي تڪليف پهچائي پاڻ خوش پيا ٿيندا آهن. اهڙن شاگردن جو ذڪر ”ايرڪ“ ناول ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي.

”جيئن اڳي اهڙن اسڪولن جو دستور هوندو هو، تيئن اِنهيءَ اسڪول ۾ بہ ڇوڪر هيئن ڪندا هئا جو اسڪول واريءَ جاءِ جو در ڀيڪڙي، انهن جي طاقن تي هڪڙو وڏو ڪتاب رکي ڇڏيندا هئا. جيڪو ڇوڪر ڀرين در پٽي اندر لنگهندو هو، انهيءَ جي مٿي تي ڪتاب اچي ڦهڪو ڪندو هو، ۽ هو رڙيون ڪري ڇوندا هئا تہ ”ڇَٽُ ڏيوس!“ ۽ پوءِ سيئي تاڙيون وڄائيندا هئا.“[19]

اهڙن شاگردن کي عارضي خوشيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو آهي. اهي ظاهري طور ٻين کي پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري انهن جي تعليم جي عمل ۾ رخنو وجهندا آهن. ليڪن حقيقت ۾ هو اهڙا عمل ڪري پنهنجو ئي نقصان ڪندا آهن. جولئن هوم ناول ۾ بہ اهڙن شرارتي شاگردن جو احوال ڏنو ويو آهي. براگٽن بہ اهڙن شاگردن مان هڪ هو جيڪو جولئن کي پريشان ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين جون شرارتون ڪندو هو. هر روز جولئن تنگ ڪري خوش ٿيندو هو ليڪن جولئن هن جي حرڪتن تي ڌيان نہ ڏيندو هو. آخرڪار اهڙين حرڪتن جي ڪري براگٽن جي سڄي اسڪول ۾ بدنامي ٿيندي آهي. ٻي طرف جولئن پنهنجو سڄو ڌيان تعليم تي لڳائيندو آهي. هو فضول مشغولين ۾ وقت وڃائڻ بدران ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ ۽ سير و تفريح ذريعي فطرت جي نظارن ۾ غور ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. ان ڪري نہ فقط هو امتحانن ۾ پوزيشن ڪٽندو آهي، پر نيڪ خصلتن جي ڪري سيڪو هن جي عزت ۽ تعريف ڪندو آهي. مطلب تہ مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ شاگردن جي هدايت ۽ نصيحت لاءِ ڪيترائي سبق موجود آهن، جن تي عملي ڪري اهي مختلف براين کان بچي سگهن ٿا ۽ بهتر مسقتبل جا معمار بنجي سگهن ٿا.

**تعليم جي جستجو:**

تعليم انسان ۽ سماج جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي. دنيا جي اها قوم عروج ماڻي ٿي، جنهن ۾ تعليم جي جستجو هوندي آهي. تعليم حاصل ڪرڻ جي جستجو جنهن کي بہ هوندي آهي، اهو دنيا ۾ عظيم مقام حاصل ڪندو آهي. اهڙو هڪ مثال ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ بڪر واشنگٽن جو ڏنو ويو آهي. بڪر واشنگٽن هڪ غلام ۽ انتهائي غريب ڇوڪر هوندو آهي. کيس کائڻ لاءِ نہ ڪو مناسب کاڌو ملندو آهي ۽ نہ وري جسم ڍڪڻ لاءِ ڪو موچارو ڪپڙو هوندو اٿس. ان کان علاوه هو ننڍي عمر کان غلاميءَ

۾ رهندو آهي سخت محنت ۽ مشقت وارا ڪم ڪري پيٽ پاليندو آهي ۽ ڪيترائي عذاب سهندو آهي. انهن حالتن جي باوجود به بڪر واشنگٽن کي تعليم جي ڳڻتي هوندي آهي.

”اجا نندڙو ٻار هوس ته مون دل ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيو ته جي حياتيءَ ۾ آءٌ ٻيو ڪي ڪين پوري طرح ڪري سگهيس ته آءٌ ڪنهن تجويز سان ايترو علم حاصل ڪندس، جو رواجي ڪتاب ۽ اخبارون پڙهي سگهندس.“[20]

هن جي ماءُ پڙهائيءَ ۾ هن جي تمام گهڻي مدد ڪندي هئي. هوءَ اڃ ۽ بک برداشت ڪري به هن لاءِ پڙهائي جو بندوبست ڪندي هئي ۽ هن لاءِ ڪنهن طريقي سان ڪتاب آڻي هن کي ڏيندي هئي. هنن غلامن ۾ جتوڻيڪ ڪو به پڙهيل نه هوندو هو ليڪن هي پنهنجي ڪوشش ۽ شوق سان ابتدائي ڪتاب پڙهندو هو. جيئن جيئن هو مختلف ڪتابن کان واقف ٿيندو ويو، تيئن تيئن هن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو جذبو وڌندو ويو. هو سڄو ڏينهن سخت پورهيو ڪري به ڪجهه وقت ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳائي ڇڏيندو هو. جڏهن شيدي غلامن لاءِ ڪي مڪتب کلڻ شروع ٿيا ته هي چاهيندي به مزوريءَ جي ڪري اسڪول ۾ وڃي نه سگهيو. آخرڪار مائٽن اڳيان مسلسل ضد ڪرڻ ڪري هن کي اسڪول ۾ پڙهڻ جي اجازت ملي.

”نيٺ منهنجي مراد پوري ٿي ۽ مون کي اجازت ملي ته ٿورن مهينن تائين ڏينهن جو اسڪول وڃان، مگر انهي شرط ته آسر جو سويل اٺان ۽ نائين بجي تائين کوري ۾ ڪمايان ۽ جڏهن سانجهيءَ جو اسڪول بند ٿئي، تڏهن وري به اتي وڃي ٻه ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪريان.“[21]

جيڪي ماڻهو تعليم کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائيندا آهن، اهي ئي ماڻهو دنيا ۾ سرخرو ٿيندا آهن. ننڍپڻ کان تعليم کي پنهنجو مقصد بنائڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر حال ۾ جتن ڪرڻ عظيم ماڻهن جي نشاني آهي. انهن جي اڳيان سماجي ۽ معاشي مسئلا رڪاوٽ نه بڻيا آهن، بلڪ هو محنت ۽ جدوجهد سان انهن مان پار ٿي ويندا آهن ۽ نيٺ پنهنجي مقصد کي پهچندا آهن. بڪر واشنگٽن جو ننڍپڻ کان وٺي هڪ ئي مقصد هو — تعليم حاصل ڪرڻ. ان ڪري سندس سوچ هر وقت ان طرف رهندي هئي.

”اڪثر رات واري اسڪول جي سبقن پڙهائڻ لاءِ مون کي رات جو ڪيترائي ميل پنڌ ڪرڻو پوندو هو. ننڍپڻ ۾ ڪهڙي به نا اميدي ۽ تڪليف جي وقت، منهنجي دل ۾ هڪڙو پڪو ارادو هميشه قائم رهندو آيو ۽ اهو هي هو ته ڪيئن به ڪري تعليم حاصل ڪريان.“[22]

انهيءَ جذبي تحت بڪر واشنگٽن پنهنجي تعليم جاري رکندو آيو ۽ پنهنجي ۽ گهر جي خرچ لاءِ هو سخت ڪشالا ڪاٽيندو آيو. هو اڱرن جي کاڻ ۾ مزوري ڪرڻ لڳو. جڏهن کيس معلوم ٿيو ته هامپٽن ۾ شيدين لاءِ نارمل ۽ اگريڪلچرل اسڪول کليو آهي ته هن اتي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو. پئسن جو بندوبست ڪرڻ واسطي هو اڱرن جي کاڻ جي مالڪ جنرل ليوئز رفنز جي زال مسز وائيولا رفنز ورمانٽ وٽ ملازم ٿيو. ڪجھ پئسا ڪمائي اتان تعليم حاصل ڪرڻ جي واسطي مالڊن کان هامپٽن ڏانهن روانو ٿيندو آهي. هن سفر دوران هن کي ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش اينديون آهن. کيس پاڻ سان نه ڪو بسترو هوندو آهي ۽ نه وري کيس ايترا پئسا هوندا آهن جن مان پيٽ گذر جو بندوبست ڪري سگهي. ان ڪري سفر دوران مختلف پورهيو ڪري ڪجھ پئسا ڪمائيندو آهي. هامپٽن ويندي هي راتين جو روڊن تي سمهي رات گذاريندو آهي. ايترا ڪشالا ڪاٽي بڪر واشنگٽن جڏهن هامپٽن جي اسڪول پهچندو آهي ته اسڪول جي هيڊماستريائي مس ميري مئڪي آزمائش طور هن کان سبق پڙهڻ واري جاءِ صاف ڪرائيندي آهي. هي ان جاءِ کي اهڙو دل سان صاف ڪندو آهي جو هيڊماستريائي هن مان تمام گهڻي متاثر ٿي ۽ هن کي اسڪول ۾ داخلا ڏني ٿي. جنهن اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ هن ڪيئن ميل سفر ڪيو، بکون ڪاٽيون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون، ان اسڪول ۾ جڏهن هن کي داخلا ملي ته هي تمام گهڻو خوش ٿيو. ڇو ته هن جنهن مقصد لاءِ هن پاڻ پتوڙيو ٿي، سو کيس ملي ويو.

”انهي وقت مون پاڻ کي دنيا ۾ تمام خوش نصيب ماڻهن مان ٿي سمجهيو. انهيءَ جاءِ جي بهاري ڏيڻ جو ڪم منهنجي لاءِ هڪڙو وڏو ڪاليج جو امتحان هو ۽ آءٌ اهڙو خوش ٿيس، جهڙو هارورڊ يا ييل ۾ داخلا جي امتحان پاس ڪرڻ ڪري ڪو به چوڪر ڪو نه ٿيو هوندو. انهي کان پوءِ مون گهڻائي امتحان پاس ڪيا آهن، پر آءٌ هميشه وسهندو آهيان ته اهو سڀ کان چڱو پاس ڪيو هوم.“[23]

ايترين مشڪلاتن مان گذرڻ کان پوءِ بہ هو تعليم جي جستجو جاري رکي ٿو. سندس تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد صرف پنهنجي ذات تائين محدود نہ هوندو آهي، بلڪ هن جو اصل مقصد تعليم جي ذريعي پنهنجي قوم کي جهالت مان ڪڍي ان کي سگهارو ڪرڻ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ تعليم حاصل ڪري ٻين جي لاءِ تعليم جو بندوبست ڪندو آهي.

”شهر ۾ ايترا وڏي عمر وارا ڇوڪر ۽ ڇوڪريون، توڙي وڏا مڙس ۽ زالون، جي ڏينهن جو ڪم ڪنديون هيون، پر رات جو تعليم لاءِ پيون وجهہ ڳولينديون هيون، جو مون سگهوئي هڪڙو رات جو اسڪول کوليو. شروع ئي کان انهن ۾ هر روز رات جو گهڻا شاگرد گڏ ٿيندا هئا. نيٺ اهو منهنجي ڏينهن واري سڪول جيڏو وڏو ٿي ويو.“[24]

اهڙي طرح بڪر واشنگٽن پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پيل قوم جي ماڻهن ۾ تعليمي سجاڳيءَ جي مهم هلائي ٿو. هو غريبن، لاچارن ۽ مسڪين ماڻهن کي دنيا جي ٻين علمن سان گڏ هنر جي سکيا پڻ ڏئي ٿو تہ جيئن اهي نہ رڳو معاشي طور پاڻ مستحڪم ٿين پر پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ بہ ڪردار ادا ڪري سگهن.

تعليم جي جستجو سان ماڻهو نہ فقط پنهنجو سڌارو آڻي ٿو پر هو پوري سماج، قوم ۽ ملڪ لاءِ پڻ قيمتي سرمايو ثابت ٿئي ٿو. هو پنهنجي قوم کي جهالت، غربت ۽ غلاميءَ مان ڪڍي خودمختيار، روشن خيال ۽ خوشحال بنائي ٿو. اهڙا ماڻهو معاشري ۾ انقلابي تبديلي آڻين ٿا ۽ دنيا ۾ ان مقام تي پهچن ٿا جنهن لاءِ هر ماڻهو ريس ڪندو آهي. انهن کي دنيا ۾ اهڙن اعزازن سان نوازيو ويندو آهي جنهن جو ڪين خيال بہ نہ هوندو آهي.

”اها هڪڙي اهڙي قدرداني هئي، جا ذرو بہ منهنجي خيال ۾ نہ آئي هئي ۽ آءٌ وسهي نٿي سگهيس تہ آمريڪا جي هڪڙي تمام قديم ۽ مشهور يونيورسٽيءَ جي هٿان مون کي اهڙي ڊگريءَ جو شرف حاصل ٿيندو.“[25]

تعليم جهالت، غربت، افلاس، تنگدستي، غلامي ۽ مظلوميءَ خلاف هڪ مضبوط هٿيار آهي. هن هٿيار جي مدد سان ئي ترقي ۽ خوشحالي کي يقيني بنائي سگهجي ٿو. جيڪي

ماٺھو غلامي، غربت، مظلوميت ۽ انيڪ مشڪلاتن جي باوجود تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي هڪ ڏينهن وڏي درجي تي پهچن ٿا. اهي ڄاڻن ٿا تہ تعليم جو اصل مقصد ڇا آهي. ان ڪري هو پنهنجي آس پاس جي ماحول، معاشري ۽ پنهنجي قوم کي تعليم جي دولت سان مالا مال ڪرڻ لاءِ جاکوڙين ٿا ۽ بالآخر اهي ٻڪر واشنگٽن وانگر فتحياب ٿين ٿا.

سياڻپ ۽ ڏاهپ:

زندگي ظاهر ۾ پلي ڪيڏي بہ سهنج ۽ سادي محسوس ٿئي پر حقيقت ۾ اها ايتري آسان نہ هوندي آهي. زندگيءَ جي جهوليءَ ۾ پل ۾ خوشيون هونديون آهن تہ پل ۾ ڏک. هوءَ وقت جي هڪ لهر ۾ گلابن وانگي ٽڙندي آهي تہ ٻي لهر ۾ ڪومائجي بہ ويندي آهي. هيءَ ڪڏهن شان، عظمت ۽ ڪاميابين جي بلنديءَ تي هوندي آهي تہ ڪڏهن ٿاٻا کائي ڪري بہ پوندي آهي. هن جي نصيب ۾ روئڻ ۽ کلڻ ٻئي هوندا آهن. مطلب تہ زندگي ٽڪائيندڙ رستن ۽ منجهائيندڙ پيچرن وانگر هڪ اهڙي راند آهي جنهن کي کٽڻ لاءِ سمجهہ، سياڻپ ۽ ڏاهپ جي ضرورت هوندي آهي. نادان ۽ بي سمجهہ زندگيءَ جي هڪ ئي چال ۾ ڪري ڍير ٿي ويندا آهن ۽ ان جو الزام پنهنجي نصيب تي هڻندا آهن. جڏهن تہ عقلمند پنهنجي هوشياري ۽ دانائي سان زندگيءَ جي مڙني آزمائشن ۽ امتحانن مان پار ٿي ويندا آهن. سياڻپ ۽ ڏاهپ کي ناول ”حاجي بابا اصفهاني“ ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

”انهن جي ڏسڻ مان مون کي معلوم ٿي رهيو هو تہ هن دنيا ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪا ئي بہ شيءِ پوءِ ڪتو هجي يا ٻلو هجي جنهن جي ڪنهن اختياريءَ واري جي ڪن تائين رسائي هجي تنهن جي خوشامد ڪجي. جيڪي مصيبتون اڳئي سٺيون هيم، تن تي ويچار ڪيم ۽ اهو پڪي خيال ڪيم تہ مون کي ڪيستائين خوشامد ۽ نيچائي ڪرڻي ٿيندي، جنهن کان پوءِ آءٌ پاڻ اهڙي خوشامد ۽ نيازمنديءَ جو حقدار ٿيندس.“[26]

عقل جي طاقت ٻانهن جي طاقت کان وڌيڪ هوندي آهي. انسان عقل ۽ ڏاهپ جي جي ڪري ئي رتبي ۾ ٻي سڀ مخلوق کان برتري حاصل ڪئي آهي. ان ڪري انسان چاهي ظاهري اسبابن کان غريب ۽ محروم هجي، ليڪن اگر هن کي عقل جي دولت آهي تہ هو ٻين

سيني کان امير آهي. چاڪاڻ جو عقل سان هو معاشري ۾ پنهنجو مقام پاڻ ٺاهي سگهي ٿو ۽ ڪجھ بہ نہ هئڻ جي باوجود هو سيڪجھ حاصل ڪري وٺي ٿو. ناول ”حاجي بابا اصفهاني“ جو مرڪزي نڪتو بہ اهو آهي تہ سياڻپ ۽ ڏاهپ سان ماڻهو هن سماج ۾ چڱو مقام ماڻي سگهي ٿو. ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حاجي بابا اصفهاني حسن حجام ڪربلائي جو پٽ هوندو آهي جيڪو زندگيءَ جي ڪيترين ئي لاهن چاڙهن مان گذرندو آهي. ڪو وقت اهڙو بہ هوندو آهي جڏهن هن وٽ ڪو بہ اٿو، لٿو ۽ اجهو نہ هوندو آهي. ليڪن هي پنهنجي سياڻپ ۽ ڏاهپ سان ٻين جي دلين ۾ پنهنجي جاءِ والاري وٺندو آهي، جنهن ڪري ڪيس بادشاه جي خاص طبيب مرزا احمق وٽ نوڪري ملندي آهي. اتان هو طبيب جي معرفت شاهي لشڪر ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهيندو آهي ۽ ڪيس نسقچي طور مقرر ڪيو ويندو آهي.

”مون بہ پنهنجي ڳالھ اڳي ڪيل ڳالهين سان هتي المقدور پوري آڻي بيهاري، ۽ طب جي علم جي قابليت ۽ استادي شاهي حڪيم تي آڻي ختم ڪئي. مرزا احمق منهنجي تعريف ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ مون کي مدد ڏيڻ جو پاڻ گھڻو سعيو ٿيس، تنهن منهنجي نالي نسقچي باشيءَ کي سفارش ڪري چيو تہ هي ماڻهو انهيءَ فوتي نسقچي جي ڪم هلائڻ لاءِ تيار آهي ۽ انهي جو هر طرح لائق آهي.“[27]

زندگي سدائين هڪ حالت ۾ نہ رهندي آهي. ان ۾ ڪيترائي لاها چاڙها ايندا رهندا آهن. اهي ڪڏهن انسان لاءِ فائدي وارا بہ هوندا آهن تہ ڪڏهن ان لاءِ نقصانده بہ ثابت ٿيندا آهن. ليڪن انهن ٻنهي حالتن ۾ انسان لاءِ ڪا نہ ڪا نصيحت يا سبق رکيل هوندو جيڪو عقلمند شخص ئي سمجهندو آهي ۽ اٻوجھ انهن حالتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. ماڻهن جا رويا ۽ انهن سان قائم ڪيل تعلقات بہ عقل وارن کي گھڻو ڪجھ سيکاريندا آهن ۽ پوءِ هو انهن سکيل سبقن تي عمل ڪري اڳتي وڌندا آهن.

”انهي طرح مون کي جو گھڻي فائدي جي اميد هئي تنهن کي اهو ٿورو انعام بہ نصيب نہ ٿيو. پر ايترو آزمودو سو حاصل ڪيم تہ اڳتي پنهنجن ملڪ ڀائين سان ڪهڙي طرح هلت ڪجي ۽ جيڪو پاڻ کي دوست سڏائي تنهن تي ڪيترو ڀروسو رکجي.“[28]

سياڻپ ۽ ڏاهپ جو اگر صحيح استعمال ڪجي ته ان سان ڪيترائي منجهيل مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا ۽ معاشري کي ڪيترين ئي پيچيده مسئلن مان ڪڍي سگهجي ٿو. ناول ”شرلاڪ هومس جا عجيب غريب ڪم“ ۾ شرلاڪ هومس جي سياڻپ ۽ ڏاهپ جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي:

”اهڙي چالاڪي ۽ تيز فهميءَ سان هن ڪيترائي ڇپيل ڏوهه پڌرا ڪيا ۽ ڏهاري جهلايا. بادشاهن جي محلاتن ۾ ڪي اهڙا ڳجها ڏوهه ٿيل هوا سي به هن تجويز ۽ اٽڪل سان پڌرا ڪيا هوا، جنهنڪري سندس ڏاڍي ناموس نڪتي هئي.“[29]

زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ جي ناڪامي جو هڪ سبب اهو به آهي ته هو ماضيءَ کي وساري حال تي نظر رکندو آهي ۽ مستقبل کي نصيبن تي ڇڏي جيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن ته عقلمند پنهنجي گذريل وقت کي ڪڏهن به وساريندو نه آهي. هو ماضيءَ جي حالتن ۽ واقعن مان پنهنجين غلطين، خامين ۽ ڪمزورين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان کان علاوه گذريل وقت هن لاءِ هڪ تجربي جي مثال هوندو آهي جنهن کي ڏسي هو حال کي بهتر ڪندو آهي ۽ مستقبل کي بهتر ڪرڻ جو سامان گڏ ڪندو آهي. حاجي بابا اصفهاني به اهڙي ئي سياڻپ ۽ ڏاهپ سان حڪمت عملي جوڙي معاشرتي زندگيءَ ۾ ترقي ڪندو ويندو آهي. هو بنيادي طور حجام هوندو آهي ليڪن پنهنجي سياڻپ سان ننڍن ننڍن عهدن تان ٿيندو آخرڪار ايران جي بادشاهه جو امير ٿيندو آهي. هي ناول اگرچه ترجمو آهي ليڪن هن ترجمي ۾ سياڻپ ۽ ڏاهپ جي جهڙي نموني اپٽار ڪئي وئي آهي، ان سان معاشر جي مايوس، پريشان ۽ نااميد طبقي کي هڪ وڏي اميد ۽ همت حاصل ٿي آهي.

اڌورو علم:

جڏهن ڪو شخص حڪمت جو ٿورو يا اڌورو علم حاصل ڪري پاڻ کي وڏو قابل سمجهي ۽ ان علم تي عمل ڪري ٻين کي نقصان پهچائي ته اهڙي شخص کي نيم حڪيم چئبو آهي. نيم حڪيم کي اڄوڪي دور ۾ عطائي ڊاڪٽر به چيو ويندو آهي. عطائي ڊاڪٽر شهرن توڙي ڳوٺن ۾ صرف پئسا ڪمائڻ خاطر مختلف نالن جا بورڊ ٺهرائي ماڻهن کي هڪ طرف ڦريندا رهن ٿا ته ٻئي طرف سندن جانين سان کيڏندا رهن ٿا. جڏهن ته ماڻهو غربت

۽ مهنگائي جي ڪري عطائي ڊاڪٽرن جي ور چڙهن ٿا ۽ علم جي ڪمي جي ڪري انهن ڪي قابل ڊاڪٽر سمجهي ويهن ٿا .

نيم حڪيم يا عطائي ڊاڪٽر پنهنجي اڌوري علم جي آڌار تي مريضن تي تجربا ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن اهي پنهنجن تجربن ۾ ڪامياب ٿيندا آهن ته ڪڏهن انهن تجربن جي ڪري مريض جي جان ئي ضايع ٿيو وڃي. اڪثر ايئين ٿيندو آهي ته مريض هڪ مرض ۾ مبتلا هوندو آهي پر عطائي ڊاڪٽرن جي ور چڙهي هو وڌيڪ موزي مرضن ۾ وچڙي ويندو آهي. اهڙن اڌورو علم رکندڙ نيم حڪيمن جي علاج ڪرڻ جو طريقو ناول ”حاجي بابا اصفهاني“ ۾ هن ريت بيان ڪيل آهي.

”جيڪي هن جي چوڌاري بيٺا هئا تن اڳئي هن جو علاج شروع ڪيو هو. هڪڙي حضرت امام حسين رضہ جي نيت سان پاڻي وات ۾ پئي وڌس، ٻئي حقو ڇڪي دونهون سندس نڪ ۾ پئي وڌو ته جاڳي ۽ هوش ۾ اچي، ٽئين بت کي پئي گوهيس ۽ زور پئي ڏنائينس ته منجهس رت چڱي طرح ڊوڙي. اچا آءٌ ظاهر ٿيس ته ٻيا ڪم سڀ ڪٽي بند ڪيائون ۽ هٿي مون کي جاءِ ڏنائون. مون وڌي ڏيک سان وڃي هن جي نبض ڏٺي. ماڻهو چوڌاري انتظار ۾ مون ڏي منهن ڪري بيٺا، انهيءَ لاءِ ته ٻڌن ته آءٌ ڇا ٿو چوان. مون صاف چيو ته هن کي نصيب جي ٺوڪر آئي آهي ۽ موت حياتي پاڻ ۾ لڙن ته منجهان ڪهڙو هن کي پنهنجو ڪري. انهيءَ طرح جيئن پنهنجي ڏٺيءَ کي ڪندو ڏٺو هوم تيئن حاضر ماڻهن کي تمام بدخير ٻڌائي پوءِ چيو مان ته ٻين علاجن کان اڳي هن کي چڱيءَ طرح لوڏي ڏسو ته ساهه اٿس يا نه. هنن ٻه حڪم موجب بيمار کي اهڙا لوڏا ڏنا جو هڏ ئي اکيڙي ٿي ڇڏيائونس.“[30]

نيم حيڪمن کي نه ماڻهوءَ جي مرض جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ نه وري مرض جي تشخيص جو علم هوندو اٿن. هو صرف اندازن تي دارومدار رکندا آهن ۽ مريض کي هڪ نه ٻي دوا ڏئي پنهنجو علم پيا آزمائيندا آهن. اهڙي طرح هو پنهنجي ڪم علميءَ جي بنياد تي مفروضا قائم ڪري مريضن کي انيڪ بيمارين ۽ موت جي منهن ۾ پيا ڌڪيندا آهن. سندن اندازو ڪهڙي طرح جو هوندو آهي ان جو نمونو ناول ۾ هن ريت ڏنو ويو آهي.

"ائين ڪندي فرنگي ڊاڪٽر جنهن جي هوشياريءَ جو مون مٿي ٿورو بيان ڪيو آهي، اچي نڪتو، چالاڪ جو فرنگي وڪيل اهو واقعو ڏسي ورتو هو ۽ انهيءَ موڪليو هوس. بيمار کي ڏسڻ کان اڳئي هن هڪل ڪري چيو ته هڪدم رت ڪڍوس، لحظو به دير نه ڪريو! مون کي اتي ايراني طب جي طرفداري ڪرڻي ۽ پنهنجي قابليت ڏيکارڻي پئي، تنهنڪري چيم ته رت ڪڍوس! هي ڪهڙو عقل آهي؟ خبر نه اٿو ته موت سرد آهي ۽ رت گرم آهي. اصل حڪيمن جو حڪم آهي ته سرد بيماريءَ ۾ گرم علاج ڪرڻ گهرجي."[31]

ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نيم حڪيم کان علاج ڪرائڻ ۾ ڪهڙا نقصان ۽ خطره ممڪن آهن. اهي نه صرف جان کي جوکو رسائين ٿا پر ڪيترين ئي بيمارين جي پکڙجڻ جو سبب پڻ ٿين ٿا. اڄوڪو معاشرو ڪيترن ئي قسمن جي نيم حڪيمن سان پريو پيو آهي. نيم حڪيم صرف طب تائين محدود نه رهيا آهن، پر اهي مذهب، سياست، تعليم، معاشيات، سماجيات ۽ ٻين به ڪيترن ميدانن ۾ مختلف روپ اختيار ڪري چڪا آهن. هو جنهن به روپ ۾ ۽ جنهن به شعبي ۾ موجود آهن، اهي معاشري جي فردن کي نقصان پهچائي رهيا آهن. هي ناول انهن نقصانن تان پردو کڻي ماڻهن کي هڪ طرف کان باخبر ڪري ٿو ته ٻئي طرف اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته تعليم جي ذريعي انهن نيم حڪيمن کان پاڻ کي بچائي سگهجي ٿو.

وهم پرستي:

وهم پرستي جو مطلب آهي ڪنهن ڳالهه جو دل ۽ دماغ تي خوف ويهارڻ يا ڪنهن خيال ۽ بي بنياد ڳالهه تي يقين ڪري ويهڻ. وهمن ۽ وسوسن جو حقيقت سان ڪو به تعلق نه هوندو آهي. انسان جڏهن ذهني طور مختلف پريشانين، ناڪامين، محرومين ۽ مايوسين جو شڪار ٿيندو آهي ته هو اهڙي ڪيفيت مان گذرندو آهي جو سندس ذهن تي شڪ جا نقش ٺهڻ شروع ٿين ٿا ۽ هو غير منطقي ۽ غير عقلي طور سوچڻ لڳندو آهي. انهن سوچن کي وهمن ۽ وسوسن جو نالو ڏنو ويندو آهي. ڪئمبرج لغت وهم جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي.

"belief that is not based on human reason or scientific knowledge, but is connected with old ideas about magic, etc."[32]

انسان جڏهن کان ارتقا جي مرحلن مان گذريو، تڏهن کان هو پنهنجي گهٽ علم ۽ عقل جي ڪري وهم پرستيءَ جو شڪار ٿيو. جيئن جيئن سندس عقل ۽ شعور ۾ اضافو ٿيندو ويو تيئن تيئن هو قدرت جي عجيب تخليق ۽ ان جي رازن کي پروڙي سمجهه، ڄاڻ ۽ فهم وڌائيندو فضول خوفن ۽ بي بنياد وهمن کي پوئتي ڇڏيندو ترقي ڪندو اڳتي وڌندو رهيو، ۽ ايئين هن اڄوڪي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دور ۾ پير پاتو. ليڪن دنيا جا جيڪي خطا ۽ علائقا جهالت جي اونداهي ۾ رهجي ويا، اتي ماڻهن جون دليون خوف ۽ دماغ مختلف وهمن ۽ وسوسن جي اثرهيٺ رهيا جيڪي وڏن کان ننڍن ۾ منتقل ٿيندا رهيا آهن. اڄ به جتي جو پادر اونڌو ٿيڻ، کير هارجڻ، شام جي وقت صفائي ڪرڻ، چنڊ گرهڻ وقت اميد واري عورت جو هٿ ۾ ڇري کڻڻ وغيره جهڙن ڪمن بابت ماڻهن جي ذهنن ۾ طرحين طرحين جا وهم ۽ وسوسا وجود رکن ٿا، ۽ هو انهن وهمن جو علاج فقيرن، پوپن ۽ ملن کان جادو، تعويذن، ڦيڻن ۽ ٻين ساڻ سوڻن ذريعي ڪرائيندا آهن. ناول ”حاجي بابا اصفهاني“ ۾ پڻ هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

”پوري وقت تي اصفهان ۾ پهتاسين جتي مون پنهنجا لوطين وارا ڪپڙا متائي درويشن وارا ڪيا. پوءِ طهران ڏي روانا ٿياسين. اتي منهنجي استاد ڏاڍو هل اٿاريو، ڇالاءِ جو اجا هن جي پهچڻ جي خبر مس نڪتي ماڻهو وٽس تعويذن ترن لاءِ اچي گڏ ٿيا. مائون چون ته اسان کي پنهنجن ٻارن لاءِ نظر جا تعويذ ڏي. زالون چون ته اسان جا مڙس ٻين زالن ڏي خيال نه ڪن تنهنجا ڪي تعويذ، جنگي ڪاتي جا ماڻهو چون ته اسان کي ڪو اهڙو تعويذ ڏي جو اسان کي ڪو به ايذاءُ نه پهچي.“[33]

تعويذن کان علاوه ماڻهن جو ٻين به ڪيترين ئين شين ۾ پڪو اعتقاد هوندو آهي. جهڙوڪ: ٻليءَ جي اور سنيالي رکڻ سان مال ۾ برڪت پوڻ، وهاڻي هيٺان سهي جو پڇ رکڻ سان ٻار کي ننڊ اچڻ، بگهڙ جي کل پڌڻ سان ٻار جو ڊپ ختم ٿيڻ، زال جو بگهڙ جي چرٻي پڌڻ سان مڙس جي محبت ختم ٿيڻ وغيره. هن مان صاف ظاهر آهي ته وهمن ۾ مبتلا ماڻهو بنا ڪنهن چنڊ ڇاڻ ۽ تحقيق جي ڪهڙي به شيءِ تي يڪدم انڌو يقين ڪري ويهندا آهن ۽ ان کي پنهنجي نفعي ۽ نقصان جو سبب ڄاڻندا آهن. اتفاق سان اگر ڪنهن ماڻهو کي ڪو نفعو حاصل ٿيندو آهي ته هو اهو فائدو انهن جاهلانا ذريعن مان پائيندو آهي.

”تعويذ ڏوئي پياريائونس، پوءِ سڀ هن ويچاري بيمار جي منهن ۾ اکيون وجهي ويهي رهيا. چڻ ته اجهو ٿو ساهه پٽي. ڪجھ وقت تائين ته هو ساڻو ٿيو پيو هو. چڻ ته ساهه ئي ڪو نه هوس، پر پوءِ سگهوئي اوچتو ڪنجهڻ لڳو، جنهن ڪري سيني کي عجب لڳي ويو ۽ آءٌ توڙي طبيب به حيران ٿي ويا سين. نيٺ اکيون پٽيائين ۽ مٿو کڻي پنهنجي ٻانهن تي رکيائين ۽ چلمچي گهرائي قي ڪيائين. اهڙي حيرت جهڙي حالت ڏسڻ ۾ آئي جو چڻ ته بو علي سينا کو حڪمت جهڙو نسخو ڏنو هو.“[34]

اڄوڪي دور ۾ به ماڻهن جو تعويذن، ڦيڻن ۽ جادو تي يقين ڪري ويهڻ جهالت جي دلالت آهي. هيءَ جهالت اڻ پڙهيل وڏن کان نسل در نسل منتقل ٿيندي رهي آهي ۽ زندگيءَ جي عمل ۾ جيڪا شيءِ موروثيت جو روپ اختيار ڪري وٺي ٿي ان جو خاتمو تعليم کان سواءِ نا ممڪن آهي. اسان جي سماج ۾ وهم پرستيءَ جا ڪيترائي قسم رائج آهن. مثال طور پير پرستي، قبرن کي پوڄڻ، وڻن ۾ پٽيون ٻڌڻ، مخصوص شين کي پنهنجي لاءِ ڀاڳ ۽ نڀاڳ سمجهڻ ۽ تعويذن، ڦيڻن ۾ عقيدو رکڻ وغيره. انهن سيني جي پاڙ پٽڻ لاءِ ماڻهن کي جهالت مان ڪڍڻو پوندو. ماڻهن کي وهمن ۽ وسوسن جي چار مان ڪڍڻ لاءِ انهن کي علم جي نور سان منور ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو علم ئي ماڻهوءَ کي حق ۽ سچ جي واٽ ڏيکاري ٿو.

مذهب:

لغت جي اعتبار کان مذهب جي معنيٰ رستو آهي، پر اصطلاحي معنيٰ ۾ مذهب خدا تعاليٰ پاران مقرر ڪيل زندگي گذارڻ جو هڪ اهڙو رستو آهي جنهن ۾ انسانذات لاءِ ڀلائي رکيل آهي. مذهب مقرر ڪيل زندگيءَ جي طور طريقن، عقيدن، عبادتن، اخلاقن ۽ قدرن جو گڏيل سماجي ۽ ثقافتي نظام آهي. ٻين لفظن ۾، مذهب انسان جي فطرت جو هڪ اهڙو حصو آهي جنهن کان سواءِ انسان ڪڏهن به خوش ۽ پرسڪون ٿي نه رهي سگهي. دنيا جو ڪو به سماج مذهب کان خالي نه آهي. دنيا جو هر مذهب بنيادي طرح نيڪي، پرهيزگاري، پيار، اُنس، ايثار، اخوت ۽ رواداري جو درس ڏئي ٿو. اهو تعصب، بغض، حسد، نفرت ۽ دشمني جي عنصرن کان پاڪ هوندو آهي. ان ۾ ماڻهن جي لاءِ اصلاح ۽ سٺي تربيت جا اصول سمايل هوندا آهن. بقول مولانا وحيدالدين جي:

"مذہب کی تعلیمات مجرد تعلیمات نہیں ہیں بلکہ وہ کائنات کی ابدی صداقتیں ہیں۔ ہماری نجات کی واحد صورت یہ ہے کہ ہم اپنے آپ کوان صداقتوں سے ہم آہنگ کریں، ٹھیک ویسے ہی جیسے سورج کی روشنی سے اپنے کو ہم آہنگ کرتے ہیں۔"[35]

مذهب سماج جو نهايت اهم پهلو آهي. هي پهلو اسان کي مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ به نمايان نظر اچي ٿو. اهڙن ترجمو ڪيل ناولن مان "مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا" ناول به هڪ آهي جنهن ۾ مذهب جو انسان جي زندگيءَ تي گهرو اثر ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول ۾ چارلس مريل هڪ پادري هوندو آهي، جيڪو انسانذات جي پرخلوص نيت سان خدمت ڪندي پنهنجي زندگي گذاريندو آهي. سندس وعظ جو ماڻهن تي ايترو ته اثر ٿيندو هو جو اهي بريون عادتون ڇڏي نيڪو ڪار ٿي ويندا هئا.

"هو تمام ٿورو کائيندو هو، ۽ ٿورو ڳالهائيندو هو. گهڻو وقت لڪي عبادت ڪندو هو، ۽ خدا بابت خيال ڪندو هو. مقرر وقتن تي ديول ۾ ويندو هو، ۽ اتي وچي وعظ ڪندو هو. هن جو وعظ اهڙو اثر وارو هوندو هو جو گهڻن ماڻهن کي فائدو ٿيڻ لڳو. جيڪي بخيل هئا سي سخي ٿي پيا، جيڪي اڳي بدڪار هئا، سي نيڪ ٿي پيا، جيڪي اڳي گهڻ خرچائو هئا سي صرفي وارا ٿي پيا."[36]

مذهب جي تعليم ماڻهوءَ جي ذهن کي پاڪ ڪري ٿي، ان جا اخلاق سنواري ٿي ۽ ان کي گمراهيءَ کان بچائي ٿي. جيڪي ماڻهو مذهب جي تعليم سان واڳيل هوندا آهن، اهي پنهنجي اولاد جي تربيت به بهتر نموني ڪري سگهندا آهن. ناول "ايرڪ" ۾ مذهب جي تعليم تي روشني وڌي وئي آهي. هن ناول جي ذريعي ٻڌايو ويو آهي ته مذهب جي تعليم ڇا آهي ۽ اها انسان جي زندگيءَ ۾ ڪهڙيون تبديليون آڻيندي آهي. ايرڪ جي ماسي مسز ٽريور ۽ سندس ڌيءَ مذهب جي تعليم کان خوب آشنا هونديون آهن. هو مذهب جي حقيقي معنىٰ ۾ پرچار ڪنديون آهن.

" مسز ٽريور ۽ سندس ڌيءَ جي نظر ۾ مذهب رڳو ظاهري تعليم نه هو، پر عادت هو، روزمره جي تعليم جي شي هو، حياتيءَ جي ڪم ڪار جو ضروري فرض هو. هنن جي بندگيءَ ۽ خيرات جي ڪمن ۾ ڪو به ڏيک ڪو نه هو، اُهي سڀ سادا سودا ۽ دل کي وڻندڙ هئا. هنن

جي ڏٺيءَ سان محبت هئي، ۽ آسپاس وارن انسانن سان جيڪا چڱائي پڇي سگهندي هين سا ڪنديون هيون.“[37]

مذهب ۾ ماڻهن جڏهن کان پنهنجي خواهش ۽ پسند نا پسند شامل ڪئي آهي، تڏهن کان اهو ڪيترن ئي سماجي مسئلن جو سبب بڻيو آهي. ماڻهن مذهب کي وهمن، وسوسن، رسمن، رواجن ۽ خواهشن سان آلوده ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي آلوده مذهب دنيا ۾ ڪيترائي فتنا، فساد، تفرقا ۽ مسئلا پيدا ڪيا آهن. جڏهن ته هر ڪو پنهنجي پاڪ ۽ سچي مذهب هئڻ جو دعويدار آهي. دنيا جو سچو مذهب اهڙن ملاوٽن کان پاڪ آهي. ان ۾ وڏائي، انا پرستي، مطلب پرستي، لوڀ ۽ لالچ، ڪوڙ، ٺڳي، دوکيبازي، دغابازي، رياء ڪاري، تعصب پرستي، مفاد پرستي، اڻ برابري ۽ فرقيواريت لاءِ هر گز جاءِ نه هوندي آهي. سچو مذهب هميشه انسانيت، خلوص، اُنس، پيار، سچائي، وفائي، همدردي، برابري، حوصلو، دلداري، اميد، اتحاد ۽ اتفاق جي پرچار ڪندو آهي. خدائي مذهب انسان کي برابريءَ جو درس ڏين ٿا، غريبن، مسڪينن، ڏکويلن، لاچارن، ۽ مجبورن جي مدد ۽ واهر ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا ۽ هر ڪنهن سان حسن سلوڪ ڪرڻ جو پابند بنائين ٿا. جيڪو انسان ٻڌايل نيڪيءَ واري گس تي هلي ٿو اهو رب جي رضا ماڻي ٿو ۽ ان جي خلق جون دعائون حاصل ڪري ٿو.

### مثبت ۽ منفي رويا:

روين مان مراد ڪنهن ماڻهوءَ جا جذبا، عقيدا، احساس ۽ سلوڪ جا طريقا آهن جيڪي زندگيءَ جي تجربن ۽ پرورش جو نتيجو هوندا آهن. انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي رويا سکندو آهي ۽ وقت گذرڻ سان انهن ۾ تبديلي به ايندي آهي. مختلف حالتن ۽ واقعن مان گذرڻ کان پوءِ انسان جا رويا تبديل ٿيندا رهندا آهن. ڪجهه رويا اهڙا به هوندا آهن جيڪي سدائين ساڳيا رهندا آهن، انهن ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي. رويا مثبت به هوندا آهن ته منفي به هوندا آهن. سماج ماڻهن جي مختلف روين تي منحصر آهي. ماڻهن جا سماجي رويا هڪٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن سماج جي ڦير گير جا سبب ٿيندا آهن. رويي جي وصف جرنل آف سوشيالاجي اينڊ سوشل ويلفيئر ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

“Attitude is a mental position with regard to a fact or state or a feeling or emotion toward a fact or state.”[38]

رويا فردن تي ڪهڙي طرح اثر انداز ٿيندا آهن، انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

والدين جو اولاد سان رويو ۽ ان جا اثر:

ماڻهوءَ جي شخصيت ان جي رويي مان معلوم ٿيندي آهي. ماڻهو ماڻهوءَ جي رويي جو رد عمل هوندو آهي. ماڻهن سان جهڙو رويو اختيار ڪبو هو موٽ ۾ اهڙي ئي رويي سان پيش ايندو. روين جو اثر تمام گهرو ٿيندو آهي. خاص طور والدين جو رويو اولاد جي زندگيءَ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اولاد جي پرورش ۾ والدين جي رويي جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي شخصيت، ڪردار ۽ انهن جي هر عمل جي پيروي ڪندا آهن. ان ڪري والدين کي هن معاملي ۾ انتهائي محتاط رهڻو آهي. بهترين والدين جي هڪ خوبي اها هوندي آهي ته اهي پنهنجي اولاد کي سدائين نيڪ ۽ سٺا ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪندا رهندا آهن. جڏهن سندن اولاد ڪو ڀلائي وارو ڪم ڪندو آهي ته اهي انهن جي ساراهه ڪندا آهن ته جيئن انهن ۾ اهڙن ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌي ۽ انهن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي. ساڳي طرح اهي پنهنجي اولاد جي غفلت، غلطي يا ڏوهه جو سبب ۽ حقيقت معلوم ڪرڻ کان سواءِ ان کي سزا نه ڏيندا آهن، ان کي طعنو نه ڏيندا آهن ۽ نه وري پنهنجو رويو سخت رکندا آهن. اهي اولاد جي معاملي ۾ حڪمت، ڏاهپ، شفقت، بردباري ۽ صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيندا آهن. بلڪ، اولاد جي معاملي ۾ هر قدم ۽ ڳالهه ۾ احتياط ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته والدين جي لاپرواهي اولاد جي زندگي برباد ڪري ڇڏيندي آهي. ان ڪري اولاد کي ٺاهڻ يا بگاڙڻ ۾ والدين جو اهم ڪردار هوندو آهي. مرزا صاحب سماج جي هن اهم پهلوءَ طرف ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سماجي اصلاح سان وابسته عالمي مقبوليت ماڻيندڙ ناولن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ناول ”ٽي گهر“ ۾ والدين جي روين تي روشني وڌي وئي آهي. گڏوگڏ اولاد تي ٿيندڙ انهن روين جي اثرن کي به بيان ڪيو ويو آهي.

مارٽن آلربي جڏهن پيءُ سان ڪيل واعدي مطابق ڪرڪيٽ راند دير سان ختم ٿيڻ ڪري وقت تي گهر نه پهچي سگهيو ته سندس والد مٿس عارضي طور ناراض ٿئي ٿو. مارٽن کي به دير سان گهر اچڻ تي ارمان ٿئي ٿو. ليڪن جڏهن مارٽن آلربي پنهنجي پيءُ کي دير سان اچڻ جو واجبي عذر ٻڌائي ٿو ته پوءِ پيءُ پنهنجي ناراضگي ختم ڪري ساڻس شفقت ۽ محبت واري رويي سان پيش اچي ٿو ۽ چويس ٿو ته:

”بابا، جيڪو احوال ٻڌم، تنهن موجب ڪاوڙ ڪرڻ جو سبب ڪو نہ هو. تو کي خبر آهي تہ آءُ وقت ۽ انجام جي پورائيءَ تي خاص خبرداري ڪندو آهيان ۽ ڌيان ڏيندو آهيان، پر هينئر آءُ سمجهان ٿو تہ تو کي راند جي پڄاڻيءَ تائين رهڻ ضروري هو، ۽ تنهنڪري تو کي دير ڪرڻ جو واجبي عذر هو.“[39]

اڳتي چويس ٿو تہ:

”نہ مارٽن، ۽ منهنجي نہ ڪاوڙجڻ جو سبب بہ اهو آهي تہ تون تمام چڱو ڇوڪر آهين ۽ تو ۾ منهنجو پورو ڀرسو آهي.“[40]

پيءُ جا اهڙا لفظ ٻڌي مارٽن پيءُ جو اڃان بہ وڌيڪ فرمانبردار ٿئي ٿو، ان جي هر ڳالهہ مڃي ٿو، سچ ڳالهائڻ جو عادي ٿئي ٿو ۽ پيءُ جي ٻڌايل اصولن جو پابند ٿئي ٿو. پيءُ جو اهڙو رويو اولاد جي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڇڏيندو آهي ۽ هن کي گهر ۽ سماج جو معزز ۽ ذميوار فرد بنائڻ ۾اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ماءُ پيءُ جو شفقت وارو رويو اولاد کي سدائين پاڻ سان ڳنڍيو رکندو آهي، ان کي هر وقت ماءُ پيءُ جو فرمانبردار ٿي رهڻ جو پابند بنائيندو آهي. اهڙي طرح اولاد بہ پنهنجن چڱن ۽ نيڪ ڪمن سان ماءُ پيءُ کي خوش ڪندو آهي ۽ برن ڪمن يا برن جي صحبت کان بچي پوندو آهي، ان ۾ محنت جو جذبو هوندو آهي ۽ ٻين کي فائدو پهچائڻ ۾ پنهنجي خوشي سمجهندو آهي. اهڙي اولاد جي سيڪو ساراهہ ڪندو آهي. مارٽن آلربي بہ اهڙن ئي ڇوڪرن مان هڪ آهي جنهن ۾ اهي سڀ خوبيون موجود آهن.

”سر هينريءَ چيو تہ چڱو، مارٽن اڄ تو چڱو ڪم ڪيو آهي، ۽ انهيءَ جي عيوض توکي خوش ڪنداسين. پوءِ پيار مان مارٽن جي مٿي تي هٿ رکي چيائين تہ خدا جو شڪرانو ٿو ڪريان تہ جڏهن اسان جي دوستن ۽ پاڙيسرين جي پٽن پنهنجن پيئرن کي فڪر ۽ انتظار ۽ تڪليف ۾ وڌو آهي تڏهن منهنجو پٽ منهنجي لاءِ خوشي ۽ سرهائي جو سبب ٿيو آهي. مارٽن پيءُ جي منهن ۾ نهاري چيو تہ بابا سائين انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ اوهان جي مون سان گهڻي محبت آهي، ۽ اوهين مون تي هميشہ مهربان آهيو.“[41]

ان جي برعڪس والدين اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي اولاد کي غلطيون ڪرڻ تي پيار سان سمجهائڻ جي بجاءِ تنقيد ڪندا ۽ ٽوڪيندا رهندا آهن. هر معاملي ۾ اولاد سان نرمي ڪرڻ جي بجاءِ سختي کان ڪم وٺندا آهن ۽ هر وقت پنهنجي اولاد کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. اهي والدين اڪثر پنهنجي اولاد سان هڪجهڙو ورتاءُ نہ ڪندا آهن. هڪ پٽ کي حد کان وڌيڪ پيار ڏيندا آهن تہ ٻئي پٽ کي پنهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت جو باعث ڄاڻندا آهن. ڪي وڏي پٽ کي ننڍي پٽ تي فوقيت ڏيندا آهن تہ ڪي وري ننڍي پٽ تي ساهہ ڇڏيندا آهن ۽ وڏي پٽ کي ننديندا رهندا آهن. ان جي ننڍي غلطيءَ تي بہ هو پنهنجو سخت ردعمل ڏيکاريندا آهن ۽ ان جي سببن کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪندا آهن. اهڙن والدين جي نمائندگيءَ لاءِ ناول ۾ مسٽر ڊگلس کي ڏيکاريو ويو آهي. هي هڪ اهڙو پيءُ آهي جنهن پنهنجي پٽ کي ننڍي هوندي کان پنهنجي پيار ۽ شفقت کان محروم رکيو آهي. هر وقت جي غلطي ۽ خطا تي ان کي ڇڙٻيندو ۽ دڙڪا ڏيندو آهي، ليڪن هڪ دفعو بہ ان جي چڱائي، سٺن لڇڻن ۽ نيڪ ڪردار جي تعريف ٿو ڪري، نہ ئي ان جي ڪنهن بہ ڪم ۾ حوصلہ افزائي ٿو ڪري. سندس پٽ رالف ڊگلس جڏهن راند تان گهر دير سان پهچي ٿو تہ پيءُ جي غضبناڪ ڪاوڙ کان حيسيل ۽ پريشان هوندو آهي. توڙي جو سندس ماءُ کيس آٿت ڏيندي آهي، سندس دل کي دلاسو ڏيندي آهي ۽ پٽ جي پاران پاڻ پنهنجي مڙس اڳيان پٽ جي صفائي بيان ڪندي آهي، پر مسٽر ڊگلس الٽو زال کي ڏوهي ڪندو آهي ۽ ان کي ئي پٽ جي بگاڙڻ جو قصوروار قرار ڏيندو آهي. رالف ڊگلس جو اهڙي ماحول ۾ منٺ منٺ پريشاني ۽ گهٻراهٽ ۾ گذرندو آهي ۽ ان جي دل ۾ هر هر ان ڳالهہ جو خوف هوندو آهي تہ بابا اجهو ٿو غصو ڇنڀي. ان حالت ۾ جڏهن هو همت ڪري پيءُ جي سامهون ايندو آهي ۽ ان کي دير سان اچڻ جو عذر ٻڌائڻ جي همت ڪندو آهي تہ پيءُ ان جي پوري ڳالهہ ٻڌڻ کان سواءِ ئي ان تي پنهنجي ڪاوڙ ڇنڀيندو آهي. پٽ جي ڳالهہ تي ڌيان بہ نہ ڌريندو آهي ۽ کيس اڳتي ڪرڪيٽ راند کيڏڻ کان بہ سخت تنبيهہ ڪندو آهي.

پيءُ جي اهڙي رويي جي ڪري اولاد احساس ڪمتري جو شڪار ٿي ويندو آهي. هو پنهنجي پاڻ کي ملامت ڪندو رهندو آهي، ايتريقدر جو هو پنهنجي صلاحيتن کي Underestimate ڪرڻ شروع ڪندو آهي. پيءُ جو ناروا سلوڪ آخرڪار ان کي بدمزاج ۽

باغي ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي. نتيجي ۾ هو غلط قدم کڻي ويهندو آهي. رالف ڊگلس جو مثال به اهڙو ئي آهي. هو پيءُ جو وڏو پٽ، نهايت سلڇڻو، خوش اخلاق ۽ فرمانبردار ڇوڪر آهي. هو پيءُ جي هر ڳالهه جو احترام ڪندو آهي. پيءُ سان ڪيل هر انجام پاڙڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي مگر وقتي حالتون انجام پاڙڻ ۾ هن اڳيان رڪاوٽ بڻجي وينديون آهن ۽ هيءُ نه چاهيندي به پيءُ کي ناراض ٿيڻ جو موقعو ڏئي ٿو. جڏهن ته پيءُ پٽ جي مجبوري ۽ واجبي عذر ڄاڻڻ بجاءِ ان تي نڪته چيني ڪري حوصلا شڪني ڪندو رهي ٿو. پيءُ جو اهڙو ردعمل هڪ لائق پٽ جي سوچ، اخلاق ۽ ڪردار تي ڪافي منفي اثر ڇڏي ٿو. اهڙي رويي سان ان ۾ مايوسي ۽ احساس ڪمتري شدت اختيار ڪري ٿي.

هڪ دفعي رالف پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڪرسٽي کي ساڻ ڪري مارٽن ۽ گلينلن سان راند کيڏڻ ويو جتي اتفاق سان هڪ چتو ڪتو ڪرسٽيءَ جي پويان لڳي ٿو. رالف بهادريءَ سان ان ڪتي کي بنٽ جي هڪ ئي ذڪ سان ماري وجهي ٿو ۽ ڪرسٽيءَ کي ڪتي جي وڏي چڪ کان بچائي وٺي ٿو. ان کان علاوه هو وقت تي ڪرسٽيءَ جي اهڙي ته پر گهور ڪري ٿو جو ڪرسٽيءَ کي وڌيڪ جان جو خطرو نٿو رهي. رالف جي اهڙي بهادري، چالاڪي ۽ همت کي ڏسي ڪيس سيڪو داد ڏئي ٿو، پر ان جو پيءُ سندس معاملي ۾ ذهني طور ايترو ته بدگمان رهندو آهي جو رالف جي ڪيل نيڪ ڪمن ۾ به ڪيس سازش نظر اچي ٿي ۽ ٻين جي پاران سندس پٽ جي تعريف ٻڌي به ڪيس ڪاوڙ لڳي ٿي.

"سر هينري آلربيءَ به هن کان موڪلائيندي چيو ته مسٽر ڊگلس، تون ڏاڍو نصيب وارو آهين، جو اهڙا صالح پٽ توکي خدا ڏنا آهن. ٻئي موتيءَ جا داڻا آهن! آءُ ڏاڍو خوش آهيان جو مارٽن ۽ رالف پاڻ ۾ گهاٽا يار آهن. مسٽر ڊگلس چيو ته سر هينري رالف جي تعريف ڪري مون کي چيڙاءِ نه. خدا خير ڪري، ڪرسٽيءَ کي خدا وڏي حياتي ڏئي، نه ته رڳي رالف سان منهنجي حياتي ڪيئن گذري سگهندي!"[42]

هن واقعي کان پوءِ رالف کي دل ۾ خاطري ٿي ته سندس بهادري ۽ هوشياري تي سندس پيءُ خوش ٿيندو ۽ ڪيس شاباس ڏيندو. هو دل ئي دل ۾ خوش ۽ پراميد رهندو آهي ۽ اهو خيال پچائيندو آهي ته منهنجي هن ڪم کي ڏسي بابا منهنجون اڳيون غلطيون معاف

ڪري ڇڏيندو، جڏهن ته آئون سندس پيرن تي ڪري دعا گهرندو سانس. هي هڪ اهڙو لمحو هو جنهن ۾ پيءُ پٽ پاڻ ۾ غلط فهميون ۽ وڇوٽيون ختم ڪري وڏيڪ ويجها ٿي سگهيا ٿي. هن گهڙيءَ ۾ پيءُ جو شفيق رويو پٽ کي هميشه لاءِ سندس فرمانبردار ۽ طابعدار ٿيڻ جو قائل ڪري ڇڏي ها. ليڪن پيءُ پنهنجي رويي ۾ ذرو به لچڪ نه آندي. بلڪه پٽ آڏو پنهنجي شفقت ظاهر ڏيکارڻ کي پنهنجي توهين سمجهڻ لڳو.

”رالف کي ته اهائي ڳڻتي هئي ته الا جي، جيڪي اڄ مون ڪيو، سو بابي جي ڏيان تي آيو يا نه- جي آيو ته پوءِ منهنجي ڪا هاڻ واڪاڻ ڪندو ۽ مون کي ڪا آفرين ڏيندو يا نه- من ايترو چوي ته هن ۾ ناحق شڪ پيم، ۽ هن کي ناحق ڏک هنيم! جي پٽس ٿورو ئي ائين ڪري ها ته رالف جي محبت پيءُ ڏانهن قائم رهي ها، ۽ هو وري به وڃي پيرين پئي يا اڳيان ئنس گوڏا پيچي دعا گهري ها، جو جهڙو بت ۾ مضبوط ۽ دل جي مت وارو هو، تهڙو سندس طبيعت نرم ۽ محبت واري هئي؛ پر مسٽر ڊگلس پنهنجي هنئون هيٺ لهڻ جو به هو- هو مغرور، هوڏي ۽ بي انصاف هو. جيتوڻيڪ پٽ جي بهادري ۽ هوشياري ذري ذري انهي ڏينهن دل ۾ پئي آيس، ته به هي خيال ڪيائين ته ڇوڪر جي اڳيان پاڻ کي ذليل ڪريان ڇا؛ پٽ کان وڃي معافي گهران ڇا؛“[43]

پيءُ جي دل جڏهن احساس، پيار ۽ پڇتاءُ کان خالي ٿي ويندي آهي ته ان ۾ اولاد لاءِ نفرت، حسد ۽ ڪاوڙ جڳهه والاريندي آهي. جنهن ڪري هو اولاد جي معاملي ۾ سخت رهندو آهي. هن کي اولاد جي خوشي، مرضي ۽ آزاديءَ جي ڪا به پرواهه نه هوندي آهي. بلڪ هو پنهنجي اولاد تي پنهنجي مرضي هلائڻ جو قائل هوندو آهي ۽ ان ۾ اولاد جي معمولي غفلت کي به پنهنجي حڪم جي خلاف ورزي سمجهندو آهي. ان ڪري هو اولاد تي وڌيڪ سختي ڪرڻ کي جائز سمجهندو آهي ۽ ان کي جسماني سزا ڏيڻ کان به ڪيٻائيندو ناهي.

رالف جو پيءُ به سندس معاملي ۾ اهڙي ئي فطرت رکندو هو. سندس هر عذر کي بهانو سمجهندو هو ۽ ان باري ۾ سبب معلوم ڪرڻ ضروري نه سمجهندو هو. هر وقت کيس ٽوڪيندو رهندو هو. ايستائين جو رالف جو چڱو ڪم به کيس برو لڳندو هو. هن ڪڏهن به پنهنجي پٽ کي پرسان ويهاري پيار ۽ شفقت سان سمجهائڻ يا ان جي مجبورين کي سمجهڻ

جي ڪوشش نہ ڪئي. بلڪ ان کي طعنہ هڻڻ ۽ جسماني سزا ڏيڻ ۾ ئي ان جي ڀلائي سمجهندو هو. پيءُ جو اهڙو رويو اولاد کي سنوارڻ بجاءِ بگاڙڻ ۾ مدد ڪندو آهي ۽ اهو اولاد مايوس ٿي مجبوراَ غلط قدم کڻي ويهندو آهي. رالف کي بہ سندس پيءُ جڏهن معمولي ڳالھ تان ڇهبڪن سان سزا ڏئي ٿو تہ رالف جي دل ڏکي، غمن ۽ مايوسين سان ڀرجي ويندي آهي. هو سوچيندو آهي تہ پيءُ هن مان بيزار آهي ۽ هي سيني گهر ڀاتين جي لاءِ مصيبت ۽ پريشانين جو باعث آهي، ان ڪري مجبور ٿي هي گهر مان نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو.

”رالف نيٺ لاچار ٿي، دل ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيو تہ گهر ڇڏي هليو وڃي ۽ وڃي پرديس وسائي. هن کي اڳي ئي ڏک گهڻا هئا. ويتر پويون دفعو جو تازيون پيءُ جون جنيون سٺيون هئائين ۽ ڇهبڪ کاڌا هئائين، تن دير مدار ڪرڻ ئي نہ ڏنس. ڏکن لڳڻ ڪري بت ۾ بہ بيمار هو، دل تہ اڳي ئي بيمار هيس؛ پر جڏهن پنهنجي وطن، پنهنجي گهر، پنهنجي پياري ماءُ ۽ ڀاءُ کي ڇڏڻ ۽ انهن کان جدا ٿيڻ جو خيال دل ۾ آيس، تہ ڀيا سڀ سور وسري ويس. انهن کان موڪلائڻ کان سواءِ وڃڻ، هن جي دل تئي ڇيو. انهي يادگيرين بہ هن کي پنهنجي ارادي کان نہ لوڏيو.“[44]

آخر ڪار پيءُ جو رويو کيس گهران ڀڄڻ تي مجبور ڪري ٿو. پيءُ جي نا مناسب سختي ۽ بيجا سلوڪ کان نہ فقط اولاد متاثر ٿئي ٿو بلڪ گهر جو سڪون بہ برباد ٿي وڃي ٿو. رالف جي وڃڻ کان پوءِ سندس ننديو ڀاءُ ڪرسٽي سخت بيمار رهي ٿو ۽ نيٺ دم ڏٺيءَ حوالي ڪري ٿو. جنهن کان پوءِ مسٽر ڊگلس کي پنهنجين غلطين جو احساس ٿئي ٿو ۽ رالف کان معافي جو طلبگار بہ ٿئي ٿو. هن اقتباس مان اها نصيحت ملي ٿي تہ پيءُ جو اولاد سان رويو نہ گهڻو سخت هجي ۽ نہ گهڻو نرم هجي. حد کان وڌيڪ اولاد تي سختي ڪري اولاد کي سڌاري نٿو سگهجي، بلڪ ان طرح سان کيس باغي ڪري سگهجي ٿو. ان جي هر نيڪ عملي تي ان کي همٿائڻ گهرجي تہ جيئن ان ۾ چڱا ڪم ڪرڻ جو جذبو سدا قائم رهي. اگر اولاد کان ڪا خطا ٿي بہ وڃي تہ بجاءِ ان تي سخت تنقيد ڪرڻ يا سزا ڏيڻ جي، پيءُ کي گهرجي تہ ان کي پيار ۽ محبت سان سمجهائي ۽ کيس ان غلطيءَ جو احساس ڏياري تہ جيئن هو اڳتي اهڙي غلطي ورجائڻ کان پاسو ڪري.

ماڻهن جا سماجي رويا:

سماج جو بنياد انسان آهي ۽ انسان ئي پنهنجي سماجي رويي سان معاشري جي سڌاري يا خرابيءَ جو سبب بڻبو آهي. هڪ انسان جو ٻئي انسان سان سٺو رويو ان کي معاشري جو چڱو فرد بنائي ٿو ۽ خراب ورتاءُ ان کي معاشري جو ناسور بنايو ڇڏي. اهي انساني رويا ئي هوندا آهن جيڪي سماج جي چڱن ۽ بڇڙن ڪردارن کي جنم ڏين ٿا. انسان جي فطرت ۾ ازل کان وٺي منفي (Negative) ۽ مثبت (Positive) عنصر سمايل آهن جيڪي لاڳاپيل محرڪ (Stimulus) جو ڪم ڪن ٿا. جهڙو (Stimulus) هوندو ان جو اهڙو ئي اثر (Effect) نمودار ٿيندو. انسان جو بهتر سلوڪ معاشري جا معزز شهري پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻبو آهي. اهي معاشري لاءِ ترقي ۽ سڌاري جو سامان بڻبا آهن. ليڪن ان جي برعڪس خراب رويو ماڻهن جي دلين تي خراب اثر ڇڏيندو آهي. اگر چور، ڌاڙيل، دهشتگرد، ٺڳ، فسادي، لالچي، حرصي، مطلبي، رشوت خور ۽ سماج جي ٻين بہ ڪيترن ئي بدمعاش ڪردارن جي زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ڪبو تہ ان جي پٺيان انسان جي ناروا سلوڪ جو وڏو عمل دخل نظر ايندو. نيڪ نيت ۽ مخلصانا روين سان دلين تي راڄ ڪيو ويندو آهي. هڪ گنهگار شخص سان يا هڪ ڏوهاريءَ سان ڪيل چڱو ورتاءُ ان کي نيڪو ڪار ٿيڻ تي مجبوور ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اهڙن روين سان ئي دنيا ۾ انقلاب برپا ٿيا.

اسان جو سنڌي سماج حسن سلوڪ کان چڻ تہ خالي آهي. سندس ماضي جيتوڻيڪ سٺن اخلاقن جو سنهري باب ٿي گذريو آهي ليڪن سندس حال انتهائي مايوس ڪن آهي جنهن جا ڪيترائي سبب آهن، جهڙوڪ: تعليم جي طرف گهٽ لاڙو، احساس محرومي، حرص، لالچ، اخلاقي تعليم ۽ تربيت جي ڪمي. هي اهڙا عنصر آهن جن ماڻهن جي روين ۾ منفي تبديلي آندي. اهڙي طرح سنڌي سماج انيڪ براين جي ڪُن ۾ جڪڙجي پيو. اهڙي حالت ۾ ان ڳالهہ جي ضرورت هئي تہ ماڻهن جي اصلاح ڪجي تہ جيئن براين جي پاڙ پٽي سگهجي. ان مقصد لاءِ مرزا قليچ بيگ ماڻهن جي ڪرداري ۽ اخلاقي تعمير لاءِ ڪيترائي اصلاحي ناول سنڌي ادب جي جهولي ۾ آندا تہ جيئن ماڻهو انهن کي پڙهي پنهنجي اصلاح ڪن. سماج جو اهو پهلو اسان کي مرزا صاحب جي ڪيترن ئي ناولن ۾ ملي ٿو. ناول ”مصيبت ماريا سائين سنواريا“ مرزا قليچ بيگ جو اهو ترجمو ڪيل ناول آهي جنهن ۾ هن

سماجي پهلوءَ تي چڱي روشني وڌي وئي آهي. هن ناول ۾ ماڻهن جي مثبت ۽ منفي روين کي ۽ ان نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ اثرن کي تمام بهتر نموني بيان ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ جين وليجان اسان جي سماج جي ان ڪردار جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو غربت کان مجبور ۽ پيٽ جي بک کان تنگ اچي چوريءَ جهڙا ڏوهه ڪري ويهي ٿو. ليڪن سماج اهڙن مجبورن ۽ لاچارن جي اصلاح ڪرڻ جي بجاءِ ان کي ڌڪاري ٿو.

اهو مسافر يعني جين وليجان جيئن اتان مايوس ٿي نڪري ٿو ته شهر جا ٻار مٿس پٿر اڇلائين ٿا. ان کان سواءِ جين وليجان کان اگر ڪو مزدوري ڪرائيندو آهي ته بدلي ۾ ان کي حق حلال جي مزدوريءَ جا پئسا به پورا نه ڏيندو آهي. سماج جي اهڙي روش جين وليجان کي پيهر چور بنائڻ جو سبب بنجي ٿي ۽ سندس دل ۾ سماج جي ماڻهن لاءِ نفرت اپاري ٿي.

”انهيءَ طرح سان سختي ٿيڻ لڳي ۽ سندس حق ڦرجڻ لڳو. جنهن سان انسان ذات ڏي خاص ڪري زماني جي مطلبي ۽ فريبي ماڻهن ڏي سرڪاري عملدارن ڏي روز بروز نفرت گهٽي ٿيندي ويس“.[45]

هن جهڙا ٻيا ڪيترائي مثال اسان جي معاشري ۾ هر وقت ملن ٿا. هڪ غريب ۽ شريف ماڻهو سان ان جي پاڙي وارن جو خراب سلوڪ ۽ ان جي ابتڙ هڪ مالدار بدمعاش شخص جي معاشري ۾ عزت انساني روين جي ٻٽي معيار جي عڪاسي ڪن ٿا. اهڙا غير منصفاڻه رويا سماج جي فردن کي بد ڪردار بنجڻ تي مجبور ڪن ٿا. ان ڪري هر معزز شخص پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ فڪرمند رهندو آهي. سماج جي موجوده صورتحال به هن ڳالهه جي خوب عڪاسي ڪري ٿي. اهڙي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ سماج کي پر امن بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته انسانن جي ذهنن جي چڱي نشونما ڪئي وڃي ته جيئن سندن سماجي روين ۾ انقلابي تبديلي پيدا ڪري سگهجي. ان لاءِ مرزا قليچ بيگ پنهنجن ناولن ذريعي ذهنن جي پرورش ڪئي آهي ۽ انهن کي منطقي دليلن سان سماج جي سٺي ۽ خراب روين جي نتيجن کان تمام بهتر انداز ۾ آشنا ڪيو آهي. بهتر رويي سان سماج جي ڏتڙيل فردن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو ان جو مثال سندس ناول ۾ اسان کي هن ريت ملي ٿو.

”ڇا خواب ته ٿو ڏسان! سچي پچي اوهين مون جهڙي ڇٽل قيديءَ کي پاڻ سان گڏ ويهاري ٿا کارايو ۽ سائين ڪري ٿا سڏيو! پيا ته ڪتي ۽ بدمعاش جي نالي کان سواءِ مون کي ڪين سڏيندا آهن. اها مائي ڪهڙي نه پلاري هئي جنهن مون کي هن گهر جو ڏس ڏنو. اٺويهه ورهيه آئون هنڌ ڪتولي تي نه ستو آهيان، سو اڄ هنڌ تي سمهندس. اوهين بيشڪ لائق ماڻهو آهيو.“[46]

هتي بهتر سلوڪ سان گڏ مرزا قليچ بيگ جنهن ٻي ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي سا حسن گفتگو آهي. سهڻي سلوڪ سان گڏ اگر گفتگو شائستگي ۽ اصلاح جي عنصرن سان ٽمٽار هوندي ته هر ماڻهوءَ جي دل چڱي متاثر ٿيندي. اها ڳالهه مرزا صاحب اسان کي چارلس مريل جي ڪردار ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جين وليجان وڏو ڏوهاري هوندو آهي. هو چارلس مريل جي جاءِ مان به سامان چوري ڪري ويندو آهي. ليڪن ان جي باوجود به چارلس مريل جو رويو ان سان نرم ۽ شفقت وارو هوندو آهي. اهڙي محبت ڀريي رويي جو جين وليجان تي ايترو اثر ٿئي ٿو جو هو چور مان ڦري هڪ نيڪو ڪار شخص ٿي پوندو آهي ۽ معاشري جي ڏکويل ماڻهن جو سهارو ٿيندو آهي.

تعصب ۽ حسد:

تعصب ۽ حسد اهڙي جذباتي حالت جو نالو آهي جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي نسل کي، پنهنجي خاندان کي يا پنهنجي قوم کي ٻين کان افضل سمجهيو ويندو آهي ۽ ٻئي کي يا ٻئي جي خاندان کي گهٽ سمجهيو ويندو آهي. تعصب يا حسد هڪ منفي سوچ آهي جنهن ۾ انسان ٻين جي دليل کي بلڪل به نه مڃيندو آهي. هو سيني کي غلط ۽ پنهنجي پاڻ کي صحيح سمجهندو آهي ۽ ان ضد تي قائم رهندو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ هو صرف پنهنجي مفاد کي اهميت ڏيندو آهي، ۽ ان مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ٻئي کي نقصان رسائڻ کان به ڪيٻائيندو ناهي. مشهور انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا تعصب کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

“Prejudice, adverse or hostile attitude toward a group or its individual members, generally without just grounds or before sufficient evidence.”[47]

ان کان علاوه ڪنهن شيءِ کان محرومي جي ڪري به ماڻهو تعصب جو شڪار ٿئي ٿو. تعصب ۽ حسد بنيادي طور هڪ انفرادي عمل يا سوچ هوندي آهي جيڪا سماجي طور بڻي سان ڳنڍيل هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو تعصب ۽ حسد جي ڪري سماج ۾ ڪئين مسئلا جنم وٺندا آهن. جهڙوڪ: هڪٻئي کان نفرت، طبقاتي اوچ نيچ، فرقيواريت، سياسي ڪشمڪش ۽ فساد وغيره.

تعصب ۽ حسد جو بيان مرزا قليچ بيگ جي مختلف ترجمو ڪيل ناولن ۾ موجود آهي. ناول ”گلن جي ٽوڪري“ ۾ به تعصب ۽ حسد جو موضوع بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ پڌايو ويو آهي ته تعصب ۽ حسد جي ڪري ماڻهو ڪيستائين ڪري سگهي ٿو. هو ٻين کي ڪي ڪيتريقدر نقصان پهچائي سگهي ٿو ۽ تعصب ڪرڻ واري جو انجام ڪهڙو ٿئي ٿو. هن ناول جو مرڪزي ڪردار ميري آهي جيڪا ننڍي ڪائونٽيس آميليا کي سندس جنم ڏينهن جي سالگره تي تمام سهڻي گلن جي ٽوڪري ڪيس تحفي طور پيش ڪري ٿي. آميليا شڪراني طور ميريءَ کي هڪ عمدو جوڙو ڏئي ٿي. ميريءَ کي آميليا طرفا عمدو جوڙو ملڻ تي آميليا جي نوڪرياڻي جوليٽ کي تعصب ٿيندو آهي. هوءَ ميريءَ سان حسد ڪرڻ لڳي ٿي.

”جوليٽ کي ڳالهه نه وڻي، تنهن منهن ڪٽي ڦيرايو ته متان آميليا ڏسي، پوءِ ڪاوڙ مان منهن ڳاڙهو ڪري هلي ويئي. چڙ مان ڪپڙن جو ڪبٽ چڪ ڏيئي پٽي، ننڍيءَ ڪائونٽيس جي پوشاڪ ڪڍيائين ۽ چوڻ لڳي ته جي پڇي سگهيم ته جيڪر هن کي ڦاڙي پرزا ڪري ڇڏيان، هن ڪين جهڙي باغائيءَ جي ڌيءُ سان اڳ ئي منهنجي ننڍي ڏياڻي مون کان وڌيڪ مهرباني ٿي ڪري، ۽ هاڻ مون کان هيءَ پوشاڪ به ٿي کسيو نئي، ڇالاءِ جو جڏهن منهنجي ڏياڻي اها ڇوڙي رهي تڏهن اهو حق منهنجو آهي. دل ٿي چويم ته گلدستي جوڙڻ واريءَ ڇوڪريءَ جون اکيون ڪڍي وٺان.“[48]

حسد ڪرڻ وارو جڏهن ڏسندو آهي ته ڪيس ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي ته پوءِ هو پنهنجي مفاد خاطر هر ڏوهه ڪرڻ کان نه گهبرائيندو آهي. الزام تراشي ڪري، ڪوڙ ڳالهائي ۽ گلا غيبت ڪري به هو ٻئي کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ جي ڪوشس ڪندو آهي، جڏهن ته پاڻ کي ٻين جي نظرن ۾ مخلص ۽ سچو ثابت ڪندو آهي. جوليٽ به اهو ئي طريقو اپنايو.

ميريءَ جهڙي معصوم، باڪردار ۽ نيڪ سيرت ڇوڪريءَ کي آميليا جي نظرن ۾ خوار ڪرڻ لاءِ ان تي ڪائونٽيس جي تمام قيمتي منڊي چوري ڪرڻ جو الزام هڻي ٿي ۽ پاڻ ان جي خلاف ڪورٽ ۾ شاهدي به ڏئي ٿي.

”منڊي پئي ڪنهن وٽ ڪينهي، انهيءَ خراب ڇوڪريءَ، باغائيءَ جي ڌيءُ وٽ آهي. جڏهن هوءَ ڏاڪڻ تان هيٺ لٿي ٿي، تڏهن مون ڏٺو ته هڪڙي جواهرن جڙيل منڊي هٿ ۾ هيس، تنهن کي پئي ڏٺائين. مون کي ڏسي ڇرڪ پري اها لڪائي ڇڏيائين. انهيءَ تي مون کي البته شڪ پيو، آءُ تڪڙي ڪين ٿيس، ۽ پيو ڪي به ڪين چيو مانس. دل ۾ چاتم ته جئن هن کي هيٺريون پيون شيون ڏنيون اٿن، تئن شايد اها منڊي به ڏني اٿنس. جي چورائي هوندائين، ته اجها ٿي انهيءَ جي پڇا ٿئي، پوءِ جيڪي ڇوٽو هوندو، سو پئي چونديس.“[49]

جوليٽ جي ڪوڙي شاهدي جي ڪري ميريءَ کي جيل ۾ ڪوڙا لڳن ٿا ۽ ڪيس موت جي سزا جي به ڌمڪي ملي ٿي، پر جوليٽ جو ميريءَ خلاف دل ۾ بغض پوءِ به وڌندو رهي ٿو. هوءَ ميريءَ کي تڪليف ۾ ڏسي به خوش پئي ٿيندي آهي. ليڪن ميري ۽ ان جي پيءُ جو اهو حال هوندو آهي جو اهڙي مصيبت ۾ ڦاسڻ ڪان پوءِ به صبر پيا ڪندا آهن. ميري اهو ڄاڻندي هئي ته ڪيس ڪوڙي ڏوھ ۾ قتل ڪيو ويندو پر پوءِ به هوءَ حق ۽ سچ جي واٽ نٿي ڇڏي. سندس ٿوري ڪوڙ ڳالهائڻ سان به سندس جان بچي سگهي ٿي ليڪن هن پنهنجي ڪردار تي ايترو داغ سهڻ به قبول نه ڪيو ۽ صبر سان ظلم سهندي رهي. ڪين اها به خبر هوندي آهي ته جوليٽ جي ڪوڙي شاهدي ۽ تعصبانه رويي جي ڪري انهن تي ظلم ٿي رهيو آهي، پر پوءِ به ان تي صبر ڪري ان جي معافيءَ جي دعا گهرندا آهن سڀ ڪجهه الله ڪان ڪري پائيندا آهن. انهيءَ صبر جو نتيجو اهو نڪتو جو الله تعاليٰ ميريءَ جي بيگناهيءَ ۽ سچ کي روشن سج وانگر سيني ماڻهن جي اڳيان ثابت ڪري ڏيکاري ٿو. جن ماڻهن ميريءَ سان جيڪو ناروا سلوڪ ڪيو، انهن کي پنهنجي غلطيءَ تي ارمان ٿئي ٿو ۽ ان جي بدلي ميريءَ کي اهو ڪجهه ڏين ٿا جن جي هوءَ حقدار ٿئي ٿي.

”ڪائونٽ مهرباني ڪري هٿ وٺي چيس، مسڪين ڇوڪري، تون ڪهڙي نه زردي ۽ ڏيري ٿي ڏسجين! اهو اسان جي غير واجبي هلت ڪري هو، جو تنهنجن ڳلن جي رونق

نڪري ويئي آهي ۽ تنهنجن لسن پرن ۾ ڪڏون پئجي ويون آهن. هاڻي اسين انهيءَ ۾ ڪين گهٽائينداسين ته اهي تنهنجا ڪومايل گل تنهنجن ڳلن تي وري ٽڙن. اسان تو کي پنهنجي پيءُ جي گهر مان لوڏي ڪڍيو هو، هاڻي اهو ساڳيو گهر آئيندي لاءِ تنهنجي ملڪيت ٿيندو. اڳي تنهنجو پيءُ ايچبرگ ۾ فقط هاري تي انهيءَ مزي جهڙي گهر ۾ رهندو هو ۽ باغ ۾ ڪمائيندو هو، پر هاڻي اهي اصل تنهنجا پنهنجا ٿيندا."[50]

اهو سچ آهي ته 'صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي'. صبر الله جي طرفان هڪ آزمائش آهي. ان آزمائش مان جيڪو ڪامياب ٿي نڪري ٿو ان کي ان جو انعام ملي ٿو. صبر جو سڀ کان وڏو انعام ته اهو آهي،

ترجمو: "بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي." (القرآن)

صبر ڪرڻ وارو ڪڏهن به ۽ ڪنهن به حالت ۾ اڪيلو نه هوندو آهي. الله تعالىٰ هر وقت ان جو نگهبان رهندو آهي ۽ ڏکئي وقت ۾ ان جي مدد لاءِ ڪيترائي اسباب پيدا ڪندو آهي ۽ ڪيس پٽڪڻ کان محفوظ رکندو آهي. ميري ۽ سندس پيءُ کي جڏهن ڳوٺان نيڪالي ڏني وئي ته الله سندن رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست هڪ نيڪ زميندار جي گهر ڪيو. جڏهن ان گهر مان به ڪيس ڪڍيو ويو ته الله سندس بيگناهي ثابت ڪري ڪيس پنهنجي ان اصل جاءِ جو مالڪ بنائي ڇڏيو جتان ڪيس بي واجبي ڪري ڪڍيو ويو هو. ڪيس اها ئي منڊي انعام طور موٽائي ڏني جنهن جي چوريءَ جو مٿس الزام لڳو هو. ٻي طرف جوليٽ جي ڪوڙ ۽ حسد کي به الله تعالىٰ سيني جي اڳيان چٽو ظاهر ڪري ڏيکاريو. حسد ۽ ساڙ وچان جوليٽ جيتوڻيڪ ڪوڙ ڳالهائي ميريءَ کي بدنام ۽ خوار ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو، ليڪن آخر ۾ سندس انجام تمام بڇڙو ٿئي ٿو.

"هن کي هڪدم پڪڙيو. وجي زنجير وجهوس، اهي ساڳيا زنجير، جي ميريءَ کي پيا هئا، ساڳئي انهيءَ قيد خاني ۾ وجي وجهوس، جنهن ۾ هن ميريءَ کي وجهايو هو. هن کي اها سڀ سزا پوڳائبي، جا ميريءَ ناحق پوڳي هئي. هن جي جيڪا به ملڪيت آهي، پيسو يا ڪپڙو، سو سڀ هن کان کسي، جيترو ٿي سگهيو، اوترو انهن ڏکويلن ماڻهن کي عيوضو ڪري ڏيو، جن کي ناحق هن جي هٿان تڪليف رسي آهي."[51]

اڪثر ماڻهو ٿوري تڪليف ڏسي پريشان ٿي ويندا آهن. انهن ۾ صبر، سهپ ۽ بردباري تمام گهٽ هوندي آهي. جنهن ڪان به ڪين ڪا تڪليف پهچندي آهي ته ان جا جاني دشمن ٿي ويندا آهن يا ان سان جهيڙو ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن.اهڙي طرح معاشري ۾ دشمني، نفرت ۽ فساد جهڙا عنصر نمودار ٿيندا آهن، ۽ ايئين معاشري مان امن ۽ سڪون جو خاتمو ٿي ويندو آهي. اگر انهن منفي روين جي بدران صبر، تحمل ۽ رواداري جي فضا قائم ڪجي ته ان سان نه رڳو شر پسند ماڻهن جو رستو بند ٿيندو، بلڪ هڪ بهترين معاشرو قائم ٿيندو. هن بيان مان هر ماڻهوءَ کي اها نصيحت ملي ٿي ته پنهنجي ذاتي انا ۽ ذاتي مفاد جي ڪري ٻئي سان حسد ڪرڻ انتهائي برو عمل آهي. حسد ڪرڻ وارو بظاهر ته خوشي محسوس ڪندو آهي، پر حقيقت ۾ ان ۾ سندس جو ئي نقصان ٿيندو آهي.

## ٺڳي ۽ دوکيبازي:

انسان کي دنيا ۾ رهڻ لاءِ اٽي، لٽي ۽ اجهي جي ضرورت هوندي آهي. انهن ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ کيس پئسي جي ضرورت پوندي آهي، جنهن لاءِ هو سماج ۾ مختلف ڌنڌا اختيار ڪندو آهي، جيڪي يا ته ايمانداري سان ادا ڪندو آهي يا ٺڳي ڪري ناڻو ڪمائيندو آهي. ٺڳي ۽ بي ايمانيءَ سان ڌنڌو ڪرڻ جو مقصد گهٽ وقت ۾ وڌيڪ ناڻو حاصل ڪرڻ هوندو آهي. اڄڪلهه ماڻهن جي وچ ۾ وڌيڪ پئسي ڪمائڻ جي ريس لڳي پئي آهي. چاهي دڪاندار هجي، واپاري هجي يا روزگار جي ٻئي ڪنهن قسم سان سلهاڙيل، هر ماڻهو چاهي ٿو ته هو هڪ رات ۾ امير ٿئي، جنهن ڪري هو ٺڳيءَ جا مختلف طور طريقا استعمال ڪندو رهي ٿو.

مرزا صاحب جو ”لڇمي“ ناول سڄو ٺڳيءَ جي موضوع تي جڙيل آهي. ناول جا مرڪزي ڪردار هرديال، لڇمي ۽ گهنشام آهن جيڪي ٺڳي ٺڳ هوندا آهن. هو ٺڳيءَ سان ماڻهن جي ملڪيت حاصل ڪندا آهن ۽ ان مطلب لاءِ هو ماڻهن جو قتل ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندا آهن. هنن گنگارام سوناري جي دولت ڦٻائڻ لاءِ منصوبابندي جوڙي جيڪو پڻ غريبن ۽ مجبورن کان ٺڳيءَ سان ملڪيت ۽ زيور ڦري دولت گڏ ڪندو هو. لڇمي جو فرضي پيءُ هرديال گنگارام کي لڇميءَ سان شادي ڪرڻ جي پيشڪيش ڪندو آهي جيڪا هو قبول ڪندو آهي. لڇمي چالاڪيءَ سان پهرين گنگارام سوناري جو اعتماد حاصل ڪندي

آهي. تنهن کان پوءِ لڇمي ۽ سندس عاشق گھنشام ملي گنگارام جو قتل ڪندا آهن ۽ لڇمي قتل جو الزام غريب شخص عثمان چاڪي تي هڻندي آهي.

”هرديال، گھنشام ۽ لڇمي، ڪيول ۽ گنگارام سوناري کي ماري ۽ انهيءَ خون جي تهمت ۾ ويچاري عثمان چاڪيءَ کي ڦاسائي خوش ٿي ويهي رهيا ۽ ڄاڻائون ته هاڻ لک رپيو هٿ لڳو سين. مزي سا پيا گذاريندا سين. عثمان جي عذابن جو ۽ انهيءَ جي ٻارن ٻچن جي تڪليفن جو هنن کي ڪو فڪر ڪو نه هو. هو پي بک مئا ۽ ته هنن پي مزا ماڻيا. “[52]

ليڪن هيءَ ٺڳي سندن آخري ثابت ٿيندي آهي. چاڪاڻ جو پوليس گنگارام جي قتل جي اصل ڏوهاري لڇمي ۽ گھنشام کي پڪڙي وٺندي آهي ۽ عثمان چاڪي بي ڏوهي ثابت ٿيندو آهي.

ناول ”حاجي بابا اصفهاني“ ۾ به اهڙن ماڻهن جي نشاندهي ڪيل آهي جيڪي ٺڳي ۽ دوکيبازيءَ سان ڏنڌو ڪري ماڻهن کي بيوقوف بنائين ٿا ۽ ناڻو ڪمائين ٿا. اهڙو هڪ مثال حقي چڪائيندڙ جو ڏنو ويو آهي جيڪو ماڻهن کي ٺڳيءَ سان تماڪ چڪائي انهن کان اصل تماڪ جا پئسا وٺي بيوقوف بنائي ٿو.

”اهو سچ آهي ته اهو صاف ڏيڻ نه ٿي گھريم، جو سچي تماڪ جي ٿورن پنن سان جدا جدا قسمن جو چيٽو ۽ ٻيو ڪچرو ملائي انهيءَ کي گھٽو ٿي ڪيم ته هوشيار ۽ خبردار ڪير آهي انهيءَ کي سو گھٽو ڪري نج تماڪ چڪايم. حقيقت ڪري منهنجو سچو فائدو ماڻهن جي قسمن پروڙڻ تي تعلق هو. وچين درجي وارن ماڻهن کي اڌ گڏيل تماڪ تي ڏنم، انهن کان گھٽ درجي وارن کي ٽي پتيون گڏيل، ۽ سڀ کان گھٽ درجي وارن کي ته رڳو نالي جو تماڪ تي ڏنم ٻيو سڀ ڪچرو. جڏهن به ڪو گھڻ پيل منهن تي ڏنم تڏهن هڪدم پنهنجي تماڪ جي تعريف تي ڪيم.“[53]

ٺڳيءَ جو ڌنڌو اتي عروج وٺندو آهي جتي جهالت عام هوندي آهي. ماڻهو تعليم کان جيترو پري هوندا اوترو ئي اهي وهمن، وسوسن ۽ فرسوده گمانن جي ويجهو هوندا. اهو ئي سبب

آهي جو اهي بنا ڪنهن منطقي سوچ ۽ عقلي دليلن جي، هڪدم ٻين جي ڳالهين تي ويساهه رکي ويهندا آهن. اهڙن کي ڪو به هوشيار ۽ چالاڪ شخص آسانيءَ سان ٺڳي سگهندو آهي.

”نيٺ هرات ۾ اچي پير کوڙياسين، جتي افغانن جي پورڙائيءَ ڪري جهڙي اڳي نا اميد رهيا هئاسين اهڙا هتي فتحياب ٿياسين، ڇا لاءِ جو جيڪي به هنن کي ٿي چيوسين سو هنن ٿي وسهيو.“[54]

ليڪن علم سان لاڳاپيل ماڻهو باشعور هوندا آهن. هو پنهنجي علم ۽ عقل سان ٻين جي ٺڳي ۽ هوشياريءَ کي پروڙي وٺندا آهن. علم جي ڪري انهن کي سٺي ۽ بري ۾ تميز ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ان کان علاوه هو ماڻهن جي حرفتن، چال بازين ۽ اٽڪلن کان پڻ واقف هوندا آهن، جنهن ڪري ڪو به انهن کي بيوقوف نٿو بنائي سگهي.

”اتان وري پنڌ ڪري لاهور ۽ ڪشمير وياسين. ڪشمير ۾ هميشه جي دستور موجب درويش اتي جي ماڻهن کي ٺڳڻ جي ڪوشس ڪئي، پر اهي ڏاڍا هوشيار هئا ۽ اسان جي ٺڳجڻ جا نه هئا. تنهنڪري اسين بي مانا ٿي لڪ چوريءَ ۾ پچي نڪتاسين.“[55]

اها حقيقت آهي ته بي ايماني ۽ ٺڳي ڪرڻ وارو سدائين ڪامياب نه ٿيندو آهي. هو مختلف چالاڪين سان ماڻهن کي بيوقوف بنائي پئسو ڪمائيندو آهي ليڪن هن جو اهو عمل ديرپا نه هوندو آهي. چاڪاڻ جو ماڻهو چاهي ٺڳيءَ جا ڪهڙا به طريقا اپنائي ليڪن هڪ ڏينهن سندس بي ايماني سماج ۾ ضرور ظاهر ٿيندي آهي. قدرت طرفان کيس دنيا ۾ ضرور سزا ملندي آهي.

”هڪڙي ڏينهن شام جو جڏهن بازارين جي بند ڪرڻ جو وقت ٿيو تڏهن هڪڙي گڪي ڪراڙي زال قاٿل ڪپڙن ۾ اچي مون وٽ ويٺي، ۽ مون کي چيائين ته حقو ڇڪائيندي. هن کي تنگ برقعو پيو هو ۽ ٻيو ڪي ڪين ڪچيائين. مون پنهنجي خراب تماڪ سان حقو ٺاهي ڏنومانس، جو هن وات تي رکيو، پوءِ سندس ٽڪن اچلائڻ ۽ کنگهڻ ۽ هڪلن ڪرڻ تي ڇهه ڏٽا مٽا ماڻهو دڳها لڪڻ کٽي اچي نڪتا ۽ مون کي پڪڙي پٽن پر ڪيرائي رکيائون. پوءِ انهيءَ ڪراڙي زال پنهنجو برقعو اچلائي ڇڏيو ۽ منهنجي اڳيان محتسب ٿي ٻيٺو. چوڻ لڳو

تہ اصفهاني بدمعاش، نيٺ مون توکي پڪڙيو آهي. تو هيترا ڏينهن مشهد جي ماڻهن کي پنهنجي گندي تماڪ سان زهر پئي ڏنو آهي. حقي چڪائڻ لاءِ جيتريون تو کي شاهيون ملنديون آهن، اوترا ڦٽڪا تنهنجن پيرن کي لڳندا.“[56]

سماج ۾ اڪثر ماڻهو دولتمند ٿيڻ جي لالچ ۾ ٺڳيءَ جو ڪاروبار ڪندا آهن. ڪي پير فقير بنجي ماڻهن کي ٺڳيندا آهن تہ ڪي شين ۾ نقل ۽ ملاوٽ ڪري ماڻهن کان اصل شيءِ جي قيمت وصول ڪندا آهن. مطلب تہ زندگيءَ جي وک وک تي ٺڳين ۽ دوکن جو چار وچايل هوندو آهي ۽ سياڻو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجو هر قدم سوچي سنڀالي کڻندو آهي. ماڻهن کي اها سوچ علم جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي. هو علم ۽ شعور جي آڌار تي نہ فقط پاڻ ٺڳين کان بچي سگهي ٿو پر معاشري ۾ انهن دوکيباز ماڻهن کي وائکو بہ ڪري سگهي ٿو.

ايثار / ٻين ڪاڻ جيئڻ:

اسان جو سماج مختلف سوچ، فڪر، خيال، طبيعت ۽ طبقي جي ماڻهن تي مشتمل آهي. انهن مان ڪي پنهنجي ذات لاءِ، پنهنجي جياپي لاءِ ۽ پنهنجي سک، سلامتي ۽ آسودگيءَ لاءِ محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد ڪن ٿا ۽ زندگيءَ جا ڏينهن گذاري هميشہ لاءِ فنا ٿي وڃن ٿا. اهڙن ماڻهن کي مظلومن، ڏکويلن ۽ سماج جي ستايلن سان ڪا بہ همدردي نہ هوندي آهي. انهن جا ڳوڙها هنن لاءِ ڪا بہ معنىٰ نہ رکندا آهن. هو صرف پنهنجي مطلب لاءِ جيئندا آهن. جڏهن تہ ڪي فرد اهڙا بہ هوندا آهن جن جي زندگيءَ جو مقصد ٻين ڪاڻ جيئڻ هوندو آهي. هو بنا ڪنهن حرص ۽ لالچ جي مجبورن، لاچارن ۽ ڏکويلن جي واهر ڪرڻ ۾ پاڻ پتوڙيندا آهن. مفلسي، مسڪيني ۽ غريبيءَ واري زندگي گذارڻ کان پوءِ جڏهن ڪو شخص محنت ۽ پورهيو ڪندي آسودو ٿئي ٿو تہ ان کي غريبن ۽ لاچارن جو احساس ٿئي ٿو. ان جي دل ۾ غريبن ۽ مسڪينن جي واهر ڪرڻ جو جذبو هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو هو پاڻ مجبورين، مصيبتن، پريشانين ۽ ڪيترين ئي مشڪلاتن مان گذريل هوندو آهي.

”مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا“ ناول ۾ چارلس مريل هڪ اهڙو ڪردار آهي جيڪو دردمندن ۽ ۽ ڏکويلن جو هڏ ڏوکي آهي. غريبن ۽ مسڪينن جي وس آهر واهر ڪندو آهي ۽ بيمارن جي پرگهور ڪندو آهي. قرضدارن جا قرض لاهڻ ۾ مدد ڪندو آهي. هو پنهنجي

ذاتي مفاد کان آزاد هوندو آهي. سندس مقصد صرف انسانيت جي خدمت ڪري خدا وٽ عزت ماڻڻ هوندو آهي. اهڙن ماڻهن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نہ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن جو واعظ ۽ نصيحت دل تي گهرو اثر ڇڏي ٿو. انهن جون ڳالهيون ۽ نصيحتون ماڻهن جي دلين ۾ لهي وينديون آهن ۽ انهن کي بديءَ کان نيڪيءَ جي طرف موڙي ڇڏينديون آهن. جيڪي ٻين ڪاڻ جيئندا آهن، اهي ماڻهو خلق جي خدمت کي عين عبادت سمجهندا آهن. ڇاڪاڻ جو اهي ڄاڻندا آهن تہ خلق جي خدمت سان ئي خدا حاصل ٿيندو آهي. بقول آمريڪا جي مشهور شاعر Louis I. Newman جي:

"I sought to hear the voice of God,

And climbed the topmost steeple,

But God declared go down again,

I dwell among the people."[57]

جين وليجان بہ اهڙو هڪ مثالي ڪردار آهي جيڪو ڏکويلن جو هڏڏوکي هوندو آهي. هو انتهائي غريب شخص هوندو آهي. محنت ۽ مزوري ڪري شاهوڪار ٿئي ٿو ۽ وڏي عهدي کي رسي ٿو. اميري ملڻ کان پوءِ هو شان شوڪت سان زندگي گذارڻ بجاءِ غريبن ۽ بي سهارن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ کي اولين ترجيح ڏئي ٿو. انهن جي سهائتا لاءِ فلاحي ادارا بہ کولي ٿو تہ انهن جي لاءِ روزگار جا ذريعا بہ پيدا ڪري ٿو. سندس مقصد صرف لاچارن ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ هوندو آهي. جڏهن کيس فنٽائن جي مظلوميت جي خبر پوي ٿي تہ پاڻ ان جو پاڻهن ٻيلي ٿئي ٿو. کيس تسلي ڏيندي چئي ٿو:

"هاڻي تون دلجاءِ ڪر، جيڪو توتي قرض آهي سو سڀ آءٌ ڏيان ٿو. تنهنجي ڌيءُ جتي آهي، اتان آءٌ انهيءَ کي گهرائي ٿو وٺان. اڳتي جيڪو پئسو تو کي گهربل هوندو، سو تو کي پيو ملندو. مون کي يقين آهي تہ تون نيڪدل زال آهين، مفلسيءَ ۽ لاچاري ڪري پاڻ کي اهڙي حال ۾ آندو اٿئي."[58]

اهڙي طرح فنٽائن جي ڌيءُ ڪاسيٽ کي بہ جين وليجان ٿينارديئر جي ظلم کان آزاد ڪرائي ٿو ۽ پاڻ ان جي پيءُ وانگر پرورش ڪري ٿو. سندس تعليم، رهائش ۽ کاڌي پيتي جو

پورو بندوبست ڪر ٿو. ڪيس هر حال ۾ سکيو رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ جڏهن هوءَ جوان ٿئي ٿي تہ ان جي شادي ميريس جهڙي با اخلاق ۽ نيڪدل شخص سان ڪرائي ٿو. پنهنجي لاءِ گڏ ڪيل سموري پونجي جو وارث ڪاسيٽ کي بنائي ٿو ۽ پاڻ زندگيءَ جا آخري ڏينهن سڪون سان گذاري ٿو. جين وليجان جهڙو ڪردار معاشري جي ڏتڙيل، مظلوم ۽ بي سهارن لاءِ اميد جي لاٽ آهي تہ وس وارن جي اتساهہ جو ذريعو آهي. هن ڪردار مان اسان کي هيءُ بہ معلوم ٿئي ٿو تہ خدا ترس ماڻهو هميشہ ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ سک ۽ سڪون محسوس ڪن ٿا. اهي ماڻهو ٻين ڪاڻ جيئڻ کي ئي زندگيءَ جو واحد مقصد سمجهندا آهن.

دوستي:

دوستي ٻن فردن جي وچ ۾ هڪ پاڪ رشتي جو سماجي نالو آهي. هي رشتو هم عمر وارن ۾ ان وقت قائم ٿيندو آهي، جڏهن انهن جا خيال، عمل ۽ ٻيا لاڙا پاڻ ۾ مطابقت رکندا آهن. جڏهن هم ذهن، هم سوچ ۽ هم خيال رکندڙ فردن جو پاڻ ۾ سماجي ميل جول واسطي تعلق پيدا ٿيندو آهي تہ اهو تعلق دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. اگر ان رشتي سان ڳنڍيل فردن ۾ چڱا گڻ هوندا آهن تہ اهڙي دوستيءَ کي معاشري ۾ سٺي دوستي چيو ويندو آهي. اگر اهي خراب ڪردار ۽ برن عملن ڪرڻ وارا هوندا آهن تہ انهن جي دوستيءَ کي خراب دوستي سڏيو ويندو آهي. دوستيءَ جو تعلق قائم ٿيڻ کان پوءِ ٻنهي فردن جي دلين ۾ هڪٻئي جي لاءِ عزت، محبت ۽ احساس جا جذبا جنم وٺندا آهن ۽ هو هر حال ۾ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ کي پاڻ تي فرض سمجهندا آهن. اسٽينفورڊ انسائڪلو پيڊيا آف فلاسافي دوستيءَ کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

"Friendship, as understood here, is a distinctively personal relationship that is grounded in a concern on the part of each friend for the welfare of the other, for the other's sake and that involves some degree of intimacy."[59]

سٺي ۽ خراب دوستيءَ کي ناول "جولئن هوم" ۾ بهتر انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ناول ۾ لليسٽن ۽ جولئن جي سٺي دوستيءَ بابت لکيو ويو آهي تہ:

"انهيءَ طرح لليسٽن ۽ جولئن، ڪلاس بڪلاس، گڏ مٿي چڙهندا آيا. هنن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ چڱا چوڪر پنهنجي سچي محبت ڪري خوش ٿا رهن، ۽ هڪٻئي کي مدد ۽ فائدو

ٿا رسائين. انهيءَ ڳالهه تي زور هن ڪري ٿو ڏجي ته ڪيترائي ڇوڪرا ڏسجن ٿا. جن جي دوستيءَ سان خراب نتيجا نڪتا آهن، ۽ جن دوستيءَ جو نالو بدنام ڪيو آهي.“[60]

سٺي دوستي به هڪ نعمت آهي. اها دوستي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ هڪ نئين اميد ۽ حوصلو ثابت ٿئي ٿي ۽ جڏهن به برا خيال ذهن ۾ پيدا ٿيڻ شروع ٿين ٿا ته اها انهن خيالن کي ذهن مان ڪڍي پاڪ ڪري ٿي. سٺي دوستيءَ جي باعث جڏهن ٻن ڇڻن مان ڪو هڪ ذهن آلوده ٿئي ٿو يا ڪنهن مايوسي، نااميدي ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿئي ٿو ته ٻيو ان کي ان حالت مان نڪرڻ جي قوت ڏئي ٿو. اهڙي حالت ۾ هو ان جو مددگار، رهنما ۽ سهارو ثابت ٿيندو آهي. بقول مرزا قليچ بيگ جي:

”دوستيءَ جو ٻيو ڦل سمجهه ۽ سچائپ جي سڌارن لاءِ اهڙو مفيد ۽ اثرائتو آهي، جهڙو ٻهريون ڦل سياويڪ خواهشن ۽ هوسن جي لاءِ آهي. ڇاڪاڻ جو انسان جي خواهش ۾ جيڪي غم ۽ دردن جا غبار ۽ طوفان آهن سي سڀ دوستي ٽوڙي نه رڳو صاف صفائي ڪري ٿي، پر انسان جي سمجهه ۽ عقل تي جيڪا فڪرن ۽ مونجهارن جي اونده آهي، تنهن کي ٿاريو روز روشن ڪريو ڇڏي.“[61]

جولئن جڏهن ڀقيءَ جي دولت کي ڏسي لالچ ۽ سستيءَ ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي ته هن مان تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق آهستي آهستي دل مان نڪرندو ويندو آهي. پنهنجي دوست جي اهڙي هالت ڏسي لليسٽن ڪيس دولت جي لالچ ۽ سستيءَ جي مرض مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ بالآخر ان کي تعليم ۽ محنت ڏانهن راغب ڪري وٺندو آهي.

دوستي ماڻهن جي زندگي ۽ انهن جي مسقتبل تي تمام گهري اثر انداز ٿيندي آهي. دوستيءَ جي رشتي ۾ ٻڌل شخص هڪٻئي جي ترقيءَ جو سامان به ٿي سگهن ٿا ته هڪٻئي جي بربادي جو باعث به ٿي سگهن ٿا. سٺي سوچ وارا سنگتي هڪٻئي جي اصلاح ڪندا اڳتي وڌندا آهن. هو گڏجي هر پريشانيءَ جو حل ڪيندا آهن ۽ ڏک سک ۾ هڪٻئي جا سهارا ٿيندا آهن. ليڪن ڪي براڪٽن ۽ بروس جهڙا به دوست هوندا آهن جيڪي سستي، ڪاهلي، عياشي، وڏائي ۽ ماڻهن جي خوشامديءَ جا عادي هوندا آهن، اهي پنهنجو وقت فضول حرڪتن ۾ ضايع ڪري هڪٻئي جي زندگي تباه ڪري ڇڏيندا آهن.

” جولئَن ۽ لليستن کي هڪٻئي جي صحبت جو اثر هيو، هو ٻئي هڪٻئي جي دوستيءَ ۽ محبت ۾ وڌندا ويا، سچائيءَ، پاڪائيءَ ۽ چڱائيءَ جو منجهن شوق زياده ٿيندو ويو. هوڏانهن هُنن ٻن ڇڙن جي سنگت مان منجهن مغروري، بيهودگي ۽ بدڪاري زياده ٿيندي ويئي.“[62]

دوستيءَ کي اسان جي زندگيءَ ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. اسان جي سماجي زندگي دوستي کان سواءِ بي معنيٰ، بي سوادي ۽ بي رنگ هوندي آهي. هي اهڙو باهمي رشتو آهي جيڪو سچائي، وفاداري، خلوص، پيار، همدردي، ايثار، اتحاد ۽ احساس جي قدرن تي مشتمنل هوندو آهي. مٿي ڏنل اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو ته سٺي دوستي هڪ لازوال دولت آهي جيڪا وقت گذرڻ سان وڌندي رهي ٿي. اها لوڀ، لالچ ۽ غرض کان پاڪ هوندي آهي ۽ ماڻهوءَ جي فلاح و بهبود جو بهترين ذريعو هوندي آهي. ان جي برعڪس خراب دوستي انيڪ براين جي جڙ هوندي آهي. هيءَ مطلب ۽ حرص کان آلوده هوندي آهي ۽ ماڻهوءَ جي بربادي جو سامان هوندي آهي.

### ايڪو ۽ اتحاد:

ايڪو ۽ اتحاد وحدت جي علامت آهي. معاشري ۾ وحدت جو وجود تڏهن ممڪن ٿيندو آهي جڏهن هم ذهن، هم خيال ۽ هم سوچ وارا ماڻهو ڪو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيندا آهن. جڏهن ماڻهن ۾اتحاد قائم ٿيندو آهي ته اهي ذهني توڙي جسماني طور پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ وڌيڪ سگهارا ٿيندا آهن. نه فقط انسان پر هن وشال ڪائنات ۾ باريڪ جيتن کان وٺي هيبتناڪ جانورن تائين جيڪا به مخلوق آهي، ان جو وجود اتحاد جي اصول جي ڪري قائم آهي. ايڪي ۽ اتحاد جي ڪري ئي ڪيڙين جهڙي ڪمزور جيوت وڏن جاندارن جي وچ ۾ پنهنجو وجود قائم رکندي اچي. دنيا جي مشهور لغت ميريم–ويبسٽر اتحاد بابت لکي ٿي ته:

“unity (as a group or class) that produces or is based on community of interests, objectives and standards.”[63]

اتحاد قائم ڪرڻ پويان ڪيترائي مقصد هوندا آهن جن مان هڪ مقصد دفاع ڪرڻ به هوندو آهي. انسان هجن يا ٻي ڪا مخلوق، ايڪي ۽ اتحاد سان وڏي طاقت جي خلاف پنهنجي دفاع کي يقيني بنائيندي آهي. اتحاد ڪمزور قوم کي به اها طاقت بخشيندي

آهي جنهن سان اها پاڻ کان مضبوط قوم کي زير وَ زبر ڪرڻ جي لائق ٿيندي آهي. ناول ”گليور جو سير ۽ سفر“ ۾ به قوم جي اتحاد جو مثال ڏنو ويو آهي. ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ ڪمزور قوم جيڪا قد ۾ هڪ انچ جي به مس آهي، ليڪن اتحاد جي طاقت سان ڪيئن پاڻ کان وڏيڪ طاقتور ۽ ڇهه فٽ قداور ماڻهوءَ کي قيد ڪري وٺي ٿي.

”مون اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چري به نه سگهيس، ڇالاءِ جو جيئن پٺن پر پيو هوس، تيئن معلوم ڪيم ته ٻنهي پاسي منهنجون ٻانهون ۽ ٽنگون زمين سان ٻڌيون پيون هيون! منهنجا گهاٽا ۽ ڊگها وار به ساڳيءَ طرح سان ٻڌا پيا هئا، ۽ ڪيترائي سنها سنها ڌاڳا پنهنجي بت تان هيڏي هوڏي لنگهيل ڏٺم. آءٌ رڳو مٿي نهاري ٿي سگهيس.“[64]

متحد قوم با همت ۽ بي خوف هوندي آهي. هوءَ پاڻ کي نه ڪنهنجو محتاج ڪندي آهي ۽ نه ڪنهن مصيبت يا تڪليف کان ڊڄندي آهي. ان جو حوصلو سدائين بلند هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هوءَ هر شيءِ تي قابض ٿيندي آهي ۽ قابض ٿيڻ لاءِ پوري قوم گڏجي ڪوشش ۽ جاکوڙ ڪندي آهي. ناول ”گليور جو سير ۽ سفر“ ۾ ليکڪ اهڙو مثال ڏئي ماڻهن کي اتحاد جي اهميت ڏانهن متوجهه ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته دنيا جي ڪا به ڪمزور مخلوق اگر متحد ٿي ڪم ڪري ته انهن جي قوت ڪيتري مضبوط ٿيندي آهي.

”اها وڏي گاڏي جيئن، جيئن آءٌ ليٽيو پيو هوس، تيئن منهنجي پاسي سان الڳ آڻي بيهاريائون. پر وڏي مشڪلات اها هئي ته مون کي ڪيئن کڻي ان ۾ رکن! انهيءَ ڪم لاءِ اسي ڪاٺيون ڪلن وانگي کوڙيو، مضبوط رسا سوٽليءَ جهڙا، ڪڙن ڪندين سان منهنجي بت تي ٻڌل رسن سان ٻڌي ويا. اهي رسا ڪم ڪندڙ ماڻهو پهرين منهنجي ڳچيءَ ۾ منهنجن هٿن، پيرن ۽ پيريءَ جي چوڌاري ٻڌي ويا هئا، پوءِ انهن ڪاٺين يا ڪلن تي ڪپيون يا ڦرٽيون ٻڌي، انهن تان نو سو ماڻهو اهي رسا ڇڪڻ لڳا. انهي طرح ٽن ڪلاڪن اندر مون کي انهيءَ ڪل يا گاڏيءَ تي رکيائون.“[65]

ايڪي ۽ اتحاد سان مشڪل ڪم به آسان ٿي ويندا آهن ۽ نا ممڪن کي ممڪن بنايو ويندو آهي. قومن جي ترقي، خوشحالي، امن ۽ سلامتيءَ جو راز به اتحاد ۾ آهي. سماج جو

قائم هجڻ دراصل اتحاد جو چٽو ثبوت آهي. سماج جا گروه ايڪي ۽ اتحاد سان سماج کي وحدت جو روپ ڏين ٿا. دنيا جي نقشي تي غريب ملڪن جو ظهور پذير ٿيڻ قومن جي اتحاد ۽ ايڪي جي ڪري ممڪن ٿيو. پر جن قومن اتحاد کي ڇڏي ڏنو اهي ٻين جون غلام ٿي ويون. چاڪاڻ ته جڏهن ماڻهو اجتماعي قوت مان ٽٽي الڳ الڳ ٿي ويندا آهن، ته پوءِ هڪ ماڻهوءَ جي طاقت ڪا به معنيٰ نه رکندي آهي. بقول ڊاڪٽر علامه محمد اقبال جي:

فرد قائم ربط ملت سے ہے، تنہا کچھ نہیں،

موج ہے دریا میں، اور بیرون دریا کچھ نہیں۔

دنيا ۾ جتي به اتحاد جي بدران نفاق جاءِ والاري آهي، اتي معاشرو تفرقي جي ور چڙهيو آهي. دشمني، فساد ۽ خون ريزي نفاق جي پيداوار آهن. جيڪا قوم ايڪي جي واٽ کي ڇڏي نفاق جو گس وٺي ٿي اها تنزلي، پستي، غلامي، بربادي ۽ تباهي جو شڪار ٿئي ٿي. ناول ”گليور جو سير ۽ سفر“ ۾ اتحاد جي پرچار ڪيل آهي. ناول جي ذريعي اهو پيغام ڏنو ويو آهي ته جهڙي طرح ڪمزور قوم ٻڌي ۽ اتحاد سان ديو جهڙي ماڻهوءَ کي شڪسته حال بنائي سگهي ٿي، اهڙي طرح سماج جا گروه اتحاد جي طاقت سان هر مصيبت، پريشانيءَ ۽ مسئلي مان پاڻ کي ڪڍي سگهن ٿا. هو متحد ٿي معاشري کي ترقي وٺرائي سگهن ٿا.

غربت:

غربت سماج جو اهو ناسور آهي جيڪا انسان کي ٻڪ ڪان بدحال ڪري ٿي ۽ ٻڪ انسان کي ايترو ته مجبوور ڪري ٿي جو هو هر ڏوهه ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي. ٻک جي باه ۾ سڙندڙ جو عقل به ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي. ان ڪري ئي چوندا آهن ته، ”ٻک ٻچڙو ٽول، داناء ديوانا ڪري“. اها غربت هوندي آهي جو انسان ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪندي آهي. غربت جي وصف هنن لفظن ۾ ڪئي وئي آهي:

”غربت هڪ اهڙي سماجي ۽ معاشي حالت سمجهي وڃي ٿي، جنهن ۾ هڪ فرد يا گروهه وٽ دولت، زمين يا ڪا ٻي ملڪيت تمام ٿورڙي هجي يا بلڪل نه هجي ته اهڙي قسم جي حالت کي غربت چيو وڃي ٿو.“[66]

غربت انسان لاءِ هڪ ڪڙي آزمائش هوندي آهي. ان آزمائش ۾ صرف اهي ئي ڪامياب ٿين ٿا جيڪي سختيون سهن ٿا، صبر ڪن ٿا ۽ بهترين حڪمت عملي جوڙين ٿا. جيڪي انهن ڳالهين کان ڪنارا ڪشي ڪن ٿا اهي پنهنجي آبرو به وڃائي ويهن ٿا. مرزا قليچ بيگ هن اهم سماجي پهلوءَ کي پنهنجن ناولن ۾ نه فقط اجاگر ڪيو آهي بلڪ هن جي هر پاسي کي بيان ڪيو آهي ۽ ان مان ٻاهر نڪرڻ جو حل به ٻڌايو آهي.

غربت ۾ زندگيءَ جون انيڪ خواهشون ته خيال ۾ آئي سگهجن ٿيون پر حقيقت ۾ پنهنجو پيٽ به ٿتو پالي سگهجي. پيٽ جي بک اجهائڻ لاءِ ماڻهو سٺي بري جي تميز ڪرڻ کان سواءِ ۽ نتيجي يا انجام جي پرواهه نه ڪندي هر قدم کڻندو آهي. آخر ۾ پڇتاءُ ۽ پريشاني ان جو مقدر ٿيندي آهي.

”جڏهن جين وليجان پنجويهن ورهين جو ٿيو تڏهن وٽن وڍڻ ۽ ڪاٺيون ڦوڙڻ جو پورهيو ڪري پيٽ کي ۽ سندس ٻارن کي مدد ڪندو هو. هو پرٽيو ڪين. پر سندس ڪابه بدچالي ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي هئي ۽ نه اهڙن ڪمن ڪرڻ جو ڪو وقت ئي هئس. ڪاٺين وڍڻ کانسواءِ هو ٻيو پورهيو به ڪندو هو. سندس ڀيڻ به سبڻ پرڻ جي پورهئي ڪرڻ سان ڪي ڪجهه ڪمائيندي هئي. انهيءَ هوندي به هنن جي سيني ننڍن وڏن جو گذران تنگ ٿيندو هو. هڪڙي ڀيري پاسي واري نانوائي جي دڪان مان هن ڪي مانيون وڃي چورايون. مالڪ جاڳي پيو ۽ چور پڪڙجي پيو. پاڻ ڇڏائڻ ۾ مالڪ کي ڏاڍو ايذاءُ به پهتو. آخر جين وليجان مئجسٽريٽ وٽ رجوع ٿيو ته پنج ورهيه قيد جي سزا مليس.“[67]

اها ئي غربت آهي جيڪا ماڻهن کي آزمائشن جي نه ختم ٿيندڙ زنجيرن ۾ جڪڙي ٿي ۽ پاپي پيٽ لاءِ ڪين طرحين طرحين جا ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. مرد ته مرد پر عورتون به غريبيءَ کان بيزار ٿي پنهنجي عزت، حياءُ مان ۽ مقام وڃائڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ ٻچڙن ڪمن ۾ وچڙجڻ جو سندن مقصد آسوده زندگي گذارڻ آهي. سک حاصل ڪرڻ جي طمع ۾ زنده ضمير عورتن جو ڪنيل اهڙو قدم سڄي عمر ڏک ۽ پڇتاءُ جو باعث ٿئي ٿو. چاڪاڻ جو سندن لڄ، حياءُ ۽ شرم جو ڏيوالو نڪري ويندو آهي. جڏهن ته ڪي عورتون وري ٻچڙن ڪم ڪرڻ جون عادي ٿيو وڃن. چاڪاڻ جو اهي ضمير، احساس ۽

شرم کان هميشہ لاءِ محروم ٿي ويندي آهن. هن ناول ۾ پڻ اهڙين عورتن جو ذکر ڪيو ويو آهي جيڪي ڀهراڙيءَ جون غريب زالون آهن. غربت سبب شهر اچي پورهيو ڪن ٿيون پر غربت کان تنگ ٿي صبر، شڪر، استقامت ۽ حوصلي جي ڏور کي ٽوڙي مردن جي سڪڻ دلاسن ۽ ڪوڙن واعدن تي انڌو اعتماد رکي انهن سان غلط صحبت جا رشتا جوڙين ٿيون. جڏهن مردن کي انهن مان جنسي تسڪين حاصل ٿئي ٿي ته پوءِ انهن عورتن کي اڪيلو ڪري ڇڏي وڃن ٿا ۽ انهن لاءِ خط ڇڏي وڃن ٿا جنهن ۾ سندن دوکي جو اقرار هوندو آهي.

”هيءُ خط پڙهي چارئي ڇوڪريون حيرانيءَ ۾ هڪٻئي جي منهن ۾ نهارڻ لڳيون. پوءِ ارمان ٿيڻ لڳن، پر سگهوئي وري خيال ڪرڻ لڳيون ته اها حرڪت هنن مان ڪنهن هڪ جي هوندي. نيٺ وڏيون ٿي ته ڪلي ڳالهائي بي پرواهه ٿي پنهنجن دوستن کي وساري ويهي رهيون. چالاڪ جو هنن انهن کان اڳي به گهڻن سان دوستي رکي هئي. پر فنتائن، جا سيني کان ننڍي هئي ۽ جنهن ٿالو مئس کي پنهنجي مڙس وانگي ٿي سمجهيو ۽ انهيءَ خيال سان ۽ دلاسي ملڻ سببان هن سان رشتو رکيو هئائين، تنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين.“[68]

ناول ”مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا“ ۾ به هن سماجي پهلوءَ کي چڱي جاءِ ڏنل آهي. ناول ۾ غربت سان لاڳاپيل پهلو بيان ڪيا ويا آهن جن سان غريبن جي مدد ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿئي ٿو. اسان جو سنڌ صوبو جيتوڻيڪ معدني وسيلن سان ته مالامال آهي ليڪن باوجود ان جي غربت به شدت اختيار ڪري وئي آهي. مهانگائي، بدامني، رشوت خوري ۽ بيروزگاريءَ ته عوام جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي آهي. غربت ۾ رڪارڊ ٽوڙ اضافو ٿي رهيو آهي، ۽ اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته سماجي براين جهڙوڪ: چوري، ڌاڙو، دهشتگردي ۽ ڪاروڪاري جهڙن ڏوهن ۾ غريب طبقو گهڻو ملوث رهيو آهي. غربت جو ستيل عوام اڪثر معاشي خوشحاليءَ جا خواب ڏسي ٿو ۽ ان خواب جي تعبير لاءِ اڪثريت غلط ڪمن جي راهه وٺي ٿي. اهڙي ماحول ۾ خوشحال طبقي جي ماڻهن کي اڳيان اچڻ گهرجي. انهن کي غريبن ۽ مسڪينن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي سماجي ڏوهن جو حصو ٿيڻ بجاءِ سماج جي سڌاري جو سامان بڻجي سگهن. هن ڳالهه جو مثال مرزا صاحب اسان

کي مدبلين جي ڪردار ۾ ڏني ٿو. جيڪو غريبن جي مدد ڪري ٿو ۽ کين مالي مستحڪم ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو.

”اهو واپار انهيءَ هنڌ هڪڙي پرديسي ماڻهوءَ اچي وڌو هو، جنهن کي مدبلين جي نالي سان سڏيندا هئا. پهرين هن ٿورو واپار هلايو پر پوءِ وڌائي وجي وڏو ڪارخانو ڪيائين جنهن مان هزارين غريبن جو گذران پيدا ڪري وڌو هو پر عام خلق جي فائدي لاءِ به ڪيترائي فيض جا ڪم ڪيا. جيئن ته هنن جي تعليم تي، دواخانن تي ۽ ٻين ڪيترن خيراتي ڪمن تي هزار خرچيائين. ڪارخاني ۾ مڙس ڌار ۽ زالون ڌار ڪمارائيندو هو ته پلي هو نيڪ رهن ۽ پاڻ ۾ گڏجڻ سان خرابي پيدا نه ڪن. هن جي فيض رساني ۽ مهرباني جي هلت ڏسي نه رڳو ماڻهو هن کي تعظيم ڏيندا هئا ۽ پيار ڪندا هئا پر سرڪار به هن کي مان ڏيندي هئي. هو اتڪل پنجاهه ورهين جو هو ۽ تمام رحمدل ۽ قياس وارو هو. مزدورن کي رواجي اجوري کان زور ڪري گهڻو ڏيندو هو ۽ ٻي بخشش تنهن کان سواءِ ڪندو هو.“[69]

غريبي جيتوڻيڪ مهڻو نه آهي پر غريبيءَ جي حالت ۾ دنيا جون مجبوريون ۽ روزگار جي اڻ هوند جي ڪري ماڻهو انتهائي لاچار ٿيو پوي. فنٽائن پنهنجي اولاد جي سک ۽ آسودگيءَ خاطر غريبيءَ کي مهڻو نٿي بنائي پر غريبيءَ سبب پنهنجي جسم جا عضوا به وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو پوي. اگر اڄوڪي دور تي نظر وجهجي ته اسان کي ڪيترائي ماڻهو اهڙا نظر ايندا جيڪي پنهنجي بک خاطر، اولاد جي سک ۽ آسودگيءَ خاطر ۽ نياڻين جي ڏاج خاطر پنهنجا گڙدا وڪڻڻ لاءِ سر عام هوڪا ڏين ٿا. مرزا صاحب اهڙن ماڻهن جو احوال 1917ع ۾ ئي هن ناول ۾ فنٽائن جي روپ ۾ ڏئي چڪو هو.

”ٿينارديئر جي خطن جي ڏم پئي پيئي. هڪڙي نه ٻئي عذر يا دپ تي پيسن گهرائڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين. هڪڙي آخري خط ۾ لکيائين ته: تنهنجي ڌيءَ ڪاسيٽ سخت بيمار آهي ۽ خراب قسم جو تپ اٿس. چاليهه رپيا هڪدم موڪل ته هن جو علاج ڪرائجي نه ته مري ويندي. ويچاري فنٽائن جون ٻه به ويون ڇهه به ويون. چرين وانگي هيڏي اوڏي ڊوڙڻ لڳي. دماغ ۾ خلل پيدا ٿي ويس ۽ پنهنجي منهن پئي ڪلندي ۽ ڳالهائيندي هئي. آخر انهيءَ حال ۾ هڪ ڏينهن هن کي اها سمڪ آئي ته جيئن وار ڏيئي پئسا پيدا ڪيا اٿم

تيئن ڏند ڏئي چو نہ بيا پئسا هٿ ڪيان. ڏند تمام اڇا، سهڻا ۽ سوڌا هئس. ڏندن وارا ڊاڪٽر ڏند خريد ڪندا هئا. لاچار هڪڙي وٽ وڃي ٻن مهرن تي پنهنجا اڳيان چار ڏند وڪڻي ڪيرائي آئي ۽ پاڻ پيچي تي ويئي. اهي بہ مهرون موڪلي ڏنائين."[70]

جيڪي ٻار غريب گهرن ۾ اکيون کوليندا آهن، اهي احساس ڪمتري جو شڪار ٿيندا آهن. بک، تنگدستي، بدحالي ۽ لاچاري هر وقت انهن جي ذهنن تي طاري هوندي آهي. اهي جڏهن معاشري ۾ ٻين ٻارن کي ڏسن ٿا جن وٽ عيش و آرائش جون سڀ شيون موجود هونديون آهن تہ هو ويتر مايوس ۽ اداس ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ جو انهن جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هوندو آهي جيڪو غريب ٻارن جي ذهن تي ايترو تہ اثر ويهاري ٿو جو اهي پائيندا آهن تہ اهي پيدا ئي انهن جي غلامي لاءِ ٿيا آهن.

"آءٌ گهڻو ڪري ٻانهپ ۽ اڻ پڙهيلائي ۽ غريبيءَ جي تمام هيٺانهين طبقي ۾ ڄائو ۽ پليو هوس. ننڍي هوندي مون کي سمهڻ جي جاءِ يا کاڌو يا ڪپڙو يا اجهو نہ هوندو هو. جيستائين وڏو نہ ٿيس، تيستائين ماني کائڻ جي ميز تي وهڻ جو مون کي اختيار ڪونہ هو. آئون هميشہ ائين چاهُندو هوس تہ عيش ۽ لذت جون شيون گورن ماڻهن جي لاءِ آهن، نہ منهنجي قوم وارن جي لاءِ. يورپ ۽ لنڊن ۽ پئرس کي آءٌ ائين چاهُندو هوس جيئن بهشت."[71]

انهي ڪري ڪي ماڻهو غربت کي مجبوري سمجهي حالتن سان سمجهوتو ڪري ويهي رهندا آهن. ڪي ماڻهو غربت کي سبب ڇاٽائي چوري، ڌاڙو ۽ ٻين براين ۾ ملوث ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ ڪي بکر واشنگٽن جهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جيڪي غربت جي ڪري مايوس نہ ٿيندا آهن ۽ نہ وري غلط ڪمن ۾ پوندا آهن، بلڪہ اهي محنت ۽ خود اراديت سان پنهنجي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بکر واشنگٽن جو تعلق انتهائي غريب طبقي سان هو. هن کي نہ تہ ڪو ويلو ماني صحيح ملندي هئي، نہ پائڻ لاءِ ڪو موچارو ڪپڙو هوندو هو ۽ نہ وري پير ۾ پائڻ لاءِ ڪا چمپل هوندي هئس. ليڪن ان جي باوجود بہ هو غربت کي پنهنجي تقدير ۽ قسمت سمجهي ويهي نہ رهيو. هن غربت مان پاڻ کي ڪڍڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. رات ڏينهن محنت ۽ مزوري ڪري پيٽ پاليو ۽ تعليم پرائڻ جي دل و جان سان ڪوشش ڪئي. انيڪ پريشانيون ڪيس گهيرو ڪري وڃن ٿيون پر پاڻ

همت ۽ حوصلي سان انهن جو مقابلو ڪري اڳتي وڌندو رهيو ۽ ڪامياب ٿيو. هنن مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته غربت کي مايوسي، لاچاري ۽ مجبوري نه سمجهڻ گهرجي. بلڪ ان کي محنت ۽ جدوجهد جو ذريعو بنائي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪجي.

### قرض ۽ فضول خرچ:

جڏهن ڪو ماڻهو مالي طور تنگ ٿيندو آهي، تڏهن هو قرض کڻندو آهي. مطلب ته قرض کڻڻ جو بنيادي سبب مالي مجبوري هوندي آهي. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي مجبوريءَ سبب ٻين کان قرض کڻندو آهي. اسان جي معاشري ۾ قرض جهڙو مرض به عام ٿيندو پيو وڃي. هر ننڍو توڙي وڏو قرض جي مرض ۾ مبتلا ٿيندو پيو وڃي. سماج جا اڪثر ادارا وياج جي مقرر ڪيل شرح تحت ماڻهن کي قرض ڏيندا آهن. هاڻ ته وياج تي قرض ڏيڻ معاشري ۾ هڪ ڌنڌي جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي. اسان جي معاشري ۾ فردن جو لاڙو هن طرف وڌي رهيو آهي. مجبور ماڻهن کي وياج تي قرض ڏيڻ انهن لاءِ هڪ ڪاروبار جي حيثيت بنجي چڪو آهي. اگر ڪو قرضدار قرض وقت تي ادا نه ڪري سگهندو آهي ته ان تي وياج جي شرح اچان وڌائي ويندي آهي. قرض کڻڻ جا ڪيترائي سبب آهن، جهڙوڪ: گهر ٺهرائڻ لاءِ قرض، روزگار لاءِ قرض، گاڏي وٺڻ لاءِ قرض، ادارو کولڻ لاءِ قرض وغيره. ڪي ته وري معاشري ۾ پنهنجي اميراڻي حيثيت ڏيکارڻ يا انا سبب پاڻ کي ٻين کان مٿانهون ظاهر ڪرڻ سبب به قرض کڻندا آهن. قرض ۽ فضول خرچ کان بچڻ لاءِ مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب ”مقالات الحڪمت“ ۾ بهترين حڪمت عملي بيان ڪئي آهي.

”جيڪو ماڻهو ياڻئي ته آءٌ هميشه قرض کان آزاد رهان ۽ چوٽ گذاريان، ته جيڪا پيدائش اچيس، تنهن جو اڌ پنهنجي عام خرچ ۾ لڳائي. ۽ جي ياڻئي ته پيسا ميڙيان ۽ دنيادار ٿيان ته ٿي پتي خرچ ڪري، ٻيو سانڍي رکي.“[72]

با شعور ۽ سلجهيل ماڻهو اهي هوندا آهن جيڪي قرض وٺڻ کان پهرين ان کي خاص مقصد لاءِ خرچ ڪرڻ ۽ ان مان متوقع آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر منصوبه بندي جوڙيندا آهن ته جيئن نفعو به حاصل ٿئي ۽ قرض کي صحيح طريقي سان ادا ڪري ان مان جند ڇڏائي سگهجي. اهڙي طرح اهي قرض کان به آجا ٿي ويندا آهن ته پنهنجي پيرن تي بيهڻ وارا به بنجي

پوندا آهن. ٻيا اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي سماج ۾ پنهنجي ظاهري وڏائۡ کي برقرار رکڻ يا ڪنهن ٻي غير ضروري ڪم جي لاءِ بنا ڪنهن حڪمت عمليءَ جي قرض کڻندا آهن. اهڙا ماڻهو قرض کڻي وڏيڪ مقروض ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ انهن لاءِ هڪ نہ ٻي مصيبت سندن انتظار ۾ هوندي آهي. قرض جو بار وڌندو ڏسي هڪڙا تہ ذهني طور مفلوج ٿي ويندا آهن جڏهن تہ گهڻا پريشانيءَ کان خودڪشي بہ ڪري ڇڏيندا آهن.

مرزا صاحب سماج جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ ڪيترائي سماجي اهم پهلو بيان ڪيل آهن. دراصل مرزا صاحب جيڪي بہ ناول ترجما ڪيا آهن انهن ۾ ڪي نہ ڪي اصلاح جا نڪتا موجود آهن جيڪي مرزا صاحب هر عام و خاص کي هنن ناولن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي آهي. قرض بہ سماج جو هڪ اهم مسئلو آهي جنهن تي پڻ مرزا صاحب خوب روشني وڌي آهي. ناول ”سچي محبت“ ۾ بہ قرض جو موضوع بحث هيٺ آيل آهي جنهن ۾ قرض مان پيدا ٿيندڙ خرابيون بہ بيان ڪيون ويون آهن.

قرض ذهني سڪون جو خاتمو آڻي ٿو. قرض کڻندڙ شخص ذهني طور ڪڏهن بہ سڪون نٿو حاصل ڪري سگهي. هو هر وقت قرض جي بار کان پريشانيءَ ۾ مبتلا هوندو آهي. فرڊننڊ جو تعلق شاهي خاندان آرمن سان هوندو آهي. سندس وڏن قرض کڻڻ عيوض محلات جو ڪجھ حصو گروي ڪري رکرايو هو. مالي وسعت نہ هئڻ سبب سندس پيءُ سر رئتڪلف اهو قرض لاهي نٿي سگهيو. ان ڪري هو هروقت قرض جي ڪري اداس ۽ پريشان رهندو هو. کيس هر خوشي ڇڻ تہ بي مزي لڳندي هئي.

”ٻئي پيري جڏهن ليڊي آرمن مڙس کي غمگين ۽ ملول ڏٺو ۽ اڳي وانگي کلندڙ ۽ خوش طبع نہ ڏٺو تڏهن هن کي چوڻ لڳي تہ پيارا رئتڪلف تو کي هاڻ ڇا ٿيو آهي، ڇو اهڙين ڳڻتين ۾ اچي پيو آهي؟ خدا تي رک... پاڻ ڪهڙا بہ غريب ۽ مفلس ڪئي ٿيون تہ بہ جي محبت قائم آهي تہ اسين خوش پيا گذاريندا سين. جيڪڏهن تون هميشہ اهڙو ملول ۽ غمگين گذاريندي تہ آءُ وڌيڪ جيئري رهي ڪين سگهنديس. جي مون تي ڪو قياس پوئي تہ خدا جي واسطي خوش گذار. جيڪڏهن شادي ڪرڻ کان پوءِ تون پنهنجي زمين يا ان جو ڀاڱو ڪٿي نيڪال ڪرين ها تہ جيڪر خوش گذاريون ها...“[73]

ٻئي طرف سندس پٽ فرڊننڊ پنهنجون خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ قرض کڻڻ لڳو. هو پئسي جو اجايو استعمال ڪرڻ لڳو. مالي تنگيءَ جي باوجود اميراڻي طور طريقي سان معاشري ۾ اٿندو ويهندو هو. ان ڪري نوڪريءَ مان ٻه جيڪا پگهار هن کي ملندي هئي، اها سڄي پنهنجن عيشن ۽ اجاين شوقن تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو هو روز بروز اجاين فعلن جو عادي ٿيندو ويو ۽ سندس پگهار مان ٻه هن جي پوري نه ٿيندي هئي، جنهن ڪري قرض کڻڻ لڳو.

”پاڻ ۾ين وٽ ماني وچي کائيندو هو ۽ ٻين کي پاڻ وٽ دعوت ڏيئي ماني کارائيندو هو. انهيءَ طرح فرڊننڊ جو خرچ وڌندو ويو. پگهار پورو ٿيڻ نه لڳو، قرض کڻڻ لڳو جنهن جي ملڻ ۾ هن کي ڪا ٻه مشڪلات ڪا نه ٿي. جڏهن اهو بار ڳرو ٿيڻ لڳو پنهنجيءَ دل کي اهو دلاسو ڏيندو آيو ته جي ٻيو ڪو نه ٿيو ته من انگلينڊ ڏي موٽڻ مهل پنهنجي ڪميشن وڪڻي ٻئي کي ڏيئي پيسا وٺي انهن مان قرض لاهيان.“[74]

فضول خرچ مان مراد پئسي جو ضرورت کان وڌيڪ ۽ اجايو استعمال ڪرڻ آهي. ڪي ماڻهو امير هجڻ جي ڪري پئسي کي فضول ڪمن تي خرچ ڪندا آهن يا ٻين تي پنهنجو اثر ڄمائڻ لاءِ عمده ڪپڙا استعمال ڪندا آهن، وڏين گاڏين ۾ گهمندا آهن. مطلب ته اهي ڪاڏي کان وٺي گاڏين تائين پنهنجي اميراڻي رتبي کي سماج ۾ سيني تي نروار ڪري ٻين جي نظرن ۾ پاڻ کي سڀ کان اتم ظاهر ڪندا آهن. جڏهن ته ٻي طرف ڪي ماڻهو اهڙا ٻه هوندا آهن جيڪي پوري پني گذران جي باجود اضافي خرچ محض ان ڪري ڪندا آهن ته جيئن ماڻهو کين امير سمجهن. ان کان علاوه ڪن ماڻهن جو فضول خرچ ڪرڻ جو مقصد الڳ هوندو آهي، ليڪن هر حال ۾ فضول خرچ ڪرڻ وارو ان جي نقصانن جو ڳرو بار پنهنجي سر تي کڻندو آهي ۽ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيندو آهي. اهڙو مثال بڪر واشنگٽن جي ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ هن طرح ڏنو ويو آهي.

”مون اهڙا ٻه جوان شيدي ڏٺا، جي هفتي ۾ چئن ڊالرن کان وڌيڪ خرچي، بگهي ڀاڙو ڪري پينسلوينيا اونيو تائين ايندا ويندا هئا، رڳو ايتري لاءِ ته ماڻهن کي ڏيکارين ته هو هزارن جا

مالڪ آهن. ڪي ٻيا جوان ماڻهو مون ڏٺا، جن کي پنجهتر يا سوء ڊالر مهيني ۾ سرڪار مان ملندا هئا مگر حقيقت ڪري مهيني پوري ٿيڻ تي قرضي هوندا هئا."[75]

فرڊننڊ به وياج تي قرض کڻي معاشري ۾ پنهنجي اميراڻي حيثيت رکندو آيو ۽ پنهنجي دل کي قرض لاهڻ جا دلاسا ڏيندو آيو. قرض جڏهن وڌندو ويو ۽ هي وقت تي ان جي ادائگي نه ڪري سگهيو ته اهي ماڻهو کيس قرض جي ادائگي لاءِ پريشان ڪرڻ لڳا، ايتري قدر جو قرض نه ڏيڻ جي صورت ۾ کيس گرفتار ڪرڻ جون ڌمڪيون به ڏيڻ لڳا. انهن ماڻهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ فرڊننڊ وري مسٽر ليويسن نالي شخص کان قرض وٺڻ تي مجبور ٿئي ٿو. اهڙي طرح هو هڪ قرض لاهڻ لاءِ ٻيو قرض کڻڻ لڳو. ايتريقدر جو هو ٻه هزار اٺ سوء پائونڊ جو قرضي ٿئي ٿو. ايترو قرض وقت تي ادا نه ڪرڻ ڪري کيس جيل جو منهن ڏسڻو پوندو آهي.

قرض جي ڪري ماڻهو ڪيترين ئي مصيبتن جي ور چڙهي ويندو آهي. قرض عيوض ماڻهو سماج ۾ رسوا ۽ خوار پيو ٿيندو آهي. کيس هر وقت ڪنهن خرابيءَ جو ڊپ رهندو آهي. فرڊننڊ به قرض کڻي ڪيترين ئي مصيبتن ۾ وڪوڙجي ويندو آهي. کيس طرحين طرحين جون اذيتون سهڻيون پونديو آهن، ۽ هڪ ڏينهن ته کيس جيل ۾ به قيدي ٿي رهڻو پوي ٿو. ايترين اذيتن ۽ پريشانين کان پوءِ بالآخر کيس احساس ٿئي ٿو ته قرض مٿان قرض کڻي هن نه صرف پاڻ کي خوار ڪيو آهي بلڪ پنهنجي خاندان کي به لڄايو آهي.

"ڪلاڪ کن تائين فرڊننڊ ڏاڍي فڪر ۾ ٻيهي پسار ڪيو. سجهيس ٿي ته سندس وڪيل ايترا پئسا ڏيئي ڪين سگهندو. ڪائونٽ مرابل يا لارڊ ڪيئچم هوڪئن سان صلاح ڪرڻ جي گهڻي خواهش هيس. مسٽر بانڊ شارپ کان آسانيءَ ۽ نڀگيءَ سان پيسا وٺي ڪم لائڻ ڪري پاڻ کي عتاب ڏنائين ته پنهنجي خاندان جي عزت آبرو وڃايم ۽ پاڻ کي به خوار خراب بلڪ ناس ڪيم."[76]

ڏٺو وڃي ته قرض کڻڻ جو بنيادي ڪارڻ فضول خرچ آهي. ذاتي توڙي سماجي زندگيءَ جي هر عمل ۾ فضول خرچ عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خوشي هجي يا غمي، اڪثر ماڻهو معاشري ۾ پنهنجي حيثيت ۽ رتبي خاطر پنهنجي وسعت کان به وڌيڪ فضول خرچ ڪري فخر ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن ته ان عمل سان معاشري ۾ سندن هڪ خاص

مقام رهندو. ليڪن اهڙو عمل آخرڪار انهن جي لاءِ ڪيترائي معاشي مسئلا پيدا ڪندو آهي ۽ انهن کي قرض کڻڻ تي مجبور ڪندو آهي. مسلسل قرض کڻڻ جي ڪري اهي ماڻهو وڏيڪ پريشانين جو شڪار ٿيندا آهن ۽ آخر ۾ سندن انجام تمام خراب ٿيندو آهي. اهڙي انجام کان بچڻ جو واحد حل پئسي جو صحيح استعمال آهي.

ڏک ۽ سک:

زندگي ڏکن سکن جو نالو آهي. ڏکن ۽ سکن کان سواءِ زندگي جو وجود ممڪن نٿو رهي. دنيا جو ڪوبہ انسان اها دعويٰ هر گز نٿو ڪري سگهي تہ سندس زندگي ڏکن يا سکن کان آجي آهي ۽ نہ وري دنيا جي تاريخ ۾ اسان کي اهڙو ڪو مثال ملي ٿو تہ ڪو انسان سڄي عمر سکيو رهيو يا ڏک ۾. حضرت آدم عليہ سلام جيتوڻيڪ جنت جي مزن ۽ مسرتن کان لطف اندوز ٿيندو رهيو، ليڪن بعد ۾ سندس چمار ڏکن ۾ گذري. اهڙي طرح ڏکن سکن جو زندگي سان اٽوٽ رشتو آهي. اسان جو سماج مختلف طبقن تي مشتمل آهي، جهڙوڪ امير طبقو، وچولو طبقو ۽ غريب طبقو، ليڪن هر طبقي جو ماڻهو الڳ الڳ سبب ڪري ڏکايل هوندو آهي. ڪو غربت جي سبب، ڪو اولاد جي سبب تہ ڪو ڪنهن سبب ڏکن ۽ ڏوجرن ۾ هوندو آهي. ڏک کي مختصر ۽ جامع انداز ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

“A feeling of deep distress caused by loss, disappointments, or other misfortune suffered by oneself or others.”[77]

ڏک ڪڏهن بہ دائمي نہ رهيا آهن. انهن جي نيٺ پڄاڻي ٿيندي آهي ۽ سکن جو جنم ٿيندو آهي. انسان کي صرف هر حال ۾ صبر جو سهارو وٺڻ گهرجي. چاڪاڻ جو صبر واحد هٿيار آهي جنهن سان ماڻهو ڏکن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو ۽ سکن جي لاءِ پر اميد رهي ٿو.

غربت ڏکن جو گهر آهي. اڄڪلهہ هر ماڻهو پاڻ کي غريب تڏهن ٿو سمجهي جڏهن ان وٽ بنيادي ضرورت جو شيون ميسر هوندي بہ پنهنجون خواهشون پوريون نٿو ڪري سگهي. ليڪن غربت جي وصف اها نہ آهي. غربت ان حالت جو نالو آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي جياپي جي بنيادي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي قابل نہ هجي. اجهو، ڪپڙو ۽ کاڌو زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون آهن جن کان سواءِ انسان جو زنده رهڻ محال آهي. اهو ئي سبب

آهي جو غريب شخص پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پرڻ ۾ پورو هوندو آهي. سندس ڇمار پنهنجي اولاد کي آسوده رکڻ جي خوابن ۾ ئي گذري ويندي آهي. اهڙو هڪ مثال مرزا صاحب جي ناول "مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا" ۾ فنتائن جي ڪردار ۾ ڏنو ويو آهي. فنتائن غريبي ۽ مسڪينيءَ جي ڪري پنهنجي ڌيءُ کي بهتر پرورش ۽ تربيت ڪارڻ ٿينارديئر جي حوالي ڪري ٿي. ٿينارديئر هڪ لالچي شخص هوندو آهي جيڪو پئسن عيوض سندس ڌيءُ ڪاسيٽ جي پرورش ڪرڻ جو ذمو کڻندو آهي. فنتائن پنهنجو رت ۽ ست ساڙي پئسا گڏ ڪري ٿيناردبيئر کي موڪليندي رهندي آهي ۽ اهو ويساهه رکندي آهي ته سندس نياٽي سکي ستابي هوندي. جڏهن ته ٿيناردبيئر هر دفعي هن کان وڌيڪ پئسن جو مطالبو ڪندو رهي ٿو پر سندس ڌيءُ کي سکيو رکڻ بدران ان تي ظلم ڪندو رهي ٿو.

"۽ هميشه لکندا هئا ته سندس ڇوڪري خوش چڱي ڀلي آهي پر حقيقت ڪري ايئين نه هو. ، هوءَ ڏاڍي ڏکي هئي. هي هن کي ڪاڏو ۽ ڪپڙو پورو نه ڏيندا هئا، پر جيئن وڌندي ٿي وئي تيئن گهر جو سمورو ڪم ڪار به هن کان ڪرائيندا هئا — جيئن ته ٻهاري ڏيڻ، ٿانو ڌوئڻ، پاڻي ڀرڻ وغيره. تنهن کان سواءِ ٿوريءَ گهٽي ڳالهه تي هن کي ماريندا هئا. ۽ گهٽ وڌ به ڳالهائيندا هئا."[78]

جڏهن انسان صبر سا ڏکن سورن جو مقابلو ڪندو آهي تڏهن آخرڪار ان لاءِ قدرت جي طرفان سکن جا ڏينهن آٿي ٿو. فنتائن سڄي عمر صبر سان ڏک، تڪليفون، اذيتون ۽ ظلم برداشت ڪندي رهي ٿي. اخرڪار سندس اهي سڀ ڏک دور ٿين ٿا. مدبلين انسان جي روپ ۾ فرشتو ٿي هن جي مدد لاءِ اچي ٿو. کيس هر طرح جو سک ڏئي ٿو. سندس سڀ قرض لاهي ٿو. ساڳي طرح سندس نياٽي ڪاسيٽ جيڪا ڏکن ۾ نپي ۽ ڏکن ۾ جوان ٿئي ٿي، ان جي شادي ميريس جهڙي شاهوڪار شخص سان ٿئي ٿي ۽ سکن واري زندگي گذاري ٿي.

"نيٺ شاديءَ جو ٺهرايل ڏينهن آيو ۽ شادي ٿي. کهڙا خوشيءَ جا بندوبست ٿيا ۽ گهوٽ ڪنوار ڪيئن خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ئي نه ٿي ماپيا، تنهن جو بيان ڪرڻ اجايو آهي. جين وليجان گلي نارمنڊ جي روبرو ميريس کي ڇهه لک رپين جا نوٽ ڏنا. ٻڍيءَ نوڪرياٽيءَ جي جين وليجان کي ته گرج ڪا نه هئي، تنهن کي ڪاسيٽ پنهنجي خدمتگار ڪري رکيو."[79]

اهڙو ٻيو مثال اسان کي ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ بکر واشنگٽن جو ملي ٿو. بکر واشنگٽن جي زندگيءَ جو وڏو ڀاڱو ڏکن ۽ تڪليفن ۾ گذريو ٿو. سندس ننڍپڻ غلاميءَ جي اذيتن ۾ گذري ٿو ۽ جوانيءَ جا ڏينهن جفاڪشن ۽ ڪشالن ۾ گذاري ٿو. پاڻ غلاميءَ جي ڏينهن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

”ورجينيا جي جنهن ڀاڱي ۾ آءٌ رهندو هوس، اتي غلامن کي ٻين ڪپڙن سان گڏ اڪثر سڻيءَ جو ڪپڙو به ڍڪائيندا هئا. جنهن قسم جي سڻيءَ مان اسان جا ڪپڙا ٺهندا هئا، سا تمام سادي ۽ ردي هوندي هئي ۽ انهيءَ ڪري تمام سهانگي ۽ کهري هوندي هئي. پهرئين پيري سڻيءَ جي نئي پهراڻ ڍڪڻ ڪري جيڪو عذاب ٿو رسي تنهن جهڙو ٻيو ڪوبه عذاب مون کي خيال ۾ نٿو اچي، سواءِ ڏاڻ چڪي ڪڍڻ جي. اهو عذاب اهڙو آهي جهڙو ٻت کي سون سين يا ڪنڊن لڳڻ جو. اهڙن نون ڪپڙن ڍڪڻ مهل جيڪي عذاب آءٌ سهندو هوس، سي اڃا تائين مون کي چٽيءَ طرح ياد آهن. منهنجو ٻت نرم ۽ نازڪ هوندو هو، تنهنڪري پاڻ زياده سور ٿيندو هوم. پر مون کي لاچار هو ته يا اهو سڻيءَ جو پهراڻ ڍڪيان يا ته ڪو به ڪونه ڍڪيان.“[80]

ليڪن سندس اهي ڏک ۽ تڪليفون هميشه لاءِ نه هيون. هن پنهنجي جدوجهد سان، تعليم سان ۽ پورهئي سان انهن ڏکن مان جان ڇڏائي ۽ سکن ۾ پير پاتو. سندس زندگيءَ ۾ اهي ڏينهن به آيا جو سندس اڳيان مختلف قسمن جا طعام پيش ڪيا ويندا هئا، پائڻ لاءِ عمده ڪپڙا هوندا هئا ۽ سفر لاءِ گاڏين جي سهوليت هوندي هئي. مطلب ته هو ڏکن، تڪيلفن ۽ مصيبتن جي جيتري گهرائيءَ ۾ ڪريل هو اوترو سکن ۽ آسائشن جو حقدار ٿيو. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏک زندگيءَ جو اٽل حصو آهن. اهي زندگيءَ جي وهڪرن ۾ نمودار ٿيندا رهندا آهن ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جيان وهي ويندا آهن. ان ڪري انسان کي همت ۽ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ جو صبر، همت ۽ استقامت سان هو سک جي ٻانهن ۾ ويڙهجي ٿو.

امید ۽ مایوسي:

انسان جڏهن مسلسل ناڪامين ۽ مشڪلاتن مان گذرندو آهي تڏهن هو ذهني طور ٽڪجي پوندو آهي ۽ همت هاري ويهندو آهي. ڪوشش ۽ محنت ڪرڻ وارو ڪڏهن به نا امید ۽ مایوس نه ٿيندو آهي، هو سدائين پر امید رهندو آهي. حالتون چاهي ڪيتريون به خراب چو نه هجن، ڪيترين ئي آزمائشن مان چو نه گذرڻو پوي، ليڪن اهو ماڻهو باهمت ٿي انهن سيني ڏکين کي منهن ڏيندو آهي. لاڪ امید کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

“Hope is that pleasure of the mind, which everyone finds in himself upon the thought of a probable future enjoyment of thing which is apt to delight him.”[81]

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته امید ماڻهوءَ جي ان ذهني ڪيفيت جو نالو آهي جنهن ۾ هو ايندڙ وقت بابت بهتر خيال جوڙيندو آهي. اهو ماڻهو پاڻ ۾ سهپ ۽ برداشت پيدا ڪري اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. ناول ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ۾ بڪر واشنگٽن جو ڪردار به اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي. هو غلام ٿي ڄائو. غربت، بک، تڪليفون ۽ اذيتون کيس ورثي ۾ مليون. ليڪن انهن سيني جي باوجود هو ڪڏهن به مايوس نه ٿيو. پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ هو هر وقت پر امید رهندو هو.

”اڌ رات کان به پوءِ دير تائين آءُ گهٽين ۾ گهميو هوندس. نيٺ آءُ اهڙو ٿڪجي پيس، جو هلڻ جي طاقت ڪا نه رهيم. آءُ ٿڪل هوس، بکايل هوس، سڀ ڪجھ هوس، مگر همت هارايل نه هوس.“[82]

ماڻهوءَ جي گمراهي جو وڏو سبب مايوسي آهي. مايوسي ماڻهوءَ کي محروميءَ جو احساس ڏياري ٿي، جنهن ڪري هو دل شڪستو ٿي ويهي رهي ٿو ۽ ان مان جستجو ڪرڻ جي همت ختم ٿي وڃي ٿي. مرزا صاحب ماڻهن کي مايوسيءَ جي حالت مان ڪڍي انهن کي پر امید بنائڻ لاءِ پرڏيهي ادب مان مثال چونڊي پيش ڪيا آهن ته جيئن انهن مان غمگين، مايوس ۽ دل شڪسته ماڻهن کي پر امید رهڻ جو سبق ملي ۽ اهي جستجو جي واٽ وٺندي اڳتي وڌن ۽ پنهنجي منزل ماڻين. بڪر واشنگٽن انتهائي غريب ۽ مسڪين هو. کيس ايترو پئسو به نه هوندو هو جو پنهنجو پيٽ پالي سگهي، ڪتاب خريد ڪري سگهي يا ڪپڙا خريد

ڪري سگهي. هو بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪمائيندو ته هو ليڪن معاوضو تمام گهٽ ملڻ جي ڪري هو معاشي طور پريشان هوندو هو، پر هن ڪڏهن به همت نه هاري.

”انهن ڏينهن ۾ ۽ انهي کان پوءِ به جوانيءَ جي وقت آءٌ پنهنجي دل ۾ اهي خيال پيو ڪندو هوس ته ڪنهن گوري ڇوڪري جي اعليٰ خواهشن ۽ ڪوششن کي ڪنهن به قسم جي روڪ ڪانهي ۽ تنهنڪري انهن کي وڏيون اميدون ۽ ۽ وڏا خيال رهندا آهن. مون کي انهي گوري ڇوڪري تي ڏاڍي ريس ٿيندي هئي، جنهنجي رستي ۾ ڪا به روڪ ڪا نه هئي ۽ جو فقط ذات يا اصل نسل جي اتفاق جي ڪري ڪانگريس جو ميمبر يا گورنر يا بشپ يعني وڏو پادري يا پريزيڊنٽ ٿي ٿي سگهيو. آءٌ دل ۾ پيو اهي پور پچائيندو هوس ته اهڙين حالتن ۾ جيڪر آءٌ ڪهڙي رستي هلان؛ ۽ ڪيئن هيٺ تري کان وٺي شروع ڪريان ۽ مٿي چڙهندو وڃان، جيسين ڪ وڃي فتحيابيءَ جي مٿانهين درجي کي پهچان.“[83]

زندگيءَ جي اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو واحد طريقو ڪوشش آهي. دنيا جي اهڙي ڪا به شيءَ نه آهي جيڪا ڪوشش سان حاصل نه ٿئي. محنت ۽ ڪوشش سان انسان پنهنجن خوابن کي به حقيقت جو روپ پارائي سگهي ٿو ۽ پنهنجي تقدير بدلائي سگهي ٿو. پر ان لاءِ صرف هڪ ڳالهه جو شرط آهي ته محنت ۽ جدوجهد جي رستي ۾ هو ڪڏهن به مايوسي ۽ نااميدي جي ديوار نه اڏيندو. بقول ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي:

”هر روشن خيال فڪر جو بنياد اميد پرستيءَ تي رکيل هوندو آهي، ڇو ته انسانيت جي مثبت قدرن، زندگي سان پيار ۽ پرپور پل حاصل ڪرڻ جي جستجو هڪ اميد پرست ماڻهوءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿي ۽ اها اميد پرستي خاص طور سان مظلوم جو جڏهن هٿيار بنجي وڃي ته هن ۾ جدوجهد جو روح ڦوڪجي وڃي ٿو“[84]

محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ سان اگر هن کي ڪا ناڪامي ٿئي ٿي، تڏهن به هو پنهنجي جدوجهد جاري رکي ۽ مايوس نه ٿئي. ايئين ڪرڻ سان هو هڪ نه پي ناڪامي کان پوءِ به ڪاميابي ماڻيندو ۽ وڏي درجي کي پهچندو.

”مون همت نہ هاري، چالاءِ جو پنهنجي گذري حياتي ۽ تي نظر ڪري چئي سگهان ٿو تہ مون کي ڪڏهن ياد ناهي تہ جنهن ڪم پوري ڪرڻ جو مون پڪو ارادو ڪيو، تنهنجي نسبت ۾ مون ڪڏهن همت هاري يا نا اميد ٿيس. سيڪو ڪم مون انهي خيال سان شروع پئي ڪيو آهي تہ آءٌ اهو پورو ڪري سگهندس ۽ هيترا ماڻهو جي هميشہ چوندا آهن تہ فلاڻي فلاڻي سبب ڪري آءٌ فلاڻو فلاڻو ڪم پورو ڪري نہ سگهيس، تن جي ڳالهہ ٻڌي مون کي ڏاڍي چڙ لڳندي آهي. جيڪو ماڻهو مون کي چوندو آهي تہ هن يا هن طرح هن ڪم ۾ فتحياب ٿي سگهبو، انهي کي هميشہ آءٌ مان ڏيندو آهيان. مون پڪو ارادو ڪيو تہ جهڙو حال آهي، تهڙي سان مون کي منهن ڏيڻ گهرجي.“[85]

هن کي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ۽ مصيبتون پيش آيون، جنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن غمگين ۽ اداس بہ ٿيندو هو ليڪن اهو عارضي هوندو هو. هو جيئن ڪنهن پريشانيءَ مان گذرندو هو تيئن وري پنهنجو حوصلو وڌائيندو هو. ڪنهن ڪم ۾ مسلسل ناڪاميون بہ هن جي همت ۽ حوصلي کي گهٽائي نہ سگهيون. اسڪول جي عمارت ٺاهڻ لاءِ جڏهن ڪيس سرن جي ضرورت ٿي تہ هن اهي پاڻ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪم کي سکڻ لاءِ هن مشڪل سان ڪن شاگردن کي بہ راضي ڪيو. جڏهن وڏي مشڪل سان هن سرن جي ڀٽي کي تيار ڪيو تہ اها سرن جي پچڻ کان پهرين ڪري پئي ۽ هنن جي سڄي محنت ضايع ٿي وئي. اهڙي طرح ٽي دفعا هن اها ڪوشش ڪئي ليڪن ناڪام وئي. ان ناڪاميءَ کان پوءِ هن کي سيني اها صلاح ڏني تہ ڀيهر اها ڪوشش نہ ڪري. ان کان علاوه ڪيس هڪ ڊالر بہ نہ بچيو جنهن سان هي ڪم جي ڀيهر شروعات ڪري. ان جي باوجود بہ هي نا اميد ۽ مايوس نہ ٿيو. سرن کي تيار ڪرڻ لاءِ هن ڀيهر ڪوشش ڪئي ۽ ان جي خرچ لاءِ هن پنهنجي واچ پندرهن ڊالرن عيوض وڪڻي ڇڏي، ان اميد سان تہ هو ڪامياب ٿيندو. اهڙي طرح هن چوٿون دفعو بہ اها ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ ان ۾ ڪامياب ٿيو.

”انهيءَ تي پندرهن ڊالر هٿ ڪيم، جن سان سرن جوڙڻ جو ڪم وري شروع ڪرڻو هوم. آءٌ موٽي ٽسڪجي آيس ۽ انهن پندره ڊالرن جي مدد سان اهي سڀ اپاءَ گڏ ڪيم، جي ڪم

همتي ۽ دل شڪستگيءَ جي ڪري بند تي ويا هئا ۽ پوءِ سرن جوڙڻ جي چوتين ڪوشش ڪيم. انهي ڀيري اسين فتحياب ٿياسين ۽ انهي ڪري ڏاڍا خوش ٿياسين.“[86]

امید هڪ سهارو آهي جنهن تي زندگي روان دوان آهي. امید جي سهاري ماڻهو ڏکن جا ڏينهن گذاري ٿو. امید جي ڪري ماڻهو تڪليفن, مصيبتن ۽ پريشانين سان بهادر ٿي وڙهي ٿو. هو زندگيءَ جي هر محاذ تي امید جي هٿيار سان ئي فتحيابي ماڻي ٿو. چاڪاڻ جو امید ماڻهوءَ ۾ حوصلو, سهپ, صبر ۽ بردباري پيدا ڪري ٿي. اگر ڏکن جا ڏينهن هوندا آهن ته ماڻهوءَ کي سکن جو آسرو هوندو آهي, غمن ۾ خوشين جي آس هوندي آهي, تڪليفن ۽ پريشانين ۾ سڪون جي سڪ هوندي آهي ته جنگ ۾ مجاهد کي جيت جي جدوجهد هوندي آهي. جڏهن ته مايوسي ماڻهوءَ کي بيچين, لاچار, بي اعتماد, مجبور ۽ محروم بنائي ٿي, جنهن ڪري اهو خودڪشي ڪرڻ ۾ پنهنجي آزادي سمجهندو آهي. مايوسي جي ڪري معاشري ۾ غمگيني, اداسي, بيوسي ۽ احساس ڪمتري پکڙجي ٿي. نتيجي ۾سماج ۾ ڏوهه سرزد ٿين ٿا. ان ڪري ايئين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته امید زندگي آهي ۽ مايوسي ڪفر آهي. امید ڪاميابيءَ جو پهريون اصول آهي. دنيا جي هر ڪاميابي امید جي ڪري ممڪن آهي.

## حوالا


1. تسنیم، بشریٰ، ڈاکٹر، (2017)، بچوں کی تربیت، ص3
2. بيگ, مرزا قليچ, (2004), ٽي گهر, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 13–14
3. بيگ, مرزا قليچ, (2004), ٽي گهر, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 15
4. بيگ, مرزا قليچ, (1961), ايرڪ, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 7
5. اقبال خان، (1996)، جدید تعلیمی فلسفہ، لاہور، مشعل، ص37
6. بيگ, مرزا قليچ, (1995), گلن جي ٽوڪري, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 8–9
7. بيگ, مرزا قليچ, (1995), گلن جي ٽوڪري, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 9
8. بيگ, مرزا قليچ, (1995), گلن جي ٽوڪري, ڄامشورو, سنڌي ادبي بورڊ, ص 10
9. بيگ, مرزا قليچ, (1961), غلاميءَ مان مٿي چاڙهو, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ, ص 90–91
10. بيگ, مرزا قليچ, (1961), غلاميءَ مان مٿي چاڙهو, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ, ص107–108
11. بيگ, مرزا قليچ, (1961), غلاميءَ مان مٿي چاڙهو, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ, ص 375
12. Malcolm S. Knowles, (1980), The Modern Practice of Adult Education, Cambridge, Adult Education Company, P 25.
13. بيگ, مرزا قليچ, (1961), غلاميءَ مان مٿي چاڙهو, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ, ص 75
14. بيگ, مرزا قليچ, (1961), غلاميءَ مان مٿي چاڙهو, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ, ص 125– 126

15. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 128
16. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، جولئن هوم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 14
17. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، جولئن هوم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 53
18. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، جولئن هوم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 60
19. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، ايرڪ، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 8
20. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 22
21. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 37
22. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 45
23. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 64
24. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 93
25. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٽي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 355
26. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 104
27. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 185
28. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 203
29. بيگ، مرزا قليچ، (1974)، شرلاڪ هومس جا عجيب غريب ڪم، ص 2
30. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 182
31. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 182
32. http://www.dictionary.cambridge.org/amp/english/superstition
33. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 66
34. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 71
35. وحيدالدين خان، مولانا، (2015)، مذہب اور سائنس، انڈیا، گڈورڈ پبلشر، ص3
36. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 3
37. بيگ، مرزا قليچ، 1961 ع، ايرڪ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 6
38. Harris Chaiklin, (2011), Attitudes, Behavior and Social Practice, Research Journal: Journal of Sociology & Social Welfare, P 32
39. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 9
40. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 10
41. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 185
42. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 47
43. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 53
44. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، ٽي گهر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 121
45. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 18
46. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 11
47. http://www.britannica.com/topic/prejudice
48. بيگ، مرزا قليچ، (1995)، گلن جي ٽوڪري، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 21
49. بيگ، مرزا قليچ، (1995)، گلن جي ٽوڪري، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 45
50. بيگ، مرزا قليچ، (1995)، گلن جي ٽوڪري، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 163
51. بيگ، مرزا قليچ، (1995)، گلن جي ٽوڪري، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 156
52. بيگ، مرزا قليچ، (1913)، لڇمي، سکر، مسٽر هريسنگھ پينشنر ڪتبخانو، ص 35
53. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 58–59

54. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 67
55. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 67
56. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، حاجي بابا اصفهاني، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 77
57. STB, Secondary Stage English, Karachi, P.P Printers, P 1.
58. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 47
59. http://plato.stanford.edu/enteries/friendhip
60. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، جولئن هوم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 19
61. بيگ، مرزا قليچ، (2005)، مقالات الحڪمت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 11
62. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، جولئن هوم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 71
63. http://www.merria,-webster.com/dictionary/solidarity
64. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، گليور جو سير ۽ سفر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 3
65. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، گليور جو سير ۽ سفر، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 10
66. جسڪاڻي، لعل بخش (1993)، سماجيات جو تعارف، ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ص 246
67. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 15
68. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 26–27
69. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 33
70. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 42
71. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 327
72. بيگ، مرزا قليچ، (2005)، مقالات الحڪمت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 18
73. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، سچي محبت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 13
74. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، سچي محبت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 22
75. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 109
76. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، سچي محبت، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 133
77. http://www.lexico.com/definition/sorrow
78. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 31
79. بيگ، مرزا قليچ، 2006 ع، مصيبت ماريا سائين سنواريا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 185
80. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 12
81. J Locke, An Essay Concerning Human Understanding, ed. P. Nidditch, Clarendon, Oxford, Ch XX, P 231.
82. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 59
83. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 47–48
84. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، (2017)، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، ص 410
85. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 80
86. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 181

## باب ڇهون:

# پڇاڙي

### نتيجا:

ڪنهن بہ ادبي تحقيق جو لب لباب مختصر لفظن ۾ حتمي طور پيش ڪيل تحقيق جي سمورن بابن جي اختصار کي تحقيق جي نتيجن سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. تحقيق جا نتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان وجود وٺندا آهن. مون پنهنجي تحقيق **”مرزا قليچ بيگ جي ناولن ۾ سماج جي مختلف پهلوئن جو اڀياس“** مان جيڪي نتيجا حاصل ڪيا آهن انهن جو تفصيل هيٺ ڏنو اٿم، تان تہ ٿيسز جو دلجوئي سان مطالعو ڪندڙ کي ٿيسز بابت تت يا حاصل مطلب معلوم ٿئي.

- مرزا قليچ بيگ جي ناولن جو سماج سان مضبوط ڳانڍاپو آهي. مرزا صاحب جي دور ۾ جيڪو ڪجھ سماج ۾ ٿي رهيو هو، مرزا صاحب ناولن ۾ انهن سيني ڳالهين جي تشريح ڪئي آهي.
- سندس ناول سماجي حالتن ۽ واقعن جي پيداوار آهن. انهن ۾ واقعن جي سرزد ٿيڻ جا مختلف پهلو بيان ڪيا ويا آهن.
- مرا قليچ بيگ جا ناول مختلف مسئلن، پهلوئن، لاڙن، خيالن ۽ قدرن جا ترجمان هئڻ سان گڏ اصلاح، تجديد، ترقي ۽ رهبري جو ذريعو پڻ آهن.
- مرزا قليچ بيگ جي ناولن جا ڪردار سماج جا سچا ڪردار آهن. اهي اسان جي معاشري مان چونڊيل عام انسان آهن جن جي ذريعي مرزا صاحب سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪرائي آهي. مرزا صاحب ناول جي ڪردارن کان هڪ طرف سماج جي ترجماني ڪرائي آهي تہ ٻئي طرف سماج جي اصلاح ۽ فردن جي رهبري لاءِ انهن جي ذريعي پنهنجي سوچ ۽ خيالن جي تبليغ پڻ ڪئي آهي.

❖ مرزا صاحب جا ناول پڙهندڙ جي حواسن کي ڇهي ان کي متاثر ڪن ٿا ۽ ان کي ڪنهن خاص نقطي ڏانهن مائل ڪن ٿا.

❖ مرزا قليچ بيگ ناول جي صنف کي وسعت بخشي آهي.

❖ مرزا قليچ بيگ جي ناولن جو ڪل تعداد 32 آهي، جن ۾ ٻه ناول "دلارام" ۽ "زينت" اصلوڪا آهن جڏهن ته ۽ 30 ناول دنيا جي مشهور ناول نگارن جا ترجمو آهن.

❖ ترجمو ٿيل ناولن ۾ ٻاهرين سماجن جا عڪس پيش ڪيل آهن، پر اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي سماج جي پيش نظر ترجمو ڪيا ويا آهن.

❖ ترجمو ڪيل ناول دراصل سنڌي ٻوليءَ ۾ پرڏيهي ادب ۾ سرجيل سڌريل سماج جي قدرن کي سنڌي سماج ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ترجمو ڪيل ناولن ۾ ٻه ناول "يوسف ۽ فاطمہ" ۽ "رابنسن ڪروزو" قلمي آهن. ۽ 8 اهي ناول آهن جيڪي اڻ لڀ آهن. انهن جا ناول هن ريت آهن: **1.** سسيءَ کان سواءِ ڏڙ **2.** لوسي **3.** عجيب الماس **4.** رجب پاشا **5.** جهڙو خيال تهڙو حال **6.** حسينہ بيگم **7.** هڪڙي ڏکاري دوست ڏانهن معذرت جو خط **8.** سنڌ باد جهازي. ان کان علاوه ٻہ مرزا صاحب جا 11 ناول اهڙا آهن جيڪي هاڻ ناياب ٿي چڪا آهن، جن ۾ **1.** آزار مان آرام **2.** سچو سک **3.** بابا دل **4.** شيطان جو مريد **5.** ملڪہ زنوبيہ **6.** راحيل **7.** ڪادامبري **8.** دل جو آرام **9.** سئنبڊ فرڊ ۽ مرڻ ۽ ٻہ مٽي بيان ڪيل قلمي ناول ٻہ شامل آهن. جڏهن تہ مرزا صاحب جي ناولن ۾ 3 نالا اهڙا بہ شامل آهن جيڪي ناول جي صنف کان ٺي ٻاهر آهن. انهن ۾ "عجيب ڳالهيون"، "هندستان جون ديسي آکاڻيون" ۽ "نصيب پنهنجي وس" شامل آهن.

❖ مرزا قليچ بيگ جا اصلوڪا ناول سنڌي ماحول ۽ سنڌي سماج جا ترجمان آهن. طبعزاد ناولن ۾ سنڌي سماج جي تهذيب ۽ ثقافت جي قدرن جي اپٽار ڪئي وئي آهي ۽ گڏوگڏ اجاين ريتن، رسمن، رواجن، وهمن ۽ وسوسن کي سنڌي سماج مان خارج ڪرڻ جي پرچار ڪئي وئي آهي.

❖ مرزا قليچ بيگ جي اصلوڪي ناول "دلارام" ۾ ايمانداري جو انعام، بي ايمانيءَ جي سزا، بد نيتي جو انجام، چڙ ۽ ڪاوڙ جا نقصان جهڙا موضوع شامل آهن.

❖ مرزا صاحب جو پيو اصلوڪو ناول ”زينت“ حقيقت نگاري ۽ سيرت نگاري تي مشتمل آهي، جنهن ۾ اولاد جي تعليم خصوصي طور نياڻيءَ جي تعليم جي اهميت، شاديءَ جون اجايون رسمون، شاديءَ بابت عورتن جا قديم ويچار، شاديءَ جا مختلف قسم، صحبت ۽ ان جا اثر، ڪفايت شعاري ۽ مهمان نوازي ۽ گهرداري وغيره جهڙا اهم پهلو بيان ڪيل آهن.

❖ مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ناول پرڏيهي ادب ۽ پرڏيهي سماج ۾ رچيل آهن، ليڪن منجهن سمايل سماجي پهلو سنڌي سماج جي اصلاح ۽ جديديت لاءِ انتهائي ڪارگر آهن. هي ناول اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي مفصل روشني وجهن ٿا. ناول ”ٿي گهر“ والدين ۽ اولاد جي روين تي مشتمل آهي ته ”جولئن هوم“ ۽ ”ايرڪ“ ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ درسي تعليم جو سبق ڏنل آهي. ماڻهن ۾ محنت، جستجو ۽ همت جو جذبو بيدار ڪرڻ لاءِ مرزا صاحب ”غلاميءَ مان مٿي چاڙهو“ ناول ترجمو ڪيو ته ”مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا“ ناول لکي سماجي روين، ايثار جي جذبي ۽ ڏکن جي ڏينهن ۾ سکن لاءِ پر اميد رهڻ جي تلقين ڪئي آهي. ان کان علاوه عقل، ڏاهپ ۽ سمجهه سان ترقي ماڻڻ لاءِ ”حاجي بابا اصفهاني“ ۽ ”شرلاڪ هومز جا عجيب غريب ڪم“ جهڙا ناول ترجمو ڪيا ته ٺڳي ۽ دوکيبازي سان پئسو ڪمائڻ ۽ آخر ۾ ان جو انجام ڀوڳڻ بابت ”لڇمي“ ناول ترجمو ڪيو، جيڪو سمورو ٺڳي جي موضوع تي رچيل آهي.

❖ مرزا قليچ بيگ پنهنجن ناولن ۾ عورت کي مرڪزي حيثيت ڏني آهي. جهڙوڪ: زينت، دلارام، گلن جي ٽوڪري، مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا، سچي محبت وغيره.

❖ سنڌس ناولن جي روشنيءَ ۾ اهو عيان ٿي چڪو آهي ته مرزا صاحب عورت جي تعليم، تربيت، آزادي ۽ ان جي خودمختياريءَ جو قائل آهي.

❖ مرزا صاحب ناول جي ذريعي سٺي تعليم ۽ سٺي تربيت کي عورت جو بنيادي حق قرار ڏئي ٿو ۽ سندس راءِ جو احترام ڪرڻ پين تي فرض سمجهي ٿو.

❖ مرزا قليچ بيگ زينت جو ڪردار تخليق ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته پڙهيل لکيل، سلجهيل، سگهڙ ۽ باشعور عورت هر دور ۾ هر سماج جي ترقي، سڌاري ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي.

- ❖ مرزا قليچ بيگ ناولن جي ذريعي سماج، سماجي ادارن ۽ فردن جي اصلاح ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.
- ❖ مرزا صاحب جي ناولن جو مکيہ مقصد سماج مان جهالت، غربت، توهم پرستي، مايوسي، دوکيبازي، جنسي اڻ برابري ۽ معاشي بحران جو خاتمو آڻي ان کي تعليم، اتحاد، محنت، ايمانداري، سچائي، صبر ۽ ڪفايت شعاريءَ سان مستحڪم بنائڻ آهي.
- ❖ مرزا صاحب جي ناولن ۾ جيڪي بہ پهلو بيان ڪيل آهن انهن جو تعلق معاشرتي، معاشي، مذهبي، اخلاقي، تهذيبي، ثقافتي ۽ علمي قدرن سان آهي.
- ❖ ناول جي ذريعي مرزا صاحب تعليمي ۽ سماجي جاڳرتا جي پرچار ڪئي آهي. سندس ٻولي عام فهم ۽ سادي آهي.
- ❖ همعصر ناول نگارن ۾ موضوعاتي چونڊ، ٻولي ۽ ڪردارن جي پيشڪيش ۾ مرزا صاحب بلڪل منفرد آهي.
- ❖ مرزا صاحب طبعزاد ناول "زينت" ۽ ترجمو ڪيل ناول "غلاميءَ مان مٿي چاڙهو" ۾ روزگار جي لاءِ ٻاهر نڪرڻ جو رجحان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

# ببليوگرافي

**القرآن**

**سنڌي ڪتاب**

1. ابراهيم خليل. ڊاڪٽر (2001)، **ادب ۽ تنقيد**، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي
2. امام غزالي، (2016)، **اندر تون اجار**، (سنڌيڪار: دين محمد اديب فيروز شاهي)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1999)، **سنڌي نثر جي تاريخ**، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر
4. **اوڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري**، (2010)، اوڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاڪستان
5. آريسر، عبدالواحد، (1985)، **سنڌي سماج جو جائزو**، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، پنهور اشاعت گهر
6. آجواڻي، لعل سنگهه، (1991)، **سنڌي ادب جي تاريخ**، بمبئي، ساهتيه اڪادمي
7. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (1917)، **موهني ٻائي**، اسٽينڊرڊ پريس، حيدرآباد
8. آغا تاج محمد خان، خان صاحب، (2016)، **ڪفايت شعاري**، حيدرآباد، آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس
9. آگرو، غلام رباني، (2013)، **سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
10. برٽرينڊ رسل، (2016)، **سماج کي نئين سر اڏڻ جا اصول**، (سنڌيڪار: عامر عطار، احسان فائق پنهور)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1985)، **جامع سنڌي لغات**، (جلد چوٿون)، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
12. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1999)، **سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ**، ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر
13. بيگ، مرزا قليچ ، (1995)، **زينت**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
14. بيگ، مرزا قليچ، (1913)، **ليلي**، سکر، ماسٽر هريسنگهه
15. بيگ، مرزا قليچ، (1956)، **ديوان قليچ**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،
16. بيگ، مرزا قليچ، (1958)، **يادگيريون**، سنڌ شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
17. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، **ايرڪ**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
18. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، **جولئن هوم**، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
19. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، **غلاميءَ مان مٿي چاڙهو**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
20. بيگ، مرزا قليچ، (1961)، **مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
21. بيگ، مرزا قليچ، (1965)، **قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
22. بيگ، مرزا قليچ، (1974)، **شرلاڪ هومس جا عجيب غريب ڪم**، حيدرآباد، قيصريه پريس
23. بيگ، مرزا قليچ، (1982)، **دلارام**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،
24. بيگ، مرزا قليچ، (1995)، **گلن جي ٽوڪري**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
25. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، **ٽي گهر**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
26. بيگ، مرزا قليچ، (2004)، **گليور جو سير ۽ سفر**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
27. بيگ، مرزا قليچ، (2005)، **مقالات الحڪمت**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
28. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، **حاجي بابا اصفهاني**، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
29. بيگ، مرزا قليچ، (2006)، **سچي محبت**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
30. بيگ، مرزا قليچ، (2012)، **سائو پن يا ڪارو پنو**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
31. بيگ، مرزا قليچ، (1912)، **تحفت النسوان**، حيدرآباد، سنڌ پريس
32. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1977)، **سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج**، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

33. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1999)، **علم تحقيق**، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد
34. ٻوهيو، شاڪر غلام مرتضيٰ (1984): **نصاب عمرانيات**، لاهور علمي ڪتاب خانه
35. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر (1982)، **سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ**، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
36. جسڪاڻي، لعل بخش، (1993)، **سماجيات جو تعارف**، ڄا مشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر
37. جوڻيجو، تنوير (1988)، **سماجيات جو اصول**، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
38. جوڻيجو، تنوير پروفيسر (2004)، **سوشيالاجيءَ جي لغت**، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي
39. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (2006)، **سنڌي ادب جي تاريخ** (جلد ٽيون)، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
40. جوڻيجو، فيض، ڊاڪٽر (2015)، **طبقاتي فڪر جا سنڌي ادب تي اثر**، سنڌ سڌار پبلشر سنڌ
41. جئسنگهاڻي، چندو لعل، ڊاڪٽر (2010)، **سنڌي ناول جي ارتقا**، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر
42. چانڊيو، جامي، (2008)، **ادب، سياست ۽ سنڌي سماج** ، حيدرآباد، سينٽرل فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
43. چانڊيو، جامي، (2018)، **ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج**، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن
44. چانڊيو، شاهمراد، ڊاڪٽر (2018)، **اعليٰ تعليم جا عالمي رجحان ۽ موقعا**، قنبر ڪنول پبليڪيشن
45. ڇٻلاڻي، ايس.پي، ڊاڪٽر (1995)، **سنڌ جي اقتصادي تاريخ**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
46. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر (2005)، **پائي پٽ ڪٿا**، حيدرآباد، گنج بخش ڪتاب گهر
47. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر (2010)، **ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر**، ڪراچي، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز
48. دادا سنڌي، (2008)، **خوشحال سنڌ**، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
49. ڏيپلائي، ثريا سوز، ڊاڪٽر (2010)، **محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر**، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
50. رڪ سنڌي، (2018)، **اڄ جي سنڌ**، حيدرآباد، ساڻيهه اشاعت گهر
51. ساجده پروين، ڊاڪٽر (2015)، **جديد ادبي تنقيدي نظرين ۽ لاڙن جو سنڌي ادب تي اثر**، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي
52. سهتو شعبان، (2016)، **سنڌ جو سياسي ۽ سماجي شعور**، خيرپور، پوپٽ پبلشنگ هائوس
53. سيد، جي.ايم (1979)، **جنب گذاريم جن سين**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
54. سيد، جي.ايم (2008)، **سنڌي ڪلچر**، ڪراچي، نئين سنڌ پبليڪيشن
55. شمل، ائنيمري، ڊاڪٽر (1989)، **سنڌي ادب جي ارتقا**، (مترجم: ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو)، مورو، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي
56. شيوارڊز ڊيوڊ جوزف، ڊاڪٽر (2012)، **جيڏي وڏي سوچ تيڏي وڏي ڪاميابي**، (سنڌيڪار: خالد پٽي، نياز مسرور)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
57. **شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي ٻولي، ادب ۽ سماج لاءِ ڪيل خدمتن تي عالمي ڪانفرنس**، (2009).
58. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر (2009)، **سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ**، حيدرآباد، اوسر پيڙهڪا
59. عرساڻي، محمد اسماعيل، (2005)، **چار مقالا**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
60. غلام حسين، ڊاڪٽر (1983)، **تحقيق جو فن**، ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي
61. قاضي خادم، ڊاڪٽر (1992)، **ادب ۽ روايتون**، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر
62. قاضي خادم، ڊاڪٽر (2015)، **ادبي سفر**، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن
63. گرامي، غلام محمد (1977)، **وياسي وينجهار**، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
64. لغاري، اڪبر (2012)، **سنڌي ادب جو مختصر جائزو**، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن
65. لغاري، يوسف جميل، (2020)، **تعليم ۽ تربيت اڄ جي ضرورت**، ڪراچي، پيڪاڪ پبلشرس
66. مٽلاڻي، ٻلديو، ڊاڪٽر (2016)، **تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول**، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

67. مسافر، محمد صديق، 1997، **قرب قليچ**، سنڌ پريس، اڪال پونگا لين، حيدرآباد
68. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، (1977)، **سنڌي نثر جي تاريخ**، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز
69. مورائي، خليق، عبدالخالق، (1923)، **چتر پٽي**، حيدرآباد
70. مورائي، خليق، عبدالخالق، (1923)، **ستيءَ جي ستيا**، حيدرآباد
71. مورائي، خليق، عبدالخالق، (1976)، **سندري**، حيدرآباد، بشير احمد اينڊ سنز
72. ميمڻ، پروين موسى، (2010)، **سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ عورت ليکڪائن جو حصو**، ڄامشورو، سنڌ يونيورسٽي
73. ميمڻ، پروين موسى، (2015)، **سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس**، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن
74. ميمڻ، خان بهادر، محمد صديق، (2000)، **سنڌ جي ادبي تاريخ**، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
75. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، (2017)، **سنڌي ادب جو فڪري پس منظر**، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
76. ميمڻ، نور احمد، (2012)، **فڪري تحريرون**، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
77. نواز علي شوق، ڊاڪٽر (1890)، **پڪو پهه**، ڪراچي، مڪتبہ اسحاقيہ
78. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (2006)، **ادب زندگي ۽ سماج**، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي
79. وحيد الدين خان، مولانا، (2015)، **انسانيت جي تعمير**، (سنڌيڪار: خالد پٽي)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي
80. يوسف سنڌي، (2016)، **سنڌي ادب**، دڙو، سچائي اشاعت گهر

**اردو کتاب**

1. اقبال خان، (1996)، **جدید تعلیمی فلسفہ**، لاہور، مشعل
2. امین محمد، ڈاکٹر، (1997)، **تعلیمی ادارے اور کردار سازی**، لاہور، عزیز بک ڈپو
3. برٹرینڈرسل، (2010)، **تعلیم اور سماجی نظام**، (مترجم: قاضی جاوید)، لاہور، مشعل
4. رچرڈ آئر، لنڈا آئر، (2010)، **بچوں کو اخلاقی اقدار کیسے سکھائیں**؟ (مترجم: عمر الغزالی، کامران امجد خان)، لاہور، تایا اینڈ سنز پرنٹنگ پریس
5. زیات، احمد حسن، استاد، (1961)، **تاریخ ادب عربی، اردو**، (مترجم: عبدالرحمان طاہر سورتی)، لاہور، شیخ غلام علی اینڈ سنز
6. عباسی، عبدالحمید خان، ڈاکٹر، (2015)، **اصول تحقیق**، اسلام آباد، نیشنل بک فائونڈیشن
7. فيروزالدين، مولوي، (2010)، **فيروزاللغات**، لاهور، فيروز سنز، لاهور
8. قاسمی، احمد ندیم، (1962)، **اردو ناول کی تنقیدی تاریخ**،
9. قاسمي، وحيدالزمان، مولانہ، (2001)، **القاموس الوحيد**، لاهور، اداره الاسلاميہ
10. گیان چند، ڈاکٹر، (2012)، **تحقیق کا فن**، اسلام آباد، مقتدرہ قومی زبان
11. وحیدالدین خان، مولانا، (2019)، **تربیت اولاد**، انڈیا، گڈورڈ پبلشر
12. وکٹر فرینکل، ڈاکٹر، (2018)، **امید زندگی ہے**، (مترجم: سید عرفان احمد)، لاہور، نئی سوچ پبلشرز

**English Books**

1. Allana, G.A, (1991), **An Introduction To Sindhi Literature**, Hyderabad, Sindhi Adabi Board
2. Arthur Fairbanks, (1901), **Introduction to Sociology**, New York, Charles Scribner’s Sons
3. Forster, E.M, (1966), **Aspect of The Novel**, England, Penguin Book

4. Harris Chaiklin, (2011), **Attitudes, Behavior and Social Practice**, Research Journal: Journal of Sociology & Social Welfare
5. Hornby, A.S. (1987). **Oxford Student's Dictionary of Current English**. London: Oxford University Press.
6. Hudson, W.H. (1913). **An Introduction To The Study of Literature**. London: George G. Harrap & Company.
7. J Locke, **An Essay Concerning Human Understanding**, ed. P. Nidditch, Clarendon, Oxford
8. Malcolm S. Knowles, (1980), **The Modern Practice of Adult Education**, Cambridge, Adult Education Company
9. Ralph. Fox, (1956), **The Novel And The People**, Moscow
10. Smith, T. (2003). **The metaphysical case for honesty**. The Journal of Value Inquiry
11. STB, **Secondary Stage English**, Karachi, P.P Printers
12. Tanvir Khalid (2017), **Education-An Introduction To Educational Philosophy and History**, Islamabad, National Book Foundation,
13. **The Penguin Dictionary of Literary Terms And Literary Theory** (3rd Edition) (1992)
14. Walliman, Nicholas. (2011). **RESEARCH METHODS The Basics**. Routledge Taylor & Francis Group. London and New York.
15. **Webster's New World College Dictionary** (3rd Edition), (1997)
16. William F. Ogburn, Meyer F. Nimkoff, (1940), **Sociology**, Cambridge, The Rinerside Press

**رسالا ۽ جرنل**

1. **تخيل**، حيدرآباد، مارئي اڪيڊمي
2. **سنڌي ادب**، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
3. **سنڌي ٻولي**، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي
4. **قليچ ريسرچ جرنل**، ڄامشورو، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي
5. **ڪينجھر تحقيقي جرنل**، ڄامشورو، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
6. ماهوار "**نئين زندگي**"، حيدرآباد
7. **مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر**، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ

**انسائيڪلوپيڊيا**

1. انسائکلوپیڈیاادبیات عالم،(2013)،اکادمی ادبیات پاکستان
2. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (2011)، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
3. دائرہ معارف اسلامیہ،لاھور،دانش گاھ پنجاب
4. Kazdin, Alan E. (2000). Encyclopedia of Psychology, Vol: 8, Washington, American Psychological Association
5. Encyclopaedia Britannica (2021)

**لائبريريون**

1. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري
2. پاڪستان اسٽڊي سينٽر لائبريري، ڄامشورو
3. پاڪستان نيشنل سينٽر لائبريري، حيدرآباد

4. پروفيسر محرم خان سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
5. جنت العلم لائبريري، سعيدآباد نيو، مٽياري
6. سنڌي ادبي بورڊ لائبريري، حيدرآباد
7. علامه آءِ.آءِ قاضي مرڪزي لائبريري، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
8. علامه ڊاڪٽر دائود پوٽا لائبريري، حيدرآباد
9. قليچ رسرچ لائبريري، مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**Internet**

1. http://www.reference.com/business-finance/analytical-research
2. http://www.dictionary.cambridge.org/amp/english/superstition
3. http://plato.stanford.edu/enteries/friendhip
4. http://www.merria,-webster.com/dictionary/solidarity
5. http://www.lexico.com/definition/sorrow